

گونگي تاريخ جا فرد
نثار کوکر
روشني

# گونگي تاريخ جا فرد

## ڪالم ۽ مضمون

# نثار ڪوکر

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
2009ع

ڪمپوزنگ : شاهنواز ٽالپر

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2017ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# ارپنا

امڙ شهزاديءَ نالي

## نثار کوکر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”گونگي تاريخ جا فرد“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناميارې ليکڪ ۽ صحافي نثار کوکر جي صحافتي لکڻين، ڪالمن ۽ مقالن جو مجموعو آهي.

نثار لکي ٿو تہ :
”تاريخي جبر مان گذرندڙ ننڍڙا ماڻهو پنهنجو آواز دٻائي، اکيون بند ڪري ۽ چپ سبي وقت گذاريندا آهن اهي پنهنجي پاران پيدا ڪيل اهڙيءَ خاموشيءَ کي اونداهي ۾ تبديل ٿيل سمجهي، اهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳندا آهن، جيڪي پنهنجي ماڻهن جو ماس پٽڻ برابر هونديون آهن.
هي ڪتاب سنڌي سماج جي اهڙي خاموش دور جي ڪهاڻين تي مشتمل آهي جنهن ۾ تاريخ جي گونگن فردن جون چالاڪيون ۽ حسناڪيون شامل آهن.“

هي ڪتاب **روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو** پاران 2009ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست

## گونگي تاريخ جا فرد (ليڪ پاران ٻه اکر)

## باب پهريون : حُسناڪيون

1.يار دي خبر نہ ڪائي
2. گهر جو سُک
3. گونگي تاريخ جا فرد
4. لڪيرن جي چڪر ۾ قاتل زندگي
5. ٽڪل ڪامريڊ
6. اڪيلائين جا ماريل ماڻهو
7. ٽائيٽينيڪ وانگر تباه ٿيندڙ اسڪول
8. اڳ ۾ خطا تي غور ڪجو پوءِ سزا ڏجو
9. چولستان جي چاڻنڻ ۽ فريدي عشق
10. غريب جي ٻار جا اميراڻا شوق
11. اي آواره ڇوڪري
12. حمام......!
13. اسان گورگ جي خاموشيءَ ۾ ڇا پئي ڳوليون
14. خواهشون ڪي معصوم ڪي قاتل
15. باغين جا روح ۽ لاوارث سردي
16. وحشت ۽ محبت ۾ وِٿي ڪيتري آهي
17. ڀوتارن جي پڙ ۾ ٻيٺل ارڏو وڏيرو
18. ساه جي ڳنڍتي ويساه جو الڪو

## باب ٻيو : چالاڪيون

1.روجهاڻ جو راڻو ۽ اقتدار جي مومل
2. ڪرمنل قبلا ۽ سرچ آپريشن
3. جرڳائي سياست جي گهيري ۾ آيل سنڌ
4. بينظير ڀٽو جي قبر تي ولين جهڙو هجوم

5. نئين ديري جو بدلجندڙ منظر
6. بينظير هڪ ”براند نيم“ ٻٽيل
7. ڪئنواس تي ستاويهه ڊسمبر جو منظر
8. خيابان سحر جو خاموش مري
9. ڊيره بگٽي وڃڻ منع آهي؟
10. نصير آباد ۾ قبر جهڙي خاموشي
11. عورتن جو قتل ۽ نصير آباد ۾ ماٺار
12. بي گهر بگٽي ۽ برهمداغ جو انتظار
13. ڪارٽون اِشو ۽ مشرف جي مقبوليت
14. قومپرستيءَ جي لهر ۽ ووٽن جي شرح
15. جرڳا، جرڳا هي جهان
16. ڳوٺ تي رعب
17. مهدي آرمي ۽ ديسي گوريلا
18. ڌوهارين جون ڪاروايون ۽ پوليس جون ڪاريون رڍون
19. پاڻيءَ جو ڪاروبار ۽ آبپاشيءَ جو آزار
20. ايڊز مريضا جو سماجي بائيڪاٽ
21. بي وفا بلوچ ۽ لڄ جو ڏوٻي گهاٽ ۽ ”ويچارا سنڌي...“
22. دربدريءَ جو درد
23. . . .. . . ۽ هاٽي توهين آميز ڪارٽون
24. عورت جي ڪمائي تي پلجندڙ نڪما نواب
25. شدي جي ٽڪري، شورڪوٽ جا شودا ۽ شڪارپور جو امن
26. قمبر: گولين جو ڪاچ ٻٽيل بنيادي جمهوريت!
27. ڪيڏانهن ويندا ڏرتي ڌڪاٽا
28. ڪئمپن جا هاري سياسي جلسن ۾ ڪيئن تا پهچن!
29. جنيوا ڪانفرنس ۽ بي زمين هاري
30. ڪالاباغ ڊيم ۽ افواهن جي بازارن جون نيون ٿيوريز
31. چمڪي تي بندوق ۽ سنڌ پوليس جو مورال
32. نورالهديٰ شاه جو انٽرويو
33. ڪاميڊي سيريل ”آپريشن آپريشن“

ليکڪ پاران

# گونگيءَ تاريخ جا فرد

تاريخي جبر مان گذرندڙ ننڍڙڪا ماڻهو پنهنجو آواز دٻائي، اکيون بند ڪري ۽ چپ سبي وقت گذاريندا آهن اهي پنهنجي پاران پيدا ڪيل اهڙيءَ خاموشيءَ کي اونداهي ۾ تبديل ٿيل سمجهي، اهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳندا آهن، جيڪي پنهنجي ماڻهن جو ماس پٽڻ برابر هونديون آهن.

هي ڪتاب سنڌي سماج جي اهڙي خاموش دور جي ڪهاڻين تي مشتمل آهي جنهن ۾ تاريخ جي گونگن فردن جون چالاڪيون ۽ حسناڪيون شامل آهن.

پاڻيءَ جي ڪاروبار ۾ آبپاشي ڪامورن جو ڪيترو هٿ آهي ۽ ڌاڙيلن کي پيدا ڪرڻ ۾ پوليس جي ڪارين رڍن ۽ پوتارن جي ڪمدارن جا ڪيترا ڪردار آهن، اهو تہ توهان کي چالاڪين واري باب منجهان پتو پئجي ويندو. پر هن سينواريل سماج ۾ خيابان سحر جي خاموش مري کان وٺي باغين جي روحن تي پونڌڙ لاوارث سرديءَ تائين جون ڪهاڻيون بہ حسناڪيون بڻجي توهانجي سامهون اينديون.

سنڌ سماج جي خاموشيءَ واري سالن ۾ رڳو سياسيءَ ماهرن ۽ باغين جي روحن جهڙين ڪهاڻين جنم ڪونہ ورتو پر ”آواره ڇوڪري“ ۽ ”يار دي خبر نہ ڪائي“ جهڙن ڪردارن پڻ پنهنجي وجود جو احساس ڏياريو.

منهنجي ڪالمن پڙهڻ کان پوءِ اڪثر حجائتا دوست روبرو يا فون ڪري انهن ڪالمن ۾ ذڪر هيٺ آيل ڪردارن بابت پڇائون ڪندا رهندا آهن جيڪي گهٽ حجائتا پڙهندڙ آهن سي وري منهنجي ويجهن دوستن کان اهڙي معلومات وٺندا رهندا آهن. اهڙن پڙهندڙن کي دلچسپي ڪالمن جي صرف ڪردارن جي نالن ۾ هوندي آهي. پر اڪثر آءُ سوچيندو رهندو آهيان تہ ڇا واقعي نالا ايترا اهم هجن ٿا ڇا اهو ڪافي ناهي نٿو هجي تہ جنهن روايتي حجابن جي پردن ۾ اسان جون حياتيون گذرن ٿيون انهن پردن پويان ڪيتريون نہ دلچسپ ۽ عجب لائق ڪهاڻيون نئين سر جنم وٺنديون رهن ٿيون.

ٻين ماڻهن جي زندگين جون ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ انهن ۾ جهاتيون پائڻ انسان جي بنيادي ڪمزوري آهي. اها ڪمزوري رڳو سنڌي ماڻهن ۾ نہ، پر هر ان سماج ۾ موجود آهي جتي چالاڪين ۽ حسناڪين کي پرکڻ جي اک عام آهي.

سنڌي سماج هڪ وڏي تبديلي طرف وڌي رهيو آهي ۽ ان جي اڳتي سفر دوران نئين سر، نين ڪهاڻين جو جنم وٺڻ فطري عمل آهي ۽ اهڙين ڪهاڻين کي بيان ڪرڻ منهنجي اولين ترجيح رهي آهي. لکڻ ۾ هميشہ استادن چواڻي تہ لکجي تہ پيرن تي ڏونڪو هڻي لکجي ... نہ تہ خاموش رهجي.

سياسي ۽ سماجي ڪهاڻين سان گڏ هن ڪتاب ۾ اهي لکڻيون بہ شامل ڪيون ويون هن جيڪي محبتن جي مامرن بابت آهن. اهي دلين جون ڳالهيون دل سان پڙهڻ جي ضرورت آهي، ڇو تہ

اهي دنياداريءَ کان گهڻو دور آهن. هي ڪتاب توهان تائين پهچائڻ ۾ پياري دوست ممتاز بخاريءَ جي ڪوشش شامل آهي، جنهن جي اسرار ڪانسواءِ هي ڪتاب توهان جي هٿن تائين پهچي نہ سگهي ها. سنڌ جي نئين سرجندڙ صحافتي ادب کي يقينن اجا وڌيڪ دلچسپ ۽ معلوماتي ڪتابن جي ضرورت آهي، پر ان سلسلي جي هيءَ ڪوشش اوهان کي ڪيترو پسند اچي ٿي، ان جو اظهار اوهان هيٺ ڏنل اي ميلز تي ڪري سگهو ٿا.

ڪجهہ ماڻهن کي منهنجي چند ڪالمن تي اعتراض رهيا آهن، ڪجهہ ماڻهن کي انهن ۾ اگهاڙپ ٿي نظر اچي ۽ هو "مقدس" سنڌي سماج جا حوالا ڏيئي تنقيد ڪندا رهيا آهن. اهڙن سمورن دوستن کي صرف هڪ ئي نماڻي گذارش ڪندس تہ سنڌ اندر هر شعبي ۾ وڏيرا ۽ پوتار ويٺل آهن ۽ اهي تمام گهڻا بدبودار بہ آهن. مهرباني ڪري ادب ۽ صحافت جي اندر وڏيرڪا رويا متعارف نہ ڪرايو ۽ نہ ڪو دوست اهڙو پوتار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري، ڇو تہ پوتارن اسان جي سماج جي اڳ ئي گهڻي پيچ ڏاهہ ۽ پيپنگ ڪئي آهي.

مهرباني

**نثار ڪوکر**
7.3.2009

# باب پهريون

# حسناڪيون

# يار دي خبر نہ ڪائي

اها ڪراچيءَ جي نارمل موسم واري شام هئي. جڏهن اسان سندس بنگلي جي وڏي گيٽ ٽپي اندر ٿياسين. ان وقت هوءَ خوبصورت چِبر واري لان تي رکيل پلاسٽڪ جي ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجي پورن وارن ۾ آهستي آهستي هٿ ڦيري انهن کي نرميءَ سان سڪائي رهي هئي. توڙي جو منهنجي ساڻس چاڻ سڃاڻ ڪيئي سال پراڻي هئي، پر سندس نئين گهر ۾ ملڻ جو خيال منهنجي هڪ معزز خاتون دوست کي تڏهن آيو جڏهن اسان سمنڊ ڪناري ويٺي ويٺي چڪن بروسٽ کائي بس ڪيا هئا. هن جو گهر ويجهو هئڻ ڪري هن وٽس چانهہ پيئڻ جو پروگرام ٺاهيو. ڊرائنگ روم اندر داخل ٿيندي ئي مون تڏهن شڪر ڪيو جڏهن هن مون کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪندي پنهنجي سهيليءَ سان خوب دل جون ڳالهيون ڪيون. آئون چانهہ جي ڪوپ ۾ غرق ٿي ننڍڙي شهر جي غريباڻي گهٽيءَ ۾ رهندڙ ان معصوم ڇوڪريءَ بابت سوچڻ لڳس، جيڪا هر پيري فون تي اهو ئي ورد ڪندي هئي تہ ”ميري ليئي ڀي ڪيا ڪوئي اداس بيقرار هي.“ ان زماني ۾ اسان جو هڪ ليڪچرار نما پروفيسر دوست ڪيس مشهور خاتون ٿيڻ جا گر سيکاريندو هو. پر هاڻي شايد هوءَ سڀ ڪجهہ وساري ويٺي آهي، ڇو تہ سندس اباڻي شهر ۾ اها ئي خبر پڌتل آهي تہ هن ڪنهن وڏي ماڻهو سان شادي ڪري هميشہ لاءِ ڪراچي وسائي ورتي آهي.“ پر پڳلي اهو سڀ ڪجهہ آخر ڪيستائين هلندو، جيترو جلد ٿي سگهي تون شادي ڪري ڇڏينس، نہ تہ اهو پوڙهو ايم اين اي توکي ڪٿان جو ڪونہ ڇڏيندو.“ ڪليل وارن واري اپسرا کي سندس سينئر سهيليءَ صلاح ڏيندي چيو. هن ڪاوڙ ۾ اچي عياش مردن کي ڪمينو سڏيندي ڪيس ڄڻ تہ پنهنجو تجربو ٻڌايو. ”اهي ڄور وانگي تيستائين چنبڙيل هوندا جيستائين جسم سڄول اٿئي. جڏهن جسم لانجهو ٿيڻ شروع ٿيئي تہ پنهنجو پاڻ کي هنن سمورن نٽ ٽانگرن کان فارغ سمجهہ.“ هنن کي ڪچهريءَ مان اهوئي لڳو تہ ان ايم اين اي (جنهن کي هو بار بار پوڙهو چئي ڄڻ تہ سندس استحقاق مجروح ڪري رهيون هيون) هن معصوم چهري واري چالاڪ ٻڄي پيل ڇوڪريءَ سان ڪا شادي نہ ڪئي آهي، پر ڪيس سريت (ويهاريل) يا .... ڪري رکيو آهي، جنهن سان اهو پنهنجو فرصت جو وقت گذارڻ تہ ايندو رهندو آهي، پر ڪيس پنهنجو ننگ مڃڻ لاءِ شايد ڪڏهن بہ تيار نہ ٿئي.

ڇا تو ڪڏهن سوچيو آ؟

جوڀن ڪنهن جو ڇوڙي ڇوڙي،

........ جذبا توڙي مروڙي،

ان کي ڏار ڪبو ناهي،

نروار ڪبو ناهي،

نينهن بہ آهي ننگ پرين،
ان تي ساهہ ڏبو آهي!

پر اها ڳالهہ شايد سريت رکڻ جي شوقين اڪثر مردن کي سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي آهي، هر رشتو جيڪو روزانو نفرت ۽ پيار جي پلصراط تان ٿيندو رهي ٿو. اهڙو پاپ جنهن کي دوکي ۽ مجبوري وچان عورتون عشق سمجهنديون رهن ٿيون. جڏهن تہ مرد ان کي ڪنهن لالچي وياج خور جيان وياج جا پئسا ڏينهون ڏينهن تيزيءَ سان وصول ڪرڻ وارو واپار سمجهن ٿا. اها تہ هاڻي پوري پاڪستان ۾ نيڪا ڪٽندڙ فرم جي سربراهہ بڻجي ويل همراهہ کي خبر هوندي تہ سکر وارو سندس بنگلو ڪيترو مهانگو آهي. پر ان مهانگي بنگلي ۾ هن هڪ اپسرا کي ائين قيد ڪري رکيو آهي، جيئن سوني پڃري ۾ ڪا ڪوئل قيد هجي. هن جو آواز واقعي بہ ڪوئل جهڙو بڻجي پوي ٿو. جڏهن ويران بنگلي جي بالڪونيءَ ۾ ڪين روڊ جي ڪرسيءَ تي ويهي لهندڙ سج جا منظر ڏسي ٿي. هوءَ اصل ۾ ڪنهن گائڪ گهراڻي سان تہ واسطو نٿي رکي پر ڪاليج ڪامپيٽيشنز ۾ هوءَ سريلي آواز جي مالڪ ضرور ليکي ويندي هئي. هوءَ جنهن ڇوڪري کي هاڻي بيوفا سمجهي ٿي ان ڪيس ايئر هوسٽس ٿاهڻ جو آسرو ڏئي ڪراچي جي فليٽن ۾ ڪاروبار ڪرايو. ان دوران ڪيس محفل ۾ اهو ٺيڪدار مليو جنهن ڪيس صرف پنهنجي لاءِ مخصوص بڻائي ڇڏيو. هوءَ اڄ بہ اهو چئي سندس ٽورا مڃيندي آهي تہ.

جب تک بکا نہ تها کوئي پوچهتا نہ تها
توني مجهي خريد کر انمول کرديا.

”اڪثر وڏا ماڻهو سريت (ويهاريل) ڇو ٿا رکن؟“ ڪافيءَ جي ڍڪ کان پوءِ اهو سوال مو کان اهڙي بولڊ ڇوڪريءَ پڇيو جنهن جو حقيقي پروفائيل لکجي تہ سنڌ اندر وڏو ٻڙڌڪ مچي سگهي ٿو. هن کي مون سنڌي سماج اندر ننڍپڻ جي شادي ۽ ٻي جوڙ شادين جا حوالا ڏيڻ کان پوءِ پڙهيل لکيل ۽ اڻپڙهيل عورتن جي زندگيءَ ۾ آيل عذابن جا حوالا ڏئي ”سريت“ رکڻ وارو منطق سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڪجهہ دير سانت ۾ رهڻ کان پوءِ پنهنجي اسٽائيل سان سگريٽ جو ڪش هڻندي چيو ”يار ڪجهہ بہ هجي، پر اهو مرد ۽ عورت جي گڏيل ڪميٽپ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. ڇا اهو بہ ڪو پيار ٿي سگهي ٿو تہ توهان نڪاح نہ ڪريو پر زال جيان سک ڏئي رکو يا وري عورتن کي ڏسو تہ هڪ ماڻهوءَ جي عيش آرام لاءِ سينگارجي ۽ سيڙجي ويهن ٿيون پر ڇا لاءِ؟ صرف ۽ صرف پئسن لاءِ؟“ پر هن يورپين اسٽائيل ڇوڪريءَ کي ڪهڙي خبر تہ سنڌي سماج ۾ اڪثر عورتون پنهنجي آزادي سستي اگهہ وڪڻي، سونا زيور ۽ آسائشون خريد ڪنديون رهن ٿيون ۽ باقي دنيا جي هر بازيءَ لاءِ هو ان کي پيار جهڙي پُر فريب ناٽڪ جو نالو ڏئي ڇڏين ٿيون.

مان تہ اهڙيون سوين آزاديون لٽائي ڇڏيان هن غلامي تان،
جيڪا چاهہ بڻجي، مون سان ڇهڻي پئي آ ............

چند ماڻهن جون هڪ ئي وقت ۾ ٻه چوڪريون مختلف شهر ۾ ”رکيل“ ٻڌايل آهن. نه ته عام طور هڪ ئي سهڻي سجيلي ڇوڪريءَ کي سريت ٻڌايو ويجي ٿو. جنهن جا خرچ پوري گهر کان به ڪڏهن ڪڏهن مهانگا پون ٿا. پر هڪ بزنس ٿا.ڪون چواٽي ته ”جيترو سڪون سريت جي گهر ۾ آهي، ايترو ته اصل گهر ۾ به ناهي، هي هر روز ائين ئي مهمان نوازي ڪن ٿيون. جڻ ته وڏي عرصي کان پوءِ هو وٽس آيو هجي.“

ڳچي ۾ مون هيو پاتو ۽ سيني ساڻ هو لاتو.
منهنجو محبوب ڪلهه مون کي هٿن ۾ هار وانگي هو.

سريت جي گهر نه ٻارن جو شور نه زال جو ڪروڌ نه سمهڻ جي جلدي نه اٿڻ جي تڪڙ. هر پاسي پيار جي پالوت ايتري ٿئي ٿي جو دنيا جا جنجهٽ چائنٽ کان ٻاهر ئي بيهي رهن ٿا. بس الميو صرف اهو ئي ٿئي ٿو ته سريت جي عمر تمام ٿوري ٿئي ٿي. اهميت طوائفن کان وڏيڪ عمر انهن جي جوڀن ڏينهن جيتري، هونئن ته اڪثر اهو مهانگو شوق امير امراءِ ڪندا رهن ٿا، پر ڪڏهن ڪڏهن مڊل ڪلاسي ڪنگلا پارٽين جي قسمت جو در به ان طرف کلي  پوي ٿو. هو پنهنجي پيار جي خرچن جو پورائو ته ڪندا رهن، پر الڳ جڳهه ۾ رهائڻ مشڪل مرحلو ٿئي ٿو. جنهن ڪري اهڙين ڇوڪرين سان سنگت رکي کين پيءُ ماءُ جي گهر ۾ ئي ترسڻ جي تلقين ڪندا رهن ٿا. پر جڏهن اها مهانگي محبت سان گهر جو در کڙڪائي ٿي ته هو گهر ڀاتين سان سندن تعارف دين جي ڀيڻ طور ڪرائن ٿا. ٻلي ته دوستن ۾ هو ان جي  محبوبا هئڻ جو دعوائون ڪندا رهن.

هو ڪيڏو ڪيس ڪري ٿو
ڪنهن جي ڪومل ڪومل جذبن سان،
زال جي آڏو ڀيڻ چوي ٿو،
دوست جي آڏو محبوبا!

اهو ڪيس اسان جي ان پروڊيوسر دوست به سالن تائين پنهنجي انائونسر ”ڀيڻ“ سان ڪيو. جنهن جون تصويرون ته هو وڏي چاهسان پٽونءَ ۾ رکندو هوءِ ڀيڻ کان پوءِ وقلندي اهي سيني کي ڏيکاريندو به هو. پر هن ڪڏهن به ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جي جرئت نه ڪئي، جيڪا ريڊيو ته سالن تائين صرف سندس رومانٽڪ لباڙ ٻڏڻ لاءِ ايندي رهندي هئي. پروڊيوسر صاحب جڏهن محبت م به همت نه ڏيکاري ته هن وڃي انجنيئر سان شادي ڪئي. جنهن جي غم ۾ اهو ريڊيو پروڊيوسر اڪثر اهو ئي ڪلام هلائيندو رهندو هو ته.

سڄڻ بي سبب تون جدا ٿي ويو آن،
ڪسي دل او جاني خفا ٿي ويو آن.

اهي عورتون بقايا سمورو وقت شاپنگ ڪندي ۽ پارٽيون اٽيند ڪندي گذارين ٿيون. ڪڏهن سريت عورتن جا عجيب اتفاق اهڙا بہ ٿي پون ٿا، جو هڪ ئي وقت ٻن دوستن سان سندن هم آهنگي هلندي رهي ٿي. اهو ڪم تمام ٿورڙيون ۽ آزاد معاشي مقام رکندڙ عورتون ڪن ٿيون، نہ تہ اڪثر ڇوڪريون پيار جي امانت ۾ خيانت جو تصور بہ گهٽ ڪن ٿيون. جيئن جيئن اسان جي سماج ۾ انڌي ڦرلٽ واري ڪمائي (ڪرپشن) جو ڪلچر وڌندو رهي ٿو تيئن ئي نئين ماڊل گي گاڏين ۾ نئين جوانيءَ وارين ويڪائو پيار جهڙين ڇوڪرين جا اگهہ چوٽ چڙهي وڃن ٿا. اها تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي تہ سريت ٿي رهيل ڇوڪرين جي پوڙهپڻ ڪيئن ٿو گذري، اهو وري ڪنهن ٻئي پيري جو قصو ڪري ٿا ڇڏيون.في الحال ان سياسي واپاريءَ جا لفظ ٿا دهرايون.جنهن چيو هو ”يار عشق لاءِ ٽائيم ناهي، پوءِ پلا پئسا پري اهو عشق بہ نہ ڪريون ڇا؟“

نيڻ ملايون، وقت ڪٿي آ،  
چوٽون کائون، وقت ڪٿي آ،  
ڳالهہ ڏگهيري، وقت ذرا ڪم،  
هي ڪم هو ڪم، هي غم هو غم!

# گهر جو سُک!

راجندر سنگهہ بيديءَ جي اها ڪهاڻي تہ گنگ ويجهو لوڙياڻي زمين تي تڏهن ياد آئي، جڏهن اسان جي گاڏي اتفاق سان معمولي نقص سبب خراب ٿي پئي. گهڻا ئي سال اڳ ۾ پڙهيل اها ڪهاڻي ان ڪري بہ شدت سان ياد آئي جو ان ڪهاڻي جو هيرو بہ دربدر پٽڪندڙ سڙڪ ڊرائيور هو ۽ تہ گنگ ويجهو ويراني ۾ اسان کي رات رهڻ جي صلاح ڏيندڙ شخص بہ ڊرائيور هو. "سائين سوير هلي بہ گهر پهچنداسين نہ. گهر وري ڪهڙا طعام تيار هوندا. گهر پيءِ ٽاٽا لڳا پيا آهن. هڪ رات بہ انهن ٽاٽن کان ٻاهر چڱي." ڊرائيور پنهنجي اندر ۾ چپ هٽي وينل شديد مايوسي کي چند بناوتي ٽهڪن ذريعي ٻاهر ڪڍي رهيو هو. پر سندس جملي پل کن اندر ڪيترن ئي ماڻهن جي محبوب شهر حيدرآباد جي انهن اڌ آباد ۽ اڌ اجاڙ فليٽن ۾ مون کي پهچائي ڇڏيو. جتي اسان ڏهاڪو سال اڳ ائين روپوشي جي زندگي گذاريندا هئاسين، جيئن پنهنجي وطن کان دور ڪنهن ويراني ۾ ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ جا ملازم حياتي جا ڏينهن گذاريندا آهن.

انهي عمارت جي چند آباد فليٽن منجهان هڪ فليٽ اسان ان درزيءَ سان شيئر ڪندا هئاسين، جيڪو شاعريءَ جي شوق ۾ جنون جي حد تائين پهتل هو. سندس مهمانن ۾ هڪ مستقل مهمان اهو بئنڪ ۾ ڪم ڪندڙ شاعر بہ هو. جنهن جون ننڍي عمر ۾ ئي 2 شاديون ٿيل هيون. پر هو هفتي جا مجموعي چار ڏينهن اسان جي فليٽ تي ڪتاب پڙهندي ۽ ميوزڪ ٻڌندي گذاريندو هو. اها تہ خبر ڪيس بعد ۾ پئي تہ جنهن شاعراڻي مزاج واري ڇوڪريءَ سان هن پيار جي لڪل شادي ڪئي، تنهن جو سڄو خاندان ڪيس پاڻڻو پيو. پر پوءِ بہ نہ ملي سگهيو تہ ڪيس گهر جو اهو سک نہ ملي سگهيو. جنهن جي تلاش هو شادين جا ڳرا خرچ پريندو طوائفن جي انهن ڪوٺن تائين پهتو جتي ڪيس سُر ٻڌايو ويندو هو تہ "آوان کي هوا بڻ ڪي......" پر ڪا بہ اهڙي هوا سندس من اڱڻ تي گهلي نہ سگهي.

اهڙي ئي هوا جي تلاش ۾ اهو لاڙ جو سريلو شاعر بہ سرگردان رهيو. جنهن پنهنجي پهرين گهر واري جي جنجهٽن کان بيزار ٿي اڌ رات تائين هلندڙ گهريلو جهيڙي کان پوءِ گهر جي اڱڻ ۾ پنهنجو انت آندو هو. هاڻي روئڻ لاءِ ان عورت وٽ ڳوڙها بہ ناهن. جنهن جي روين کان تنگ ٿي هن حساس جيون جو انت آندو. هاڻي هو اڪيلي گهر ۾ ماڻهن کي سڏي سڏي ويهاري ٿي. پر پوري شهر ۾ ڪير بہ ساڻس ڪچهري ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هو مختلف شڪايتن جا بهانا ٺاهي ٽيليفون عملي ۽ ٽاٽي وارن سان ڳالهائڻ کان ٿڪجي ٿي تہ پنهنجي ڊيڪ جو واليم فل ڪري بقايا گهر جون لائيٽون آف ڪري اهي ئي گانا ٻڌندي رهي ٿي.

ڪيون ڪسي ڪو وفا ڪي بدلي وفا نهين ملتي

ڪيون ڪسي ڪو خوشي ڪي بدلي خوشي نهين ملتي

جڏهن به گهر هوندي بي گهر بڻيل ماڻهن لاءِ مون سوچيو تڏهن ميرپورخاص جو اهو ڪامريڊ وڪيل مون کي بار بار ياد ايندو رهيو جنهن شايد پنهنجي طرز جي گهر جو سک ماڻڻ لاءِ يارنهن شاديون ڪيون ۽ سيني کي طلاق ڏيندو رهيو. هاڻي خبر ناهي ته هو اڃا تائين شادي ڏيندي ئي ديسي سائي ٺاڏل جو گلاس پيئي ٿو الاءَ نه. پر ڪجهه سال اڳ جڏهن آئون سندس ڪمپيوٽر ڪمپوزر نما آفيس ۾ساڻس مليو هئس ته هو اسٽيل جي گلاس ۾ ”غير قانوني قومي مشروب“ جا ڍڪ پيري رهيو هو. ساڻس ملاقات ۾ سياسي موضوع به حاوي رهيا. پر آئون اڪثر وقت اهو ئي سوچيندو رهيس ته يارنهن شاديون ڪان پوءِ به هن شخص کي ڪڏهن به گهر جي ماني ڇو نه نصيب ٿي؟ هو 60 سالن جي عمر تائين ماني هوٽل تان ۽ ڪپڙا ڌوٻي کان استري ڪرائيندو رهيو. ”مون پنهنجي ٽيڻ واري گهر کي واضع ٻڌائي ڇڏيو آهي ته هوءَ پلي بيو ڪجهه نه ڪري، پر جڏهن آئون شاور وٺي باٿ روم کان ٻاهر ٽيان ته ڪپڙا استري ٿيل ۽ ستڻ ۾ اڳٺ پيل هجي“ شاگردي واري زماني جي ان روم ميٽ ٻڌايو هو جنهن کي اڳتي هلي سنو ڪاروباري ۽ مذهبي اڳواڻ بڻجڻو هو. هر عمر ۽ هر طبيعت جي ماڻهن جون طبقي آهر گهر جي سک بابت پنهنجو توقعات آهن. گهر جو سک بظاهر ته ان سيٽ کي رتبي موجب حاصل آهي، جنهن جون سڀ ڪوئيون ڊفينس طرف تعمير ٿين ٿيون، پر ڇا واقعي کيس حقيقي معنيٰ ۾ ڪڏهن گهر جو سک نصيب ٿيو آهي؟ ”گهر جو سک صرف گهر جي ديوارن، انٽيريئر ڊيڪوريشن سان ته سلهاڙيل ناهي، اهو سک اهي مهانگا پردا، فرينچ يا اٽالين اسٽائيل فرنيچر ته ڪونه ٿو ڏئي سگهي، اهو ڪٿي ٻئي هنڌ تي ڳوليندو آهيان.“ اهو گڙنگ سيٺ شهر جي ان مهانگي هوٽل جي ڪمري ۾ ٻڌائي رهيو هو، جيڪو هن سالن کان پنهنجي لاءِ بڪ ڪرائي ڇڏيو آهي. ان هوٽل جي ڪمري منجهان هو صرف ان وقت نڪري ويندو آهي، جڏهن کيس ننڊ جا جهوٽا چاڻ شروع ٿيندا آهن.

اهڙن ماڻهن سان ملي آئون اڪثر سوچيان ٿو ته جيڪڏهن راجندر سنگهه بيدي ملي وڃي ها ته کيس اهو ضرور ذهن نشين ڪرائجي ها ته ”گهر جو سک“ صرف ٽرڪ ڊرائيورن جو مسئلو نه پر هر ان ماڻهو جو مسئلو آهي، جيڪو مصلحتن جي پٽرن تي پير رکي حياتي جا سال پٽر دل گهر پاتين سان ائين خاموشي سان گذاريندو رهي ٿو جڻ ته هو حياتيءَ جا نه، پر گناهن جا سال گذاريندو هجي. ”مون کي گهر ۾ گهڙڻ سان عجيب ڪوفت ٿئي ٿي، ننڍي پيڻ جي شادي کان پوءِ ڪو گهر پاتي اهڙو نه بچيو آهي، جنهن سان دل کولي ڪچهري ڪرڻ تي دل چوندي هجي. گهر واپس اچي آئون جڻ قبر جهڙي خاموشيءَ ۾ ملي ويندي آهيان.“ لاڙڪاڻي جي اها نوڪري پيشه خاتون ٻڌائي رهي هئي، جيڪا گهريلو مصلحتن تحت شادي جا سال بنا ڪنهن دهل شرنائين واري خوابن جي گذاري چڪي آهي. هاڻي هوءَ فون ۽ انٽرنيٽ کي پنهنجو جيون جي آڪسيجن سمجهي جيئندي رهي ٿي، جنهن دوست کي يونيورسٽي واري زماني ۾ بي گهر هئڻ جو شديد احساس ٿيندو هو. سو هاڻي گهر مالڪ هوندي به بي گهر بڻجڻ چاهي ٿو. اها رات هن ڄامشوري جي پٽرن سان روئندي گذاري هئي، جنهن رات هاسٽل جي

چوڪيدارن دير سان اچڻ ڪري ڪيس هاسٽل اندر داخل ٿيڻ نہ ڏنو هو. ان رات ڪان هڪ سهڻي گهر جوڙائڻ جو خواب هن پنهنجي اکين ۾ سجايو. پر ڪيس اها خبر هاڻي پئي تہ گهر صرف سيمينٽ جا بلاڪ ۽ آر سي سي ڇت جو نالو ناهي، گهر تہ ڪنهن گهاٽي نم جي وڻ جي ڇانو جو نالو ٿئي ٿو جتي پاڻ سان گڏ پکين کي بہ آرام ملي، گهر جو سک انهن بي جوڙ شادين سان بہ ڳنڍيو وڃي ٿو جيڪي اسان جي سماج ۾ عام جام ٿين ٿيون. بي جوڙ شادين سبب ذهني سطح نہ ملي سگهڻ تي عذاب هيٺ اها ڏر اچي ٿي، جيڪا وڏيڪ حساس هجي. عذاب عورت يا مرد تائين محدود ناهي. عذاب تہ اها شاعره اجا بہ ڀوڳي ٿي، جنهن جي شادي سندن سرن جي ٻنن واري مالڪ سان ٿي. هوءَ جڏهن بہ ساڻس ڪچهري ڪرڻ شروع ڪري ٿي تہ هو ڪلڪيوليٽر کڻي کيس سمجهائيندو رهي ٿو تہ اڄ هيترا هزار سرون وڪرون ٿيون. ان ڪري ۽ خريداري ڪان بيزار ٿي هن ڪائنس اهو چئي طلاق ورتي تہ انساني جسم ۽ سوچون ڪي سرون ناهن، جن جي بيهڪ ۽ بناوٽ جيئن سيٽ چاهي، تيئن ٻڌائجي. اهڙي عذاب واري شادي ڪان بهتر آهي تہ اڪيلو گذارجي.

سوچون تہ اسان جي ولايتي وسڪي پيئندڙ صحافي دوست جون بہ ساڳيون آهن. پر هو چوي ٿو تہ گهر جي سک خاطر ٻچن جو سک ڇو وڃائجي؟ شادي جهڙي غلطي حياتيءَ ۾ هڪ ڀيرو ٿي ڪجي تہ بهتر. بار بار ڪرڻ سان اها نيڪي نہ، پر ساڳي غلطي ٿي رهي ٿي.

فکر دنيا ۾ سر کهپاتا هون
مين کهان اور يہ وبال کهان.

# گونگي تاريخ جا فرد

گهڻ پوسٽ واري دور ۾ چون ٿا تہ تخليقڪارن جو ساهہ منجهندڙ ۾ هاڻ ڪُرندو آهي. ان گهُٽ پوسٽ واري ماحول کان نفرت جو اظهار پنهنجي آرٽ، شاعريءَ ۾ ڪهاڻين ۾ ڪندا آهن. پر لاڙڪاڻي پرسان سنڌو ڪناري عاقل ڳوٺ ۾ هڪ شاعر پاڻ ان سماجي بيحسي ۾ گهُٽ پوسٽ جو اهڙو تہ شڪار ٿي ويو آهي جو شاعري سندس هٿن مان ورهين کان ايئن ڪري پئي آهي، جيئن سندس نظم جي هڪ سٽ آهي "خدا جي هٿن مان ها ڪريا سپيئي اسان جي ڪهاڻيءَ جا صفحا تي."

سعيد ميمڻ پنهنجو جنون ۾ جواني سنڌي شاعري کي ارپي ڇڏي هن خوبصورت فطرتي رنگن وارا "پنجڪڙا" لکي شاعري ۾ نئين صنف جو اضافو ڪيو. هن شاعر ٻڌجي زندگي گذارڻ جا خواب ڏٺا پر غلامي ۾ انسان جي تذليل واري سنڌي معاشري ۾ هو پنهنجي خواب جي ساپيان ماڻي ڪونہ سگهيو. سعيد جنهن جڏهن جنون ۾ اچي هن جهڙا ڪيئي شعر لکيا تہ شيخ اياز جهڙي شاعري جي معتبر نالي بہ ڪر ڪٽي کيس ساراهڻ شروع ڪيو. سعيد هڪ هنڌ چڙ تہ پنهنجي پوري نسل جي ترجماني ڪندي لکي ٿو:

"اسان جي ڪهاڻي جا صفحا سيئي،
دريائن جي ڇولين ۾ اڇليا ويا،
ڪي بيدرد پيرن ۾ ڪچليا ويا
خدا جي هٿن مان ها ڪريا سيئي
اسان جي ڪهاڻي جا صفحا سيئي"

جنهن گهُٽ پوسٽ سعيد جو ساهہ منجهائي وجي کيس بيمارين پيڙو ڪيو ان بابت لکي ٿو تہ:

"اسان گونگي تاريخ جا فرد آهيون،
اهي ساز جن جون ٻڌيون ڪنهن نہ تانون،
ٽٽل دل جا خاموش ٽيل درد آهيون،
اسان گونگي تاريخ ها فرد آهيون."

ان ڏينهن سعيد جي مک تي مرڪ آڻڻ لاءِ ڪجهہ دوستن چيو تہ سعيد کي عشق جي چوٽ لڳي ان مان سنئين لڳين نہ بچي سگهيو پر اسان سڀني کي خبر هئي تہ جنهن غربت، اجتماعي محرومي ۽ محبت جي ڪنگال پڻي هي شاعر گذريو ان مان بچي نڪرڻ مشڪل هو.

سعيد ميمڻ گذريل چند سالن کان بيمار آهي، هو شگر، هاءِ بلڊپريشر ۽ هلڪي دل جي تڪليف جو تہ مريض آهي پر دماغي بيماري کيس هلڻ کان لاچار بڻائي رکيو آهي. شروع ۾ جڏهن دوست ٻڌائيندا هئا تہ سعيد کي ڪا اهڙي بيماري ٿي پئي آهي جو جڏهن ان بيماري جو دورو پويس ٿو تہ سندس هٿ ۽ ڄنگهہ ڪنٽرول مان نڪري وڃن ٿا. هو عجيب غريب حرڪتون ڪندو ٿو رهي، ڪجهہ دوستن جي موٽر سائيڪلن تي ويٺي ويٺي کيس اهڙا دورا پيا ۽ ڪنهن ايڪسيڊنٽ کان ذري گهٽ بچي ويا.

سعيد ميمڻ کي ڪراچي جي دماغي مرضن واري هڪ ماهر ڊاڪٽر وٽ نيو ويو. دوائون مليون پرچا مليا. ٽيسٽون ڪرائڻ لاءِ چيو ويو پر شاعر وٽ لفظن کانسواءِ پيسو ٿوروئي هو جو هو سخاوت سان پنهنجو علاج ڪرائي.

وڇايل اکين جا اسين خواب آهيون،
اکيون جيڪي رڻ جي تتل ريت جهڙيون
۽ گهريون پٿائي جي بيت جهڙيون،
ڪنهنجي نظر جا اسين ماڳ ناهيون،
وڇايل اکين جا اسين خواب آهيون.

سعيد ميمڻ شاگردي واري زماني کان محنت ڪئي هن جا هٿ اکر بہ سهڻا هئا، هن سنڌي ۾ ماسٽرس ڪئي پوزيشن سان پر سنڌي شاعري کيس اهڙو ڀڪ هٽي بيٺي جو هو دنياداري سان هوندي بہ ان کان ڏار رهيو.

معاشي مجبورين کيس پرائمري ماستري سان گڏ پارٽ ٽائيم طور شهر ۾ رڪشا هلائڻ تي مجبور ڪيو هڪ دفعي خيالن ۾ گم شاعر پل ڪن لاءِ رڪشا ڊرائيور نہ هو ۽ سواري کي نظر محلي بدران وڃي لاهوري محلي ۾ لاٿائين. خبر پئي تہ هڪ شعر نهي ويو پر سواري ڪاوڙجي پئي چانهہ چُڪو پئي چيائين "وڃ! ڪٿي شاعري ڪٿي رڪشا ڊرائيوري"

سعيد جي زندگي ۽ شاعري جا اکين ڏٺا شاهد ان جا ننڍپڻ جا ڳوٺائي دوست احسان، يامين ۽ قاسم آهن. انهن جي چوڪڙي ڪنهن زماني ۾ هر روز درياءَ ڪناري ضرور لڳندي هئي ۽ سعيد پنهنجي تازي شاعري ٻڌائيندو هو.

سعيد شاعري واري ڪيريئر ۾ هڪ تجربو ”جيون ڇا هي ۽ فن ڇاهي“ جهڙو ٽڪڙو لکي ڪيو هو. جنهن ۾ نظم ترائيل، غزل، وائي، بيت ۽ هائڪوواريون، سموريون صنفون شامل هيون پر اهو پاڻ هڪ طويل نظم هو.

اهو سعيد هاڻي ڪوهيڙي ۾ ڪٿي گم ٿي ويو آهي، هن جي دوستن کي نه ملڻ جو شڪايتون آهن پر خود سعيد کي پنهنجي حال ۾ گذرندڙ لمحن کان سؤ شڪايتون آهن. سعيد پاڻ اقرار ڪري ٿو ته هاڻي هو شاعري جي ڪوشش به ڪري ٿو ته اهو جنون اهو ادارڪ سندس لفظن کان ڪٿي ٻاهر ٿي رهجي وڃي ٿو. تازو هن لکيو ته

الائي ڇو نٿا جاڳن اهي گرم جذبا،
ڪٿي ڪجي وڃي هاڻي جنون جي ڳولا.

يا وري پنهنجي بور ڪندڙ روٽين زندگي بابت ٻڌائي ٿو ته نه شاعري جو شغف آ، نه دل ڪتابن سان، نه دوستن سان ڪچهريون نه پوڳ ڪل چرچا.

الائي ڪيئن حياتي مٿي وئي رستا،
رڳو آ واسطو گهرجي ڪنڌن حسابن سان
نه شاعري جو شغف آ، نه دل ڪتابن سان.

ڪٿي اهو شاعر جنهن جي شاعري ۾ تيز پاڻي جي رواني هوندي هئي ۽ ڪيس لکڻ جو جنون به اهڙو جو رات جو جيڪڏهن ٻهراڙي جي اونداهي رات ۾ ڪيس قلم هٿ نه ايندو هو ته ڪوئلي جو ٽڪرو کڻي في الحال پني ته خيال اڪري وٺندو هو ان کي فيئر وري صبح جو ڪندو هو ۽ ڪٿي هي سعيد جيڪو بيماري سبب اهڙو ته سوڙهو ٿي ويو آهي جو ڪيس هميشه فڪر پنهنجي ڇاليهه سالن جو ٽيڻ ۽ سرڪاري نوڪري منجهان ”جي پي فنڊ“ جي رقم وٺڻ جو رهي ٿو.

جيڪڏهن جان ڇڏائڻ لاءِ چئجي ته ان حالت تائين پهچڻ ۾ ڏوهه سمورو سعيد جو آهي ته ايئن به چئي سگهجي ٿو مگر جيڪڏهن اسان صرف وڏا وزير/ وزيرياڻيون ٿي سوچون ۽ جيئن مهذب هجڻ جي دعويٰ ڪريون ٿا تيئن مهذب ٿي سوچيون ته پوءِ ڏوهه ورهائي اڌو اڌ ڪبو.

نيڪ آهي سعيد جي بيماري جو سبب سرڪار ناهي، هن مصيبتن جي ماريل شاعر جي دل ۽ دماغ جا پنهنجا خلفشار هئا. پر هاڻي جڏهن بيمار آهي ته ڪيس دوستن سان گڏ سهاري جي به ضرورت آهي، سرڪاري سهاري جي غلامي جي ور چڙهيل سنڌي معاشري ۾ غربت ڪيتريون ئي حياتيون روز ڳڙڪائيندي پئي وڃي پر اسان هڪ تخليقڪار ڇو وڃايون؟ سعيد جي شاعري ۽ تخليقن جي سنڌي سماج کي ضرورت آهي ان ڪري سعيد ميمڻ جو صحتياب ٿيڻ تمام ضروري آهي، جنهن ملڪ ۾ سنڌ

جي معدني وسيلن جي ڏوڪڙن مان ڪرپٽ ڪامورن ۽ گمنام اسيمبلي ميمبرن جي پراڻن علاجن تي ڪروڙين روپيا پرڏيهہ ۾ خرچ ٿيندا هجن، ان ملڪ ۾ هڪ سنڌي شاعر جو علاج ڪرائڻ تمام سستو موجود آهي.

سعيد کي ڪنهن ماهر نيورو لاجسٽ کي ڏيکارڻ ۽ ان جي گهٽ ۾ گهٽ سال کن جي دوائن جي ضرورت آهي، جيڪا ضرورت سنڌ سرڪار خوشي سان اکيون ٻوٽي ٻيهي تہ پوءِ اهل دل ۽ اهل علم، دوست اهو خرچ پري سگهن ٿا. صرف ڏهن دوستن جو گڏيل فنڊ بہ سعيد جي حياتي ۾ ٻيهر جنون ۽ جذبا پيدا ڪري سگهي ٿو. سعيد کي هڪ پٽ ۽ پنج نياڻين جو اولاد آهي. پاڻ پرائمري ماستر ۽ پٽ کي پڙهائڻ سان گڏ عاقل ڳوٺ ۾ هڪ مانڊڻي کولي ڏني اٿائين، جنهن سان سندس گهر جو گاڏو هلي ٿو. سعيد پاڻ ڪهڙي ڪنهن کي اپيل ڪري، هو تہ گونگي تاريخ جو فرد آهي. پر جمهوري حڪومت گونگي ناهي ٿيندي اها سڀني کي خبر آهي.

---

# لکيرن جي چکر ۾ قاتل زندگي!

اها اپريل جي هڪ عام صبح هئي جڏهن هو معمول کان ٿورو دير وارو ناشتو ڪرڻ ويٺا. ڀينڊيون ۾ تريل پٽاٽا ڪٽڪ جي ڦلڪي (روٽي) سان کائيندي اوچتو هن ڪيس پنهنجي هٿ جون لڪيرون ڏيکارڻ لاءِ چيو. هو لڪيرون ڏسڻ لاءِ بيتاب هئي پر هو ڪيس مسلسل ٽاريندو رهيو. اها هنن جي لڳ ڀڳ ٽيرنهن سالن جي وڇوڙي کان پوءِ واري ملاقات هئي، هو ايم بي بي ايس فائينل ۾ هئي جو ميڊيڪل ڪاليج سان گڏ هن کي به ڇڏي وئي هئي. ان وقت ته بظاهر ڪو به سبب نه هو پر هو ٽيرنهن سال کان پوءِ هن کي ان وڇوڙي جو سبب ٻڌائڻ تڏهن آئي هئي جڏُهن هو ٽي شاديون ڪري ۽ ختم ڪري چڪي هئي. 2 ٻار سندس هر فيصلي سان هاڻي وابسته ٿي چڪا هئا 2 مرد دوست الڳ هئا.

ان ناشتي کان اڳ واري هڪ رات هنن جڏهن ته پنهنجي داغدار ماضي کي ڌوئڻ لاءِ روئي گذاري هئي، هو ٻئي سنڌي سماج جا اهڙا اوپرا ڪردار بڻجي چڪا هئا، جن جي حقيقتن کي ترقي پسندي وارو دور به قبولڻ لاءِ تيار نه هو ۽ منافقي سان جيئڻ ڪيس نه پئي آيو.

”توکي خبر آهي پنهنجي ٿنهي مڙسن ۽ سڳي پيءُ سان به ڪجهه ڳالهيون شيئر نه ڪري سگهندي هيس پر تنهنجي سامهون ڪو رشتو نه هوندي به بي ڏڙڪ چئي ڇڏيندي آهيان.“ ان ڊاڪٽر ڪيس چيو جيڪا نه پنهنجي ڪلينڪ کولي سگهي نه ڪٿي ڊاڪٽرياڻي بڻجي سگهي.

ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهائي دوران هو سياسي ڪارڪن به رهي پر اها سموري تعليم شايد مٿس ايترو اثر نه ڪري سگهي جيترو سندس جاهلاڻي ساهرن جو ڪرايل نام نهاد ڪارو علم ڪري سگهيو. هن پنهنجي پهرين مڙس بابت دوست کي ٻڌايو ته ”اهو بابي جو ڀاڻج هو پر جاهل اهڙو جو پهرين رات جون ڪچهريون دوستن ۾ ڪرڻ ويٺو ۽ دوستن جون ڳالهيون مون کي وڏي فخر سان ٻڌايائين ته دوست پڇن پيا زال زيرو ميٽر ملي اٿئي يا؟ اهي جملا چئي هو روئڻ ويٺي ۽ جڻ ٽيرنهن سالن جي باهه ڳوڙهن سان گڏ اکين مان ڪيرڻ لڳي.

”ان وقت مون کي تون ڏاڍو ياد آئين. دل چيو ته تو کي وٺي اچي ڏيکاريان ته پڙهيل لکيل زالن جي سنڌي سوسائٽي ۾ اصل عزت ڪيتري ٿئي ٿي. هن سُڏڪندي ڳوڙها اگهيا ۽ وارن کي ڪنڌ جي جهٽڪي سان ڇهري تان هٽائي چوڻ لڳي اها شادي 3 مهينا مس هلي بابي جي گهر واپس ٿي ويس پر بابا ناراض ٿي ويو.“

پيءُ جي ناراضگي هوءَ ڏسي نه سگهي.

ڪجھ عرصي کان پوءِ هوءَ پنهنجو مختصر سامان بئگ ۾ وجهي ڪراچي هلي ويئي ڪنهن نجي ميڊيڪل سينٽر ۾ ڊاڪٽرياڻي ٿيڻ لاءِ پنهنجي ابي جي گهر مان هوءَ وئي ته ڊاڪٽرياڻي بڻجڻ هئي پر جڏهن واپس ٿي ته هو هڪ جعلي عامل ۽ نجومي جي ڄار هئي.

”اهو سڀ ڪاري علم زور هو جيڪو منهنجي پهرئين مڙس جي ساهرن منهنجي مٿان ڪيو هو. ڪارو علم انسان کي چرڻ پرڻ نه ڏيندو آهي ان مان جند تڏهن آجي ٿي جڏهن هڪ عامل دوست مليو.“

وقت گذرڻ سان گڏ هوءَ ڊاڪٽرياڻي ۽ سياسي ڪارڪن واري شخصيت وڃائيندي وئي. عامل دوست کيس سيڪس اپيل ۽ سيڪس جي گهرج تي ليڪچر ڏيندي سمجهائيندو رهيو ته ڪاري علم جي زور تي ڪڏهن ڪڏهن سيڪس جي گهرج حد کان وڌي ويندي آهي ۽ پنهنجي جسم تي شادين جون اڌوريون چميون ڪٽي گهمندڙ چري ڇوڪري ان عامل اڳيان اقرار ڪري ويٺي ته ”ها ها بلڪل مون سان به ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي.“

هن کي جڏهن عامل هٿ جي لڪيرن مان سمجهايو ته سندس ٻي شادي لکيل آهي ته هن اهو ئي بهتر سمجهيو ته جيڪڏهن ٻي شادي ڪرڻي آهي ته ان ئي عامل نجومي سان ڇو نه ڪري ڇڏجي.

هڪ عام سڌي سادي ڇوڪري جي ذهني پيچ ڊاھ ۽ نفسياتي مونجهارن هن کي لڪيرن جو اسير بڻائي ڇڏيو. ان ڏينهن ناشتي کان اڳ واري رات هن پنهنجي پراڻي ڪتاب جهڙي محبوب کي روئندي پاڪر پاتو. اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي چيو ”زندگي جي هر موڙ تي تو وٽ موٽي اچڻ چاهيو پر هميشه اهو ئي سوچيم ته تنهنجي نڪاح واري پهرين گهر واري تباھ ٿي ويندي, مون کي ڪهڙي خبر جاني, هڪ اڻ ڏٺي عورت کي بچائيندي بچائيندي مان پاڻ ايترو ته ٿي پوندس جو وري جڙي نه سگهنديس.“

ان رات هن پنهنجي پراڻي عاشق کي اهو ٻڌايو ته ”ان عامل نجومي مٿس ٻيهر ڪاري علم جو اثر ڪيو ۽ هن شادي لاءِ هائوڪار ڪري ورتي. هڪ ڀار پيدا ٿيو پر رات جي اونداهي ۾ هن کيس زور جي ڀاڪر ۾ ڪجھ روئڻ کان پوءِ اصل سچ ٻڌايو ته اهو ٻار عامل نجومي سان شادي کان اڳ ڪيل سيڪس وارو ٻار هو. مون اميد سان ٿيڻ کان پوءِ گهڻو ئي پڇتايو پر منهنجي اکين تي ڪاري علم جي پٽي ۽ منهنجي چرپر تي هڪ حصار چڙهيل هو. مان چاهيندي به تو وٽ نه پئي اچي سگهيس ۽ چاهيندي به تو کي فون ڪري نه پئي سگهيس. نجومي سان شادي کان اڳ منهنجي هڪ شڪارپوري ڊاڪٽر سان مختصر شادي ٿي پر هڪ سال جي شادي کان پوءِ هو مون کي تنهنجي ڪري ڇڏي ويو.“

ڇوڪرو حيران ٿي ويو ۽ ڪائنس پڇيائين پر منهنجو ته توسان رابطو ئي نه هو منهنجي ڪري ڪيئن توهان جي اها مختصر شادي ٽٽي. هن کلي کيس اطلاع ڪيو اوچريا تون مون کان جدا ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿيو آهين؟ تون منهنجي روح ۽ جسم جو حصو رهيو آهين مان هر وقت ان ڊاڪٽر مڙس سان ويٺي تنهنجيون ڳالهيون ڪندي هيس نيٺ تنگ ٿي ان ويچاري چيو لڳي ٿو توهان جو جسم منهنجي

بيڊ تي پر روح ڪٿي ٻئي هنڌ رهي ٿو. سنو آهي هڪٻئي کي الوداع چئڻ وقت جي تيزرفتاري هن کي بدلائي نہ سگهي هوءَ سچي ۽ سادي رهي ٿي مڙس بہ دوست ڪرڻ کان پوءِ نيٺ هن اهو فيصلو ڪيو تہ دنيا ۾ هن کي ان چرئي کان سواءِ ڪوبہ سمجهي ۽ سک نہ ڏئي سگهندو. جيڪو ميڊيڪل ڪاليج ۾ بہ ڪيس پنهنجي ڇپر ڇانو سڏيندو هو.

”توکي خبر آهي تہ جان تہ مان ڪيترا ڀيرا اهو سوچي روئندي رهي آهيان تہ ڪاش تنهنجو اڳواٽ نڪاح ٿيل نہ هجي ها؟ پر شادين جي ذلت پوڳڻ کان پوءِ مان اهو سوچيندي رهيس تہ ڪيترو نہ پلو ٿئي ها ها جيڪڏهن تنهنجيون بہ شاديون ٿين ها ۽ منهنجي صرف هڪ ٿئي ها. پر ائين نہ ٿي سگهي ها، نہ جان منهنجي هٿ ۾ شادي جون ٿي لڪيرون آهن تہ اهو ممڪن ئي نہ هو تہ مان توسان هڪڙي شادي ڪري ويهي رهان ها.“

رات کان جاري اها گفتگو ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ هنن هڪٻئي کي صبح جون ننڍاڪڙيون چميون ڏنيون ۽ ڇوڪري ڪيس پنهنجي فرمائش تي ڇاتي واريون چميون ڏياري مٿس سمهي رهڻ جو چيو. ان وقت هن ڪيس اسپيني شاعري جي اها سٽ ٻڌائي تہ ”تون مون کي ائين پياري آهين جيئن صبح واريون چميون تيرنهن سالن جون ڳالهيون ڪندي ٻنهي اجان ناشتو ختم نہ ڪيو هو جو ڇوڪري سندس هٿ پڪڙي لڪيرون ڏنيون هٿ جون لڪيرون ڏسڻ کان پوءِ هن سندس چهري طرف ڏنو ۽ خاموشي سان ٽوڙيندي صرف ايترو چيو تہ ”هاڻي سمجهي ويس تہ پنهنجي شادي ڇو نہ ٿي سگهي.“ ايترو چئي هن ناشتي مان هٿ ڪڍيا ۽ پنهنجو بئگ سنڀالڻ لڳي.

هن حيرانگي مان سبب پڇيو پر بار بار چوندي رهي تہ جانان تنهنجو ڏوهہ ناهي تنهنجي هٿ ۾ ٻي شادي جي لڪير ئي ناهي تہ تون مونسان ڪيئن شادي ڪري سگهندين؟

هن ڪيس ڊاڪٽري جي نوڪري اين جي او ۾ ڪيريئر ۽ ميڊيا جي نوڪرين کان آگاهہ ڪندي چيو تہ هو نوڪري ڪري بار بار شادين جي شيطاني چڪر کان آجي ٿي سگهي ٿي. هن ڪيس عورتن جي غلامي جي بنيادي سبب مالي خودمختياري جا مثال ڏنا پر هو هٿ جي لڪيرن ۾ قائل رهي. هن کي ايلاز ڪندي رهي تہ ڏس دنيا ۾ شايد مون کي ڪير نہ سمجهي سگهي ۽ مون کي سهاري خاطر اچي مٿي ۾ متان چوٿين شادي ڪرڻي پوي، تہ اها شادي تون ئي ڇو نٿو مونسان ڪري وٺين.

ڊاڪٽرياڻي پنهنجو بيگ ٺاهڻ کان پوءِ نوڪر کي پيسا ڏئي سني پلاسٽ، ڊيٽول، ڪپهہ ۽ هڪ بليڊ وٺي اچڻ لاءِ موڪيلو جڏهن سامان اچي ويو ۽ هو بہ ناشتي مان هٿ صاف ڪري پهتو تہ هن ڪيس بليڊ ڏيکاريندي چيو جيڪڏهن تو ۾ اجا بہ پنهنجو پيار زندهہ آهي تہ پوءِ اچ تہ تنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻي شادي واري لڪير ٺاهيان تہ جيئن پاڻ گڏرهي سگهون، بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڇا تون ائين ڪري سگهين ٿو.

# تکل ڪامريڊ. . . !

ان پراڻي سنگت هي ياد هن کي تڏهن شدت سان اچڻ لڳي جڏهن هو نواب شاه کان واپس ڪراچي وڃي رهيو هو. پنهنجي اين جي او جي فور ويل گاڏي ۾ هو ان وقت ڊول فقير جي آواز ۾ مست ٿي ويو جڏهن کيس خبر پئي ته هوءَ اجا به حيدرآباد ۾ رهي ٿي.

پرديسين جا پيار
دم دم دلڙي، او ياد ڪري ٿي

حيدرآباد ته هن کي هميشه ماڪ پنل راتين جي خماريل خوابن جهڙو شهر لڳندو آهي، جتي هن پنهنجي جواني ۾ سياست جي سنگيتيءَ جا ڪيئي تتا ٿڏا پهر گذاريا هئا. هن جي گاڏيءَ جيئن پٽ شاه ڪراس ڪيو ته هن ٻيهر ڪنفرم ڪرڻ لاءِ کيس فون ڪيو. پر شرط به رکيائين ته تنهنجي فليٽ بدران گيسٽ هائوس تي ملبو. ان جهڙالي مند جهڙي اڌڙوٽ عمر جي عورت کي الاءِ ڇا ٿي ويو ۾ هن به ڪٽي ها ڪئي.

نواب شاه کان تڪتل همراه قومپرست سياست جي انهن چند نالن منجهان هڪ هو، جنهن ڪڏهن بندوق تي نه پاڙيو. جڏهن سندس سياسي ساٿين جي ٽيلهن مان ٽي ٽي پستول ۾ مائوذر نڪرندا هئا، تڏهن به هن جي شولڊر بيگ منجهان نفيس شاعرن جي نظمن وارا پنا نڪرندا هئا. جيڪڏهن هو چاهي ها ته پاڻ به ڪو چڱو خاصو ٺيڪيدار، پاٿايدار يا پٽا خورن جي بابو ٿي پئي سگهيو، پر هن پنهنجي اندر جي آدميءَ کي سياسي گدلاڻ ۾ رهندي به ڪڏهن گهُٽو نه ڏنو هو. تڏهن ئي هن کي عزت سان ٽي ويلا روزي ڪمائڻ لاءِ ڪنهن اين جي او جي ڇت نصيب ٿي. هن حيدرآباد پنهنجي پراڻيءَ سنگتياڻي کان فون تي ايڊريس ورتي ۾ سڌو گاڏي اچي سندس فليٽ جي هيٺان بيهاري، هن تڪڙ ۾ هار ڪيو نه سينگار، راتوڪن ڪپڙن ۾ ئي صرف وار سنواري اچي سندس پرسان ويٺي. زماني جون صعوبتون سهندي به هن منجهان اها ارڏائپ، خودداري ۾ پنجهائپ نه وئي هئي. ويهڻ شرط ساڻس حجت برقرار رکندي هن کيس چيو هو، ”ڇورا صفا متجي ويو آهين؟ ڊرائيو ڪري ٿو وڃين نه،“جڏهن گاڏي هلڻ لڳي ته هن پڇيو ڪٿي هلون، اين جي او واري همراه جواب ڏنو گيسٽ هائوس ٿا هلون، ان اڌڙوٽ عمر جي عورت ٿوڙي ڪاوڙ ڪندي چيو، توهان سنڌين کي ان ڏنڌي خفي کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم به سُجهي ٿو يا نه نياڳا هل ته لانگ ڊرائيو تي نٿي ٿا هلون، پر اين جي او واري همراه کي ٽائيم مينجيمنٽ واري ٽرينگ ياد اچي وئي. هو کيس سڌو انڪار نه پئي ڪري سگهيو. نيٺ هن کي چيائين، ڀريائين گيسٽ هائوس ٿا هلون، پوءِ لانگ ڊرائيو تي هلبو. ان اڌڙوٽ عمر عورت کلي هن کي چيو، گيسٽ هائوس جو نالو ئي حيدرآباد ۾ بدنام ٿي ويو آهي. ٻي ڪنهن جڳهه تي ڇو نه هلون؟ انهن جو اهو بحث جاري ئي

هو تہ گاڏي اچي گيسٽ هائوس جي در تي بيٺي. هن ڪُرڪي ڪار مان پير ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪمري تائين پهچي وئي.

اهو ڪچڙيءَ منجهند جو ٽائيم هو ۽ ٻنهي کي اڃا بک نہ لڳي هئي ۽ شروعاتي ڪچهريءَ ۾ ٻنهي هڪٻئي کي ٿورو گهڻو پنهنجو ماضي ياد ڏياريو تہ هن وڏي پيار مان پڇيس:

”ڇورا ڪٿي گم هئين ايترا سال هاڻي ڇو اچي اچي مٿي ۾ خوار ڪيو اٿئي.“

اين جي او جي ڪرتا ڌرتا هن کي ياد ڏياريو تہ هو جڏهن سياسي جلسن ۾ ڪڏهن قومپرست اڳواڻ سان گڏ اسٽيج تي ايندي هئي تہ هو مٽس موهت ٿي پوندو هو. ڏاڍين ڪوشش جي باوجود هو انهن سالن ۾ هن جي هٿ نہ چڙهي سگهي هئي ۽ هاڻي اها پنهنجي اندر جي پراڻي حسرت پوري ڪرڻ لاءِ وٽس ڪهي آيو آهي. ائين ڪچهري هلندي هو صوفي تان اٿي جڏهن بيڊ تي پهتا تہ حسن درس واري ”ننگا ٻُڌا هٺاسون آواز عورتن جا“ واري شاعري ٻڌجي پيا.

هن سندس پوري بدن تي پيل ڪاري برا جي تعريف ڪئي ۽ هٿ مسلسل اڳتي وڌائيندو رهيو. وڌندڙ عمر بہ انسان سان اهڙي جٺ ڪري سگهي ٿي اهو انڪشاف ان ڏينهن هن جي آڏو ٿيو! پشيمانيءَ ۽ پريشاني جا پگهر هو پنهنجي پيشاني تان اجان اگهي ئي رهيو هو تہ هوءَ واش روم ۾ هلي ويئي. جلد ئي واپس ايندي کلندي خنجر وهائي ڪڍيائين تہ ”ڇو پلا پيارا اڄ ٿڪل ٿو لڳين ، رات ڪاٿي هئين.“

سياست ۾ سالن جا سنگت جو تجربو رکندڙ عورت زخمي شينهڻ ٿي پئي. هي کي تسلي ڏنائين تہ ڪا ڳالهہ ناهي تون فڪر نہ ڪر اسان جا اڪثر اڳواڻ بہ ڪمزوري جو شڪار آهن. هي تہ صرف بيڊروم جي ڪمزوي آهي، هو تہ سياسي دنگن ۾ ڌرتيءَ جي حقن وارين ميراثن تي هارائڻ کان پوءِ بہ پشيمان ناهن. توکي هڪ اڪيلي عورت اڳيان هارائڻ تي ايتري پشيماني ڇو ٿي ٿئي. اين جي او واري همراهہ جا پگهر لهن ڇڙهن پيا. هن ۾ ٻيهر ڪوشش ڪرڻ جي تہ همت ڪونہ رهي پر سياسي بحث ۾ هو منجهي پيو. اڌڙوٽ عمر جي عورت ڪيس واش روم طرف ويندي ڏسي ڇيو، تون فڪر نہ ڪر! ايئن ڪيترن ئي اڳواڻن جا ڪپڙا لهندي مون ڏٺا آهن. ڪڏهن مون سان بيڊ روم اندر تہ ڪڏهن ٻئي هنڌ، تون بہ ڪو الڪو نہ ڪر. اڌڙوٽ عمر جي عورت هن کي ٻڌايو تہ هوءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ چاهي ٿي. جنهن ۾ ڇڱن ڀلن اڳواڻن ۽ دانشورن جا ڪپڙا لٿل هوندا، پر هن ان لسٽ ۾ شاعرن کي ڪٿي ڇڏيو آهي. ڇو تہ بقول ان عورت جي سنڌي شاعر شهر ۾ ڀٽڪل ڳوناڻن جي معصوم ۽ عورتن جي معاملي ۾ يتيم هوندا آهن، انهن کي احتساب جي ڪٽهڙي کان پرڀرو بيهارجي تہ بهتر آهي. هن پنهنجي درد ڪهاڻي ٻڌائيندي ڪيس ياد ڏياريو تہ ان قومپرست سياست جي ڪري هن کي پنهنجي مڙس گهران ڪڍي ڇڏيو آهي. سياسي اڳواڻ ڪيس پنهنجي سريت ڪري گهمائڻ ۾ تہ فخر محسوس ڪندا هئا، پر هن کي زهر سمجهي هميشہ پنهنجي گهرن کان پري رکندا هئا.

هو يتيم قسم جي سياسي جلسن ۾ جڏهن قومپرستن لاءِ پارٽ ٽي پرندي هئي. تڏهن سندس گهر جو چلهو بند رهندو هو. هن ڪولڊڊرنڪ ڪي به زهر جهڙي دوا سمجهي نڙي کان هيٺ لاهيندي, هن کي گار ڏني, ”ڪچرا! توهان جو هاڻي پيسن نوڪرين واري ٽي ويا آهيو ته منهنجي گهر مان غربت ڇو نٿي وڃي. تنهنجي پڙهائيءَ کان مان به واقف آهيان پوءِ منهنجي ضرورت ڇو نٿي محسوس ڪئي وڃي. شايد هاڻي مان پوڙهي ٿيندي پئي وڃان, ايئن نه؟ الاهي وقت خاموشي کان پوءِ اين جي او واري همراهه کيس ورندي ڏني, ”اهڙي ڳالهه ناهي, تون اڃان به پرڪشش اهين. تنهنجي حسن ۾ عمر جي اضافي سان نکار ٿو اچي.“

اڌڙوٽ عمر جي عورت کي مذاق سُجهي ۽ هن کيس چيو, ”اڙي ڏي ته خبرا! توهان مردن جي مردانگيءَ جو سڄو دارومدار پنجن منٽن جي طاقت تي هوندو آهي نه؟ اها به ختم, تڏهن به مرد ٿا سڏايو. حيرت آهي!! ان ڏينهن هوءَ پائولو ڪولو جي ناول ”يارهن منٽ“ واري هيروئن لڳي پئي هئي. جنهن وٽ جنسي آسودگي جو مطلب مرد جي يارهن منٽن جي اداڪاري کا سواءِ ڪجهه به نه هو.

ٻنهي جو تعلق ماضي توڙي حال ۾ قومپرست ساست سان رهيو. تنهنڪري ٻنهي پنهنجي پنهنجي تجربن جي آڌار هڪٻئي کي نوان اطلاع ڏنا. هن کيس شگر جي مريض هڪ سياستدان جي پنجين شادي جو اطلاع ڏنو ۽ اين جي او واري همراهه کيس ٻي شاديءَ واري لاڙي کان آگاه ڪيو. هنن اهڙن ماڻهن جون لسٽون به ٺاهيون جن کي بقول هنن جي هاڻي پاڻمرادو مرڻ کپي يا کين ماريو وڃي. بعد ۾ ٻئي ان راءِ تان هٿ کڻي ويا.

ٻنهي چٽن جڏهن جسم تي ڪپڙن جو لبادو پهريو ته هڪٻئي کي آٽٽ ڏيڻ لڳا. ”يار, مردانه ڪمزوري جو هاڻي ڪهڙو علاج ڪرايان, توکي پارت آهي, ڳالهه ڪٿي نه ڪڍجانءِ! باقي ٻئي پيري شغل چڱرو ڪنداسين.“ اڌڙوٽ عمر جي عورت کلندي هن کي چيو. اهو رڳو تنهنجو الميو ناهي, اها رڳو سيڪس جي ڳالهه ناهي, پرمون کي لڳي ٿو ته اڄڪلهه سنڌ جي چڱن ڀلن دانشورن, مزاحمت ڪارن, سياستدانن کي اهڙي بيماري لڳي آهي. جو هاڻي ڪو پاڻ کي ابوجهاد يا چي گويرا ته ڪونه ٿو سڏائي, پر ڪو شاعر به اهڙي سٽ چئي بيئل پاڻيءَ ۾ پٿر ڪونه ٿو اڇلي ته:

سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺم

چڙ ڪاريهر تي پير پيم.

# اڪيلائين جا ماريل ماڻهو!

ان رات هن جي بيماريءَ جو ٻڌي اسان آفيس ڪان سڌو ان ميڊيڪل سينٽر تي پهتاسين جتي هو زير علاج هو. ميڊيڪل سينٽر جي ننڍڙي ڪمري واري کٽ تي هو پنهنجي ڏيءُ ۽ پوٽي جي سهاري ويٺل هو. سامهون ٻيا مائٽ بہ تسلي ڏيڻ لاءِ موجود هئس. ڪاٻي ڌر جي ڪارڪنن جي وڏي اڪثريت لاءِ مني صديءَ کان هڪ عزم ۽ حوصلي جي علامت ٻٽيل ڪامريڊ سوڀو ان وقت هڪ گهر جو عام پيرسن ياتي ٻٽيل هو جنهن کي الائي تہ ڪهڙا پور پئي پيا. جو هن جي اکين مان ڳوڙهن جي آلاڻ ختم نہ پئي ٿي. ڪيترن ئي شهرن جي لاتعداد جلسن وارين اسٽيجن تي پنهنجي هٿن جا مُڪا ناهي ”ڪو انقلاب ساٿيو“ چوندڙ هي ڪامريڊ هاڻي ساهہ ۽ ويساهہ جي نفيس نقطن کي ڇيڙڻ تي بہ نہ رڳو ڇاڻ روئي پئي پيو. پر اسان جهڙن ڪمزور دل ماڻهن جا بہ هانءُ ڳاري رهيو هو. ان وقت مون سان گڏ وڏين مُڇن وارو ڪهاڻيڪار اخلاق انصاري بہ موجود هو. جنهن جي ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ ڪامريڊ. تقرير ڪندي اخلاق کي سندس وڏين مُڇن جي ڪري ميڪسم گورڪي سڏيو هو. پر ان اخلاق جو چهرو بہ ان ڏينهن ڪامريڊ کي چڻ تہ ڪا تسلي ڏئي نہ سگهيو ۽ هو روئندو رهيو. سندس نياڻي، پوٽي ۽ ٻيون عورتون کيس سمجهائيندڙيون رهيون تہ حوصلو ڪريو. بابا حوصلو. توهان جو ائين ڪندا تہ ننڍن جو ڇا ٿيندو، پر ڳوڙها هئا. جيڪي ڪامريڊ جي اکين مان بند ئي نہ پئي ٿيا هو اسان سيني ڪان اکيون چورائي آر سي سي ڇت ۾ نهاري رهيو هو. تمام خوبصورت پر پٿر دل محبوبا جهڙي آر سي سي ڇت نہ ڪنهن جي اڌمن جو ارمان نہ ڪنهن جي احساسن جو خيال. هو ڇت ۾ اکيون وجهي شايد اها سٽ ورجائي رهيو هو تہ ”منهنجي قسمت ۾ اي جاني الاءَ ڇا لکيل آهي؟“ وقت جون سموريون تلخيون، ٻي رخيون بيچينيون ۽ ستم ظريفيون سهي، عمر جي مني صديءَ جي ڇائنٽ تي اچي بيٺل ڪامريڊ کي ان رات جيئڻ جو ڪو اتساهہ نہ هو. چون ٿا پنهنجي پٽ جي بيرحم حالت واري وڇوڙي هن اڌول انسان کي جهوري وڌو آهي. پر سندس ڪجهہ گهڻ گهرن جو خيال آهي تہ پوڙهپڻ جي اڪيلائي کيس روز ماري ۽ روز جيئاري ٿي. هاڻي هو سول اسپتال ڪراچي جي يورالاجي وارڊ ۾ عمر جا آخري پل ڳڻي رهيو آهي. پيرسن مريض گهر کان اسپتال ۾ پاڻ کي وڌيڪ بهتر سمجهندو آهي. اهي پوڙها گهرن ۾ اڪيلائي جي عذاب ۾ تڏهن اچي وڃن ٿا، جڏهن هر ياتي ساٿن ڳالهائڻ کان لنوائيندو هجي.

”اصل ۾ ماڻهوءَ کي وقت پوڙهو نٿو ڪري اڪيلائي پوڙهو ٿي ڪري ڇڏي“ پوڙهپڻ جي اڪيلائي ۾ گذاريندڙ گريس فل پوڙهي حليم بروهيءَ سندس گهر آيل هڪ دوست کي چيو حليم جنهن کي هاڻي سندس جونيئر دوست دادا حليم چون ٿا، سو حيدرآباد جي صدر ۾ بہ نيوبارڪ جهڙي اوپرائپ ۾ اڪيلائي گذاري ٿو. ”حلميات“ جهڙو مزاح لکي سنڌ جي ٽن چئن پڙهيل لکيل پيڙهين کي کلائي کلائي ڪيرو ڪندڙ حليم اڄڪلهہ ڇا پيو سوچي ۽ ڇا پيو ڪري؟ ڪنهن کي ايتري فرصت پئي

آهي جو اهڙن بخيل پوڙهن جون وتي پچائون ڪندو. سنڌي سوسائٽي جو زمانو اڄڪلهه ڊاڍو تيزي سان تبديل ٿي رهيو آهي. ٻهراڙيءَ ۾ رهندي به موسٽ اربن ويليوز اپنائڻ جديد دور جي تقاضا بڻجي پئي آهي. جديد دور جتي منافقت ٻچاپڙائي، چاپلوسي ۽ ذهني ڊيوالپڻي جي نمائش اڪثر آفيس ۾ گهر ۾ 24 ڪلاڪ جاري هجي. اهڙي ٻطرفي منافقت واري ماحول ۾ حليم بروهيءَ جهڙن پوڙهن کي سنڌن حياتين جي محنتن جو مان آخر ڇو ڏجي؟ ڪنهن محفل (ڀلي ادبي هجي يا سوشل) ۾ گهرائي حيلم جي قدرداني ڪير ڪري ۽ ڇو ڪري؟ حليم جنهن عمر گذاري جهيڙن ۾، ادبي پنڊتن کي جاهل ثابت ڪرڻ ۾، رومن سنڌي اسڪرپٽ سمجهائڻ ۾، سنڌي انگريزي ڊڪشنري ناهي ساڙڻ ۾، اهڙي بخيل پوڙهي جي آخر ڪهڙي قدرداني ڪجي؟ هو جيڪڏهن بيمار آهي، اڪيلو آهي. پوڙهو ٿي ويو آهي ته ان ۾ ادبي ادارن فورمن ۽ حلقن جو ڪهڙو ڏوهه؟ نيڪ آهي اچا ڪجهه سال جيئڻ ڏيوس. پوءِ ڪٺي تعزيتي بيان جاري ٿيندا. منافقت جي مخمل ۾ ويڙهيل اها سوچ اپنائيندڙ پيڙهيءَ ئي اسان جي گريس فل پوڙهن جو وقت کان اڳ ساهه منجهائي ڇڏيو آهي. هاڻي ته ان اردو غزل جي ٽڪري ۾ ئي ڪو فرار وٺڻ ٿا ته

ميري تنهائيو تم هي لگالو مجهه ڪو سيني سي
ڪه ميرا گهبرا گيا هون اس طرح رو رو کي جيني سي
بهت رنگين هين راهين پيار کي اور زندگي کم هي
گهٽا بهي تيز آئي هي دئي کي لو بهي مدهم هي
کنارا دور هوتا جارها هي پهر سفيني سي
ڪه مين گهبرا گيا هون اس طرح رو رو کي جيني سي

ريڊيو ٻڌندڙن جي هڪ ٽهيءَ کي اهو دٻدٻي ۽ رعبدار آواز وارو ڪردار ضرور ياد هوندو. جيڪو ريڊيو حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ ڊرامن ۾ بادشاهن ۽ شهزادن جا ڪردار ادا ڪندو هو. اهو آي آر بلوچ جي آواز جو جادو هو. جيڪو ڪيترن ئي ٻڌندڙن جي لونءَ ڪانڊاري ڇڏيندو هو. ڪو گهٽو نه. پر هڪ ڏيڍ ڏهاڪا اڳ جڏهن سيٽلائيٽ ٽي ويءَ چئنلز جي اچا ايٽري پرمار نه هئي، تڏهن اي آر بلوچ جو ڪو ثاني نه هو. سموري اداڪاريءَ واري ڪيريئر ۾ پنهنجي آواز ذريعي بادشاه رهندڙ آرٽسٽ هاڻي ڪسمپرسيءَ واري اهڙي زندگي پيو گذاري، جو سندس حالتن کي ڏسي سندس نسل مان ڪير به اداڪاري طرف شايد اچڻ نه چاهيندو. اهو پوڙهپڻ اها اڪيلائي صرف اي آر بلوچ جي حصي ۾ ناهي، پر ڪراچي کان ڪوهين پور ٽالپر وڏا ۾ ميندي‌ءَ رتا وار ڪري فقيرن جي ويڙهي ۾ وينل فقير سهراب به اڄ اڪيلو آهي پنهنجي جادو ڀرئي آواز ذريعي جهڏي کان جرمني تائين مداحن کي موهيندڙ فقير هاڻي آلاپ به نٿو

ڪري سگهي. هو پنهنجي اندر جو آواز هميشه راڳ سان ساز سان اوريندو هو. پر هاڻي اندر جا اڌما اندر ۾ ئي رهن ٿا. هو راڳ جي ويل روئي نه ٿو "پر روئڻ سان جي رهن سپرين ته مان نيڻن نير نه روڪيان ها"

پوڙهپڻ طرف وڌندڙ سماجي بيچيني ڏسي هاڻي اڪثر پوڙها سگهو ئي ساه جو سڳو ٽٽڻ جي تمنا ڪن ٿا. "ڪٿي ائين نه ٿئي ته عمر دراز ٿي وڃي ۽ گهر ڀاتين منجهان به ڪو ڳوڙها ڳاڙڻ گوارا نه ڪري" چاليهارو ساکن کان ٽپي هليل هڪ حساس دوست تڏهن چيو هو جڏهن اسان جي هڪ صحافي دوست هڪ بيباڪ شاعر جي موت جو منظر ٻڌايو هو. قومپرست جلسن جي اسٽيجن تان هميشه سنڌ سنوارڻ جي ڳالهه ڪندڙ ان شاعر جو جيون ڪافي سالن کان اڪيلائيءَ ۾ پئي گذريو. شايد سندس ٻه شاديون ٿيل هيون، پر مان جڏهن ان فليٽ ۾ گهڙيس ته ڊرائينگ هال ۾ ويٺل گهر ڀاتين جي ڳالهين مان اندازو ئي نه پئي ٿيو ته ڪو عظيم شاعر جو موت هن فليٽ ۾ ٿيو آهي. صحافي دوست ٻڌايو ۽ وڌيڪ چيو ته "پڇا ڪرڻ تي هڪ عجيب لاتعلقي سان ٻڌايو ويو ته لاش اندرئين ڪمري ۾ پيل آهي تدفين شام جو ٿيندي"ڇا سڄي عمر ماڻهو پنهنجي گهر ڀاتين سان ان ڪري پيار ڪري ٿو ته جيئن آخر ۾ لاش اندرئين ڪمري ۾ رکي ڪچهريون ڪندا رهن؟ ان دوست افسوس وچان چيو.

پر شايد ڪيس خبر نه هئي ته هاڻي سنڌ اندر اهڙو ڳڀرو نسل به جوان ٿي چڪو آهي، جيڪو پنهنجي ئي پيرسن مائرن ۽ ڀينرن کي ڪهاڙيون هڻي قتل ڪري ٿو ڇڏي. سبب اهي نام نهاد پيار جا پرڻا نه ڪرائڻ يا 2 جريب زمين واري ملڪيت نه لکي ڏيڻ آهي. پوڙهپڻ جي اڪيلائي به عجيب شيءَ آهي گهر ۾ هوندي به ڇڻ ته اهو ڀاتي گهر جو حصو ناهي. زماني کان ناراض پوڙها ڪنگهي ڪنگهي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس بار بار ڏيارين ٿا، پر سندن پٽ پوٽا ان ڪارنر کان ايترا ته ٻوڙا ٿي وڃن ٿا جو انهن بخيل پوڙهن جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ٿا ڇڏين، پنهنجي ئي ارمانن کي بيان نه ڪري سگهندڙ اهي پوڙها اسان جي گهرن ۾ پراڻي اسٽائيل جي فرنيچر جيان پيل رهن ٿا جن جي اڪيلائي ڪڏهن ڪڏهن پڻڪي پوي ٿي ته

تم نهين غم نهي، شراب نهين
ايسي تنهائي کا جواب نهين

ٻيو احساس ته ڪنهن کي ٿئي الائي نه، پر اهڙيون ناياب شيون اوچتو ساه جو سڳو ٽٽڻ کان پوءِ جڏهن هليون وڃن ٿيون ته سيني گهر ڀاتين کي اها ڪنڊ هانت ڪندي رهي ٿي، جتي هاڻي ڪو به بخيل ۽ گاريال پوڙهو ڪنگهي ڪنگهي ڪنهن جي به آرام ۾ خلل نه وجهندو ڇو ته هاڻي هو سانت هڪ گهري سانت ۾ هليو ويو. هاڻي ڪِٽي ڪير ڪيترو به روئي، پر ان پوڙهي جون اهي التجائي اکيون واپس ناهن اچڻيون، جيڪو شايد موت جي فرشتي سان اڪيلو ويندي گهٻرائي رهيو هو. جوان ٿي ويل اولاد ۽

ڏينهون ڏينهن پوڙهو ٿيندڙ والدين جي المين تي ڇا صرف هڪ انڊين فلم "باغبان" ئي ڪافي آهي؟ چون ٿا تہ فلم ڪامياب بہ ان ڪري ٿي جو ان فلم ۾ جوان ۽ پوڙهن، ٻنهي نسلن جي احساس جي ترجماني بهتر انداز ۾ ٿيل هئي. بدلجندڙ وقت اهو سوال ڪيترن ئي ذهنن کان ڪري رهيو آهي تہ پوڙها واقعي اسان جي گهرن تي بار ٿيندا وڃن؟ ڇا هنن کي صرف اسان اهو سوچڻ ۽ گنگائڻ تي ڇڏي ڏيون تہ:

يہ ميري خود کي دنيا نهين سهي ليکن
اب آگيا هون تو دو دن قيام کرتا چلون.

# ٽائيٽينڪ وانگر تباھ ٿيندڙ ھڪ اسڪول

ھاٽي جڏھن ھاءِ اسڪول بہ حد جي ٽاٽن جيان منٿلين تي ھيڊ ماستريءَ لاءِ ملڻ لڳا آھن تہ ان دور ۾ لڳ ڀڳ اڌ صدي پراڻي ھن اسڪول جي ھيٺن حالن لاءِ ڪنھن کي ويھي ڏوھي قرار ڏجي؟ طوفان جي تباھي جي سٽ ۾ اچي ويل غريب جي گھر جھڙي گورنمينٽ ھاءِ اسڪول ڏوڪريءَ جي سموري عمارت کنڊرات ۾ تبديل ٿي چڪي آھي. اھا تہ اڳتي ھلي خبر پوندي تہ ان شاندار عمارت کي ھٿ وٺي ڪنھن تباھيءَ جي ڪناري پھچايو. پر ھاءِ اسڪول جي موجوده حالت اھا آھي تہ عمارت جي ھڪ محدود حصي اندر پنجن ائن ڪلاس رومز ۾ لڳ ڀڳ 12 سؤ شاگرد محاورتن نہ پر حقيقتن واڙي ويھاريا وڃن ٿا. فرنيچر اڻپورو ھجڻ ڪري شاگردن کي ڪلاس رومز جي درين ۾ بہ ويھي پڙھڻو پوي ٿو. اسڪول جو سالن کان اھو ئي حال آھي, جنھنڪري شاگرد استاد تہ شايد ھري مري وياھجن. پر ڪيترن ئي سالن کان پوءِ جڏھن اسڪول ۾ پير پائجي ٿو تہ ھوش ان ڪري بہ خطا ٿي وڃن ٿا تہ اسڪول جي ڪا بہ شئي سالم حالت ۾ نظر نٿي اچي. ڪٿي آھي اھو خوبصورت سائنس ھال جتي پڙھائڻ وقت استاد قاضي صبغت الله پنھنجي مخصوص انداز ۾ شاگردن کي دڙڪو ڏيندو ھو تہ ”ٿُڪ لعنت لاءِ وڳين موڪلجيئي.“ ان سائنس ھال ۾ ھاٽي 6 اي ڪلاس ھلي ٿو. ڪولمبو پلان تحت 1956ع ۾ جڙي راس ٿيل ھاءِ اسڪول آرڪيٽيڪچر جي حوالي سان اڄ بہ عاليشان عمارت آھي. جنھن جي گرائونڊ فلور تي ڪلاس ۽ فرسٽ فلور تي استادن ۽ شاگردن جي رھائش لاءِ ھاسٽل ھوندي ھئي. ھر ڪلاس جو در وٽن ٻوٽن ۽ گلن سان جنجھيل پارڪ طرف کلندو ھو اسيمبلي بہ ان پارڪ ۾ گذر گاھن تي ئي لڳندي ھئي. ھاٽي تہ ڪلاس رومز ۾ نہ اھي در رھيا آھن تہ دريون ۽ نہ ئي ڪو پارڪ نظر اچي ٿو. پارڪ جي جاءِ تي ھر طرف ڊپ ڦٽي پيا آھن. اسڪول جي اڳوٽي ايڊمنسٽريشن بلاڪ کي ڇڏي سڄي اسڪول جي ڪلاس رومز جا در ۽ دريون ائين پٽجي ويا آھن, جيئن ڪنھن لاوارث عمارتن مان پٽيا ويندا آھن. اھڙي حالت محمد خان جوڻيجي پاران پنج نقاطي پروگرام ھيٺ غريبن لاءِ ٺھرايل گھرن سان تہ ھر ھنڌ ڏٺي آھي, پر ڪنھن پراڻي تعليمي اداري سان اھڙي ويڌن ڪٿي ڪونہ ٿي.

اھو پارڪ جتي ويھي شاگرد ڊرائنگ ڪري مختلف گل ۽ ٻوٽن جا پن ناھيندا ھئا. ان ۾ ھاٽي پنجوءَ جو ڀراءُ ڏٺي خوامخواه متي جو ڍير ڪيو ويو آھي. جتي ھاٽي نہ ڪا ڊرائنگ آھي نہ ئي اھو سدائين ڪلين شيو رھندڙ ۽ شاگردن سان ڪچا چرچا ڪندڙ ڊرائنگ ٽيچر سائين پيرل آھي. اڳ ۾ جيڪا اسڪول جي ميس ھوندي ھئي ان کي ھاٽي ليبارٽري بڻايو ويو آھي. ان ڏھين بي ڪلاس کي ھاٽي ھيڊ ماستر جي آفيس بڻايو ويو آھي. جتي ماضيءَ جي شرير شاگردن جون حرڪتون اڃان بہ قيد آھن. تمام وسيع عمارت واري ھاءِ اسڪول ۾ ھاٽي صرف 9 ڪلاس رومز استعمال ھيٺ آھن, جنھن ڪري شاگردن جي داخلائن وارو انگ بہ گھٽجي يارھن سؤ شاگردن تائين وڃي پھتو آھي. ھلندڙ

ڪلاسن کي ڇڏي باقي سموري عمارت پوت بنگلو بڻجي چڪي آهي. جنهن کي شهر جا موالي هاڻي نشو پتو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. ان ۾ تعجب جي ڪا به ڳالهه نه هجڻ ڪپي ته جڏهن دنيا بهتر کان بهترين طرف ڊوڙي رهي آهي ته پوءِ ماضيءَ جي هن شاندار هاءِ اسڪول جا اهڙا حال ڇو؟ اهو شايد ان ڪري به ٿيو آهي جو اهو اسڪول ڏوڪري ۾ آهي ۽ ڏوڪريءَ ۾ ائين ئي ٿيندو آهي جتي شهري هر مسئلي کان لاتعلق، بي حس بڻجي ويندا آهن. تباهي سر تي اچي ويندي آهي تڏهن به نه ڪڇندا آهن ۽ هو مسئلن تي چپ چورڻ کان به ائين خاموش هوندا آهن، جڻ ته به لفظ ڳالهائڻ سان به سندس بل اچي ويندو. اهو ان بي حسيءَ جو ئي نتيجو آهي ته هاءِ اسڪول گرائونڊ تي جڏهن ساليانو ميلو لڳندو آهي ته فقير پنهنجا رڇ ۽ پولڙا اسڪول جي بنا در درين وارن لاوارث ڪلاس رومز ۾ ٻڌندا آهن. اڳوڻي هاءِ اسڪول ۾ 3 نلڪا (هئنڊ پمپ) لڳل هوندا هئا. پر هاڻي ترقي ڪري صرف هڪ هئنڊ پمپ بچايو ويو آهي. تعليم جي تباهيءَ تي فڪرمند ماڻهو اهو پڙهي هرگز پريشان نه ٿين ته هاڻي هاءِ اسڪول ڏوڪري ۾ پڙهندڙ هڪ هزار کان وڌيڪ شاگردن لاءِ ڪوبه واش روم يا ٽوائليٽ ناهي. اسڪول ۾ صرف هڪ ئي باٿ روم آهي جيڪو هيڊماستر ۽ ٻيا اسٽاف وارا استعمال ڪن ٿا. ها البته شاگردن کي اوپن حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ڀرپور سهولت حاصل آهي. هاءِ اسڪول کي ڪمپيوٽر ته سالن کان مليل آهن، پر مستقل مسئلو اهو رهندو آيو آهي ته اهي ڪمپيوٽر هلائي ڪير ۽ شاگردن کي سيکاري ڪير؟ اهڙي مونجهاري سبب ڪمپيوٽرن کي هڪ ڪمري ۾ خطرناڪ ڏوهارين جيان بند وارد ڪيو ويو آهي ته جيئن نه اهي پاڻ ٻاهر اچي سگهن ۽ نه ئي ٻيو ڪير ساڻن ملاقات ڪري سگهي!!

اسڪول جي چوديواري ٿهليل وسيع گرائونڊ تي به هاڻي قبضا ايترا ٿي ويا آهن جو اسڪول کي اچي سوڙهو ڪيو اٿن. جنهن گرائونڊ تي شاگردن جي پي ٽي ٿيندي هئي ۽ سائين الهڏنو سيٽي ۽ سوٽي ساڻ ڪني پيو رائونڊ ڪندو هو. اهو گرائونڊ هاڻي گرلز اسڪول جي نئين ٺهيل عمارت هيٺ اچي ويو آهي. هاڻي ان گرائونڊ تي نه اهو ديدار ڇولن وارو ريڙهو هٽي بيهي ٿو نه ئي راندين جا سامان نظر اچن ٿا. اسڪول کي چوديواري اچڻ کان پوءِ عمارت جي پوئين پاسي راندين واري گرائونڊ ۾ اسڪول جا فنڊ وڌائڻ خاطر جوئر ۽ ڪڻڪ جا فصل ڪيا وڃن ٿا ڇا ته لاجڪ آهي آمدني وڌائڻ جي؟ هاءِ اسڪول جي حالتن متعلق اسڪول جي هاڻوڪي اسٽاف (جيڪي اڪثر ان ئي اسڪول جا اڳوڻا شاگرد پڻ آهن) سان ڪيل ڪچهرين مان پتو پيو ته جڏهن هاسٽل وارا ڪمرا ٽوڙائي ڪلاس رومز ٺهرائڻ شروع ڪيا ويا ته اسڪول جي آر سي سي ڇت ان ڪم جي سٽ نه سهي سگهي. متئين حصي تي ٺهندڙ پٽين ڇت کي به ٽوڙي ڇڏيو. ان بحث ڇيڙڻ مان هاڻي شايد ڪو فائدو نه ٿيندو ته مختلف وقتن ۾ رهندڙ هيڊ ماسترن جا گهر ڪيئن بهتر ٿيندا ۽ ااسڪول ڪيئن بدتر ٿيندو ويو. پر اسڪول جي اڳوڻن شاگردن کي ڏک اهو آهي ته هاءِ اسڪول کي ڪو پيار ڪندڙ هيڊ ماستر نه ملي سگهيو. اهو سائين مورج مل به ته هاڻي ڪسمپرسي وارين حالتن ۾ حياتي جا آخري ڏهاڙا پيو گذاري جيڪو پڙهائڻ

سان پيار ڪندو هو. اهو سائين غلام عمر ڪونهارو به ته هاڻي حيات نه رهيو آهي، جيڪو پڙهائڻ ۾ چست هئڻ سان گڏ اسڪول جي بدتر ٿيندڙ حالتن لاءِ به دل ۾ درد رکندو هو. اهو درد هو رڳو دل ۾ نه رکندو هو پر جيئڻ ته سندس انگلش سٺي هوندي هئي ان ڪري مختلف وقتن تي اختيار ڌڻين کي خط ۽ تارون به موڪليندو رهندو هو. شايد اهو سندس ئي موڪليل تارن جو نتيجو هو جو سرڪاري انجنئير به ٽي دفعا وزٽ ۽ سروي ڪري ويا پر عمل اڃان تائين ڪو به ظاهر نه ٿيو آهي. ائين ته اڳوڻي ڊي سي لاڙ ڪاڻي به هاءِ اسڪول کي ماڊل اسڪول بڻائڻ جو ارادو ڪيو هو. پر ٻين جيان سندس ارادو به اڌرو رهجي ويو. اسڪول جي عمارت ٽائيٽانڪ جيان آهستي آهستي تباهه ٿي رهي آهي. ان کي بچائڻ لاءِ اڃان ڪو به هٿ اڳتي نه وڌيو آهي. هڪ اڳوڻي شاگرد جو خيال هو ته اها عمارت ڊاهي پلي نئين نهرائين. پر اسڪول جي عمارت جي پراڻي خوبصورتي ڪٿان آڻيندا؟ فوت جيڏين ڳاڙهين سرن سان ونگ ڏنل وراندي وارا در ۽ دريون ڪيئن جياري سگهندا؟ اها ته حيدرآباد جي واپارين جي حسن کي جانچڻ واري حس آهي، جن اولڊ ڪيمپس ۽ بسنت هال کي نئين ڪشش ڏئي ڇڏي آهي. ڏوڪري ۾ اهڙا واپاري ڪٿان آڻجن جيڪي اسڪول جي عمارتن سان ته پلي محبت نه ڪن. پر گهٽ سٺو ورتاءُ ته ڪن؟

تباهي طرف ويندڙ عمارت جي ٻاهران ڇٽن اکرن ۾ گورنمينٽ هاسٽل 1956ع اڃان به واضع لکيل آهي جڏهن وراندي ۾ رنگ سان لکيل اها سٽ به ملي ٿي ته "احتياط علاج کان بهتر آهي" اها سٽ انسپيڪشن جي انهن ڏينهن طرف ڪٽي وڃي ٿي، جڏهن ڪلاس رومز سينگارڻ جا مقابلا ٿيندا هئا، جنهن رستي کي روزانو ڇٽڪار ۽ چوني جون لڪيرون ڪڍيون وينديون هيون. ان تي ڌيان ۾ بيٺل پاڻيءَ کان پاڻ بچائيندي جڏهن واپس ٿيون ٿا ته اهي سمورا ڪلاسي اچانڪ ياد اچي وڃن ٿا ۽ ويچار ۾ وجهن ٿا ته ڇا هاڻي به هاءِ اسڪول جي

ڪالم جو آخري صفحو ڪتاب ۾ موجود ناهي

# اڳ ۾ خطا تي غور ڪجو، پوءِ سزا ڏجو

## ڪالم جو پهريون صفحو ڪتاب ۾ موجود ناهي

جي نظر ۾ هڪ سؤ ڪن ڪوشين ۾ هڪ سؤ پيرا ملڪ جا نعرا هڻن سان پلي تہ اهو الزام لهي ويو هجي، پر ان الزام جو پڙاڏو اڄ بہ اسلام آباد جي ايوانن ۾ تخت لهور (لاهور) جي بادشاهن جي بيانن ۾ ٻڌي سگهجي ٿو. اها نفرت جنهن جو طعنو ڪالهہ تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪامريڊن، سن جي سيد ۾ بي ايس او جي بلوچن کي ڏنو ويندو هو. اڄ اهو سيني سنڌين کي پاڻ ڏئي رهيا آهن. جڏهن ملڪ ۾ سيٽلائيٽ چينلز جو نالو نشان بہ نہ هوندو هو. سئنيمائن ۾ فلمون بہ بليڪ اينڊ وائيٽ لڳنديون هيون. ان زماني ۾ تڏهوڪي من موهڻي هيروئن نورجهان جا ٿيٽر لڳندا هئا، جنهن کي تڏهوڪا جوان ۾ اجوڪا پوڙها ”زنده ناچ“ سڏيندا هئا. ”ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ان کي ڇا چئجي؟ هاڻي جي ڪٽي ماڻهن کي ٻڌايو ويو تہ ”توهان بي عقل آهيو، ننڍڙي ڳالهہ کي سمجهي نٿا سگهو. ملڪي مفاد اهم آهن. ننڍن صوبن جي هجڻ نہ هجڻ واري سوال کان بہ اهم ۾ ڪروڙين ماڻهن جي حياتين کان بہ اهم آهن اهي ملڪي مفاد، جيڪي صرف واپڊا جي بريفنگ ۾ ظاهر ٿين ٿا ۽ پنجاب جي اسٽيبلشمينٽ جي ٽيبل تي سجايل آهن.“

”ڪالاباغ ڊيم تہ پناڻن لاءِ بہ سنڌين جيترو ئي ناقابل قبول آهي، تہ پوءِ اتفاق راءِ جو سمورو زور سنڌين مٿان ڇو ٿو وڌو وڃي.“ ڪنهن صحافي نما پوليس عملدار پڇيو. جنهن کي اهو ئي ٻڌايو ويو تہ جيڪڏهن پناڻن تي اتفاق راءِ جو ايترو زور بار وڌو وڃي ها تہ هن وقت تائين ٻنهي مان ڪنهن هڪ جو مٿو ڦٽيل هجي ها. اهو تہ پناڻ بہ سمجهن ٿا تہ ڪالاباغ ڊيم جي تعمير سان مردان ۾ چارسده جون سرسبز زمينون سم ڪلر جو شڪار ٿي تباه ٿي وينديون. نوشهره جهڙو پختونن جو تاريخي شهر تباه ٿي ويندو. اهو خدشو هنن کي ان ڪري بہ وڌيڪ آهي جو پشاور جي آس پاس وارن علائقن ۾ ڊيم جي تعمير سبب پاڻي اڳي چار فوٽ زير زمين تان پهتو آهي. ”پناڻن جي هر معاملي کي هٿيارن ذريعي حل ڪرڻ واري سوچ حاڪمن کي مردان، چارسده ۾ نوشهره ڏانهن وڃڻ کان روڪي رکيو آهي. حالانڪ سڀ کان پهرين حاڪمن کي اتفاق راءِ لاءِ ان طرف وڃڻ گهرجي.“ هڪ اڳوڻي ڪامريڊ چيو. اڳوڻا ڪامريڊ بہ عجيب ماڻهو هئا جيڪي هاڻ تہ بلڪل بہ ناياب ٿيندا پيا وڃن. بلڪل ائين جيئن اردو شاعر چيو:

نوگي اگر ملڪون ملڪون

ملني کي نهين ناياب هين هم.

مورن ۽ هرڻن جا نسل بچائڻ لاءِ بہ ادارا نهيل آهن. پر ڏرتي کي تحرڪ ۾ رکندڙ انهن ڪامريڊن جو سنڌ ۾ نسل بچائڻ لاءِ ڪنهن بہ ڪا ڪوشش نہ ڪئي ۽ انهن منجهان ڪي ناياب تہ ڪي ڪمياب ٿي ويا. اڳي ساڳيا ڪامريڊ هئا، جيڪي بکن ڏکن ۾ اهوئي سمجهائيندا هئا تہ منزل ڏاڍو ڏور آهي ۽ پنڌ اٽانگو آهي. هاڻي جڏهن پنجاب جي سياستدانن، ميڊيا ۾ موجود سرڪاري لابيءَ ۽ وردي وارن ڪالاباغ ڊيم کي ملڪي مفادن جو چولو پهرائڻ شروع ڪيو آهي تڏهن ڪو هالا جو پراڻو پوڙهو قومپرست بہ نظر نٿو اچي. جيڪو اسٽيج تي تقرير بدران گاريون ڏيڻ بدران ڏاڍي بہ خوب داد حاصل ڪندو هو. ”هن جي نگاه ۾ سنڌ جون سيئي سياسي ڏاڙائون هڪ هيون هو رسول بخش پليجي کي پنهنجو محبوب ۽ جي ايم سيد کي پنهنجو مرشد سڏيندو هو. هاڻي جڏهن حاڪم در تي اچي پنجاب جا دڙڪا ڏيئي ٿا وڃن، تڏهن واقعي جواب لاءِ اڪيون ڪنهن حفيظ قريشيءَ کي ٿيون ڳولهين“ هڪ سياسي ڪارڪن چيو.

جنرل مشرف هاڻي جڏهن پاڪستان تي حڪمرانيءَ جي هڪ رات تان پردو ڪڻي چڪو آهي تہ پنجاب جي حمايت کانسواءِ پاڪستان تي ڪوبہ حڪومت نٿو ڪري سگهي. جڻ تہ هن قومپرستن جي ان اصطلاح ۽ ٿيوريءَ کي سچ ثابت ڪيو آهي جيڪي زمانن کان پنجابي - پناهگير ڳٺ جوڙ جي ڳالهہ ڪندا اچن ٿا. پنجاب وٽ راجا رنجيت سنگهہ کان پوءِ جڏهن ڪو بہ پاپولر ليڊر ناهي، تہ پوءِ آخر پنجاب وٽ ڪهڙي قوت آهي، جيڪا سيني جي راءِ مٿان ڀاري آهي؟ اهو راز ڄاڻڻ لاءِ ڪنهن وڏي تحقيق جي ضرورت نہ آهي. چون ٿا تہ 1819ع ۾ جڏهن رانجيت سنگهہ جي فوجن کي برطانوي فوجن شڪست ڏني تہ سمورو پنجاب سخت صدمي ۾ اچي ويو. ان صدمي کي ڪنهن ڪروڌ ۾ تبديل ٿيڻ کان اڳ ئي برطانوي فوج ڀن قومن کي ”مارشل ريز“ قرار ڏنو جن ۾ پنجاب جا مسلم جٽ ۽ پختون شامل هئا. گڏيل هندستان جي پاڪستان واري حصي مان ٻنهي قومن منجهان فوج لاءِ ايتري ڀرتي ڪئي ويئي جو اها وڏي برطانوي فوج جي هڪ حصي سان گڏ پاڻ بہ هڪ پوري ۽ مڪمل فوج بڻجي پئي. پاڪستان جي آزادي کان پوءِ 1947ع ڌاري جڏهن نئين ملڪ جي فوج ٺهي تہ ان ۾ 77 سيڪڙو فوج پنجاب مان 19.53 سيڪڙو فوج پشتونستان مان جڏهن تہ باقي گڏيل سڏيل آباديءَ منجهان هئي.

ڳالهہ کي توڙ تائين پهچائيندي هن چيو ”جيڪا ڌمڪي حڪمران سنڌين کي ڏئي ويا آهن. اهڙي ڌمڪي هو پشاور ۾ پٺاڻن يا ڪوئيٽا ۾ بلوچن کي ڏئي سگهن ٿا؟ ڪڏهن بہ نہ. ڇو تہ ٻنهي صوبن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان هٿياربند تحريڪون هلندڙ آهن.“ سندس اها ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ مونکي ڪوهلو جا جبل ياد اچي ويا، جتي مري قبيلي جا ماڻهو پاروٿو ڊوڙو ۽ ٻڪريءَ جو کير پيئندي بہ هٿيار ٺاڻيو وينا آهن. ڪڏهن هيلڪاپٽرن تي فائرنگ ڪن ٿا، ڪڏهن حاڪمن جي جلسن دوران راڪيٽ فائر ڪن، پر سنڌين کي اجا تائين بي عقلي ۽ خودڪشي ڪرڻ جا مهڻا ملن ٿا. هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر

پنجاب جا ڏڙڪا ڏئي سنڌين کي ٻيچاريو ۽ هيسايو پيو وڃي. تڏهن ”صوبائي هم آهنگي“ سان ڪمڙا چٽ جهلندا؟ هر ڪوئي ڄاڻي ٿو. ڄاڻون ٿا ته سنڌ اندر اهو سياسي تحرڪ ناهي رهيو پر ان جي باوجود حالتن پلٽو کاڌو ته هڪ دفعو ٻيهر سنڌ جي شهرن جا اسٽيڊيم ”محرمن“ کي ڪوڙا هڻڻ لاءِ سجائي سگهن ٿا جتي ڪو مارشل ريس جو حوالدار محرم کان اهو ئي نعرو هڻڻ جي گهر ڪري سگهي ٿو جيڪو راڏڻ اسٽيشن پرسان ڪجهه سال اڳ شاگردن کان هڻايو ويو هو.“

مين مجرم هون مجهي اقرار هي جرم محبت کا
مگر پهلي خطا پر غور کرلو پهر سزا دينا.

# چولستان جي چائنٽ ۽ فريدي عشق

چوڏهين جي چانڊوڪي روهيءَ جي واري ڪي چمڪائي ڇڏيو هو. هزارين روهيلا خواجہ فريد جي عشق ۾ جڪڙجي اچي ”فريد دا ڪنڊا“ وٽ گڏ ٿيا هئا. اهي جڻ تہ محبت موتائڻ آيا هئا. جيڪا خواجہ فريد پنهنجي حياتي جي 81 سال روهي ۾ رلندي ورهائي هئي. اهو اجا تائين خود خواجہ جي گادي نشينن لاءِ بہ وڏو سوال بڻيل آهي تہ خواجہ فريد ڪي ڪهڙي ڪشش محسوس ٿي جو هن پنهنجي حياتي جا پورا 81 سال روهيءَ جي ريگستان ۾ گذاري ڇڏيا اهو سوال مريدن، محققن ۽ گادي نشينن تي ڇڏي اسان هزارين ماڻهن جي ان ميڙ ڪي (جيڪو روهي ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ميڙ هو) ڇڏي ڪجھ اڳيرو هليا وياسين. پيرن هيٺان ٿڌڙي واري جيتري فرحت ڏيئي رهي هئي. ايترو ئي سرائيڪي لوڪ فنڪارن جا پري کان پهچندڙ اهي ٻول مزو ڏئي رهيا هئا تہ
”سن ائي دا جتوال دل اڙ ڳئي تيڏي نال“

جيتوڻيڪ اها اصل روهي ڪونہ هئي. اها تہ صرف چولستان جي اهڙي چائنٽ هئي. جيئن پاڻ وٽ ماڻهو منيءَ ۾ پهچي سمجهندا آهن تہ ٿر پهچي وياسين. تيئن ئي اسان بہ ”فريد دا ڪنڊا“ جنهن کي هاڻي جهوڪ فريد چون ٿا. پهچي سمجهيو تہ چولستان اچي ويا آهيون. جيتوڻيڪ ٿر ۾ نانگ بلائون عام جام هونديون آهن، پر هتي شايد ايتريون ناهن چو تہ هزارين روهيلا واري کي ئي طول وهاڻا سمجهي ٽيڪ لڳايو ليٽل هئا. ڪيترا اسرار، راز ۽ ڪيتريون ڪهاڻيون هن روهيءَ ۾ ٿهليل هونديون. روهي اندر 6 تاريخي قلعا آهن،جيڪي اجان ڏسڻا آهن ۽ هاڪڙي درياھ جا بہ قصا آهن. پر اڄ صرف خواجہ فريد جا قصا ٻڌڻا آهن. چون ٿا تہ خواجہ فريد سدا بي چين ۽ اهڙي آواره دل رکندڙ عاشق هو جنهن کي عشق جي تڪميل جي تلاش هئي. ان تڪميل جي تمنا ڪانئس نت نئانگر واري اباڻي زندگي ڇڏرائي، ڪيس روهيءَ جي رڻ ۾ گهلي آئي، جنهن ڪنڊي جي وڻ جي ڇانو ۾ اچي هن ديرو ڄمايو. اڄ هزارين روهيلا ان تي باسون باسن ٿا. خواجہ فريد جا وڏڙا اصل سنڌ جا ڪوريجا هئا. ڪي چون ٿا تہ قاضي احمد جا هئا، ڪي چون ٿا تہ نئي جا هئا. پر خواجہ فريد جي نصيب ۾ تہ روهيءَ جو رڻ جهاڳڻ لکيل هو. ان زماني ۾ لالو لاڙ ۽ چيتا لاڙ وارن جي هڪ هنيلي هرڻ جهڙي ڇوڪري خواجہ جو چين چورائي وئي. فريد دا ڪنڊا جي آسپاس ئي رهندڙ ان ڇوڪريءَ جي مائٽن کي خواجہ شادي جو پيغام موڪليو. روهيلن وراڻي ڏني تہ اسان جو رواج آهي وٽا سٽا (ڏي وٺ) ڇوڪري ڏيو ڇوڪري وٺو. نيٺ لالو لاڙجي مرشد کي گهرايو ويو. جنهن اچي مريدن کي آڇ ڪئي تہ خواجہ کي سڱ ڏيو عيوضي ۾ اهل بيت ڇوڪري وٺو تہ منهنجي ڏيءُ حاضر آهي نہ تہ ٻيا مريد سڱ ڏيندا. عجب ناهي خواجہ ان زماني ۾ بہ پنهنجو پيار ماڻڻ ۾ ڪامياب ويو پر اسان وٽ اڃا تائين پسند جي شادي ڪرڻ روهي جو رڻ جهاڳڻ برابر بڻيل آهي. جنهن وقت هزارين روهيلن کي خواجہ فريد جي ساهراڻي گهر ۾ سانديل شادي جا تير

ڪات ڏيڪاريا پئي ويا، تنهن وقت مونکي اوچتو خيال آيو تہ ڇا خواجہ فريد جا پونئير اهي زيور ۽ هار سينگار بہ ائين ئي سرعام ڏيکاريندا جيڪي خواجہ فريد ملتان جي بازار حسن مان ڪيل چوٽين گهر واري کي ڏنا هئا. ”خواجہ ملتان جي جنهن سدا سهاڳڻ سان شادي ڪئي هئي، تنهن کي هار سينگار جو ايترو شوق هو يا خواجہ جو حڪم هئس جو خواجہ جي وفات کان پوءِ بہ هو هر روز وهنجي سهنجي هار سينگار ڪري شايد خواجہ جو اهو ڪلام ياد ڪندي هئي تہ ”ميڏا عشق وي تون ميڏا يار وي تون“ ڪوٽ مٺڻ جي گادي نشين خواجہ معين الدين محبوب ڪوريجو مسجد جي احاطي ۾ ڪچهري دوران ٻڌايو. اها ڳالهہ روهي ۾ بہ ٻڌڻ لاءِ ملي تہ پتو ڦاهي گهاٽ اندر آخري ڏينهن دوران خواجہ فريد جو اهو ڪلام ٻڌندو هو. جنهن کي پٺاڻي خان کانسواءِ ڪير بہ پرسوز آواز ۾ نہ ڳائي سگهيو آهي. خواجہ فريد جون هڪ هزار ڳئون روهي ۾ ائين چرنديون هيون جيئن روايت مطابق گندا واهہ جي چيزل شاهہ جون ڏاچيون جهر جهنگ چرنديون وتن ٿيون. عجيب ڳالهہ آهي تہ گندا واهہ ۾ چيزل شاهہ جي ڏاچين جي ڪير بدران ڪجهہ سال اڳ اسانکي ٿرو پياريو ويو هو پر روهيءَ ۾ خواجہ فريد جي روايت شايد اجا جيئري جو اسان جي آجيان چانهہ نہ پر ڪير جا گلاس پياري ڪئي ويئي.

روهي جي يادگيريءَ ۾ اهو پهريون پيرو ٿيو هو جو خواجہ فريد کي منظم نموني سان وڏي سطح تي ياد ڪيو ويو هو. ڇو تہ خواجہ فريد کان پوءِ درگاه ڪوٽ مٺڻ جي سجاده نشينن روهي اچڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. پر روهيلا ڪوٽ مٺڻ ايندا رهيا. خواجہ فريد فائونڊيشن پاران ٿيل ان پروگرام ۾ هڪ سؤ سالن کان پوءِ خواجہ فريد جو ڪو سجاده نشين روهي آيو ۽ اچي واري جي ٽبي تي پلٿي ماري ويٺو. مريد ڪيس نذرانو ڏئي رهيا هئا. هاڻوڪو سجاده نشين خواجہ فريد جي ڏيءَ مان شروع ٿيل تسلسل جو حصو آهي ڇو تہ خواجہ کي پٽ جو اولاد نہ هو. جڏهن کانئن پڇيم تہ ”خواجہ جي خاندان مان ڪنهن ٻئي شاعري شروع ڪئي آهي؟ تہ هن منطقي جواب ڏيندي چيو تہ ”خواجہ فريد تہ صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن.“ جيتوڻيڪ خواجہ فريد جي خاندان ۾ عشق تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪيو هوندو. پر ڪو خواجہ فريد جهڙي سٽ اجان نہ ڏئي سگهيو آهي. رات ڪافي گذري وڃڻ کانپوءِ بہ روشن هئي ۽ رات واري محفل ۾ سجاده نشين مسلسل روئي رهيو هو. خبر ناهي هو خواجہ فريد جي خاندان جا ڳوڙها روهي جي واري ۾ ملائڻ جو جتن ڪري رهيو هو يا ان غم ۾ روئي رهيو هو تہ روهيلن کي هڪ سؤ سال تائين سندن خاندان ڇو اڪيلو ڇڏي ڏنو. ڇون ٿا تہ خواجہ فريد پنهنجي عشق جي تڪميل واري ڪوشش ۾ ايترو تہ رڌل هيو جو دنيا داري کان بلڪل ڪٽيل هو. جڏهن ماڻهن ڪيس بهاولپور رياست جي نواب صادق جي زيادتين جون دانهون ڏنيون تہ هن رياستي نواب کي مختصر پر معنيٰ خيز خط لکيو تہ ”صادق زير ٿي زبر نہ ٿي متان پيش پوئي.“

نيٺ نہ چاهيندي بہ روهي کي الوداع چيوسين.

چو تہ اسان روھي، پائو ڪوھيلو واري ناول الڪيمسٽ جي هيري وارو خواب ڪٽي نہ ويا هئاسين نہ ئي خواجہ فريد جي دل. چون ٿا تہ ريگستان جي واري ڏاڍي رازدان ٿئي ٿي. هوءَ چورن جا پير بہ ڍڪي ٿي ڇڏي. شايد خواجہ فريد جي روهي لاءِ ڪشش جو سبب اهو بہ هجي تنهنڪري روهي جي پٽن وچ ۾ ٿيل ان ميڙ جو هڪ راز اسان بہ روهيءَ ۾ ٿا دفن ڪريون.

# غريب جي ٻار جا اميراڻا شوق!

هو جڏهن پهريون ڀيرو منهنجي ميزباني ۾ ٿيندڙ هڪ ٽي وي ٽاڪ شو ۾ آيو هو ته پورا ويهه منٽ ميڪ اپ روم ۾ ويهي رهيو. ان دوران منهنجي ۽ هن جي چهري جو ميڪ اپ ته ٿي چڪو هو مگر هن ٻانهن کا روڪي چيو هو ”ڏسو سائين اسان آهيون غريب جا ٻار- مسڪين ماستر جو پٽ آهيان هن عهدي تي پهتو آهيان سڀ وڏيرا سڙن ٿا پر هاڻي مونکي اهو ٻڌايو ته چوٽو ڇاهي پروگرام ۾.“ ان غريب جي ٻار جيڪو هاڻي هڪ اهم کاتي جو وزير آهي ۽ متحده سان لاڳاپيل وزير کي اهڙو سوڙهو ڪيائين جو مون پروگرام هلندڙ بحث دوران بند ڪيو.

ان پروگرام کان پوءِ هن روبرو توڙي فون تي مونکي پنهنجو استاد سڏڻ شروع ڪيو. منهنجي منع ڪرڻ تي هن جو چوڻ هو ته استادن جي عمر ناهي ڏسبي توهان پلي پنهنجو شاگرد نه سمجهو پر توهان منهنجا استاد آهيو. ڪلٽو ملٽو ۽ ڏسٽو وائسٽو اهو شخص ڪڏهن ڪراچي ايئرپورٽ تي، ته ڪڏهن هاءِ ڪورٽ جي احاطي ۾، ڪڏهن هلندڙ جهاز ۾ گڏ سيٽون ملڻ مهل ان جي چهري کي ڏسي آءُ خوش ٿيندو هوس ته واقعي جيڪڏهن پرائمري ماستر جو پٽ پنهنجي اهليت جي بنياد تي هڪ وڏي اقتداري سياسي جماعت جو ضلعي چڱو مڙس ٿي وڃي ٿو ته ان ۾ حرج ناهي. ان غريب جي ٻار جي جڄن جي گهر وارين کي شاپنگ ڪرائي من پسند فيصلا وٺڻ جهڙين چالاڪين جا ذڪر ٿيندا هئا. مگر گهڻا ماڻهو ڪن نه ڏيندا هئا. منهنجي هڪ وڪيل سنگتياڻي ان جي عورتاڻي اسٽائيل کان سڙندي هئي، پر جڏهن شوڪت عزيز پنهنجي وزارت عظميٰ جي دور ۾ ان خاتون جي حسن جي تعريف ڪئي ته هن به ميڪ اپ ۽ هيئر اسٽائيل بدلائي ڇڏيا ۽ غريب جي ٻار سان سڙڻ ڇڏي ڏنو. اهو غريب جو ٻار هاڻي تازو مونکي بار بار تڏهن ياد ٿو اچي جو هن کي سکر ايئرپورٽ تي پي سي او تحت حلف کڻندڙ چيف جسٽس عبدالحميد ڏوگر جي آجيان ڪندي ڏٺو ۽ هن اهو اعلان ڪيو ته چيف جسٽس ڏوگر کي مڪمل پروٽوڪول ڏنو ويندو.

پنهنجي ان غريب جي ٻار وزير کي اقتداري پوتارن ۽ وڏيرن کان به وڌيڪ چالاڪيءَ اسان اهڙو ڪم ڪندي ڏٺو جو هاڻي معزول چيف جسٽس افتخار چوڌري بابت ڪو به پروگرام ڪامياب نٿو ٿي سگهي. منهنجي حيرانگي جو هڪ سبب اهو آهي ته عام چونڊن کان اڳ وڪيلن جي تحريڪ دوران اهو غريب جو ٻار گرفتار به ٿيو هو. لاڙڪاڻو بار کي پوليس جي 3 ڪلاڪ ڪڙو چاڙهڻ کان پوءِ جڏهن هو پنهنجي چيمبر مان نڪرڻ وارو هو ته هن مونکي چيو استاد هاڻي پاڻ ويندا سين سڌو جيل پوءِ جي پارٽ هجيئي. هن معزول چيف جسٽس افتخار چوڌري جي بحاليءَ واري تحريڪ ۾ جيل پوڳيو هڪ رات جيل مان فون ڪيائين ته استاد جيل وارن ظلم ڪري ٿاهي گهاٽ ۾ رکيو آهي. ٻئي ڏينهن ٿاهي

گهات پهتاسين تہ سياسي ڪارڪنن ۽ وڪيلن جا پرجوش گروپ مليا. لڳ ڀڳ سڀني ڪوٺڙين مان بسڪيٽ کائيندا اچي غريب جي ٻار جي ڪوٺڙيءَ تي پهتاسين تہ لاڙڪاڻي جون ٻئي بيڪريون ۽ فروٽ جا ٽوڪرا پيل هئا. غريب جي ٻار کي ڦاسي گهاٽ ۾ مڇرن جي آزار ۽ باٿ روم جي نہ هجڻ جون شڪايتون هيون. ان ئي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ هن ٻڌايو تہ معزول چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ڪيس گهٽو پائيندو آهي. هن سان سنڌي ۾ دعا سلام ڪندو آهي. هو معزول چيف جسٽس مان گهڻو متاثر ۽ پرامید پئي لڳو اهو جج بحال ٿيڻ سان گهڻا مسئلا حل ٿي ويندا. غريب جي ٻار جي ترت رهائي ٿي وئي چونڊون ٿيون حڪومت ٺهي ۽ هو وزير بڻجي پيو. وزير ٿيڻ شرط هن جي وڏي وزير سان ويجهڙائي وڌي وئي. هن پنهنجي عزيزن کي اهم پوسٽ تي لڳرائي ڇڏيو. سموري ڪابينا مان پهرين چاليهن لکن واري گاڏي غريب جي ٻار ڪيڊرائي ۽ گاڏي تي جهنڊو هڻي اچي جسٽس ڏوگر جو استقبال ڪيائين چون ٿا تہ ماڻهن مان جيترين اميدون ۽ توقعات گهٽ رکندو اوترو ئي گهٽ مايوس يا نا اميد ٿيندئو. تنهنڪري مونکي عزيزن جي پوسٽنگ تي اعتزاز ناهي پر ٿيو چاهي، اهو فلمي گانو تہ "ايک چهري پي ڪئي چهري لگا ليتي هين لوگ" ان فلمي گاني جي وڊيو ڪلپ جڻ تہ هاڻي ان غريب جي ٻار جي سرگرمين ذريعي ڏسڻ جو موقعو مليو.

اسان جي غريب جي ٻار سميت ڪابينا جا اڪثر ميمبر ۽ وڏيريون، وزيرن ۽ اقتداري پوتارن تي ڏاڍا ڇوھ ڇنڊيندا رهيا آهن پر هاڻي لڳي ٿو تہ نظريہ ايمانداري اهو وڃي بچيو آهي تہ جيڪڏهن وارو نہ ملي تہ پوتاڙ بچڙا! پر جي پاڻ کي وارو ملي ٿو تہ پاڻ ئي پوتار بڻجي پئون. اسان جي غريب جو ٻار وزير چون ٿا تہ اڳوڻي حڪومت جي پوتارن کان بہ گوءِ کڻي ويو آهي. ڀلا ڪنهن کي اعتراض ڇو هجڻ گهرجي. اسان جي سونهري سنڌ جي ڪابينا ئي ايتري ڀاڳن واري آهي جو ڀلي نگران وزير ٿيڻ لاءِ ڪو رڪشي ۾ چڙهي گورنر هائوس پهچي پر ٽن مهينن کان پوءِ واپس ڳوٺ هو نئين ماڊل جي پجارو ۾ ئي ويندو.

# اي آواره ڇوڪري

لاڙڪاڻي جي "ڏنڏوڙي" عورتن کي اها خبر ناهي تہ سندن حقن لاءِ بہ هانگ ڪانگ ۾ ڪانفرنس ٿي رهي آهي، جتي جسم فروشي واري پورهئي کي غير قانوني قرار ڏيڻ خلاف قرار دادون پاس ٿي رهيون آهن. پر اهي ڏينهن رات محنت ضرور ڪري رهيون آهن. اهي عورتون باقاعده ان بازار ۾ تہ نٿيون ويهن جنهن ۾ هاڻي ڪا ڳاڙهاڻ تہ نہ رهي آهي پر پوءِ بہ خبر ناهي ان کي "ڳاڙهي بازار" ڇو ٿو چيو وڃي؟ ان بازار ۾ سينگار جي سنوارجي منجي رکي موڙي تي چوٽين گيٽر ۾ سگريٽ پيئندڙ ۽ گراهڪ جي آسري ويهندڙ سيڪس ورڪر, سچ تہ انهن عورتن کان بيزار ٿي پيون آهن. جن سندن سوين سال پراڻ اداري ۽ ڪم کي "پرائيويٽائيز" ڪري ڇڏيو آهي. "سچ پڇو تہ هاڻي اسان جون ڇوڪريون بہ رڪشا ڪٽي ڪم جي ڳولا ۾ شهر جي چوراهن ۽ بازارن ۾ ڦرنديون ٿيون وتن. روزگار ۾ اهڙي تنگي اڳ ۾ اسان جي ڪنهن نسل ڪونہ ڏٺي." چار ڏهاڪا اڳ خانيوال کان اچي لاڙڪاڻي جي بازار وسائيندڙ اها ماضيءَ جي خوبصورت عورت ٻڍائي ٿي جيڪا هاڻي بہ هڪ ڪنجوس سيٺ جي سريت بڻيل آهي.

لاڙڪاڻي جي گرمي ۾ ساهہ ٻوساٽيندڙ شامن کان هميشہ ڊڄندڙ ماڻهن کي اهو تہ لاڙڪاڻي ۾ اچي نوڪري ڪرڻ سان پتو پيو تہ اتر سنڌ جي اڀرندي شهري مرڪز جي شام ڪيڏي نہ رنڱين ٿئي ٿي. شام ٿيندي ئي مخصوص طبقو هر اهو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿو جيڪو قانون جي ڪتابن ۽ پوليس ڊائرين ۾ غيرقانوني آهي. رنڱين شيشن وارين ايئرڪنڊيشنڊ گاڏين ۾ سي ڊي پليئر هلائي بيئر سان گڏ هڪ "سنگتي ساڻ ڪٽي هو جڏهن شهر جي اڪيلي اوور هيڊ برج تان لهن ٿا تہ پاڻ کي نيويارڪ پهتل سمجهن ٿا. توهان کي خبر آهي تہ لاڙڪاڻي ۾ ايتري ايڊز ڇو ڦهلجي رهي آهي. اتي جسم فروشي سرعام آهي،جتي پري پري کان ماڻهو چڪر هڻن اچن ٿا. ڪراچي جي هڪ وڏي هوٽل جي لابي ۾ انگريزي اخبار جو صحافي پوري پاڪستان کان آيل صحافين کي بريف ڪري رهيو هو پر حقيقت ۾ شايد ائين نہ هجي، ڇو تہ لاڙڪاڻي ۾ ايڊز رڳن ۾ نشي جون سيون هڻندڙ هيروئنين جي ذريعي ڦهلجي رهي آهي. "ايڊز ويبز جو خير آهي، پاڻ کي گهرجي "سنگت" پوءِ ڇا ٿو ٿئي، ڪنهن مڙي ڏنو آهي؟ هڪ ڪاروباري شخصيت چيو جنهن کي لاڙڪاڻي ۾ ڦريون پيرو وياگرا آڻڻ جو اعزاز حاصل آهي. پر اهو ڪيئي پڪڙجي پيو. سو اجا رپورٽ نہ ٿيو آهي. رپورٽ تہ لاڙڪاڻي جي مقامي هوٽل جي اها گرائونڊ پارٽي بہ نہ ٿي، جنهن ۾ "خواتين" لاءِ اسلام آباد کان اسپيشلي سوئمنگ ڊريسز سرڪاري خرچ تي گهرايون ويون . آفيس ڪيڊر ۾ پهتل هاڻوڪي اولڊ از گولڊ خاتون ان محفل جي جڙ تہ مک مهمان بڻيل هئي. "رڪشائي سيڪس ورڪرز عورتون" رڳو حيدرآباد جي آٽوپان ۽ واڊو واهہ روڊ سان "گشت"

ڪونہ ٿيون ڪنديون وتن پر لاڙڪاڻي جي ريشم بازار، جناح باغ جي آس پاس اهڙيون عورتون وافر مقدار ۾ ملي وڃن ٿيون. هڪ رڪشا واري جو اهو جملو تہ. ”سائين لاڙڪاڻو تہ اسٽائيل ۾ ڪراچيءَ سان ڪلهو ٿو هڻي.“ تڏهن سمجهہ ۾ آيو جڏهن پاڻ کي اسپيشل برانچ جي اهلڪار سڏائيندي هڪ عورت سان ملاقات ٿي. هن چرس ڀريل سگريٽ پنهنجي پرس مان ڪڍي لطيف آباد جي نوجوان ڪاروباري بابت احوال ٻڌائڻ شروع ڪيو. هن پنهنجي ان گهر جي ماڙيءَ تي اها ڪچهري ڪئي، جيڪا شهر جي پوليس سربراه جي گهر کان چاليهہ قدم بہ مشڪل سان پري هوندي سندس پروفيشنل تڪڙ واري انداز کان سخت چڙيل شاعر شايد تڏهن ئي هن کي ڏسي چيو هو تہ
روح تہ جسمن ۾ ملن ٿا
خالي کوکا ڇا ڪبا.

ان سوئمنگ پول جو پاڻي تہ هاڻي سڪي ويو آهي پر هن جي وارن جي چمڪ ۾ آلاڻ اڃان ساڳي آهي. تڏهن تہ اتر سنڌ ۾ ڊي سي مان ڊي سي او بڻجي ويل جهونو عملدار اڃا پنهنجا اڇا وار هن جي مساج ڪيل پيرن هيٺان جهڪائيندو رهي ٿو. انهن محفلن ۾ انهن رنگينن ۾ شايد عجيب ڪشش آهي جو صوبائي وزير بڻجڻ کان پوءِ بہ هو موتي سکر جي ان هوٽل ۾ ترسيو جتي پوسٽنگ ملڻ جي خوشي ۾ هڪ انجنيئر کيس ”ٽريٽ“ ڏني.

پرزا ۾ پميز جي وهان ۾ ان خانو ڪاربيءَ کي ڪيٽن وسارجي جيڪو ڳوناڻي اسٽائيل ۾ پنهنجو ديرو ڄمائي ويٺل آهي. خانو ڪاربيءَ جي ڳوٺ ۾ جڏهن هڪ ايس ايچ او ايڊوانس رقم ڏئي پنهنجي صاحبن لاءِ بڪنگ ڪرائي ويو تہ خانوءَ پنهنجي هڪ جگري يار صحافي کي چيو. ”دنيا وتي ٿي اسان کي ڏونڏوڙي چوندي پر اصل ڏنڏا تہ هي صاحب ٿا ڪن.“ هن جهان ۾ ڀهراڙين جون اهي عورتون بہ ڪاهي پيون آهن. جن کي واڏو خرچ کپي ٿو. اهي ڪارن برقعن واريون نقاب پوش خواتين روزانو اسپتال ۾ ڪجهہ هوٽلن جا چڪر ضرور هڻن ٿيون. لاڙڪاڻي جي هوٽلن جا فيملي رومز اهڙين عورتن سان منجهند ٿيندي ئي ڀرجي وڃن ٿا. اهڙين ڏنڏوڙي عورتن جي اچ وڃ ڏسي ڪجهہ فقيرياڻيون بہ ان راهہ تي هلي پيون آهن. جيڪي ڀهريان خيرات گهري سامهون واري جو رخ ڏسي پوءِ پنهنجو چئنل بدلائن ٿيون.“ سائين منهنجي سروي موجب شهر جي هر هڪ پاڙي ۾ ڪونہ ڪو هڪ گهر اهڙو ضرور آهي، جتي اهي ڏنڏوڙي عورتون رهن ٿيون.“ هڪ باريش ۽ سرگرم ڪاروباري اڳواڻ چيو. هو شروع ۾ جڏهن پنهنجي اها سروي ٻڌائي رهيو هو تہ مون کي يقين نہ ٿيو تہ ڪو هي بزرگيءَ جهڙو ڏيک ڏيندڙ شخص بہ ان لمس واري لپيٽ ۾ آيل هوندو.

اها اڌڙوٽ عمر واري عورت شهر جي سمورن شونقينن کي سڃاڻي لڳي، جيڪا هر ماڻهو سان ابا پٽ ڪري پنهنجائپ ۾ ڳالهائيندي ڊيل ڪري ٿي، ”تہ ابا هاڻي توهان ٻچن سان ڪهڙو ڪوڙ ڇوڪري تہ نئين آهي، پر آئي اڃا اڄ آهي حيدرآباد کان“ هن راشي کاتي جي ڪلارڪن جي هڪ گروپ کي چيو.

جيڪي چندو ڪري هر مهيني جي پهرين تاريخن ۾ اها محفل ائين مچائيندا آهن. جڻ مٿن ڪو فرض عائد ٿيل هجي. ڏنڌوڙي عورتون ڇوڪرين جي هر گروپ ڪي ائين پنهنجي ڪمرن ۾ رهائن ٿيون. جيئن افغاني مزدور ڪراچي جي دڪانن ۾ رهندا آهن. اڏڙوٿ عمر ڪان پوءِ اهڙو ڪاروبار شروع ڪندڙ عورتون گهر جو هڪ ڪمرو سنگل بيڊ. صوفن ۽ ڪارپيٽ سان سجائي اي سي لڳائي هر هڪ شيءِ جي چارج ونڻ شروع ڪن ٿيون.“ موبائيلن به ڪم خراب ڪري ڇڏيو آهي. ڇورين جا ڊائريڪٽ رابطا ٿي وڃن ٿا ته اسان کي ڪنگهن ئي ڪونه ٿيون.“ لاڙڪاڻي ۾ هڪ اخباري آفيس جي نالي ۾ ڏنڌو هلائيندڙ بظاهر معزز شخصيت چيو. اها تنبيهه به انهن آواره عورتن کي جڻ پذيرائي ٿي لڳي ته:
اي آواره ڇوڪري
ڏکيا لڳندئي ڇوڪرا.

# حمام..........!

اها گرل فرينڊ ۾ جولي جهڙيون تڪراري انڊين فلمون اچڻ کان گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن آءُ انڊس هاءِ وي تان ڪي اين شاه کي ڪراس ڪري ڪنهن پرپاسي واري ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هئس. ٽيڪسي ڊرائيور هونئن ته خاموش هيو پر جڏهن پنهنجي هڪ واقفڪار کي مونکان پڇڻ کان سواءِ ئي لفٽ ڏنائين ته هو به ٽانگي وارن جيان حوالن ۾ لڙهي ويو. منهنجي ڪن لاتار ڪرڻ باوجود هو مسلسل ڪچهري ڪندا رهيا. سندن ڪچهري جڏهن اعتراض جوڳين فلمن بابت شروع ٿي ته مون پنهنجي ڪن لاتار جو سلسلو بند ڪيو. ”ڪالهه ڪٺي ويس وي سي آر. گهر بار ته به فلمون ڏسي سمهي پيا مون جو ”اصلي“ فلم ڪڍي پاڻ واري مائي کي به ڏيکاري ته اها صفا بگڙي پئي ابا اصل جهيڙو گهر ۾ وجهرايو هيئي؟“ سانوري رنگت واري پرپيل بدن جي مالڪ ٽيڪسي ڊرائيور پنهنجي دوست کي چيو ۽ پنهنجي ڊرائيونگ جهڙي لاپرواهيءَ وارو ٺهڪ ڏئي هن کان پڇيائين ”تو ڪيئن هيرايو اٿس. مون کي ته اصل موچڙا پئي هڻي“. ڪجهه ئي سال اڳ ٽيڪسي ڊرائيور ۽ سندس دوست جي اها گفتگو ٻڌي آءُ ڪيترائي ڏينهن ان اچرج ۾ ورتل هئس ته سنڌي سوسائٽي ۾ هاڻي اهي فلمون عورتن کي به ڏيکاريون وڃن ٿيون. جيڪي شهرن ۾ پابندي پيپل شراب جي بوتلن جيان ورن ۾ وجهي لڪائي ڪنيون وينديون هيون. اها اسي واري ڏهاڪي جي انهن آخري سالن جي ڳالهه آهي جڏهن وي سي آر جو ڪاروبار عروج تي پهتل هوندو هو. شهري ڇوڪرا ته ڪمرو بند ڪري اعتراض جوڳين فلمن واريون ڪيسٽون مزي سان ڏسندا رهن ٿا پر مڙندا ٻهراڙين جا اهي شوقين به ڪونه هئا. جيڪي وي سي آر ٽي وي ۽ وڊيو ڪيسٽن واري سموري سيٽ کي ڳوٺ جي مريض جيان گڏهه گاڏي ته ڪٺي ويندا هئا. ۽ ڪارنر گڏجاڻي جهڙن اجتماعن ۾ فلمون ڏسندا هئا. جڏهن اميتاڀ ۽ ڌرميندر جون فلمون ختم ٿينديون هيون ته وي سي آر جو انچارج ننڍن ڇوڪرن کي اوطاق مان اهو چئي ڪڍي ڇڏيندو ته هاڻي وڏن واري فلم هلندي پوءِ ويهي اسان غريباڻي حال واريون ڪپڙن لاں آجيون فلمون ڏسندا هئاسين. هڪ يونيورسٽي ۾ پڙهائيندڙ شخص پنهنجي ڳوٺ جون يادون اوريندي چيو انٽرٽينمينٽ جي دنيا ۾ جيئن زمانو بليڪ اينڊ وائيٽ کان ترقي ڪري رنگين بڻيو تيئن ئي اهي تڪراري فلمون وڊيون ڪيسٽن کان ترقي ڪري وڊيو سي ڊيز تائين پهتيون آهن. هي سي ڊيز اڪيلائي ۾ ڪير ڪهڙي جوڙ سان ڏسي ٿو اهو ته ذڪر ٿورو اڳي هلي ڪريون ٿا پر انهن سئنيمائن جو ڇا ڪجي جن جو هاڻ گذارو ئي فحش فلمون هلائڻ تي وڃي بچيو آهي. ايم اي جناح روڊ ڪراچي واري پرنس سئنيما تي هڪ صوبائي وزير جي سربراهيءَ ۾ لڳل ڇاپو ته ڪهاڻي اجا اڳتي وڃڻ طرف اشارو ڪري ٿو. صبح جو يارهين وڳي سئنيما اسڪوپ پردي تي هلندڙ فحش فلمن دوران اهڙين عورتن جي فراهمي جن مثان زندگيءَ ۾ هڪ ئي فحش اشارا ڪرڻ وارو ڪيس بار بار لڳندو آهي. سئنيما تي ڇاپو هڻندڙ صوبائي وزير توڙي پوليس عملدارن جو ڏيان سئنيما

اندر هلندڙ انهن عورتن واري ڪاروبار طرف هو. تنهنڪري شايد ڪين فحش فلمن جا ٽوٽا نظر ئي نہ آيا. اهوڇاپو اهڙي تہ دڪتي رڳ تي هٿ برابر هو جو لنڊن ڪان بہ فونون کڙڪڻ لڳيون ۽ ڇاپي دوران موجود پوليس عملدارن ڪان صوبائي وزير جي پيسا وٺڻ يا نہ وٺڻ بابت پڇائون ٿيون. ”ڪراچي جي هڪ مخصوص سئنيما تي ڇاپو هڻندڙ صوبائي وزير ڪان سنڌ جون اهي 50 ڪان وڌيڪ سئنيمائون ڇو ٿيون وسرن, جيڪي هاڻي فحاشي جا ڪليل اڏا بڻجي چڪا آهن, جتي عورتون تہ ڪٽي فراهم نہ ٿيون ٿين, پر فحش فلمون ڏينهن ۾ ٽي دفعا ضرور هلن ٿيون. ”ڪنهن زماني ۾ پرنس سئنيما ڪي پنهنجي حدن اندر هلائيندڙ هڪ اڳوڻي ٺاٺيدار ڇيو هن وڊيو سي ڊيز جي مرڪز ريمبو سينٽر ۽ ڪراچي جي فلم ڊسٽريبيوٽر جو بہ ذڪر ڪيو جيڪي هاڻي فحش فملون فراهم ڪرڻ جا اهم مرڪز بڻجي پيا آهن.

سالن ڪان ٻاهرين دنيا ڪان ڪٽيل ۽ بند پيل اهڙي سنڌي سوسائٽي جتي تعليم جي شرح تمام گهٽ ۽ غربت جي شرح ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هجي. اهڙي سماج ۾ ميڊيا جي گهڻ پاسائين يلغار اهڙو تہ طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي جتي روايتي اخلاقي قدر ساموندي طوفان ۾ پرزا ٿيل هوڙهن جيان لڳن ٿا. جن جو طوفان گذري وڃڻ ڪان پوءِ بہ پرزو پرزي سان نہ ملندو هجي. فحش فلمن بابت پهريون عوامي بحث ٻڌائيندڙ اهو ٽيڪسي ڊرائيور ۽ اهو گهٽن ڏينهن وارو اڄرج تڏهن هميشہ لاءِ ختم ٿيو جڏهن فيملي پلاننگ واري اها ليجنڊري خاتون ملي جيڪا پنهنجي حلقہ احباب ۾ اڌڙوٽ عمر هئڻ جي باوجود اڄان بہ ”مس ميڊونا“ طور مشهور آهي. ”منهنجي مڙس ڪي هوندو هو سي ڊيز جو دڪان, روزانو رات جو ڪا اهڙي سي ڊي ضرور کنيون ايندو هو پهريان تہ مونکي بہ ڇڄان وٺندي هئي پر پوءِ ٻيئي شوق سان ڏسندا هئاسين.“ مس ميڊونا ٻڌايو ۽ وڌيڪ چيو تہ ”آڻيندو تہ هو جانورن واريون بہ سي ڊيز هو پر اهي تہ ٿيا ڪافر, اهي ايئن ڪري سگهن ٿا پر اسان پنهنجو ايمان ڇو خراب ڪريون.“

هن پيريل سگريٽ مان آخري سوٽو هڻندي چيو. قانوني ڪتابن ۽ اخلاقي دائرن ۾ تہ انهن ڪي اعتراض جوڳيون/ فحش فلمون چيو وڃي ٿو پر هر شهر جي هر سي دي ڪارنر وٽ انهن جا نالا مختلف آهن ڪي انهن ڪي غريبن واري فلم تہ ڪي جوان ڪرڻ واري سي ڊي چون ٿا. ڪجهہ همراهہ ان ڪي چاڪليٽ تہ ڪجهہ وري ان ڪي اصلي سي ڊي سڏين ٿا. سکر ۾ سي ڊيز جو ڪاروبار ڪندڙ دوست اتر سنڌ جي هڪ معتبر صوفياڻي درگاهہ جي نوجوان گادي نشين جو ساڻس فحش فلم واري سي ڊي سڻي نہ هجڻ تي جهيڙو ٿيو. ”صبح جو اچي هن چيو هي تہ صفا بيڪار آهي سائين هن ۾ مزو ناهي.“ مون بہ بخيل ٿي چيو مانس سائين اسان سي ڊي تائين ٻڌل آهيون, باقي فلم جي هيروئن سڻي آهي يا نہ اسان جو ان سان ڇا“ سي ڊي دڪان تي احتياط سان اهڙيون سي ڊيز هلائيندڙ دڪاندار چيو. اهو قصو وري ڪنهن ٻئي واري تہ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن ڪان وٺي سي ڊي سي او سطح ها عملدار ڪيئن سي دي سليڪشن دوران ڪا جوان بنائڻ واري شئي چٽي پنهنجو ارادو دڪاندار ڪي ٻڌائين ٿا. پر انهن عورتن جو قصو ڪير بيان ڪري جيڪي بظاهر مجرن جون سي ڊيز وٺن ٿيون , پر انهن لاهور

مجرن جي سي ڊيز جي جهرمٽ ۾ هو هڪ اڌ سي ڊي اهڙي بہ ڪٽي وٺن ٿيون جنهن کي زمانو اعتراض جوڳي فلم چئي ٿو.

فحش فلمن جو سيلاب صرف سئينمائن ۽ سي ڊيز تائين محدود ناهي پر هاڻي اڪثر شهرن جا ڪيبل آپريٽرز بہ ان ۾ نهايت سرگرميءَ سان هٿ ونڊائي رهيا آهن هر رات ٻارهين وڳي کان پوءِ ڪجهہ انڊين چينلز بند ڪري نام نهاد ”لو اسٽوريز“ وارا چينلز هلائيندڙ انهن آپريٽرز کي پنهنجي ايريا مان ”رات جي ڪاروائي بابت ڪا بہ شڪايت نٿي اچي. اسان جي ايريا ۾ فيشن ٽي وي تہ 24 ڪلاڪ هلي ٿو پر رات جو دير سان پلي بواءِ بہ هلائي ڇڏيندا آهيون. شڪايت تہ ڪا بہ نٿي اچي جنهن رات اهو چئنل نٿا هلايون تہ ڪيتريون فونون اچن ٿيون. جنهن ۾ عورتن جون بہ فونون هونديون آهن تہ اجا اهو چئنل ڇو نٿو هلي.“ لاڙڪاڻي ۾ هڪ وڏي پارٽي کي سالن کان ڪيبل سپلاءِ ڪندڙ ڪيبل آپريٽر ٻڌايو. ڪراچي ۽ لاهور جهڙن وڏن شهرن جي ڪجهہ علائقن ۾ تہ هر آچر رات کان اڳ اهو اطلاع هلايو وڃي ٿو تہ فلاڻو چئنل فيملي سان نہ ڏسندا. اهو انهن ڪيبل آپريٽرن جو سنڌي شو سڏيو وڃي ٿو. جنهن کي خاموشي سان هزارين ماڻهو قبول ڪري رهيا آهن.

عريانيت جو اهو گهڻ طرفو نماءُ اسان جي سماج کي هوس پرستي جي اهڙي ڏهڻ طرف ڌڪي رهيو آهي، جنهن جي ٿوڙي جهلڪ ڪراچي جي انهن نيٽ ڪيفيز مان ملي ٿي جتي ڇوڪرا پنهنجين گرل فرينڊز سميت اچن ٿا ۽ ڪيفي جي ڪيبن اندر نيٽ بدران پنهنجي جسم کي استعمال ڪن ٿا. ڪراچي جي انهن انٽرنيٽ ڪيفيز ۾ هلندڙ جسم جي اهڙي جهان جون جهلڪيون مختلف ٽي وي چئنلز تي بہ اچي چڪيون آهن. ٽي وي چئنلز تي آيل اهڙين وڊيو ڪلپز منجهان جيڪي سين سينسر ڪيا ويا اهي مختلف فحش ويب سائيٽس تي فراهم ڪيا ويا.

ڪليل ذهن ۽ ڪليل جسم واري هن دنيا اندر اهو تہ شايد ڪو مونجهارو نہ بہ هجي پر اسان لاءِ مشڪل مرحلو ضرور آهي ڇو تہ اهو سڀڪجهہ ڪٿي ٻئي هنڌ نہ پر ان اسلامي جمهوري وطن اندر ٿي رهيو آهي جتي اسلامي اخلاقي قدرن ۽ پاسداريءَ جا روزانو نہ ڄاڻ ڪيترا قسم کنيا وڃن ٿا. اهو مسئلو ڏينهنون ڏينهن سنگين ٿيندو پيو وڃي شايد تڏهن ئي سرحد جي مذهبي اڳواڻن واري حڪومت عرياني ۽ فحاشي جي روڪٿام لاءِ ائين هڪ الڳ ايس پي مقرر ڪيو آهي، جيئن پاڻ وٽ انويسٽگيشن ۽ آپريشن جا ڊي پي اوز الڳ ٻڌيل آهن. سرحد حڪومت جو تازو عمل ۾ آندل اهو فيصلو ان ڪري بہ دلچسپ لڳي ٿو جو پاڪستان ۾ ڪيترائي شوقين عريانيت جي شروعات پشتو فلمن کي سڏين ٿا. سئنيمائن تي لڳندڙ ڇاپن ۽ سرحد حڪومت جي فيصلن کان هٽي ڪري جيڪڏهن عام خلق جي اک سان ڏسجي تہ اهڙين فلمن حوس پرستيءَ جو هڪ ڄار جوڙي ورتو آهي. جنهن ۾ نسل در نسل ماڻهو ڦاسندا وڃن ٿا. اها وڌندڙ حوس پرستي ئي آهي جڳ رات جو عريان فلمون ڏسي اٿندڙ ماڻهن کي رڪشا ۾ اڪيلي ويندڙ هر عورت وئيشا لڳي ٿي. ان حوس پرستيءَ جي سماج اندر اهڙي تہ

ڪشمڪش هلندڙ آهي، جو بازي ڪنهن هڪ پاسي ٿي نہ ٿي سگهي. هڪ طرف سئنيما، سي ڊيز ۽ ڪيبل جا ليٽ نائيٽ وارا چئنلز سالن کان هڪڙو نسل تيار ڪري رهيا آهن ٻئي پاسي عريانيت جي ان نمائش کي روڪڻ لاءِ ڪوبہ ادارو ڪا اٿارٽي نہ هجي تہ پوءِ سکر جي ستين ڪلاس واري شاگردياڻي صائمہ ابڙو جهڙا ڪيس تہ ٿيندا رهندا. حوس پرستيءَ جي اهڙي ماحول ۾ جيئڻ حيدرآباد جي نوجوان کي هوش نٿو رهي تہ معصوم ٻارڙي اجان 5 سالن جي آهي تيئن ئي سکر جي ٽولي کي ڪو خيال نٿو رهي تہ صائمہ اجان معصوم آهي. ٻنهي واقعن ۾ متاثر نياڻيون جن جي خلاد دانهين ٿيون، انهن جو اکيون حوس سان ڀريل ۽ حياءُ کان خالي ملن ٿيون، پر اهو سڀڪجهہ آخر ڪيستائين هلندو؟ ذهن ۾ اوچتو اڀري آيل ان سوال في الحال لکڻ کان روڪي ورتو آهي. پريشان ڪندڙ ان سوال جو جواب اجان تائين نہ ملي سگهيو.

# اسان گورگ جي خاموشيءَ ۾ ڇا پئي ڳوليو؟

گورگ طرف وڃڻ لاءِ جيڪو جبل جهاڳڻو پوي ٿو ان جو هوندئن تہ هر پيچر، گس ۽ گهٽ گهيڙ کو آسان ڪونهي، پوءِ بہ سڀني کان خطرناڪ هنڌ ”خارو لڪ“ آهي، جتان جبل جي چوٽي ڪي ڪٽي هڪ سرنگهہ نما پيچرو ڪڍيو ويو آهي، جنهن جي ڇٽ ڪليل آهي. ان ڏينهن واهي پانڌي کان ٻاهران سر سبز زمين منجهان ٿيندا، جڏهن اسين پهاڙين جي پاڇي ۾ پهتاسين تہ شام ٿيڻ جا سانباها شروع ٿي چڪا هئا،پر اسان جو پنڌ سو بہ اڙانگو اڃا 2 ڪلاڪ باقي هو. اهو پنڌ ڪٽائڻ لاءِ توڙي جو گاڏيءَ ۾ استاد محمد جمن جي ڪيسٽ هلي رهي هئي، پر ان جي باوجود سڀني جون نظرون انهن پهاڙين طرف ڪڄيل رهيون، جيڪي فطري رنگ استعمال ڪندڙ ڪنهن آرٽسٽ جي پينٽنگز جيان نوان نياپا ڪٽي نروار ٿي رهيون هيون.

انهن پهاڙي منظرن جي خوبصورتي تي ڏپ ۾ تڏهن تبديل ٿي جڏهن گاڏي جابلو چاڙهين جي اوچاين ۽ لاهين جي اونهارين کي ڇهڻ شروع ڪيو. خوفائتي خاموشيءَ تہ ”خارو لڪ“ وٽ اچي ورايو جتي لڳ ڀڳ چار هزار فوٽ واري بلنديءَ تي پهچي سوڙهي رستي تان لڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گاڏيءَ موڙ ڪاٽيو ان موڙ کان سڌي رستي سرنگهہ ۾ اچڻ لاءِ ڊرائيور گاڏيءَ کي ٿورو پوئتي ڪيو سنگدل پهاڙن مٿان نهيل ان پيچري تي گاڏيءَ کي ريورس ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي ڪونہ هئي. ڊبل ڪيبن گاڏيءَ جي پوئين حصيءَ ۾ ويٺل هڪ ڊولڪ نواز تہ ٽپو ڏئي پنهنجي پر ۾ پنهنجو سر پئي بچايو. پر ٻئي همراهہ ڪيس سوگهو ڪري ورتو اهڙي خطرناڪ چاڙهيءَ وارو موڙ گذارڻ کان پوءِ هر ڪنهن شڪرانا ادا ڪيا.

جنهن روڊ سان اسين گورگ طرف وڃي رهيا هئاسين اهو روڊ جڏهن تعمير نہ ٿيل هو. تڏهن اڪثر سرڪاري ڪامورا ۽ سرڪاري ڪارندا فيضو آلڪاٽي جي اٺ جون خدمتون حاصل ڪندا هئا. پهاڙن جي ئي پنڌ ۾ جڏهن سج صفا لهڻ لڳو تہ ”آئون نہ گڏيس پنهونءَ کي تون ٿو لهين سج.“ واري ڪار هئي. سج لهڻ کان پوءِ جبلن ۾ هڪ پراسرار خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. جنهن کي ڪڏهن اسان جا ٿڪ ئي وڃي توڙين ٿا.

جڏهن اونداهي هر طرف ڇانئجي ويئي تہ اسان بہ وڃي گورگ هل اسٽيشن جي انهن ٻن ڪمرن تائين پهتاسين، جن مٿان سرڪاري ريسٽ هائوس هئڻ جو الزام آهي. لاڙڪاڻي دادو ۽ جوهيءَ مان تہ اسان گرمي گرمي ڪندا گاڏين ۾ اي اسي هلائيندا پئي وياسين، پر گورگ هل اسٽيشن پهچڻ شرط ٿيلهن مان سرديءَ کان بچڻ جو سامان نڪري پيو. هر ڪنهن کي جئڪيٽون، سوئيٽر ۽ گرم لوين ۽ مفلر ويڙهجي ويا. ڪچهري باهہ جي مچ تي انهن ڪمرن اڳيان متي، جتي ڪڪڙ ۽ ڇيلي جي گوشت جا دور بہ هليا پر ٿڌ ۾ اضافو ٿيندو رهيو ۽ اسان وڃي انهن ڪمرن جو ورانڊو وسايو. جيڪي هنگامي بنيادن تي تڏهن تعمير ڪرايا ويا هئا جڏهن تڏهوڪي وزيراعظم نواز شريف هن جبل تي اچي رات

رهڻ جو پروگرام ڏنو هو. هاڻي جلاوطن زندگي گذاريندڙ پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم جي پروٽوڪول ۾ اهو فيضو الڪاٽي بہ شامل هو جيڪو جبلن ۾ وڌندڙ ترقياتي ڪم ڏسي اهي سيئي جبل پنهنجي ملڪيت تصور ڪري ٿو. "اسان جو ابن ڏاڏان کان هتي رهون ٿا تہ نيٺ اهي جبل بہ اسان جا ٿيا نہ سائين." وڏن شهپرن وارو اهو فيضو آلڪاٽي ٻڌائي ٿو جيڪو سنڌي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ بہ گورگ تي تعميراتي ڪم شروع ٿيڻ کان پوءِ سکيو آهي. ڪجهہ وڏن وزيرن، وزيراعظم ۽ وزيرن جي پروٽوڪول ۾ رهڻ سبب فيضو آلڪاٽي هاڻ پنهنجي راڄ ۾ ائين اڻ چونديل چڱو مڙس آهي، جيئن پنهنجي ملڪ جا حڪمران هجن. مستقبل ۾ فيضو آلڪاٽي گورگ هل اسٽيشن جو شايد باقاعده اهڙو گائيڊ هجي جهڙو ننگر پارڪر وارو جهونو ڪوسو.

فيضو آلڪاٽيءَ جي هڪ ڳالهہ تي سيني کان ٿڪ نڪري وڃن ٿا جڏهن هو صوبيدار ڪي اٺ تي ڪٺي اچي خارو لڪ پهتو "اسان جا ابا ڏاڏا سپاهين کي ڏسي هي جبل ڇڏي ٻئي جبل تي چڙهي ويندا هئا پر جڏهن خاور لڪ تان ترڪي صوبيدار هيٺ ڪري رهيو هو تہ ڪيس ڪلهو ڏيئي اڳتي ڪيم ۽ رات جو ڳوٺ اچي شڪرانو ادا ڪيم تہ جنهن پوليس کان اسان جا ابا ڏاڏا ڀڄندا هئا. ان کي اڄ فيضو پاڻ ڪلهو ڏيئي بچايو آهي."

فيضو ۽ سندس پيائر جبلن جي اوٽ ۾ جهوپڙيون ناهي نسلن کان دنيا جهان کان ڪٽيل ويٺا آهن. انن ۽ خچرن تي هيٺ لهي جڏهن سيڌو سامان وٺڻ ويندا هئا تہ ڪين واهي پانڌيءَ تائين 2 ڏينهن پنڌ ۾ لڳي ويندا هئا. هڪ عجيب ڳالهہ فيضوءَ اها بہ ٻڌائي تہ جبلن ۾فاصلا طئہ ڪرڻ ايترو اڙانگو ڪم آهي جو ڪڏهن فوتگيءَ جي صورت ۾ ميت کي اڳ ۾ ئي دفنائي ڇڏيندا آهن. سندس جنازي نماز بعد ۾ پڙهندا آهن، جڏهن ٻئي جبل تان مولوي کي وٺي اچن. اهڙي ڏکي زندگيءَ سبب هر گهر ۾ هڪ ڪفن احتياط طور هميشہ پيل رهي ٿو. فيضو ان ريسٽ هائوس اڳيان ٻڌائي رهيو هو جتي هاڻي بجلي بہ پهچي چڪي آهي ۽ واٽر سپلاءِ جون لائنون وڇائجي رهيون آهن. ان ڪري امڪان اهي ئي آهن تہ فيضو آلڪاٽي جي نسل کي هاڻ وڏيڪ تبديليون ڏسڻيون پونديون. ڪيئن چئجي تہ هاڻي هي جابلو ماڻهو سياحن جي اها رش نہ ڏسندا جيڪو هنن لاءِ وڏو هجوم هوندو. جڏهن وراندي ۾ عاشق نظاماڻي محفل کي گرمايو وينو هو تہ آئون گرم لوئي ويڙهي ڪجهہ وقت لاءِ ٻاهر نڪري آيس جتي آسپاس جي پهاڙن تي خاموش سردي ڇانيل هئي ۽ ماحول ڪجهہ اهڙو هو جيئن:

چنڊ اپ ۾ رلي رهيو آ

شهر سارو سمهي رهيو آ

اها خاموشي رڳو جبلن کي ئي نہ پر مستقبل واري سنڌ جي هن ٿڌ تفريح گاه تي آيل هل هنگامي کي بہ ورائي وئي ۽ آهستي آهستي سموري پارٽي ڪونگهرن ۽ ننڊ جي جستجو ۾ هلي وئي. ٻن اڍائي ڪلاڪن جي ننڊ کان پوءِ جڏهن منهنجي اک کلي تہ هر طرف سانت هئي هڪ خوبصورت لڳندڙ

خاموشي ان خاموشيءَ جي سرگوشي ٻڌڻ لاءِ آئون آسپاس جي انهن پهاڙن طرف هليو ويس. فيضو کي سندس وڏڙا ٻڌائي ويا هئا تہ هڪ انگريزياڻي گهوڙي تي چڙهي آئي هئي، جيڪا ڪيترائي ڏينهن هنن سان جبل گهمي واپس هلي ويئي هئي. ڪيس هتان جا آلڪاڻي اڄ بہ گهوڙي واري راڻيءَ جي نالي سان ياد ڪن ٿا. گورگ جي هن خاموشيءَ ۾ ٻڌ جا ڪي پڪشو هجن. جن کي گيان ۾ هتي ڪو رخنو محسوس نہ ٿيندو. ڇو تہ عجيب ڳالهہ اسان جي ان عجيب دوست بہ محسوس ڪئي . جيڪو اهڙي ٽڏ ۾ بہ ٽي شرٽ ۾ ڇڊو پائي ويٺو ان اهو محسوس ڪيو تہ گورگ تي ڪنهن بہ پکيءَ جي ٻولي يا جانور جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. هر ڪنهن گورگ جي خاموشيءَ ۾ ڪجهہ ضرور ڳوليو هوندو. اسان تہ محبوب ديس جي اهڙي وٽندڙ منظر تي بس چند سپنا ئي ياد ڪري سگهياسين. سپنا بہ اهي جيڪي پيا هجن سڙي.

”گهٽو وقت اڳ پيا هئا سپنا سڙي،

اڃان تائين پنهنجيون ڪرن ٿيون اکيون.

ڇمڻ بعد جيئن ئي کلن ٿيون اکيون،

سڄي عمر پوءِ بس رلن ٿيون اکيون.“

# خواهشون، کي معصوم کي قاتل

شهدادپور پرسان بقا ڏاهري ڳوٺ جي فضائن ۾ اڄڪلھ ان فضا ڏاهري جو ذڪر عام هلي رهيو آهي، جنهن پنهنجي مڱيندي خادم ڏاهري سان پيار جو پرڙو ڪرڻ خاطر پنهنجو اباڻو گھر ڇڏيو. ارڙهن سالن جي فضا کي اها خبر ته هرگز ڪونه پئي ته هوءَ جڏهن پيار ۾ پرڙن جي چڪر ۾ پنهنجو گهر ڇڏيندي ته سندس والد هي جهان ئي ڇڏي ويندو ۽ ڪيس ان جو آخري ديدار به نصيب نه ٿي سگهندو. ريٽائرڊ ماسٽر جي غريب نياڻي پنهنجي چاچي اسلم ڏاهري جي ارادن ۾ ظلمن کان تنگ ٿي (جيئن هن پاڻ مقامي عدالت ۾ ٻڌايو) ان نوجوان سان هلي وئي، جنهن کي سندس پيءُ رشتو ڏيڻو ڪيو هو پر اهو چاچو سندس راه ۾ رڪاوٽ بڻيل هو. جنهن جي گهر ۾ هو رهندا هئا. پيار جي پرڙن جي دنيا کان واقف ماڻهن کي اهو اندازو چڱي طرح هوندو ته اها راه ڪيڏي نه عذابناڪ آهي. فضا جي حصي ۾ آيل ان عذاب ۾ وڏيڪ اضافو تڏهن ٿيو جڏهن عدالت جي احاطي ۾ ڪنهن مايوس مائٽ اچي ڪيس پيءُ جي خودڪشي جي خبر ٻڌائي. ان وقت تائين عدالت ڪيس پوليس حوالي ڪري چڪي هئي ۽ پوليس ڪيس دارالامان حيدرآباد پهچائڻ جا انتظام ڪري رهي هئي ته ڪورٽ احاطي ۾ ئي فضا اوچنگارون ۾ پئجي ويئي. فضا جيڪڏهن پنهنجي ٻُرن توڙي پلن پيئرن سان پيار ڪندڙ چوڪرين مان هڪ آهي ته ڪانئس اهو لمحو ۽ اها ڪورٽ ڪڏهن به نه وسرندي، جتي هوءَ خوشين جي سفر واري ابتدا جي اجازت گهرڻ آئي هئي پر ڪيس پيءُ جي آخري ساه ڪٽڻ جي خبر ملي. شهدادپور کان حيدرآباد ڪو ايترو به پري ناهي. پر سڏڪندڙ فضا جڏهن پوليس موبائيل ۾ اهو سفر پئي ڪيو ته هن لاءِ اهو طويل ترين سفر ٿي پيو هو. ڇو ته سندن منٿن جي باوجود پوليس ڪيس پيءُ جو آخري ديدار ڪرڻ جي به اجازت نه ڏني هئي. ڪي گهڙيون ۽ ڪي عمل ڪڏهن ڪڏهن انسان لاءِ عمر ڀر جو پڇتاءُ بڻجي پون ٿا. جيئن انديا کي آزادي ڏياريندڙ اڳواڻ مهاتما گانڌي لاءِ اهو لمحو عمر ڀر پڇتاءُ جو سبب بڻيو رهيو جنهن لمحي هو پنهنجي زال سان همبستر هو ۽ سندس پيءُ آخري هڏڪيون ڏيئي رهيو هو. نوڪرياڻي پاران بار بار سڏڻ جي باوجود به جڏهن هو نه ويو ته آخري اطلاع ڪيس پيءُ جي گذاري وڃڻ وارو مليو. جنهن گانڌيءَ کي ايترو ته ڏوڙي ڇڏيو جو هن 35 سالن جي جوان عمريءَ ۾ ئي زال کي واضع ٻڌائي ڇڏيو ته هاڻي جنسي تعلق ختم آئنده اهڙو عمل نه ڪبو.

خبر ناهي شهدادپور جي فضا پنهجي پيءُ جي خودڪشي جو ذميوار پنهنجي پيار ۾ پرڙي کي ئي سمجهي يا ان چاچي اسلم کي جنهن پاران ڌڪا ڏيئي گهران ڪيڻ کان پوءِ هن وڃي خودڪشي ڪئي، هونئن ته مري ويلن سان ڪي شڪايتون نه ڪبيون آهن. دستور به اهوئي آهي ته روايت به اهائي، پر هڪڙي ڳالھ ايوب سان هر ڳوٺائي ڪرڻ پيو چاهي ته خواهشون صرف پيءُ ماءُ جون نه، پر اولاد جون به ٿين ٿيون. ريٽائرڊ ماسٽر ايوب غريبي حال هوندي به ڪجھ سال اڳ هڪ عيسائي طلاق

يافته عورت سان شادي ڪئي جنهن کي هڪ جوان ڌيءُ به ساڻ هئي، چيو وڃي ٿو ته ايوب جي ننڍي ڀاءُ اسلم جي خواهش هئي ته هو ان ڇوڪري سان شادي ڪري جنهن جي ماءُ سندس وڏي ڀاءَ جي گهر واري بڻجي چڪي هئي، ايوب جي انڪار کان پوءِ ڀائرن ۾ ڪجهه فاصلا وڌيا. چون ٿا ته فضا ۽ خادم ڏاهري جي پرڻي ۾ هوئڻ ته ايوب به ايترو راضي نه هو پر ڪجهه وقت اڳ ٿيل حادثي سبب هو جڏهن معذور ٿي اسپتال پهتو ته ان نوجوان خادم پنهنجي نالي جهڙي هن جي خدمت ڪئي. جنهن کان متاثر ايوب ڪجهه راضي به هو پر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ کيس ٻڌائڻ کان سواءِ وڃي ڪورٽ ۾ پيشي ڪئي. جنهن تان ڪاوڙجي ننڍي ڀاءَ وڏي ڀاءُ ايوب کي گهر مان ئي ڪڍي ڇڏيو. شايد مايوسي ۾ ايوب ڏاهري پنهنجي سالي جي گهر وڃي جيت مار دوا پي خودڪشي ڪري ڇڏي. سندس خودڪشي جو ذميوار ڪجهه ماڻهو سندس ننڍي ڀاءُ اسلم کي قرار ڏين ٿا ۽ ڪجهه ماڻهو فضا کي حقيقت ۾ ٻنهي جون معصوم خواهشون ريٽائرڊ ۽ معذور ايوب جي قتل جون سبب بڻيون. اهي ماڻهو جيڪي سرد پٿر جهڙن قاتل روين جي ڪري پنهنجو موت پاڻ مري وڃن ٿا. انهن جي قتل جي ڪا به ايف آءِ آر ڪنهن به خلاف نه ڪٽي ويندي آهي. ڇو ته اهڙن ڪيسن ۾ مارڻ واري کان وڌيڪ مرڻ واري جو قصور هوندو آهي ان ڪر ي اهو ڪيس به ايوب خلاف داخل ٿيو هوندو ته هو پنهنجي ڀاءَ ۽ نوجوان ڌيءُ جي روين کان دل ڇو هاري وينو.

دل ته موري جو اهو مسيحا جوڙو به هاري وينو آهن، جن جي شادي موري پرسان سولنگي ذات جي ڪجهه فردن لاءِ دنيا جو اهم ترين مسئلو بڻيل آهي. عراقي ۾ آمريڪي اقتدار جي منتقلي ٿي نهي وڃن. يا انڊيا پاڪستان ائٽمي هٿيارن بابت معاهدا ڪرڻ لڳن. پر موري جي چند ماڻهن لاءِ ڊاڪٽر آمنت سولنگي ۽ ڊاڪٽر مصطفي سولنگي جي شادي سيني کان اهم ۽ ٻرندڙ مسئلو آهي. هوئڻ ته اهو معاملو ڪجهه وقت کان صرف زباني ڌمڪين ۽ اعتراضن جي حد تائين هلندو پئي آيو پر هاڻي نوبت هڪ ٻئي جون عورتون اغوا ڪرڻ تائين پهچي چڪي آهي. جنهن جو ذميوار ڊاڪٽر آمنت جي ان ڀاءُ کي قرار ڏنو پيو وڃي جيڪو مقامي پبلڪ سيفٽي ڪميشن جو چيئرمين به آهي.

توڙي جو پنهنجي درياهه سڪي سم نالي جيترو ٿي پيو آهي، پوءِ به درياهي ڪنارن سان وينل ماڻهن جي زندگيءَ تي اڃا تائين ان جون تشبيهون لاڳو ٿين ٿيون. سنڌ اندر زندگي اڄ به درياهي چاڙهن جيان مختلف وهڪرن ۾ وهي ٿي اهي وهڪرا ڪٿي ڪنهن موڙ تي گڏجي نه سگهيا آهن. ذاتي انائن، قبيلائي سوچ ۽ محدود مفادن انهن وهڪرن کي تازي پاڻيءَ جي  وهڪري بدران گندو سينواريل پاڻي بڻائي ڇڏيو جيڪو اسان روز پيئون ٿا ، روز مرون ٿا. پر خسيس خواهشون ماريءَ جيان وري اڀري اچن ٿيون، ڪنهن خوب چيو ته آخر انهن کي اهي پيار کان پوءِ خبر پئي پئجي وڃي ته ان جوڙي وٽ پرڻو باقي رهيو آهي يا پيار. پر خواهشون جيڪي ڪٿي ڪنهن ويڪسين سان به ته ڪونه ٿيون گهٽجن

خواهشون جيڪي بيوفا محبوبا جيان قاتل بہ بڻجن ٿيون ۽ معصوم بہ سي خواهشون ڪٿي ٿيون سڪون سان پاڻ بہ ويهن ۽ ٻين کي بہ ويهڻ ڏين.

اسان وٽ مائٽن جون مجبوريون هجن يا جرڳن جا فيصلا پائرن جي ”غيرت“ هجي، يا ڪنهن پوڙهي پيءُ کي ٻي شادي ڪرڻي هجي. انهن سمورن معاملن ۾ جيڪا جنس گهٽي کان گهٽو پوڳي ٿي، سي نياڻيون ئي هجن ٿيون. جيڪي ڪڏهن پنهنجي ڪنهن پاءُ جي ڪيل غلطي جي ازالي لاءِ چٽيءَ ۾ دشمنن حوالي ٿين ٿيون تہ ڪڏهن پئسن عيوض وڪري جو ذائقو بہ انهن جي نصيب ۾ ئي اچي ٿو. اها انساني حقن جي انحرافيءَ جي انتها آهي جو هڪ انسان کي پنهنجي مرضيءَ جي ابتڙ ڪنهن اهڙي معاملي جو ٻارڻ ٿيڻو ٿو پئي، جنهن معاملي ۾ هن جو ڪوبہ هٿ نٿو هجي. اسان وٽ هر معاملي جي باھ لاءِ نياڻين کي سُڪين ڪاٺين جيان جلايو ٿو وڃي. اوهان اندازو هڻو تہ ڪا نياڻي جيڪا چٽيءَ ۾ ڪنهن اهڙي ڏر حوالي ڪئي ٿي وڃي جيڪا ڏر ان نياڻيءَ جي وارثن سان دشمنيءَ ۾ آهي. پوءِ ان نياڻي جي سڄي حياتي جنهن عذاب ۾ هوندي، جنهن ڪرب ۾ هوندي، جنهن اذيت ۾ هوندي، ان جو تہ رڳو تصور ئي ڪري سگهجي ٿو. فاتح لشڪر ڪنهن جنگي قيديءَ سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا آهن. ان سلوڪ ۽ هن قسم جي اذيت ۾ شايد ئي ڪو فرق هجي، جنگي قيدي ۽ چٽيءَ ۾ ڏنل نياڻيءَ جي حيثيث ساڳي ئي هجي ٿي.

# باغين جا روح ۽ لاوارث سردي

ڊسمبر ۽ جنوريءَ جي سرد راتين ۾ شاعرن ۽ چرين کي هميشہ محبوبائون ياد ايندڙيون رهنديون آهن. پر ان رات هن کي ڇا ياد اچي رهيو هو ڪا خبر ناهي ڇو تہ هو شاعر تہ هو پر چريو نہ. هو شادي شده شاعر. ان رات سندن ترين کي لوٽي ڪوٽ پرسان رڻ پٽ ۾ روڪي ڊيڊ ڪلاڪ جي تلاشي کان پوءِ کيس گرفتار ڪيو ويو. نواز خان زنئور کي جڏهن سندس ساٿي ذوالفقار ڪولاچي سميت گرفتار ڪيو ويو تہ ان وقت هن کان ڇا پڇيو ويو؟ ڪا خبر ناهي. اها بي خبري هاڻي هڪ لاوارثي بڻجي پيئي آهي، جيڪا سنڌ جا ماڻهو انهن باغي روحن کان ڏيکارين ٿا، جيڪي تاريخ جي تسلسل سان سالن پڇاڻان ڪڏهن ڪڏهن ستل روحن جي رڻ ۾ اچي وارد ٿين ٿا. انهن باغي روحن کان سواءِ جيڪي سنڌ جا سال گذرن ٿا انهن ۾ اياز جهڙن شاعرن کي اها ئي شڪايت رهي ٿي تہ:

”ڏينهن ٿيا ڪنهن شينهن اسان وٽ ناهي ڪئي گجگوڙ.“

نواز زنئور جو شمار بہ اهڙڪي سنڌ جي انهن باغي روحن ۾ ٿئي ٿو جن کي ڪو قبولڻ لاءِ (شايد مائٽن کان سواءِ) تيار ناهي، هاڻي جڏهن ڪراچي کان حيدرآباد ايندي هي 2 نوجوان گرفتار ٿيا آهن تہ سندن گم ٿيل ساٿين جي انگ ۾ اضافو ٿيو آهي. انهن جي گرفتارين جي خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن سندس مائٽ مظاهرا ڪري روڊن تي نڪري اچن ٿا. نواز زنئور ۽ ذوالفقار ڪولاچيءَ کان اڳ ۾ ڪير هئا؟ مظفر ڀٽو ستار، ذوالفقار خاصخيلي، احمد خان تيوٽو ۽ ٻيا جن جي رياست جي ڪنهن بہ اداري ڪڏهن گرفتاري ظاهر نہ ڪئي آهي، پر سندس پيرسن امڙيون، ڀينرون ۽ ٻارڙا لڳاتار روڊن تي اچي رڙيون واڪا ڪندا رهن ٿا تہ سندن نوجوانن کي ڳجهين ايجنسين ۽ پوليس گرفتار ڪيو آهي. پر انهن جو رڙيون هر روز اختيار ڌڻين جي ڪنن تي بي اثر ثابت ٿين ٿيون. هاڻي تہ ڪافي ڏينهن ٿي چڪا آهن پر انهن سيوهڻ کان ڪراچيءَ تائين هر شهر ۾ وڃي ماڻهن جي ضمير ۽ دلين جا دڙ ڪڙڪايا، پر ڪير انهن جو سڏ ورنائي بہ تہ ڇو؟ مظفر ڀٽو جي حياتيءَ لاءِ در در ڦرندڙ لاچار ۽ مجبور ڀينرن کي جڏهن بہ ڪنهن چوڪ تي مظفر جو فوٽو ڪٽي نعرا هڻندي ڏسندو آهيان تہ الاءِ ڇو دل وسامي ويندي آهي انهن ڏينهن ۾ آئون زلزلي واري اسٽوري ڪرڻ لاءِ مظفر آباد ويل هئس. واپسيءَ تي اسلام آباد ۾ هن کي ڪي ٽي اين تي ڏٺم تہ خبرن جي هڪ بليٽن ختم ٿيڻ کان ٿورو اڳ حيدرآباد ۾ احتجاج ڪندي مظفر ڀٽو جي ڀيڻ روئيندي چئي رهي هئي تہ ”اسان کي ڪو ٻڌائڻ وارو ناهي تہ اسان جي ڀاءُ کي ڪيڏانهن گم ڪيو اٿن. خدا واسطي اسان کي پنهنجو ڀاءُ بچائي ڏيو.“ الاءِ ڇو روئڻهار ڪي ڀيڻ جا اهي لفظ ٻڌي لونءَ ڪانڊارجي ويئي هئي ۽ گلو خشڪ ٿي پيو هو. ان وقت دنيا جي خفن ۾ گم ٿي ويل سنڌ جي ذهين ٺهيءَ جي سريلي شاعر مظهر جون اهي سٽون ذهن تي ڦرڻ لڳيون تہ:

اهي جسم سگريٽ جن تي وساڻا،
جنين جو مقدر بڻيا جيل ٽاڻا
انهن جي ملاقات لاءِ پيڙهون ۽ مائون نہ روڪيو
هوائون نہ روڪيو، هوائون نہ روڪيو.

ڇا ڪڏهن ڪنهن سوچيو آهي تہ روزانو جن نوجوانن جون وارث عورتون مختلف شهرن ۾ مظاهرا ڪنديون وتن ٿيون اهي آخر آهن ڪير؟ انهن کي ڪهڙي ڏوهہ جي سزا ۾ گرفتار ڪيو؟ ڪنهن بہ عدالت ۾ آخر ڪين پيش ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ اهو ڪو ايڏو وڏو راز بہ ڪونهي ، جو اسان جي لاءِ لڪل رهي. پر اسان جي گهٽائي شايد اهو ڄاڻن ئي نہ پئي چاهي اهي سڀ جا سڀ گرفتاريءَ کان پوءِ گم ٿيل نوجوان جيئي سنڌ متحده محاذ جا عهديدار ۽ ڪارڪن آهن. جن ۾ ڪجهہ جسقم جا ڪارڪن بہ شامل آهن. جسمم جي هن گرفتار ٿيل کيپ کان اڳ ۾ جيڪا کيپ گرفتار ٿي هئي. اصغر شاهہ منصور ۽ ڪجهہ ٻيا نوجوان شامل هئا، جن کي اعليٰ پوليس عملدارن ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي تربيت يافتہ دهشتگرد ۽ پارٽي ايجنٽ قرار ڏنو هو جيڪي سنڌ اندر بم ڌماڪا ڪري ريل پٽڙين ۽ بجلي جي ٿنڀن کي نقصان پهچائڻ پيا چاهين. ڪراچيءَ ۾ پوليس عملدارن جي ان پريس ڪانفرنس کان اڳ اصغر شاهہ جو پيءُ غلام مصطفيٰ شاهہ بيماريءَ جي حالت ۾ پنهنجي پوٽي سميت مون وٽ آيو هو. انهن کي اصغر شاهہ جي حياتي بچائڻ لاءِ پريس ڪانفرنس ڪرڻي هئي. انهن سان ڳالهين دوران آئون اهو ئي سوچي رهيو هئس تہ اصغر شاهہ جهڙو سينئر سياسي ورڪر ڇا هاڻي پنهنجي سياسي رهبر سائين جي ايم سيد جي عدم تشدد واري پر امن سياسي راهہ تي هلندي ٿڪجي پيو آهي يا ڪيس اهو يقين ٿي ويو آهي تہ سنڌين جا ستل روح تقريرن، نعرن ۽ جلوسن سان نہ پر بم ڌماڪن سان سجاڳ ٿيندا. اصغر شاهہ مظفر پنهوءَ سندن پارٽي پاران ڪڏهن بہ بم ڌماڪن جي ذميواري توڙي جو ڪڏهن بہ قبول نہ ڪئي وئي آهي، پر سرڪاري ذريعن جو اهوئي اسرار آهي تہ مذڪوره سياسي ڪارڪن سنڌ اندر ريل جي پٽڙين ۽ بجلي جي ٿنڀن ۾ ٿيندڙ انهن بم ڌماڪن ۾ ملوث آهن، جن جي جاءِ واردات تان هميشہ ”سنڌ لبريشن آرمي“ جي ڪنهن ڇاڻيو ڪمانڊر جو خط ملندو رهيو.

ڪجهہ سرڪاري ذريعن جي دعويٰ آهي تہ جسمم جي انهن ماڻهن کي سڀيءَ لڳ انهن ”فراري“ ڪئمپن ۾ ٽريننگ ملندي هئي، جن مٿان اڄڪلهہ سرڪاري جهاز بمباري ڪري رهيا آهن. ڇا سنڌ اندر وري ڪا نئين ”سوڍا سنگت“ نهڻ پئي وڃي يا هن دور ۾ بہ هو ڀڳت سنگهہ ۽ چندر شيکر آزاد ٿيڻ چاهين ٿا. اهي نوجوان بہ عجيب بي چين روحن جا مالڪ آهن. هو اهڙي سورهيہ بادشاهہ جي ڏسيل واٽ تي پيا هلڻ چاهين، جنهن تي سندن اولاد بہ نٿو هلي اهي سمورا گرفتار ڪري ظاهر يا گم ڪيل نوجوان سنڌ جي سياسي ڪارڪنن واري محدود سرڪل ۾ تہ ڄاتل سڃاتل آهن پر انهن منجهان ڪو بہ اڃان

تائين عوامي فکر ٻڌجي نہ سگهيو. سياسي پاڙ مضبوط ڪرڻ کان اڳ ئي هنن اهڙو رستو ورتو جيڪو پرخار ۽ اڪيلائين کان ٿيندو ڦاهي گهاٽن طرف وڃي ٿو.

ان ڏينهن ڪي ٽي اين تي بلوچ قومپرست اڳواڻ عطاءُالله مينگل جو اهو چوڻ تہ بلوچ لبريشن آرمي وارا اسان جا پنهنجا آهن. انهن کان لاتعلقي ڪيئن ٿو ڏيکاري سگهان, جيڪي اپري سپري حال آهر بلوچن لاءِ وڙهن ٿا. پنهنجي ٻڪري يا ٻور ڏڃي لاءِ تہ ڪونہ ٿا وڙهن. اهو چئي هن چانهہ جو ڪپ تي پروگرام جي ميزبان علي قاضي سميت سمورن ڏسندڙن کي حيران ڪري ڇڏيو تہ انهن کان لاتعلق نٿو ٿي سگهان. هن ساڳي ئي پروگرام ۾ انهن کي بہ شاباشون ڏنيون, جن پرويز مشرف جي ڪوهلو واري دوري دوران راڪيٽ فائر ڪيا. "انهن جي تہ پيئرن کي بہ سلام جن وڏي دٻ دٻاءَ سان آيل جنرلن کي ائين وجهڻ نہ ڏنو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ بلوچ زندهہ آهن." بلوچ قومپرست اڳواڻ جون اهڙيون ڪريون ڳالهيون ٻڌي آئون سنڌ جي قيادت ڏانهن واجهايان پيو جن تازو گرفتار ٿيل نوجوانن کي ائين مرڻ ۾ سڙڻ لاءِ جيلن ۾ ڇڏي ڏنو آهي, جڻ تہ اهي سياسي ورڪر نہ پر ڪنهن گهٽيءَ ۾ چوڪ جا بدمعاش ۽ شودا هجن جن کي ائين ننڌڻڪو ۽ لاوارث ڇڏيو ويو آهي تہ جيئن ڪير بہ سندن وارثي نہ ڪري ۽ انهن جي مٿان بہ لکي چور جي ماءُ جيان روئن ۽ پشيمان ٿين. اصغر شاهہ مظفر پنھو نواز خان زنئور ۽ ٻيا گرفتار ٿيل سياسي ورڪر هينيئن وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ اهڙا ڪردار آهن, جيڪي پنهنجيون صلاحيتون دنيا داريءَ لاءِ استعمال ڪن ها تہ هن وقت خوشحال گهريلو زندگيءَ گذارين ها, پر هنن جو مقدر ڪو سياسي رڻ ۾ رڙهندي لکيل هو. حالانڪہ ڪين خبر هئي تہ سنڌ اندر ڪو بہ اهڙو گلزار ناهي, جيڪو مٿن "ماچيس" جهڙي فلم ٺاهي, جيڪا هن سڪن جي مزاحمت تي ٺاهي هئي, نہ ئي هنن لاءِ ڪو "هزار چوراسي ڪي مان" جهڙي فلم ٺاهيندو. فلم تہ ڇا هو تہ پنهنجي گهر ٺاهڻ کان بہ ويا, پر ڪنهن لاءِ هي اڄ بہ سنڌ کي اهوئي چون ٿا تہ:

تيري در کي فقير هين هم لوگ
دونون عالم کي قيد سي آزاد
ايڪ تيري اسير هين هم لوگ

سنڌ اندر هونئن تہ لا تعداد آپريشن ٿيندا رهيا آهن, پر نوي واري ڏهاڪي ۾ جيڪو آپريشن ٿيو, ان ۾ ٻين کان علاوه ٿر ۾ پنهنجي گهر سڪون جي ننڊ ستل عبدالواحد آريسر بہ گرفتار ٿيو. ان گرفتاريءَ دوران سندس اکيون ٻيو ڪو ڪپڙو نہ هجڻ ڪري سندس گهر واريءَ جي پوتيءَ سان ٻڌيون ويون هيون. جيڪا قرض طور هو انهن وٽ ڇڏي آيو هو. آريسر صاحب پاڻ ئي لکيو آهي تہ عمرڪوٽ قلعي واري چانوٽيءَ ۾ جڏهن ڪيس پٽ تي ويهاريو ويو تہ ٻئي آفيسر اهڙو حڪم ڏيندڙ آفيسر سان تڪرار ڪندي چيو هو تہ"ڇا ممتاز پنھو کي گرفتار ڪري تون پٽ تي ويهاري سگهين ٿو. هو بہ تہ اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري جهڙيون آريسر ٿو ڪري" سياست جي پرخار رستن تي غريبي سموري سفر

دوران بدنما داغ ٿي چنبڙيل رهي ٿي. شايد تڏهن ئي غريب سياسي ڪارڪن جوزف استالن جي انقلاب لاءِ هنيل ڌاڙن جي ڀال ڏئي پاڻ به بئنڪون ڦرين ٿا، ڪارون چوري ۽ ماڻهو اغوا ڪن ٿا. ان طرح سان هو انهن ئي ماڻهن ڪان لاتعلق ٿي وڃن ٿا. جي جي آچپي خاطر هو ڪجهه ڪرڻ، وڙهڻ ۽ وڙهي مرڻ چاهين ٿا. هيلوڪيون سرديون جڏهن هو جيلن ۾ اذيت گهرن ۾ گذاريندڙ ته سندن قافلي مان ڪنهن جي ڇڇڻ جو به خطرو ڪين رهندو. انهن ڪي ته پلي ڪير نه سنڀالي، پر سندن گهر جا ڀاتي ڪين ڪيئن وساري سگهن. باقي رهي سنڌ، اها سنڌ ته ان وقت به ڪو نه اٿلي پئي هئي، جڏهن سرموڙ شاعر شيخ اياز کي ساهيوال جيل وٺيو پئي ويا. هن ڪان موڪلائيندي شايد سندس زال زرينه يا ڏيئرن پڇيو هو ته اهڙي شاعري ڇڏي ڇو نٿا ڏيو. ڪيئن چئجي ته هنن گرفتار نوجوانن سان سندن مائٽن اهڙن حجت ڇو نه ڪئي هوندي.

# وحشت ۽ محبت ۾ وٿي ئي ڪيتري آهي ؟

زمانو بدلجڻ سان ڇا ٿو بدلجي؟ ها شايد بدلجي ته گهڻو ڪجهه ٿو. پر انسان جي اندر جي چڱائي ۽ برائي وري به ساڳي رهي ٿي. زمانو بدليو ته وحشي پڻي جو روپ به بدليو. مظلوميت جي تصوير به بدلي. ڪڏهن ته خنجر جو وار به وڏي ڳالهه هئي پر اڄڪلهه تيزاب جي بوتل پنهنجي محبوب مٿان هاريندي به هانءُ نٿو ٿري. پراڻي زماني جي عاشقن ۽ شاعرن خنجر جي وار کي ايترو ته رومانوي بنائي ڇڏيو جو محبوب جي وارن جي جهٽڪي کي به ماڻهو خنجر جو وار سمجهڻ لڳا. پر اڄوڪن بدليل سماجي روين ۽ تيزيءَ سان ماڊرن ٿيندڙ سنڌي سوسائٽي ۾ رشتن جا ڪيڏا نه ڀوائتا روپ سامهون ٿا اچن. اهو سوچي ان تي اسان به اچرج ۾ اچي وياسين. جنهن ڏينهن اسان امانت سان ملڻ جو ارادو ڪيو هو ڪي ٽي اين جي اسڪرپٽ ايڊيٽر طارق قريشيءَ ۽ ممتاز بخاريءَ سان گڏجي جڏهن لياقت نيشنل اسپتال جي برنس وارڊ پهتاسين ته امانت اسان کي سڄو سارو پٽين ۾ ويڙهيل مليو. هن جي هڪ اک کليل هئي، جنهن وسيلي ئي ڏسي هو ماڻهو ۽ موبائل فون جا نمبر سڃاڻي رهيو هو. اهو ڪراچيءَ جي روايتي روڊن واري گهما گهمي ۽ ڪمرن جي اندر اداسيءَ واري شام جو پهر هو. امانت سان گڏ سندس مٿان تيزاب هارڻ واري الزام هيٺ آيل ننيڙو ڀاءُ، والد ۽ امڙ به گڏ هئا. طارق هن کي مذهبي طرز جي دلداري ڏئي رهيو هو ته الله ڀلو ڪندو. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. مالڪ توکي سهڻو ناهيو آهي، تون وري سهڻو ٿي ويندين وغيره. جڏهن ته ممتاز پنهنجي سيريل ”بالي“ جي حوالي سان گفتگو ڪري رهيو هو. ڇو ته امانت پنهنجي والدين سان هن جو تعارف ئي اهو ڪرايو آهي. اهو سائين ممتاز بخاري آهي. جنهن بالي سيريل لکي هئي. اسپتال جي ننيڙي ڪمري ۾ موجود سڀ ماڻهو واري واري سان گفتگو ۾ شريڪ هئا. پر مان خاموشيءَ سان امانت جي امڙ کي ڏسي رهيو هئس. جيڪا پٽ تي ويني پٽ جي صحتيابيءَ لاءِ ٻاڏائي رهي هئي. امانت پنهنجي زال پروين بابت ٻڌايو ته هوءَ اڄ پي ٽي وي تي ڊرامن ۾ ڪم وٺڻ لاءِ وئي هئي.

ڀهراڙين ۾ عشق ڪندڙ نوجوانن کي اڄان تائين جهونا عاشق اها نصيحت ٻڌائين ٿا ته محبوبه اها ڏند ڪٿائي ڏائڻ به ٿي سگهي ٿي، جنهن هڪ ڀيري پنهنجي محبوب سان سندس ماءُ جي دل ڪيڻ اچڻ وارو انگل ڪيو هو. چون ٿا ته عشق جي انڌي گهوڙي تي سوار ان عاشق جڏهن اگهور ننڊ ستل ماءُ جي سيني ۾ خنجر هڻي رت ڳاڙيندڙ دل ڪڍي پنهنجي محبوبا طرف ڊوڙ ڪئي، تڪڙي هجڻ ڪري ٿاٻڙجي ڪرڻ لڳو ته ماءُ جي جسم مان نڪتل دل مان آواز آيو ”بسم الله پٽ، سنڀالي هل، ڪٿي ڏک نه لڳئي.“ محبت جو چون ٿا ته اهو ئي معراج آهي، پر بدقسمتيءَ سان امانت اها معراج ماڻڻ ۾ ناڪام رهيو تڏهن ته هن ”دل شڪسته دل شڪسته آهيون“ جهڙي شاعري لکي.

امانت مغل کي نئين ديري ۾ ننڍڙي وڊيو شاپ هلائڻ واري وقت کان سڃاڻندڙ چند ماڻهن جو خيال آهي تہ ”امانت ڪنهن مظلوم ڇوڪريءَ سان بيوفائيءَ جي سزا ڀوڳي رهيو آهي.“ ڪنهن زماني ۾ امانت تي اڪن ڇڪن ٿي مرندڙ ان اپسرا هاڻي جڏهن ڪنهن ميڊيسن وارڊ جو رائونڊ ڪرڻ کان پوءِ امانت جو سڙيل چهرو ڏٺو هوندو، تہ ڇا هوءَ گهڻو خوش ٿي هوندي؟ ائين ٿي بہ سگهي ٿو پر آزاد نظمن جهڙا لو ليٽر لکندڙ اها ڇوڪري گهايل بہ ضرور ٿي هوندي، ڇو تہ سندس پيار شرطيہ/ ڪنڊيشنل نہ هو. هن امانت کان پروين جيان نڪاح ۾ پنج اٺ لک روپيا حق مهر نہ لکرايو هو. پر گليمر گرلز جي چهرن ۾ شايد انڊو بنائيندڙ اها اٽرڪيشن آهي، جو لوڪل افيئرز جو سياڻو کلاڙي امانت بہ ۾ تنگو ڦاسي پيو. چون ٿا تہ لاڙڪاڻي جي هڪ هوٽل ۾ شوٽنگ دوران ٿيل ان شادي جي پهرئين صبح تي ئي ڪنوار پنهنجي گهوٽ امانت کي ڌمڪيءَ ڏيندي چيو هو تہ ”هاڻي ڪا بہ ڳڙ ٻڙ ڪيئي تہ طلاق ڏيندي دير نہ ڪنديمانءِ.“ اسان وٽ گهر ۾ بہ اڇي انسانن جيان ترسي. مو سان يا منهنجي ڏيئرن سان هن جو رويو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪو سنو نہ هو. هوءَ محسوس ڪرائيندي هئي تہ اسان هن جي ڳالهائڻ جهڙيون نہ آهن.“ امانت جي والده اسپتال ۾ ٻڌائي رهي هئي. ”اسان هر پيري هن جي حمل سان ٿيڻ جو ٻڌي خوش ٿيندا هئاسين تہ هاڻي پوٽا پالڻ جو موقعو ملندو، پر وري ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ٻار ڪيرائڻ جون خبرون پونديون هيون. امانت سان هن کي رهڻو ئي نہ هو، تڏهن تہ هن هر پيري ائين ڪيو.“ امانت جو والد ٻڌائي رهيو هو. ڪجهہ ماڻهن جو تہ امانت ۽ پروين جي شاديءَ وارن شروعاتي ڏينهن کان اهو ئي خيال هو تہ اها شادي ڪونہ هلي سگهندي، پر ان رات چهرو سڙڻ کان پوءِ شايد امانت کي بہ شيڪسپيئر جيان اهائي پڪ ڪرڻي پيئي تہ ”بيوفائي! تنهنجو ٻيو نالو عورت آهي.“ شرطيہ پيار ۾ تہ اهو ئي ٿيندو. هزار روپين جي شاپنگ ڪرايو تہ کلي کلي ڳالهائڻو آهي، نہ تہ موڊ آف. ڪيڏيون نہ مطلبي ٿي وڃن ٿيون محبتون، فون تي بہ تڏهن ڳالهائيو، جڏهن ڪنهن ڪالنگ ڪارڊ جو ڪريڊٽ اهي انگ ٻڌائي روانو ڪريو.

ان رات امانت کي بيئر تہ اڳ ۾ ئي پيتل هو مٿان هن زال کي آرام ڪرائڻ واري گوري ڇئي، اها هڪڙي گوري ڏيڻ بدران هن ڪيس لاڳيتو پنج گوريون ڏيندي چيو.منهنجي ڪري هي چار گوريون وڌيڪ بہ نہ کائي سگهندي ڇا؟ امانت ۽ پروين جي نڪاح ۾ شاهد بڻيل سندن گڏيل دوست خدا بخش ميتلو موجب پروين پروين جي اهڙي فرمائش تي امانت آرام ڏيڻ واريون سموريون گوريون کائي، پاڻي جو گلاس پيئي سمهي پيو. اوچتو اڌ رات جو هو رڙيون ڪري اٿيو تہ سندس جسم سڙي رهيو آهي. ٻئي ڪمري ۾ ستل سندس ننڍو ڀاءُ بہ اٿي آيو. جيستائين هو کيس سرڪاري اسپتال کڻي وڃن،تيستائين پروين کيس اهوئي چوندي رهي تہ ”خير آهي، ڪوري ايڪشن ٿيو آهي.“

امانت جي اهڙي وارتا ٻڌي مون کي نئين ديري جو ئي هڪ ٻيو ڳڀرو ياد اچي ويو. جيڪو هيو تہ بادشاه جو پٽ، پر حالتن کيس گوريلا ليڊر بڻائي ڇڏيو هو. پنهنجي فيملي جي ڪافي سالن کان پوءِ

پئرس ۾ گڏجڻ واري رات جڏهن هو زال کي فليٽ تي ڇڏڻ ويو ته وري نه موٽيو. بينظير ڀٽو پنهنجي ان پياري ڀاءُ شاهنواز جي موت جو اشارو پنهنجي ڪتاب ۾ صرف ايترو ڏنو آهي ته جنهن فليٽ ۾ شاهنواز جو لاش پيل هو ان ئي فليٽ جي ڪچڻ ۾ اندو پچائڻ لاءِ ڪتيل ٽماٽا به پيل هئا، هن حيران ٿيندي لکيو آهي ته "شاهنواز جنهن وقت پنهنجا آخري پساهه کڻي رهيو هو. ان وقت ڪير هو جنهن کي ايتري بک لڳي جو هو آمليٽ ناهڻ لاءِ ڪچن طرف ويو. هن شاهنواز ڀٽو جي گهر واريءَ کي لڳل تازي لپ اسٽڪ جو به ذڪر ڪيو آهي. اهڙي ئي تازي لپ اسٽڪ جو ذڪر ڪي ٽي اين تي انٽرويو ڏيڻ لاءِ آيل پروين بابت هلي رهيو هو. مڙس مٿان تيزاب هارڻ جي الزام هيٺ آيل عورت خود ڪئميرا وارن کي تڏهن حيران ڪيو. جڏهن انٽرويو کان اڳ هن ڪائنن ميڪ اپ صحيح هجڻ بابت پڇيو. ڇا ان وقت هن کان پنهنجي مڙس جي تڪليف کان وڌيڪ لپ اسٽڪ جي لائينز جي ڳڻتي هئي؟ ڪي ٽي اين تي ئي ڪم ڪندڙ هڪ ڇوڪريءَ بي ساخته سوال ڪيو.

امانت وارو ڪيس انوکو ۽ اچرج ۾ وجهندڙ ان ڪري ٿو لڳي، جو هڪ ته ٻنهي جي پيار واري شاديءَ هئي ۽ ٻيو ته ٻئي ڇٽا شوبز جا ستارا هئا. (شوبز جي چمڪندڙ ڇهرن پويان اونداهي جا ڪيڏا نه غار آهن) اونداهين جي انهن غارن ۾ سندن ذاتي زندگيءَ جو سموريون ذلتون، سازشون ۽ بيوفيائون غائب ٿي وڃن ٿيون. ڀلا ڪنهن کي خبر هئي ته "سيلي بارش" جهڙي سيريليز ڏيندڙ فاروق مينگل به ائين ڪري سگهندو، جو سندس زال جو قتل ڪيس مٿس ئي اچي لڳندو. چون ٿا ته آفرين بيگ جي دولت تي ئي هن جي نظر هئي، جنهن کي پنهنجي بروهي ملازم کي آفرين بيگ جي شراب پيئڻ ۽ آواره گرديءَ جا حوالا ٻڌائي، پئسن ۾ اڌ شيئر ڏيڻ جو آسرو ڏئي ڪائنس اهو قتل ڪريو. پر امانت وار ڪيس ۾ نه ته ڪروڙن جو ڪو معاملو هو نه ئي ڪو نوڪر چاڪر ملوث، ته پوءِ پروين کي ڪنهن پڙڪايو؟.
"صرف ٻه ڏينهن اها اداڪاره جيڪڏهن مون کي حراست هيٺ ڏني وڃي ها ته سڀ سچيون پڌريون ٿين ها." امانت سان همدردي رکندڙ هڪ ٽي پي او سطح جي آفيسر چيو. پر امانت پنهنجي الڳ رهندڙ زال تي بيوفائي کان سواءِ ڪا به ايف آءِ آر ڪٽرائڻ نٿو چاهي. "ڇا به هجي، پر آهي ته منهنجو ننگ، وري اها پئي ٿاڻن تي گهلجي، جيل ۽ ڪورٽن جا چڪر ڪاٽي، مان اها خواري برداشت نٿو ڪري سگهان."
امانت جي اهڙين ڳالهين کان پوءِ اسان سڀ خاموش ٿي وڃون ها. ڪجهه سيڪنڊن جي سانت کان پوءِ ممتاز ڪائنس طلاق بابت پڇي ٿو ته هو هڪ بااختيار مڙس جيان اها وراڻي ڏئي ٿو. "طلاق ته مان به ڪونه ڏيندو سانس، ڀلي پاڻ الڳ رهي، باقي طلاق نه ڏيندو مانس" پروين خلاف ايف آءِ آر نه ڪٽرائڻ ۽ طلاق ڏيڻ واريون متضاد ڳالهيون ٻڌي، ڪجهه دوستن جو خيال هو ته امانت يا ته حق مهر وارا پئسا ڀرڻ کان خائف آهي يا ڪنهن رشتي ناتي جي ڪري پروين اڳيان اهڙو بليڪ ميل ٿيل آهي جو هاڻي ڪيس معاف ڪرڻ کان سواءِ ڪا وٽ نٿي سجهيس.

تيزاب صرف جسم ئي نٿو ساڙي، پر اندر کي بہ گهرا گهاءَ ڏئي ٿو. اهو مون سکر جي گلان کوسوءِ گمبٽ جي جيونتي سان ملندي محسوس ڪيو هو. سکر جي گلان کوسو جو ان ۾ ڪو قصور ڪونہ هو. جيڪڏهن هوءَ پنهنجي مڙس کان عمر ۾ ننڍي ۽ وڌيڪ خوبصورت هئي، ائين ئي جيونتي جو ڪهڙو قصور جيڪڏهن هو سهڻيءَ ۽ ڪجهہ نخريلي هئي، ٻئي لڳ ڀڳ اٽيڙهيل ڇوڪريون هيون. پر الڳ الڳ وقتن تي ۽ الڳ الڳ ميڊيا لاءِ ورتل انٽرويوز ۾ هنن اهو ئي چيو تہ جوابدارن کي ڪنهن قيمت تي نہ بخشيو ويندو. انهن ٻنهي ڇوڪرين جا ڪيس ميڊيا ۾ رپورٽ ڪرڻ جي مون کي ذاتي خوشي ان ڪري بہ ٿي هئي، جو ٻنهي تيزاب سان ساڙيل عورتن لاءِ علاج جا رستا نڪري پيا هئا. جيونتيءَ جو علاج نالو راز ۾ رکندڙ ڪراچيءَ جي هڪ سرمائيدار، پنو عاقل ڇانوڻيءَ ۾ مقرر پنهنجي دوست فوجي آفيسر معرفت ڪرايو. جڏهن تہ سکر جي گلان کوسو جو علاج سنڌ جي هڪ ڇاتل سڃاتل پوليس آفيسر هڪ سرمائيدار سيٺ معرفت ڪرايو. هاڻي ٻنهي جا ڪافي آپريشن ٿي چڪا آهن ۽ ٻئي ڄڻيون جيون جهنم بنائيندڙ تيزاب واري عذاب مان ڪجهہ جند ڇڏائي چڪيون آهن.

چند هفتن کان ان انتظار ۾ اخبار پڙهندو هئس تہ امانت مغل وارو ڪيس رپورٽ ٿيڻ بعد ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ مان خدا واسطي سندس علاج ڪرائڻ جو ڪو اعلان نظر مان گذرندو. ڇو تہ هو ٻرامن ۾ تہ ڪٽي رياست جو والي هجي پر سندس حال فقيراڻا آهن. پر ڪنهن بہ ڪنڊ کان امانت جي امداد نہ ٿي، شايد امداد بہ (جنس) ڏسي ڪئي ٿي وڃي. شايد اها سادي حقيقت سمجهڻ ۾ بہ اسان جا امدادي ڪارڪن عرف اين جي اوز ڪجهہ سالن وٺن تہ تيزاب کي ڪي اکيون ناهن هونديون. جو اهو عورت يا مرد جي تميز ڪري سگهي. هن کي جنهن جسم تي اڇلايو اهو جسم ڳاريندو. پوءِ اهو جسم ڳاريندو. پوءِ اهو جسم جيونتيءَ جو هجي، گلان جو هجي يا امانت مغل جو!

# پوتارن جي پيڙ ۾ بيٺل ارڏو وڏيرو

اسي واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ته ٽي وي ڊرامن "وڏيري" جي ڪردار کي گار جهڙو بڻائي ڇڏيو هو، تڏهن اڪثر پوتار وڏيري لفظ تان ئي هٿ کڻي ويا هئا. پر ان دور ۾ به سنجر جوڻيجي وارو هي همراهه فخر سان "وڏيرو شاهنواز جوڻيجو" سڏائيندو هيو. "وڏيرو لفظ ته خراب ناهي، پر ان لفظ سان لاڳاپيل ماڻهو جيڪڏهن ڪردار درست ناهي، ته پوءِ ان لفظ جو ڪهڙو ڏوهه" وڏيرو شاهنواز جوڻيجو ڪجهه سال اڳ پنهنجي ڳوٺ واري اوطاق ۾ ٻڌائي رهيو هو. ڪاوش اخبار لاءِ ڪيل سچي ڏينهن واري ان ڪچهريءَ ۾ هن راڄ ڀاڳ بابت تفصيل ٻڌائيندي چيو هو ته "راڄ نصيبن وارن ماڻهن کي ڀاڳ ۾ ملندا آهن. راڄن جو لڄپال ۽ رکوال ٿيڻ ڪا سولي ڳالهه ته ناهي. وڏيري لفظ کان شرمائين اهي ٿا، جن جون اکيون راڄ جي عزتن ۽ مال ۾ هونديون." پنهنجي تيز ۽ تکي لهجي ۾ هن انتهائي سنجيدگيءَ سان چيو. شاهنواز جوڻيجو پنهنجي وڏيرڪي ڪميونٽيءَ جو غدار ته نه هو پر هو ان ڪميونٽيءَ جي ڪوتاهين جو نقاد ضرور هو۽ وڏيرڪي ڪميونٽيءَ کي سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تباهڪارين جو ذميوار سمجهندو هو. خوش قسمتيءَ سا بدقسمتيءَ سان هو پاڻ به ان ئي ڪميونٽيءَ جو ميمبر هو. سنڌ جو هر دور ۾، هر سطح جوڪاروهنوار اهائي ڪميونٽيءَ هلائيندي رهي آهي. محدود تعليم هوندي به جڏهن ڪيس سنجر جوڻيجو جي راڄ ڀاڳ ۽ آسپاس جي روايتن جي پاسداريءَ جي تربيت ملي ته هوپنهنجي باقي ٽن ننڍن ڀائرن کي به پوئتي ڇڏي ويو. فوڪ وزڊم جي اهڙي راڄائتي مهارت سبب هو حياتي جي آخري ڏينهن تائين مقبول رهيو. اها هن جي اراڏائي ۽ شخصيت جا تضاد هئا، جن ڪيس ڪا به پارٽي نه هوندي به چڱين موچارين پارٽين جي سربراهن کان وڌيڪ مقبول بڻائي رکيو هو. سرداري نظام جو سرگرم حصو هوندي به هن کي جوڻيجن جو سردار سڏائڻ جو ڪو شوق نه هو. هن ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي چڱ مڙسيءَ جي پڳ ٻڌرائڻ لاءِ جوڻيجن جو ڪٺ نه سڏايو هو. حالانڪ سندس ذات ڀائي ننڍا ننڍا وڏيرا مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پاڻ کي سردار سڏرائين ٿا پر هن جا ان لاءِ دليل ئي الڳ هئا. "عزت اهڙي شئي ناهي، جيڪا زبردستي ۽ گهري ورتي وڃي. توهان جا ڪم ڏسي ماڻهو پنهنجو پاڻ عزت ڪرڻ لڳندا. هاڻي جڏهن هر ذات جا ماڻهو منهنجي عزت ڪن ٿا، ته پنهنجو پاڻ کي صرف جوڻيجن تائين محدود ڇو رکان؟" هو پنهنجي طبيعت کان مجبور ٿي، هميشه سچو ۽ کرو رهيو سندس اهڙي بي چين روح واري طبيعت ڪيس جيل جا در به ڏيکاريا ته اقتدار جا ايوان به گهمايا.

اهي ڳالهيون تڏهن ڏاڍيون مقبول ٿيون، جڏهن شاهنواز جوڻيجو مملڪتي وزير هجڻ ڪري اڪثر اسلام آباد رهندو هو پر پنهنجي شوق جي پورائي خاطر هو هر روز صبح جو ڳوٺ فون ڪري گهوڙن جا حال احوال وٺڻ کان پوءِ پنهنجي پسنديده ڪڪڙن جون بانگون به فون تي ٻڌندو هو. جيئن هر دور ۾ رولاڪ قبيلن واري جيڪي انگريزي ميڊيا لاءِ اٽريڪشن جو سبب رهيا آهن، تيئن ئي تضادن

سان ڀرپور زندگي گھاريندڙ هي ڪرو وڏيرو بہ انگريزي ميڊيا لاءِ هاٽ ڪيڪ بڻيل هو. اهو وڏيري شاهنواز جو ئي ڪمال هو جو هو اتر سنڌ جي سخت گير سردارن ۾ بہ ايترو ئي مقبول هو جيترو سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهن ۾. هڪ ئي وقت ٻن مخالف رخ وارن وهڪرن ۾ ملڻ جو هنر زماني ساز شاهنواز کي ئي ايندو هو. اهو هنر هر وڏيري جي مقدر ۾ ڪٿي ٿو لکجي اچي تہ هو شڪارپور جي ضلعي ڪائونسل هالا ۾ هلندڙ جرڳي دوران ڊنگ سردارن جي بہ دڙڪي دهمان سان اٿاڙي ويهاري ۽ ساڳئي وقت سيڙجي وڃي حيدرآباد جي اها پارٽي ڪانفرنس بہ اٽينڊ ڪري، جنهن ۾ نورالهديٰ شاهہ جي آزاد نظم تي هال تاڙين سان گونججي وڃي ۽ وڏيري جو ڀنبٽيون بہ آليون ٿي وڃن. هاڻي جڏهن سنڌ جا سياسي پوتار پنهنجي ”وڏن صاحبن“ جي خوشنوديءَ خاطر سنڌ جي پارٽيءَ جو سودو ڪرڻ کان بہ نہ ٻيا ڪيٻائين، تڏهن اهو وڏيرو ڪيئن ياد نہ ايندو، جيڪو 70 سالن جي عمر ۾ بہ پارٽيءَ خاطر جيل ڀوڳي آيو هيو. هو سردارن پيرن ۽ وڏيرن سان تہ رهايون ايندو هو پر سيڙجي سن وڃڻ ۽ پليجي وٽ پير پرڻ ۾ بہ هن ڪڏهن نہ ڪيٻايو. ”جنهن ڏانهن دل ڪڍي اتي تہ پاڻ هلجي وڃجي ، دعوتن جا انتظار ڪهڙا ڪجن.“ هو اڪثر پنهنجين ڪچهرين ۾ چوندو هو.

ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ ٿين ٿا، جن کي شهرت زندگيءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ نصيب ٿئي ٿي. شاهنواز جوڻيجو جو ڪو بہ اهڙو پبلڪ فوٽو ظاهر نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن ۾ هو جواني کان سرگرم ڏٺو ويو هجي. ”وڏيرڪا ٻار، مائٽن جا دادلا، ان ڪري شوق شڪار ۾ گهڻو وقت وڃايم، پر ان مان بہ مزو ماڻيوسين.“ وڏيرڪي ٻار واري دادلائپ کان ٻاهر ايندي ايندي، شاهنواز کي گهڻو وقت لڳي ويو. پر هو اهڙو سياڻو ماڻهو ٿي اڀريو جيڪو وقت سان گڏ پاڻ کي تبديل ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هو. سياسي مفاهمت شاهنواز جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. چون ٿا تہ مرحوم شاهنواز جوڻيجو جن ماڻهن سان عشق جي حد تائين محبت ۽ عزت ڪندو هو، تن مان مخدوم امين فهيم، ڄام صادق ۽ فدا ڏيرو ڪيس اهي ڏينهن بہ ڏيکاريا، جو شاهنواز جوڻيجو ناڪامين ۽ جيل جي ڪال ڪوٺڙين حوالي ٿي ويو. اهي راڄائتي مڙس جا ئي ڪمال هئا، جو دوستن جون ايتريون ارڏايون سهڻ باوجود هن سڀ معاملا تڏهن درگذر ڪري ڇڏيا. جڏهن ڄام صادق پنهنجي حياتي جي آخري ڏينهن ۾ ڪيس ان اسپتال سڏايو جتي هو بستري داخل هو. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏسي روئي ڏنو ۽ ڀاڪر پائي رنجشون ڳوڙهن ۾ لوڙهي ڇڏيون. سنڌ ۾ جن روايتن ۽ ريتن جي مرڻ جو ماتم اسان جا اديب ڪندا رهن ٿا، تن سيني روايتن کي هو پوڙهو شخص هر وقت پاڻي ڏيندو رهيو. هن کي پنهنجي ڳوٺ ۽ راڄ سان ايڏي محبت هئي، جو ڪيس ٻئي هنڌ آرام ئي نہ ايندو هو. ڇا بہ هو، پر هو ڪوشش ڪري رات ڪٽي بہ نہ ترسندو هو. ڪيس شڪارپور ۾ فيصلو ڪرڻو هجي يا لاڙڪاڻي ۾. شاهنواز جوڻيجو سوبل ئي ڳوٺ سنبرڻ ۾ تياري ڪندو هو سفر هو ڪوشش ڪري اڪيلي سر گارڊ ڪٽڻ کان سواءِ ئي ڪندو هو. ڪيس لچ لوفر کان ڊپ گهٽ ٿيندو هو.

”توهان تي هڪ الزام اهو به آهي ته توهان جا ڏاڙيلن سان واسطا آهن؟“ انگريزي رسالي جي خاتون صحافيءَ پاران پڇيل ان سوال تي هن نهه پهه وراڻيو هو ”ها واسطا آهن، اهي ڪي آسماني مخلوق ته ناهن، اهي اسان جي ئي راڄ ڀاڳ مان ڪنهن نه ڪنهن جا پٽ، ڀائيٽا ۽ ڀائر آهن. انهن سان ڪيئن ٽا واسطا ٽوڙي سگهون.“ هر سوال جي جواب ڏيڻ جو هن وٽ پنهنجو خاص هنر هو. ڪجهه سال اڳ جڏهن هو اها ڳالهه ڪري رهيو هو ته ڪيس خدا کان سواءِ ڪنهن کان به ڊپ نه ٿيندو آهي. تڏهن مون سندس بيڊروم ۾ سندس سيرانديءَ کان پيل ڪلاشنڪوف طرف اشارو ڪندي چيو هو ”پوءِ اها ڇا لاءِ؟“ ”مون وٽ ڪو به چوڪيدار ناهي، سمهندو به اڪيلو آهيان، پنهنجي حفاظت ڪرڻ به خدا جو حڪم آهي.“ اسان سندس جنهن بيڊروم اندر ويهي مانجهاندو ڪيو، ان ۾ بينظير ڀٽو جي شاهنواز سان عيادت ڪرڻ مهل نڪتل تصوير اڃان به ٽنگيل هئي، سندس راهون ڀ ڀ کان ڌار ٿي چڪيون هيون، پر هن جي پارٽي اڳواڻن لاءِ محبت اڃان به قائم هئي. شاهنواز جوڻيجو عمر جي آخري حصيءَ ۾ شايد پنهنجي ارڙي رولاڪ ۽ آزادنه زندگيءَ سبب سياسي ميدان ۾ اڪيلو ٿي پيو هو. پر ان اڪيلائي جي باوجود هن سانگهڙ منجهان سيٽون کٽي، پنهنجي سياسي هنر ۽ حرفت کي مڃرايو. سياسي ميدان ته هن پنهنجي تعلقاتن ۽ عوامي خدمتن جي بنياد تي مڃرايو هو. پر اولاد جي غم کيس گهائي وڌو هو جڏهن سندس پوٽن مٿان ڪراچيءَ مان ماڻهو اغوا ڪري ڀنگ وٺڻ جا ڪيس درج ٿيا ته سندس ويجهن ماڻهن موجب هو صفا ويهجي ويو. سندس پٽن ۽ پوٽن جي جهڳتي منجهان ڪو به اهڙي خوشبو ڦهلائيءَ نه سگهيو. جيڪا سنجر جوڻيجو جي هن غير روايتي وڏيري ۾ هئي. هو آخري ڏينهن تائين زندگي جي سفر مان پوڙهن واري بيزاري نه ڏيکاريندو هو. صبح جو اٿي ورزش ڪرڻ ۽ گهوڙا ڊوڙائڻ کان پوءِ کير ۽ جوئر جي مانيءَ جو ناشتو ڪري، شام جو دير تائين راڄ جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اوطاق ۾ ويهندو هو. هو سيني شوقن باوجود گهٽي ۾ گهٽي محبت پنهنجي صحت سان ڪندو هو. تڏهن ته هر دور ۾ پنهنجي عمر کان ڏه سال ننڍو لڳندو هو. ”مان اڃان تائين ورزش پابنديءَ سان ڪندو آهيان، ننڍن کي به شرمائيندو آهيان ته ننڍڙيءَ عمر ۾ پيٽ نڪري آيا اٿو ڪجهه ورزش ڪريو.“ عشق محبت جو به ڪوڏيو هو. ڊوڙي وڃي عشق جي شادي ڪندڙ شاهنواز هر ان سنگتي جي مدد ڪئي، جنهن عشق جي شادي ڪرڻ چاهي، عشق ۽ رولاڪيءَ جون منزلون چڙهي، هن جڏهن سياست جي رڻ ۾ گهوڙا ڊوڙايا ه ڪيس اڇرج کان وڏيڪ اهو پهاڪو ياد ايندو رهيو ته ”ماڻهو ۽ موسم متجندي دير ئي نٿا ڪن.“ هونئن ته وڏيري شاهنواز جوڻيجو جي مرتئي تي گهٽن ماڻهن کي ڏک ٿيا هوندا، پر منهنجي اندر ۾ اهو ئي ڏک رهجي ويو ته خواهش هوندي به ڪيس اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ايئن رپورٽ نه ڪري سگهيس، جيئن ڪيس پرنٽ ميڊيا ۾ آندو.

# ساه جي ڳٽتي ويساه جو اُلڪو

اها اخباري خبر ان ڏينهن مون کي ڪشمور ۾ تڏهن پرهڻ لاءِ ملي جڏهن اتفاق سان آئون هڪ پراڻي ڪامريڊ جي پاءُ سان ڪچهري ڪري رهيو هئس. اخبار ۾ اها سنگل ڪالم فوٽوءِ سميت خبر هئي ۽ ممڪن آهي ته اڪثر پڙهندڙن لاءِ اها ڪا ايڏي وڏي اهم خبر به نه هجي، پر پوءِ به اها خبر پڙهي مون کي ڪجهه لمحن لاءِ افسوس ضرور ٿيو. انهن ڪجهه لمحن جي افسوس کي آئون ايترو ڏک به نٿو لکي سگهان، جيترو ڏک هڪ سرخي ڪامريڊ جي انقلابي راهه ڇڏڻ تي هڪ سينئر پوليس آفيسر کي ٿيو هو جنهن تازوئي هڪ ڪچهريءَ دوران ٻڌايو پئي ته ”زندگي ۾ تمام ٿوڙن موقعن تي مون کي ڏک ٿيو آهي، جن منجهان هڪڙو موقعو ڪامريڊ ڄام ساقيءَ جو ڪميونسٽ پارٽي ڇڏي پ پ ۾ وڃڻ وارو به آهي. هو پنهنجي راهه ڇڏي جڏهن پ پ ۾ ويو ته ڪيس ڇا مليو؟ عبدالله شاهه جي حڪومت جي ادائي سالن واري صلاحڪاري، پر ليڪو ته ڪريو ته هن وڃايو ڇا؟“ هن ڏاڍي افسوس واري لهجي ۾ چيو. هو اڳ ۾ به پوليس آفيسر هو. هاڻي به پوليس آفيسر آهي. ذاتي طور زميندار گهراڻي سان واسطو اٿس ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڪڏهن، نه ميمبر نه ئي همدرد رهيو آهي. پوءِ به هن کي ڏک ڇو ٿيو. ”پائي ، سوسائٽيءَ ۾ هڪڙو آوازا هو پر هاڻي وڏيرن جي رش ۾ اسان ڪٿي ڳولهيون، پنهنجي ڪامريڊ کي؟“ اها ئي چنتا مون کي تڏهن ٿي، جڏهن خبر پڙهيم ته ڪامريڊ حسين بخش ناريجي سنڌ جي وڏي وزير سان ملاقات ڪري مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي ۽ هو وڏي وزير جي والهانه قيادت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي.

جيئن هر ڪنهن کي پنهنجو جيون ساٿي چونڊڻ جو حق آهي، تيئن ئي هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي سياسي راهه چونڊڻ جو به حق آهي، ممڪن آهي ته ان ۾ به ديس جي خوشحاليءَ لاءِ ڪي رازَ ۽ ڪي وڏيون مصلحتون لڪيل هجن، جيڪي في الحال اسان جهڙن اڻڄاڻن کي سمجهه ۾ نه اينديون هجن، پر حسين بخش ناريجي کي پاڻ کي ته شايد افسوس نه ٿيو هجي، پر جن ماڻهن کيس ايم آر ڊي جي انهن اجلاسن جي صدارت ڪندي ڏٺو جن ۾ بيگم نصرت ڀٽو، ولي خان ۽ مولانا فضل الرحمان جهڙا سياسي اڳواڻ سنڌس صدارت هيٺ ڳالهائيندا هئا، انهن ماڻهن ناريجي جي هاڻوڪي فيصلي سبب افسوس ضرور ٿيو هوندو. اهڙو فيصلو هن ان وقت ڪيو آهي، جڏهن سنڌس اڳوڻي پارٽي عوامي تحريڪ جو جهونو سربراهه رسول بخش پليجو هڪ شاندار لانگ مارچ جي سرواڻي ڪري پريس ڪلب ڪراچي تائين پهتو. ڪنهن دوست مذاق ۾ چيس ته ”حسين بخش کان پاپي زرينه ڪاوڙيل آهي ته هو سڄي عمر سياست ڪرڻ جي باوجود اولاد کي نوڪري ڏياري نه سگهيو. اهڙي خانداني دٻاءُ سبب هن حڪمران جماعت ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي.“ پلي ته حسين بخش جي ويجهن دوستن جي اها مذاق هجي پر آئون اها ڳالهه شايد مذاق طور به قبول نه ڪريان. ڇو ته جيڪا

زرينہ حسين بخش کي جيل وڃڻ لاءِ اتساهيندي هجي، سا کيس اقتداري ويگن جي پڇين سيٽن تي ڪيئن ويهاريندي؟ ۽ واقعي وارھ ۾ حسين بخش چيف منسٽر جي پروٽوڪول آفيسر سان گڏ پڇين سيٽن تي ويٺل هو.

اهو ليکو چوکو تہ هو پاڻ ئي ٻڌائيندو تہ بدين ۾ هن گهٽا ڦتڪا کاڌا ۽ ڪيترو عرصو جيل ۾ رهيو. اسان تہ صرف ايترو ڄاڻون ٿا تہ هو ڪاٻي ڌر جو محنتي سياسي ڪارڪن هو جنهن مان اجان ڪي وڏيڪ اميدون هيون.

ايمان سلامت هر ڪو منگي

اسان عشق سلامت منگدي هو.

عشق جي سلامتي ڏاڍي ڏکي ٿي پئي هئي، خاص ڪري اسان جهڙن سماجن ۾ جتي نظرياتي پيچ ڏاھ ماڻهن جا من ڏاهي ڇڏيا آهن" مسلم ليگ ۾ شموليت نہ ڪري ها تہ ڀلا ڇا ڪري ها؟" حسين بخش جي هڪ حمايتيءَ سوال ڪيو. شايد ڪجهہ بہ نہ! ڇا سچي عمر ڪڏهن ساڄي پاسي جي، ڪڏهن کاٻي پاسي جي سياست ڪرڻ ضروري آهي؟ هڪڙي دفعي مليل حياتيءَ ۾ ڪجهہ ئي ماڻهن کي پنهنجي ڪا حيثيت ۽ ڪو وزن ڻاهڻ جو موقعو ملندو آهي. ان کي ڇو وڃائجي؟ (هي ڪهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي هٿن سان پنهنجو بت ڏاهي رهيا آهن؟!) ڪنهن دوست ٻڌايو تہ ڇي گويرا ايشيا ۽ آفريڪا سميت يورپ ۾ تمام گهڻن آرٽسٽن، فنڪارن ۽ راڳين لاءِ اڄ بہ اتساھ جو سبب بڻيل آهي. اهي فنڪار ۽ آرٽسٽ هوندئن تہ عام رواجي سياست کان خائف هجن ٿا، پر ماضيءَ جي مقبول گوريلا ليڊر جي اسڪيچ واريون شرٽون ۽ ٽوپيون وڏي شوق سان پائين ٿا. نيلسن منڊيلا کي ئي ڏسو حياتيءَ جي آخري ڏاڪن تي ڪيڏي نہ عظمت ۽ وقار سان اچي پهتو آهي. ڪنهن دوست چيو تہ "اسان جي سياسي اڳواڻن واري نسل مان هجي ها (خدا ائين نہ ڪري) تہ اجان تائين نہ رڳو اقتدار کي چنبڙيل هجي ها، پر "نظريہ ضرورت" تحت ايتري ڪرپشن ڪري ها، جو آفريڪي ماڻهو انقلاب تان ئي ويساھ کڻي وڃن ها ۽ نئين سر اهڙن جڙتو انقلابين مان جان آجي ڪرائڻ لاءِ تحريڪون هلائين ها." پري ڇو ٿا وڃو پنهنجي جهوني اشتراڪي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ کي ڏسو جيئن بہ آهي جهڙي تهڙي حال ۾ بہ انهن انقلابين سان نڀائيندو ٿو اچي، جيڪي هاڻي تمام ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃن." لاڙڪاڻي جي هڪ اديب چيو، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻيءَ جيئن کاٻي ڌر جي اڪثر پڙهيل لکيل نوجوانن لاءِ اتساھ جو ذريعو هو تيئن ئي سندس ننهن ڪلپنا ديويءَ کي بہ ڪجهہ جوشيلن ڪارڪنن ڪامريڊ جو هڪ جديد ۽ خوبصورت عڪس قرار ڏنو هو ڪلپنا جا ڪجهہ اخباري مداح تہ ان حد تائين لکڻ لڳا تہ سنڌ ۾ ٽيگور جي شانتي نڪتين جو خواب ان ڪامريڊ جي ننهن پورو ڪندي، جيڪو جوانيءَ ۾ شانتي نڪتين پڙهڻ ويو هو. شانتي نڪتين جي سنڌي ايڊيشن وارو خواب ان ڪري بہ ختم ٿي ويو جو ڪلپنا امتياز شيخ واري ايس ڊي اي کان پوءِ ان سان گڏ مسلم ليگ ۾ شموليت

اختيار ڪئي. هاڻي جڏهن شڪارپور مان امتياز شيخ جو ويجهو ساٿي پاپل پيو گرفتار ٿيو ته مون ڪلپنا کي فون ڪري پڇيو ته هاڻي سندس گرفتاريءَ جو وارو ته ناهي؟ جنهن تي هن وراڻيو ته "امتياز کي سک ۾ ڪونه ڇڏيم، هاڻي ڏک ۾ ان کي ڪيئن ٿي ڇڏي سگهان. هونئن به امتياز سان اهڙا ليکا ته نه ڪبا." شايد انهن لمحن لاءِ ئي غالب چئي ويو ته:

بازيچه اطفال هي دنيا ميري آگي

هوتا هي شب و روز تماشه ميري آگي.

ڪشمور ۾ ئي مون کي خبر پئي ته پراڻو ڪميونسٽ گهنشام پرڪاش اڄڪلهه ممبئي ۾ رهي ٿو. شروع ۾ ڪلينڪ هلائيندو هو پر هاڻي سنڌيءَ ۾ هڪ رسالو ڪڍي ٿو جنهن ۾ پاڻ واري سنڌ کي هو "مقبوضه سنڌ" لکي ان جا احوال شايد ڪري ٿو. جنهن تان سندس سهرو ڪيس ٺوڪيندو رهي ٿو ته "تنهنجا ڦڏي جا ڪم جهڙا هُتي تهڙا هتي."

گهنشام پرڪاش کي نوي جي شروعاتي سالن ۾ تڏهن گرفتار ڪيو ويو هو. جڏهن سنڌ اندر سياسي ڪارڪنن ۾ اڳواڻن لاءِ هڪ پيرو ٻيهر ڌرتي تنگ ڪئي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر دودي مهيريءَ کي چمبڙ مان گرفتار ڪيو ويو هو. جڏهن ته عبدالواحد آريسر کي ٽنڊي ٽيل واريءَ واري اباڻي ڳوٺ منجهان تڏهن گرفتار ڪيو ويو هو جڏهن هو پنهنجي ڳوٺاڻن سان تاش راند ڪيڏي واپس گهر اچي آهليو هو. عبدالواحد آريسر ڪان شايد اها گرفتاري ڪڏهن نه وسري، ڇو ته ان وقت اهلڪارن سندس اڪيون سندس ئي گهر واري جي گنديءَ (پوتيءَ) سان ٻڌيون هيون. اسان جهڙن ڏتڙيل سماجن ۾ اهڙن مرحلن منجهان گذري ايندڙن کي ماڻهو وڏو پيار ۽ پاڀوهه ڏين ٿا. اتساهه جو ذريعو سمجهن ٿا پر جيڪڏهن اهي ماڻهو ڪنهن به اقتداري سياسي ويگن ۾ چڙهي پون ته هنن جي خاندانن جون زندگيون ته سوليون ٿي پونديون. پر ماڻهن جو ويساهه..........؟! ان جو ڇا ٿيندو جن ويساهه ڪيو.

جس منزل نون عشق پچاوي

ايمان نون خبر نه هو.

اولاد ۽ دنياوري مجبوريون ته هر ڪنهن کي ٿين ٿيون، پر طمع جي تنوار ڪو ڪو ئي ڇڏي ٿو. جڏهن اها تنوار ڇڏي ڏين ٿا، تڏهن ئي مان مرتبو ۽ هڪ رتبو حاصل ٿئي ٿو. سنڌ اندر سياسي سرگرميءَ جي مالها جنهن طريقي سان ٽٽي. ان ته ماڻهن منجهان ماڻهن جا ويساهه ئي کٽائي ڇڏيا. جيئن ان دور ۾ "ڪٽو منجهه قرار، هٿا هيڪاندا سنگ ۾" پر هاڻي ته "نه ڇاڻ ٻيهار، ڪير ملندو ڪنهن سين." رستو الڳ ڪرڻ ۾ به جنهن وقار ۽ مان مرتبي جي تقاضا ڪئي ٿي وڃي، هتي ته اها به پوري مشڪل سان ٿي ٿئي.

نئين ديري ۾ حسين بخش ناريجي جو گهر بينظير ڀٽو جي گهر جي بلڪل سامهون آهي. جڏهن ته ڪڇي ۾ سندن زمينون به هڪ ٻئي پرسان آهن.عوامي تحريڪ جهڙي ماڊل تنظيم منجهان جڏهن

اسماعيل راهو ۽ ٻين سميت هو ڏار ٿيا ته ڪجهه وقت جي سرگرميءَ کان پوءِ ناريجي پ پ ۾ شموليت اختيار ڪئي. آخري ڏينهن ۾ هو پ پ (ش ڀ) جو ڪارڪن ٿي ڪم ڪندو رهيو پر اقتدار جو مزو نه کيس پ پ ، نه ئي پ پ (ش ڀ) ڏياريو. شايد آخري پ پ حڪومتي دور ۾ سندس صلاحڪاري جو آرڊر به جاري ٿيو هو. پر ان تي عمل ٿيڻ کان اڳ ئي حڪومت هلي وئي، جنهن ۾ کيس اها صلاحڪاري ملڻي هئي. "جيڪڏهن وڏو وزير، ناريجي تي راضي به ٿي پئي ته وڌ ۾ وڌ ٿيهه هزار پگهار واري صلاحڪاري، گاڏي، آفيس ۽ فون جون سهولتون ڏياري سگهي ٿو. پر حسين بخش کي اهو ناريجو ته نٿو ٻڌائي سگهي، جنهن لاءِ ڪاليجن جا شاگرد به "جيئي جيئي" جا نعرا هڻندا هئا ، هڪ سياسي ڪارڪن ڇيو.

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته پ پ هجي يا مسلم ليگ اقتداري راند واري سياست ڪندڙ پارٽين ۾ پڙهيل لکيل وچولي طبقي جو ڪوبه مستقبل ناهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته جنهن روشن خيال اعتدال پسنديءَ جا هوڪا اچوڪا حڪمران ڏئي رهيا آهن، ان روشن خياليءَ جي راهه سنوارڻ لاءِ لاتعداد سنڌيءَ نوجوانن پنهنجو رت ڏيئي جي تيل جيان جلايو. پر ان سفر ۾ ڪجهه ماڻهن منزل نه ڏسي ٿڪجي وڃي اقتدار جي ڇانو ورتي.

ان ڏينهن ڪنهن دوست ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي انڊيا ۾ ڇپيل ڪتاب جون اهي ڪاپيون ڏيکاريون، جن ۾ ڪيرت کي شاهه محمد شاهه پاران ڪابل ۾ (اجمل خٽڪ وٽان) لکيل اهي خط به موجود آهن جن کي پڙهي خوابن ۾ رهندڙ انقلابي جوشيلا به ٿي سگهن ٿا پر شاهه محمد شاهه پاڻ اها واٽ ئي ڇڏي ڏني، جنهن تي هلندي ويجهڙائيءَ ۾ منزل جو ڪو ڏس پتو نه ملندو. ائين به ناهي ته ڄام ساقي، حسين بخش ناريجي يا شاهه محمد شاهه جي اقتداري پارٽين ۾ وڃڻ سان ڪا آدرشي تحريڪ مري کپي وئي ۽ ان جو نالو نشان به نه رهيو. پر اڄ به ڪيترائي نوجوان پنهنجي اکين ۾ اجتماعي آجپي جا سرخ ۽ سهانا سپنا سانڍي اڳتي وڌندا رهن ٿا. جن کي اسان جو امداد روڪيندو به رهي ٿو ته:

عشق جي راهن متي ڪاوا ايا

تون نه هل، جان بهاران، تون نه هل.

پر پوءِ به سفر ته جاري رهڻو آهي، ڪنهن جو ڪهڙي طرف ته ڪنهن جو ڪهڙي طرف. ڪجهه ماڻهن کي مايوسي پراڻن کاهوڙين جون هاڻوڪيون سرگرميون ڏسي ٿئي ٿي، جيڪي پاڻ کي اها ئي آٿت ڏين ٿا ته:

دل نادان تجهي هوا کيا هي

آخر اس درد کو دوا کيا هي

هم کو ان سي هي وفا کي اميد

جو نهين جانتي وفا کيا هي.

# باب ٻيو

# چالاڪيون

# روجهاڻ جي راڻي جي اقتدار جي مومل ڪان محرومي

پاڪستان جي سٺن تعليمي ادارن ۾ پڙهڻ کان پوءِ بہ جاگيردانہ ۽ قبائلي قدرن ۾ پختو يقين رکندڙ ظفر الله خان جماليءَ جي حصي ۾ نيٺ اها حاصلات اچي پهتي، جنهن لاءِ لاهور جي هڪ انگريزي اخبار جي ايڊيٽر 2 مهينا اڳ ئي لکيو هو تہ جمالي صاحب جي حاصلات اها ئي هوندي تہ هو روجهاڻ جمالي جهڙي پنتي پيل علائقي ۾ بہ ”پاڪستان جو اڳوڻو وزيراعظم“ فخر سان سڏائي سگهندو. اسلام آباد جي سٺ سٽينڊرڊ تولن ۾ پلي تہ خوش خوشيءَ واري لهر ۽ سُس پچاري هجي پر جمالي حڪومت وڃڻ کان پوءِ روجهاڻ جمالي ۾ ڏک جي لهر ڇانيل هئي. شايد بلوچستان ۾ ان پاسي جي جمالين جو هاڻي انتظاميا تي اهو دٻدٻو نہ رهيو جيڪو نالي ۾ ئي سهي، ظفر الله خان جي وزارت عظميٰ وارن ڏينهن دوران هو ڪجھ ماڻهن لاءِ اها ڳالھ اجان بہ اچرج جهڙي تہ جماليءَ خلاف ڪابہ چارج شيٽ جاري نہ ڪئي وئي هئي، نہ ئي ڪا نوبت گرفتاري وغيره تائين پهتي. ”جمالي جهڙا جاگيردار اصل ۾ تمام شريف، سادا ۽ ايوانن تي اصل حڪمراني ڪندڙن کان ڊنل هوندا آهن.“ پوليس گروپ جي هڪ سينئير عملدار چيو تہ ”انهن کي جيئن چئبو آهي، تيئن ڪندا آهن ۽ مزي جهڙي ڳالھ تہ ان ۾ جيڪڏهن ڪين ڪو ڏک بہ رسندو آهي تہ ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍندا آهن. اهڙائي وفادار خادم تہ ”جديد جمهوري نظام“ لاءِ گهربل آهن. هن پنهنجي ڳالھ پوري ڪري ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس پيتو.

زرعي سماج ۾ پنهنجو ننڍپڻ گذاريندڙ لڳ ڀڳ هر ماڻهوءَ اهو محاورو ضرور ٻڌو هوندو تہ ”اتم کيتي، نيچ نوڪري ۽ وڌندڙ واپار.“ پاڪستان جي سياسي شطرنج تي سالن کان قابض شاطر کيڏارين کي هاڻي ان تبديليءَ تي ڪا حيرت ناهي تہ اتم کيتيءَ ۾ يقين رکندڙ جاگيردار، عزتدار گهراڻن جا ڇڱا مڙس هاڻي ”نيچ نوڪري“ جي ڪڍ ڇو پيا آهن. نوڪري سا بہ جديد دور جي اهڙي نوڪري جو ماڻهوءَ جو ساهہ وڃي پر ڳالھ ٻاهر نہ وڃي، نوڪري جون پاپنديون بہ اهڙيون، جو نوڪري وارن ڏينهن جي ”ڪار گذاري“ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائي سگهجي ۽ صرف خلوت ۾ ئي پٽڪو ڪري سگهجي تہ ”مجبور هين اف الله، ڪجھ ڪھ بهي نهين سڪتي“

جنهن شخص جي عمر گذري هجي وڏيرڪا فيصلا ڪرڻ ۽ قبيلائي تڪرار نبيرڻ ۽ ڳوٺ جي اوطاق هلائڻ کان جنهن پنهنجي پوليٽيڪل ڪيريئر جي شروعات ڪئي هجي. ان کي چونڊي وڃي توهان ويهاريو وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ مٿان ”باس“ هجي ان جو سگهاري اداري جو سربراهہ تہ اهڙي صورتحال ۾ ڪهڙا نتيجا ملندا؟ ظفر الله خان جماليءَ جي ڪجھ حامين هم خيال ماڻهن جو وري خيال مختلف آهي، هو سمجهن ٿا تہ چوڌري پائر ۽ لاهوري ميڊيا مير ظفرالله سان ڪا وفا نہ ڪئي. حالانڪ هو بار بار کين ياد ڏياري رهيو هو تہ هن جو لاهور ۾ سنو وقت گذريل آهي، پر ڇا ڪجي پنجاب جي پنڌ ۾ چوڌري تہ هڪڙو ئي ٽيڪو آهي نہ!

ظفرالله جماليءَ جا ڪي ڪرپشن اسڪينڊلز ته ساممهون اچي نه سگهيا ته پوءِ لاهور جي اخبارن اهو به لکڻ کان گريز نه ڪيو ته جمالي صاحب ٻوڙ گهڻو ٿو کائي. ان ڪري ٻڪر جي گوشت جا ٻه ٽي ڊونگا سندس آڏو رکيا ويندا آهن. ڪجهه اخبارن ته ان ۾ به اضافو ڪيو ته جمالي صاحب کي ٽاڪرو ٻڪر گهڻا وڻندا آهن، پر هاٽي ڪيس ڊائٽينگ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڪنهن وزيراعظم خلاف ان سطح تي هلايل ميڊيا مهم جيڪو اميج جمالي صاحب جو بيهاريو سو ڪو گهڻو بهتر نه هو هن کي پنهنجي تڪ ۾ به وڏا ترقياتي ڪم ڪرائڻ جو موقعو نه ملي سگهيو. ها البته پاڪستان ۾ اقتداري سياست کي آگرين تي نچائڻ واري آمريڪي سفير کي هو ڳوٺ گهمائڻ ۾ ڪامياب ضرور ٿي ويو.

اتم ڪيتي جهڙن محاورن ۾ اچا به يقين رکندڙ ماڻهن ۾ هڪڙو قدر ڪوڙ نه ڳالهائڻ ۽ هڪ ڳالهه ڪرڻ به آهي، پر جمالي صاحب مٿان خود پنهنجي پارٽي جا پارليامينٽرين ان ڪري ناراض آهن، جو هن پنهنجي استعيفيٰ واري ڳالهه انهن کي هڪ ڏينهن اڳ ڪيل دعوت ۾ پڇڻ جي باوجود به نه ٻڌائي هئي. "ڳالهه ڪرڻ جهڙي هجي ته ٻڌائجي، اهڙي ڳالهه ڪجي ته ڪنهن سان ڪجي" ظفرالله جماليءَ استعيفا ڏيڻ کان پوءِ هڪ هم خيال ايم اين اي جي ميار ڏيڻ جي موٽ ۾ چيو. جمالي صاحب واري تجربي کان پوءِ هاڻي عام ماڻهن کي به اهو يقين اچي ويو آهي ته پاڪستان اندر وزارت عظميٰ ٽاڻيداري ۽ تپيداريءَ جهڙي نوڪري بڻجي پئي آهي، جتي "باس" کي "نو" چوڻ جي جرئت نوڪري وڃائڻ برابر آهي، پر ظفرالله جماليءَ جي ويجهو رهندڙ ماڻهن جو چوڻ آهي ته "جمالي ته ڪڏهن پنهنجي "باس" اڳيان نهڪار ئي ڪونه ڪئي هئي. مڙئي چوڏرين پنهنجي باهه ڪڍي."

آزاد جمهوري معاشرن ۾ وزيراعظم ملڪ جي تمام وڏي اهم شخصيت سمجهيو وڃي ٿو. جتي قوم کي عراق جنگ ۾ پاڻي پائيوار ڪرڻ جهڙا فيصلا به وزيراعظم ڪري ٿو جتي ائٽمي تجربا به ان جي مرضيءَ سان ٿين ٿا. اهڙن معاشرن ۾ عام خلق کي خبر ئي نٿي هجي ته سندن هٿياربند فوجن جو سربراه ڪير آهي؟ چو ته انهن کي پڪ هجي ٿي ته فوجن جو سربراه ڪير به هجي، پر حڪم ته آخرڪار وزيراعظم جو ئي مڃيندو. ان ڪري ماڻهو وزيراعظم کي اهم سمجهن ٿا چو ته عملي طور هو ئي اهم قدم کڻي سگهي ٿو پر پنهنجي وطن ۾ شروع کان ئي گنگا الٽي وهندي ٿي اچي. پاڻ وٽ اهو اهم سوال رهيو آهي ته وزيراعظم کي گهر ڪنهن موڪليو؟ جنهن ملڪي تاريخ ۾ وانا آپريشن ۽ پاڪ پارت ڳالهين جهڙا اهم اموڙ ايندا هجن. ان وقت وزيراعظم ايترو لاچار هجي ٿو جو اصل اقتدار ڌڻين کي بيوسيءَ وچان فونن مٿان فون ڪري ته "سر جي، آخر ميرا قصور ڪيا هي؟" فون بند ٿي وڃڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي ئي تسلي ڏئي ته الله ڀلي ڪندو. اهڙي معذور نوڪري ڇاهڪ خود دار سردار جي شان وٽان آهي؟ اهو ته انهن سردارن کي سوچڻ گهرجي، جن کي ڪن زمانن کان پنهنجن علائقن تي حڪمراني ڪرڻ جي ڇڻ ته عادت پئجي ويئي آهي. انهن جو شان ۽ عزت ايتري ته جلدي متاثر ٿيندي آهي جو ڳوٺ واري سڙڪ سان ڪنهن غريب غربي اور ٽيڪ ڪيو. تڏهن به سردار صاحب جو

شان گهٽبو پر هتي تہ نوبت رڳو اوور ٽيڪ جي نہ پر ويڙهي سيڙهي سچي محنت کي ئي ڀسٽ ٻن ۾ اچڻ واري ڪار آهي. وزيراعظم سيڪريٽريٽ منجهان جمالي صاحب جو ذاتي سامان جنهن شام نڪري رهيو هو. ان شام پوليس اهلڪارن کي ڪو ايس ايس پي بدلي ٿيڻ وارو منظر ياد اچي رهيو هو.

جنرل پرويز مشرف کي تہ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روزانو الائي ڪيترا دفعا ياد ڪيو ويجي ٿو ۽ اسلام آباد ۾ ظاهر آهي تہ ان کان ٻيڻ دفعا ياد ڪيو ويندو هوندو. پر ڪجھ ماڻهن لاءِ عجيب ڳالھ اها بہ سامهون آئي تہ اسلام آباد جهڙي بيوفا موسم واري شهر ۾ اڪيلھ سنڌڙيءَ جي مرحوم محمد خان جوڻيجي کي وڏيڪ ياد ڪيو ويجي ٿو. محمد خان جوڻيجو جنهن شينهن جي وات ۾ بہ سچ چوڻ جي جرئت ڪئي. پاڪستان تي طويل فوجي ڊڪٽيٽرشپ ذريعي راڄ ڪندڙ جنرل ضياءَ الحق کي جڏهن ڪنهن سويلين بندي جي ضرورت پئي تہ هن سنگت ساٿ کي ماڻهو ڳولڻ لاءِ چيو. نوان جتوئي جو نواب غلام مصطفي جتوئي تہ پاڻ ئي ٻڌائي چڪو آهي تہ هن اهڙي نوڪريءَ کان ضياءَ کي جواب ڏيئي ڇڏيو پر پير صاحب جڏهن محمد خان جوڻيجي جي ٻانهن ڪمانڊرن حوالي ڪئي تہ هنن ڪيس رسمي انٽرويو لاءِ گهرايو. جنرل ضياءَالحق جنهن ڪمري ۾ وينو هو تنهن ۾ ان قصي جو رازدار فوجي آفيسر بہ ويٺل هو. جنهن در مان داخل ٿيندڙ محمد خان جوڻيجي کي پيرن کان مٿي تائين ڏٺو. هن جي پشاوري چپل جون ڪهيون ڪليل هيون, ڊگهي قد ۽ پراعتماد اکين وارو همراھ جڏهن ضياءَالحق سان مليو تہ اجائي خوشامد وارا لفظ اچارڻ بدران صرف اهو چئي ويهي رهيو تہ ”ڪيئن آهيو؟ ٺيڪ آهيو؟“ ريٽائرمينٽ کان پوءِ ڪتاب لکندڙ آفيسر وڌيڪ لکيو تہ ”جڏهن ڳالھ ٻولھ طئي ٿي وئي تہ جوڻيجي صاحب اٿڻ کان اڳ ۾ آخري سوال اهو ڪيو تہ جنرل صاحب مارشل لا ڪڏهن ٿا ڪٽون. اهڙي غير متوقع سوال تي جنرل ضياءَ الحق تپي تہ ويو پر ڪجھ بہ ڪڇيائين“ ۽ ان ڪتاب جي ليکڪ جنرل ڏانهن ڏسي نظرن ئي نظرن ۾ ڪيس چيو تہ ”هي ڪهڙو ماڻهو آڻدو اٿئي؟“ ڪجھ ماڻهن جو خيال آهي تہ محمد خان جوڻيجي, اهو سوال پنهنجي عهدي جوقسم کڻڻ کان پوءِ ڪيو هو. بهرحال موقعو ڪهڙو بہ هو پر اهو سوال ڪنهن فوجي ڊڪٽيٽر کان عارضي نوڪري ڪرڻ لاءِ آيل سويلين پاران پڇڻ لاءِ واقعي وڏو دل گڙدو کپي ٿو. ڪجھ ماڻهو هرويرو بہ ظفرالله جماليءَ کي محمد خان جوڻيجي جي قدمن تي هلڻ جي صلاح ڏيندا هئا. پر ٻنهي جي حالتن ۽ ٻنهي جي ”باسز“ ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. جمالي صاحب اهڙو يا ان جهڙو سوال آخر ڪنهن کان پڇي ۽ ڪيئن پڇي؟ اها تہ ”بي مروتي“ مڙئي اخبار وارن کان پئي پڳي, جن ڪرسي وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ بہ جمالي کان اهو پئي پڇيو تہ ”سائين ڇا توهان بي اختيار وزيراعظم آهيو؟“ هاڻي هو ڪيچي تہ ڪيئن ڪيچي؟ اختياري ۽ بي اختياريءَ وارو سفر هتي ايترو تہ پراڻو آهي جيترو هن ملڪ جو وجود اهو سوال ڪو صحافي اسڪندر مرزا جي زال کان بہ پڇي ها جنهن کي اڌ رات جو اچي سپاهين اٿاريو تہ سامان ٻڌو ۽ سرڪاري گهر خالي ڪريو. هن بعد ۾ پنهنجي حياتيءَ جا پڇاڙڪا ڏينهن لنڊن ۾ گذاريا ۽ اتي ئي هڪ اڳوڻي ملازم کي ٻڌايو تہ

افراتفريءَ ۾ سامان بہ سميڙيان پئي ۽ رڙيون بہ ڪريان پئي تہ واھ جو ملڪ آهي، جنھن ۾ حڪمرانن سان اهڙي حالت ڪئي ٿي وڃي. ڀلا صبح نہ ٿئي ها ڇا جو رات جوئي سامان ٽا ڪٺايو؟“

اهو اڌ رنگ جو مريض گورنر جنرل غلام محمد ڪنھن ڪان وسرندو، جيڪو پنھنجي حڪمرانيءَ دوران ئي بيڊ تي سمهي ٻارڙن جي راند جيان مرڻ جو ڊرامو ڪندو هو. ملڪي حڪمران جي اهڙي حالت تي اچي جڏهن سڀ گڏ ٿيندا هئا تہ هوهڪ اک کولي سپني کي ڏسي وري سمهي پوندو هو. نيٺ پريشان بيٺل مختلف ادارن جي سربراهن کي تڏهن ساهہ ۾ ساهہ پيوهو جڏهن هواٿي ويهي کين ٻڌائيندو هو تہ اهو مذاق هو جنھن ذريعي مون ڏٺو پئي تہ منھنجي مرڻ واري خبر تي ڪير وڏيڪ خوش نظر ايندو. جنرل ايوب خان يا ڪو بيو؟ اهو اقتداري لمس جوئي نتيجو هو جو شراب ۾ ڏت رهندڙ جنرل بہ لکين ماڻھن جي قسمتن جو فيصلو ڪرڻ لڳا ۽ ملڪ جو اڌ حصو هارائڻ کان پوءِ هو تہ گهٽو خوار ۽ بدنام ٿيا پر سندن سريتون بہ جنرل راڻي ٻڻجي مشھور ٿيون. اقتدار جي ان طويل ۽ ٻچڙو ڪندڙ راند ۾ پيادي جو ڪھڙو قدم هوندو؟ اهو تہ هر جاگيردار ۽ ان جو نئون نسل بہ ڄاڻي ٿو. پر اقتدار ۾ شايد ڪنھن سريت جي ڇپن جي ڇھاءَ جھڙو جادو آهي، جو اقتداري ايوانن جي انتظار گاهن ۾ اڄان بہ پوتارن سردارن ۽ سرمائيدارن جي لائين لڳل آهي. بند ڪمري ۾ ويٺل حڪمران صرف پٽيوالي هٿان نياپو اماڻي ٿو ۽ هي ڊوڙندا ڊوڙندا ان ڪمري طرف وڌن ٿا. صرف ان آسري تي تہ ائين ڪرڻ سان سندس ڪيس ڪنھن نيب عدالت ۾ نہ ويندا ۽ گاڏي تي جهنڊو لڳندو. پوليس پروٽوڪول ملندو. ڇا سويلين حڪمرانن جو اهوئي وڃي اميج ۽ اهوئي وڃي خواب بچيو آهي؟

# ڪرمنل قبيلا ۽ سرچ آپريشن

قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي اهلڪارن ۽ پوليس جي گڏيل سرچ آپريشن کان پوءِ بقاپور ۾ هڪ خوف ڇانيل آهي. الزامن هيٺ گرفتاري کان پوءِ دليل وارو خوف! واٺ ويندي بندوق جي زور تي پڪڙجڻ پنهنجي ئي قميص لاهي اکيون ٻڌائڻ ۽ زمين تي اونڌي منهن ليٽي اهلڪارن جي بوٽن کي ڪلوز اپ ۾ ڏسڻ جو خوف. اهو خوف ته مردن جو خوف آهي پر ڳوٺ جي عورتن کي پراون مردن جا ولر گهر ۾ ڪاهي پوڻ جو خوف آهي. ڳوٺ جون عورتون شڪر ٽيون ڪن جو اهڙو ڪو بددماغ صوبيدار هن سرچ آپريشن ۾ شامل نه هو جنهن سندن عزت تڪي هجي. پر ڪين مُڇن کي مهتيندڙ اهو "صاحب" چٽيءَ طرح ياد آهي، جنهن سندن وارن ۾ ويڙهيل سڃيون گاڏين ۾ ٻڌي ڪين روڊ تي گهلڻ جي ڳالهه ڪئي هئي. "ابا اسان کي هٿيارن ۽ مردن جي ڪهڙي خبر، تڏهن به چون پيا ته نه ڏسيندئو ته بيعزتو ڪري روڊ تي گهيليندا سين" بقاپور جي هڪ عورت ٻڌايو. جيڪا شهر ۾ مسواڙي جاءِ جا ڪرايا پرڻ کان تنگ ٿي اچي پنهنجي ڳوٺ واري جاءِ ۾ وينئي هئي.

بقاپور کي آباد ٿئي اجا ڪجهه ئي مهينا گذريا هئا ته اهلڪارن اچي ان ڳوٺ کي ڪڙو چارهيو ۽ مقامي پوليس به طلب ڪئي. "اسان کان وڌيڪ توهان کي ڄاڻ هوندي ته بقاپور ڌوهارين جو ڳڙهه ٻڻجي چڪو هو شهرن مان ڦرجندڙ سائيڪلون، موٽرسائيڪلون گاڏيون ۽ ٻيون وارداتون ڌوهاري هن ڳوٺ مان ويهي ڪندا هئا. اسان سندن پاڙ پٽي ڇڏي آهي" ونگ ڪمانڊر پنهنجي ايئرڪنڊيشنڊ گاڏيءَ جو شيشو هيٺ ڪري چوڻ لڳو ته لاڙڪاڻي جي دوزخ جهڙي گرميءَ کان بچڻ لاءِ هن تڪڙ ۾ شيشو واپس مٿي چاڙهي ڇڏيو. سرچ آپريشن واري ڏينهن اهلڪارن جي سرگرمي لاڙڪاڻي پرسان ئي جنگي سلامتي جهڙي هئي بقاپور ايندڙ رستا ته هر طرف کان سيلڪيا ويا هئا. گهر گهر جي به تلاشي ڪئي وئي هئي. پر سپ کان ڏکيو ڪم شايد 10 ايڪڙ پاٽي ۾ لڪل هٿيار ڳولهڻ هو. اهو ڪم شروع ۾ قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي جوانن سرانجام ڏنو. پر شام ڌاري صرف لاڙڪاڻو پوليس جا سپاهي پاٽيءَ ۾ لٽل نظر آيا. بقاپور ۾ صبح کان سرچ آپريشن وارو تماشو جاري هو جنهن کي بار بار ڏسڻ کان پوءِ شام ڌاري آخري چڪر هڻڻ وياسين ته جيئن ڏسي سگهجي ته "سنگت" وچڻ جا سانباها پئي ڪري يا رات ترسندي؟ ايئرپورٽ روڊ کان بقاپور طرف ويندڙ روڊ تي واقع پيٽرول پمپ ان وقت اهلڪارن جو مرڪز بڻيل هو پمپ پرسان تعمير ٿيل ٽن خالي دڪانن جا شٽر مٿي ڪري سوين ماڻهن کي انهن ۾ اندر ۽ ٻاهر ويهاريو ويو هو. جنهن وقت آئون انهن دڪانن وٽ پهتس ته اکيون ٻڌي زمين تي ويهاريل ڳوناٽن اڳيان چار پلاسٽڪ جون ڪرسيون پيل هيون، جن تي قانون لاڳو ڪندڙ اداري جا عملدار ۽ لاڙڪاڻو پوليس جو هڪ اي ايس پي ويٺل هئا. انهن سوين ماڻهن جو پنيون اگهاڙيون، اکيون ٻڌل ۽ ڪنڌ هيٺ جهڪيل هئا. ڪرسين تي ويٺل صاحبان اکيون ٻڌل ماڻهن کي پٺي ڏئي سامهون پاٽيءَ مان

ٽيندڙ هٿيارن جي تلاش ڏسي رهيا هئا. هنن ڪرسي گهرائي مون کي ويهڻ جي آڇ ڪئي پر آئون بيٺو ئي رهيس ۽ اتان هليو وڃڻ جو سوچي رهيو هئس. مون شايد ان منظر کان اکيون چورائڻ پئي چاهيون، پر منهنجي ٻي مجبوري هئي. جنهن جي ڪري ڳوناڻن جي اها ذلت مون کي پنهنجي ئي اکين سان ڏسڻي هئي.

ان سرچ آپريشن دوران رينجرز شايد پنهنجي اندازي کان وڌيڪ ماڻهو گرفتار ڪري ورتا، جنهن ڪري انهن ڪنڌ جهڪيل اکيون ٻڌل ماڻهن کي ڪيمپ تائين پهچائڻ لاءِ گاڏين ۾ چڙهڻ لاءِ چيو ويو. ان گهڙيءَ هڪ نوجوان کين گذارش ڪئي ته اها سائيڪل اجا روڊ تي پئي هوندي، جنهن تي چڙهي هو شهر کان ڳوٺ ايندي سوگهو ٿيو. کيس اها سائيڪل کڻڻ ڏيو. پر مفتوح ماڻهن جون ڪهڙيون فرمائشون پوريون ٿين ٿيون. کيس به ڪنڀي ڪٽي وجهي گاڏي ۾ سٽيو ويو.

ان سموري دليرانه ڪاروائي جي بريفينگ نه، پر فوٽو سيشن لاءِ جڏهن اسان کي رينجرز لاڙڪاڻي جي هيڊڪوارٽر گهرايو ويو ته عام ماڻهن جا هجوم به ٻاهران بيٺل هئا. جڻ ڪنهن مقبول شخصيت جي ڪورٽ ۾ شنوائي هجي. نام نهاد ڌوهارين وٽان پڪڙيل هٿيارن سان گڏ ڊي پي او ۽ ٻين عملدارن بيهي فوٽو ڪيرايا. اسان ڪائنئن اجازت وٺي ٻاهر آياسين ته هجوم ڳالهين جو سمنڊ ٻڌجي پيو. هڪ چيو ته ”اسان جو ٻنهي ڌرين سان واسطو ناهي، تڏهن به اسان جا 6 ماڻهو وٺي ويا آهن. اسان ابڙا به ناهيون، مهر آهيون، تڏهن نه نتا ڇڏين.“ ٻئي چيو ته ”اسان جا همراه پن مان ٻوري چوندي ان ۾ مناڻ ملائي وڪڻندا آهن. اها ٻُوري چوندڻ ويا ته گرفتار ٿي ويا“ ٽئين ٻڌايو ته ”اسان جا همراه آهن بيگناهه اهي سامهون زمين تي ويٺا اٿو توهان ئي ڪجهه ڪريو.“ اهي ڳالهيون ورجائيندا رهيا. لڳو جڻ ڳالهه ساڳي صرف آواز بدلجندا پئي ويا. ڌوهاري سرگرمين قبيلائي جهيڙن ۽ سرچ آپريشن سبب بقاپور ايترا دفعا ته ميڊيا ۾ دهرائجي چڪو آهي جو هاڻي اهو ڳوٺ پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ٻڌجي چڪو آهي ۽ اهو لکڻ ئي فضول ٿو لڳي ته لاڙڪاڻي پرسان هڪ ڳوٺ بقاپور ۾ هيئنئن ٿيو. ”بقاپور جي توهان کي خبر ناهي؟ ڪهڙو ڏوهه آهي جيڪو شهر مان ٿيو هجي ۽ بقاپور مان هٿ نه آيو هجي. پوءِ به توهان انهن کي مظلوم ڪري ٿا پيش ڪريو.“ پوليس جي هڪ سينئير عملدار چيو.

پر لاڙڪاڻي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ بقاپور جو هاڻي اهو دور ڪٿي جڏهن بقاپور جا ابڙا ممبئي جي ڀائي لوگن جيان نياپي تي چندو اوڳاڙيندا هئا. لاڙڪاڻي شهر جي ڪجهه علائقن ۾ ته بقاپور جو ابڙو سڏرائڻ ئي دهشت ڦهلائڻ برابر هو پر هاڻي ان ڳوٺ کي اهڙو ته ويراني وڪوڙي وئي آهي جو بقاپور ۾ ڪنهن کي به ڇانورو نصيب نٿو ٿئي. ڪجهه ماڻهن ان ڳوٺ کي ٻيهر وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سُکن سان گڏ ساوا به سڙي ويا. ”ابا اسان ٻنهي ڌرين جي خير گهرڻ وارا، نه ابڙا، نه انڙ، اسان پاڻ ماڇي (سولنگي) تڏهن به اسان جي مردن کي وٺي ويا آهن.“ بقاپور ۾ سولنگي برادري جي هڪ عورت چيو. هوءَ سرچ آپريشن کان ان ڪري به هيسيل هئي جو صبح جو اجان سندن ٻارڙن به ننڊ مان اکيون نه کوليون

هيون تہ قانون لاڳو ڪندڙ ۽ پوليس سندن گهرن اندر پهچي چڪي هئي. پوليس ڇاپن دوران اهلڪارن پاران گهرن ۾ گهڙڻ دوران جيڪا دهشت پيدا ٿئي ٿي اها معصوم ٻارڙن ۽ عورتن تي گهرا اثر ڇڏي ٿي. پر اها دهشت پوڙهن کي بہ نٿي بخشي، حالانڪ بقاپور جو سرچ آپريشن ٻن نابين ڀائرن پنهنجي اکين سان ڪونہ ڏٺو پر ان جي دهشت ايتري هئي جو سرچ آپريشن جي ٻئي ڏينهن ٻئي نابين ڀائر سامان گڏھ گاڏين تي ڪٽي ڳوٺ مان لڏي ويا.

جنهن موسٽ وانٽيڊ ماڻهو خاطر بقاپور ۾ اهو آپريشن ڪيو ويو، سو پيرل ابڙو ڇيو وڃي ٿو. رينجرز ۽ پوليس جي اٽالن کان هو ڪيئن بچي ڳوٺ مان نڪتو. اهو تہ جڏهن مليو تڏهن پڇندوماںس، پر آپريشن جي وٿ پڪڙ کان پوءِ هن مون کي فون ڪيو پيرل جو چوڻ هو تہ اسان ڏوهاري ناهيون باقي ذاتي دشمني سبب خون ٿيل آهن، ذاتي جهيڙن سبب روپوش آهيون.“ جڏهن ڪيس پوليس آڏو پيش پوڻ جي صلاح ڏنم تہ هن پوليس مٿان بي اعتماديءَ جو اظهار ڪيو. ”اسان مرد سڀ روپوش آهيون، گهرن ۾ صرف عورتون وينل آهن. مون کي گرفتار ڪري پوءِ منهنجا ننڍا ٻار ماريندا ڇا؟“ پيرل ڇيو. پيرل ابڙي جي ڳالهين کان وڌيڪ مون کي سندس آس پاس موجودگيءَ تي حيرانگي ٿي. قانون لاڳو ڪندڙ ۽ لاڙڪاڻو پوليس جنهن ماڻهو لاءِ جنگي علائقي جهڙو سرچ آپريشن ڪيو سو هتي ئي ڪٿي آس پاس وينل هو، پر ڪين سندس موجودگيءَ بابت ڪا ڄاڻ نہ هئي. سا ڳالهہ عام ماڻهو مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهن. عام ماڻهن کي ڇڏي جيڪڏهن واقعي اهلڪارن کي پيرل جي موجودگيءَ جي پڪ نہ هئي تہ اهڙو دهشت ڦهلائيندڙ سرچ آپريشن ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ بقاپور جي ڪرمنل قبيلن سان گڏ عام ماڻهو جيترو خوار ٿيا. ڇا اهڙي خواري کان پوءِ هو پنهنجي ملڪ جي سيڪورٽي فورسز سان محبت ڪرڻ سگهندا؟ ڇا سندن ضمير ڪڏهن ڪين انهن فورسز تي اعتماد ڪرڻ جي اجازت ڏيندو؟ مون کي تہ بقاپور جي نئين نسل بابت فڪر آهي. جن سدائين سرچ آپريشن ڏسي اکيون کوليون آهن. جن سدائين پنهنجي وڏن جي هٿن ۾ هٿيار ۽ دشمنيون ڏٺيون.

ان نسل تہ بيگاهہ وقت تي پنهنجي گهرن ۾ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي نوجوانن کي ڇاپا هڻندي ڏٺو. بقاپور جي ان نسل ڪڏهن اسڪول جو منهن ناهي ڏٺو. هنن جي اڪثريت کي اها خبر ناهي تہ ڊاڙيل يا پوليس کان سواءِ پڙهي ڪو ڊاڪٽر يا پروفيسر بہ ٿبو آهي، ڇو تہ سندن ڳوٺ جي نئين ايرندڙ نسل منجهان خطرو آهي. اهڙن سرچ آپريشنن جي مهربانين سان ڪٿي هو وڌيڪ رهزن ڏوهاري تي نہ نڪرن.

# جرڳائي سياست جي گهيري ۾ آيل سنڌ

ان ”جمهوري جنرل“ جي جديد روشن خياليءَ جو سچ تنهن ڏينهن سکر منجهان اپريو پئي الاءِ لٿو پئي، جنهن ڏينهن سنڌ ۾ صدر صاحب جي ڪيمپ جا سردار ويهي هڪ خوني تڪرار جو جرڳو ڪري رهيا هئا. اتر سنڌ جي تاريخ ۾ شايد اهو پهريون جرڳو ئي هيو، جنهن جي نگراني سنڌ جو موجوده وزيراعلي پاڻ ڪري رهيو هو. ”ٻن ڌرين ۾ صلح ڪرائڻ منهنجي آئيني ذميواري آهي.“ هن صحافين ۾ سوالن جي موٽ ۾ چيو هو. اهو جرڳو سکر جي ان سرڪٽ هائوس اندر ٿي رهيو هو جيڪو سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ کان 2 ڪلوميٽر به پري ناهي. اها ڪورٽ ان ڏينهن ته خاموشي هئي. پر ان ئي ڪورٽ 23 اپريل 2004ع تي اهڙن جرڳن بابت تاريخي فيصلو ٻڌائي اتر سنڌ جي اڪثر قبائلي سردارن ۽ سياسي پوتارن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون ڪجھ سردارن ته رٿيل جرڳا به ملتوي ڪري ڇڏي هئا ۽ ڪجھ سردارن پنهنجا جرڳا بلوچستان منتقل ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن ته چند سردارن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس رحمت حسين جعفريءَ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ وڃڻ جو اعلان ڪيو هو پر هاءِ ڪورٽ جي ان فيصلي خلاف ڪو به ماڻهو سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرڻ نه ويو هو. گذريل سال هاءِ ڪورٽ پارن ٻڌايل اهڙي فيصلي سان پراڻي ڪامريڊ شبير شر جي به اهڙي ناماچاري ٿي، جهڙي وڪالت واري ڪيريئر ۾ ڪيس اڳ ڪڏهن نصيب نه ٿئي هئي. شبر شر ان ڪيس ۾ پٽيشنر جو وڪيل هو. انهن سموري وڪيلن ۽ معزز ججن جي اکين جا اوجاڳا اجايا ٻڌايا ويا. ”سرداري نظام ۾ آخر اهو ڪهڙو نشو آهي. جنهن جو سرور حڪومتي مزا ماڻيندڙن کان به نٿو لهي؟“ هڪ شاعر نما بيوروڪريٽ پڇيو. جيڪو اسان جي سماج ۾ هر قدر کي پڄندي پرندي ۽ تباھ ٿيندي ڏسي ٿو. پنهنجي آفيس ۾ سرڪاري فائيلن ۾ گم ان ويچاري بيوروڪريٽ کي جاگيرداراڻي انا جي تسڪين جو لطف ڪڏهن سمجھ ۾ ئي نه ايندو ته ڪيئن نه سردار ٿيڻ بعد قبيلي کي ٻڪرين جي ڌڻ وانگر هڪ لٺ سان هلايو وڃي ٿو. اها ڪا تعجب جهڙي ڳالھ نه پر تلخ حقيقت اٿو ته باھ جي ساک تي فيصلو ڪندڙ جيڪب آبادي سردار منظور پنهور سان ٻيا وڏيرا ساڻ ڪائيندا آهن ته هو ان جهڙو ڪو ٻيو ڪم ڇو نٿا ڪري سگهن. باقي ساک وٺڻ به ايندڙ ڏينهن ۾ ايتري ئي وقت پاپولر ٿيڻ واري آهي جيتري جرڳائي سياست ٿي چڪي آهي. ايندڙ وقت ۾ اسان کي ”جنرل جي مهربانين“ سان ڪو نه ڪو اهڙو وڏو وزير ضرور ملي ويندو.“ جيڪو باھ جي ساک کي اصل فيصلو مڃيندو. اهو ڪو گهڻو مشڪل نه. پر تمام گهڻو آسان ڪم آهي، ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان جڏهن مير منظور پنهور سنڌ جو وڏو وزير ٿي وڃي ٿو ته پوءِ هر هفتي ڳوٺ وڃي فيصلو ڪرڻ جي ڪيس فرصت ڪٿي هوندي. ڪشادي وزيراعليٰ هائوس جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ باھ جي ساک (چرپيلي) جو بندوبست ڪري وزيراعليٰ هائوس ۾ ئي فيصلا ڪيا ويندا ۽ اهي ٿي به سگهن ٿا. ڇو ته اسان ”روشن خيالي“ جي ان جدت پسندي واري

صورت ۾ گذاريون ٿا، جتي مولوي صاحبان بہ اسان سان جرڳن ۾ گڏ ويهن ٿا ۽ فتوائون پڙهي انهن جهيڙن جي خاتمي جو اعلان ڪن ٿا.جيڪي جهيڙا جرڳن سان ڪڏهن بہ حل ناهن ٿيڻا. عدالتن، پوليس ۽ انتظاميا جا مامرا جڏهن اڌ پڙهيل سردارن حوالي ڪيا ويندا آهن، تڏهن هر مسئلي جو حل جرڳي ۾ نظر اچي ٿو. جرڳو سنڌ اندر هاڻ ايترو پاپولر لفظ بڻجي پيو آهي، جو بہ ڇوڪرا  هڪ ڇوڪريءَ جي عاشقي تان وڙهن يونيورسٽي ۾ ٿا، پر هو پرچڻ لاءِ چون ٿا تہ جرڳو ٿيندو. جيئن عدالتي ڪلارڪ ۽ ٺاڻن جا منشي لفظن جي پويان پئجي ويندا آهن. تيئن ئي ”جرڳو“ لفظ جاگيردارن جي پويان پئجي ويو آهي. ڪنهن کان بہ پڇو هو توهان کي چوندو جرڳو ڪٽي، اسان فيصلو يا راجوڻي ڪرائي ٻن ڌرين کي راضي ڪيو. خير ۾ تہ الله بہ راضي آهي.“ مجيوسين خير ۾ الله بہ راضي آهي، پر مائي مختاران جهڙي جرڳي واري فيصلي ۾ بلڪل بہ راضي ناهي. اي سنڌيو! توهان ڪنهن خوف کان زبان ڪٽي نہ چوريو پنهنجي چپ سبي ڇڏيو پلي تہ توهان کي ڪو فيض واريون اچي سٽون ٻڌائي تہ ”بول ڪہ لب آزاد هين تيري“ پر پوءِ بہ توهان پنهنجا چپ پلي تہ کوليو پر اهو پنهنجي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ سنڀالي رکو تہ جرڳا مسئلن جو حل ناهن. توهان پنهنجي ايندڙ نسل کي ضرور ٻڌائجو تہ ”جرڳا جهنگ جو قانون آهن، جيڪي ڀوتارن جو سياسي سهارو بڻيل آهن.“ ايندڙ جديد دور جي انفارميشن سيڪٽر واري وهڪري ۾ انهن جي ڪا شايد جاءِ نہ هجي.

ڌتريل سنڌي سماج جي بهتريءَ ۾ جرڳن جي اهميت کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ اسان ملتان جي ان ميروالي ڳوٺ هلون ٿا،جتي ڳوٺ جي پنچائت 30 سالن جي عورت مختاران مائي کي اهڙي سزا ڏني، جيڪا اڳتي هلي پاڪستان سرڪار لاءِ مٿي جو سور ثابت ٿئي. ڳوٺ جي پنچائت جي فيصلي موجب 4 مستوئي مردن کي مختاران مائي سان زوري زنا ڪرڻي هئي، ڇو تہ مختاران مائي جي 12 سالن جي ڀاءَ شڪور مٿان ڳوٺ جي هڪ مستوئي ڇوڪريءَ سان ناجائز لاڳاپن جو الزام لڳل هو. مير والا ڳوٺ کي گجر قبيلي سان واسطو رکندڙ مختاران مائي هيسيل ۽ هيٺين ذات واري هئي. قبيلائي، پئنچائتي ۽ جرڳائي جهان موجب اهو تہ درست ٿي چڪو هو. ڇو تہ فيصلي موجب مختاران سان زوري زنا ڪندڙن ۾ هڪ جرڳائي جج بہ شامل هو جنهن پاڻ اهو فيصلو ڏنو هو. جيئن جرڳائي جج چوندا آهن تہ ڌريون کير کنڊ ٿي ويون، پر اوچتو اها خبر بہ اخبارن ۾ اچي ويئي، جنهن کان پوءِ  هڪ ٻي مختاران مائي جو سفر شروع ٿئي ٿو. مختاران مائي جو استار يا جمڻ جي تاريخ تہ الائي بہ کهڙي آهي، پر لڳي ٿو تہ سندس حياتيءَ ۾ جون مهيني جو وڏو عمل دخل آهي. ڳوٺ جي پئنچائت جڏهن کيس زوري زنا جي سزا ٻڌائي تہ اها بہ 22 جون 2002ع هئي، جڏهن ايچ آر سي پي سندس ڪيس کڻي (ها اها ئي انساني حقن جي تنظيم، جنهن جي چرپر تي سنڌ ۾ جام ساقيءَ ڊرامي کان پوءِ بندش پيل آهي) ان ايچ آر سي پي مختاران جو ڪيس کڻي خاص عدالت ۾ پهچايو. خاص عدالتن جي جج 4 ڏوهارين کي موت جي سزا ٻڌائي. هاڻي توڙي جو هن سال 11 جون تي لاهور هاءِ ڪورٽ جڏهن مختاران مائي ڪيس جي 3

جوابدارن کي آزاد ڪيو تہ حڪومت ڀئي ڏينهن سندس نالو ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ ۾ ڏئي ڇڏيو تہ جيئن مختاران مائي جهڙي ڪمزور عورت آمريڪا وڃي پاڪستان جو پرڏيهہ ۾ جڙيل ”سافٽ اميج“ خراب نہ ڪري، ڪنهن ملڪ جو اميج اهڙو نازڪ ڇو هجي، جو هڪ ستايل عورت جي ٻاهر وڃڻ سان اهو ٽٽي پئي.“ هڪ يونيورسٽي ٽيچر ٻڌائي رهيو هو جيڪو تازو ئي پرڏيهي دوري تان موٽيو آهي. هن هيٿرو ايئرپورٽ تي پاڪستان جي ناميارن سياستدانن کي جوتا لاهي تلاشيون ڏيندي ڏٺو. پاڪستان پرڏيهہ ۾ ڪهڙو ڪنڌ ڪڍندو. جڏهن نيويارڪ ٽائيمز ”اهڙن دوستن هوندي بہ“ جهڙا ايڊيٽوريل لکي آمريڪي سرڪار تي دٻاءُ وجهي تہ جيڪي انسانن آزادين جو احترام نہ ڪن، اهڙا ملڪ ۽ اهڙيون دوستون ڪهڙي ڪم جون. پاڪستان جي اهڙي اميج بابت اهي خبرون لاڳيتو شايع ٿيون تہ لاهور جي عدالت مختاران مائي جي ڪيس جا جوابدار آزاد ڪري ڇڏيا. مختاران جو پاسپورٽ ضبط ڪري ڇڏيو ۽ سوني تي سهاڳو تہ صدر صاحب پاڻ آسٽريليا پريس ڪلب ۾ چيو تہ مختاران مائي جي پرڏيهہ وڃڻ تي پابندي مون مڙهي آهي. اسان تہ کوهہ جا ڏيڏر ٻڌجي جيئڻ جا عادي ٿي چڪا آهيون. پر ڇا ٻاهرين دنيا مان بہ اهڙي اميد رکون تہ هو صرف صدر مشرف کي ٻن ٻلونگڙن سميت فوٽو ڪيرائيندي ڏسي اعتبار ڪري وٺندا تہ پاڪستان هڪ ”جدت پسند روشن خيالي“ جي راهہ تي گامزن آهي؟ اها آرمي ڊسيپلينڊ روشن خيالي گجرات جي چوڌري کان شروع ٿي ڪيٽلاريءَ جي اربابن تائين ختم ٿئي ٿي. سنڌ جي ايرنڊڙ شعور کي پلي تہ ڪير ڪيترو بہ سمجهائي، جرڳن جي ڪير ڪيتري بہ خوبصورت تشريح ڪري پر حقيقت اهائي آهي، جيڪا جرڳن جي ڪٽڪ پوتارن جي بنگلن تي نظر اچي ٿي.

جرڳن ۾ ڏوهاريءَ جو تعين اٺ فوٽ ويڪري، 6 فوٽ اونهي ٽانڊن جي باهہ چوڪري ڪري ٿي، ٽانڊن جي باهہ جيڪا پاٽيءَ جيان انڌي ٿئي ٿي. اها ئي اسان جي ڏوهي يا بيڏوهي هجڻ جو فيصلو ڪري ٿي

هو ينڪ کر جنون کي راهون مين
عقل سي انتقام ليتي هين.

# بينظير ڀٽو جي قبر تي ”ۄلين“ جهڙو هجوم

پيپلز پارٽيءَ جي مقتول سربراهه بينظير ڀٽو جو چاليهوخميس جي صبح جو ان جي اباڻي قبرستان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ڪيو ويندو. چاليهي جي رسم مطابق قرآن خوانيءَ ۽ اجتماعي دعا کان پوءِ خيرات جي ماني يعني لنگر تقسيم ڪيو ويندو.

پيپلز پارٽي جي مرڪزي ترجمان فرحت الله بابر جو چوڻ آهي ته بينظير ڀٽو صاحبه جي چاليهي جي موقعي تي پارٽي جو عام جلسو نه ڪيو ويندو، سڀني صوبن ۽ ڊويزنل هيڊڪوارٽرن ۾ تقريبون منقعد ڪيون وينديون.

ٻئي طرف پيپلز پارٽي جا سوين ڪارڪن قافلن جي صورت ۾ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو پهچڻ شروع ٿي ويا آهن، انهن ۾ اهي درجنين ڪارڪن به شامل آهن، جيڪي پنهنجي اڳواڻ جي قبر تي حاضري ڀرڻ لاءِ ڏورانهين علائقن کان تمام وڏا فاصلا طئي ڪري پهتا آهن. مقامي ماڻهن جوچوڻ آهي ته چاليهي کان پهرين ئي بينظير ڀٽو جي قبر تي ولين جهڙو هجوم ۽ ماڻهن جي رش وڌي ويئي آهي.

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو هوندئن ته هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو ۽ ڀٽو خاندان جي فردن جي قبرستان جو نالو آهي پر بينظير جي تدفين کان پوءِ قبرستان ۾ بازار لڳي ويئي آهي ۽ماڻهو هن کي سياسي اڳواڻ کان وڌيڪ هڪ ولي يا بزرگ طور ڏسي رهيا آهن.

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ لڳ ڀڳ هڪ سؤ جي اندر ماندبين جهڙا اسٽال لڳي ويا آهن، انهن اسٽالن تي سڀ کان وڌيڪ بينظير ڀٽو جون تصويرون ۽ ان جي تقريرن واريون سي ڊيز ۽ آڊيو ڪيسٽون وڪامي رهيون آهن.

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ تصويرون ڪپائيندڙ حبيب رند جو چوڻ هيو ته محترمه جي تدفين کان ڪجهه ڏينهن پوءِ سڀني کان پهرين هن تصويرون ڪپائڻ شروع ڪيون، جڏهن محترمه جون تصويرون روزانو هزارن جي تعداد ۾ ڪپڻ لڳيون ته ٻيا ماڻهو به پهچڻ شروع ٿي ويا.

حبيب مطابق هو بينظير ڀٽو صاحبه جو هزارين تصويرون وڪرو ڪري چڪو آهي پر قمبر جي هڪ بزرگ سان محترمه بينظير جي ورتل تصوير سڀ کان وڌيڪ وڪرو ٿي آهي. انهيءَ تصوير ۾ قمبر جو بزرگ غلام حسين شاهه پنهنجي ڪرسيءَ تي ۽ بينظير صاحبه ان جي سامهون فرش تي ويٺل آهي.

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ بينظير ڀٽو جي تدفين کان پوءِ گلن جي گهرج تمام گهٽي وڌي ويئي آهي. گل وڪرو ڪندڙ عزيز بي بي سي کي ٻڌايو ته هن جا سمورا گل شام کان پهرين ئي ختم ٿي وڃن ٿا ۽ گلن جي گهرج ايتري ته وڌي ويئي آهي جو هو اها پوري نٿا ڪري سگهن.

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ بينظير ڀٽو صاحبہ جي تدفين کان پهرين صرف هڪڙو گلن وڪرو ڪرڻ وارو هوندو هيو. جڏهن تہ هاڻي انهن جي تعداد ۾ چاليهن ڏينهن اندر پنج سيڪڙو واڌارو اچي ويو آهي.

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي قبرستان ۾ لڳايل بازار ۾ تصويرون، سي ڊيز کان علاوه چانهن ، مشروب ۽ ميوا وغيره آساني سان ملي وڃن ٿا جيڪي پري کان آيل ماڻهن جي لاءِ غنيمت آهن.

مقامي دانشور ۽ اديب اخلاق انصاريءَ جو چوڻ آهي تہ ماڻهن ۾ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي هڪ قسم جو ولين جهڙو احترام وڌي رهيو آهي، ڇو تہ ٻنهي پيءُ ۽ ڌيءُ کي ماڻهو پاڪستان جي اونداهين راهين ۾ ناحق مارجي ويل وزيراعظم سمجهن ٿا.

بينظير ڀٽو صاحبہ کي اٺاويهن ڊسمبر جي ٻيپهريءَ جو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي قبرستان ۾ سندس والد ذوالفقار علي ڀٽو جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو هيو. ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ پاڪستان جا ٻہ چونڊيل وزيراعظم دفن ٿيل آهن، جيڪي نہ صرف رشتي ۾ پيءُ ۽ ڌيءُ آهن پر ٻنهي جو موت راولپنڊيءَ ۾ غير فطري انداز ۾ ٿيو.

بينظير ڀٽو صاحبہ پنهنجي والد جي مزار تعمير جي هڪ شاندار طرق تي تعمير ڪرائڻ شروع ڪئي هئي. تاج محل سان مشابهت رکندڙ انهيءَ مزار جي باري ۾ هن کي شايد ڄاڻ نہ هئي تہ هڪ ڏينهن هن کي بہ انهي مزار جو حصو بڻجڻو پوندو.

مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ جمعي ۽ آچر جي ڏينهن بينظير ڀٽو جي مزار تي رش وڌي وڃي ٿي. ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ايندڙ ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ بينظير جي قبر تي ائين ئي رش ۽ ماڻهن جا هجوم رهندا.

(اربع 6 فيبروري 2008ع بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام سکر)

# نئين ديري جا بدلجندڙ منظر

پاڪستان ۾ نئون ديرو ڪنهن نئين شهر يا ڳوٺڙي جو نالو نه ناهي پر نئين ديري لاءِ آصف زرداري نئون ضرور آهي.

بينظير ڀٽو جي قتل کان پوءِ ڀٽن جي سياسي ڳڙهه ۽ اباڻي شهر نئين ديري جا انتظام زرداري ۽ ان جي ماڻهن سنڀالي ورتا آهن. شروعاتي اطلاع آهن ته آصف علي زرداري, ڀٽو اسٽيٽ جي هارين کي پنجاهه لک روپين جا قرض معاف ڪري ڇڏيا آهن.

نئين ديري جا مقامي ماڻهو آصف زرداريءَ کي اهڙي هڪ اجنبي جيان ڏسي رهيا آهن جيڪو اوچتو دوست ٿي پيو هجي. مٿس اعتماد ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جي وچ وارا خيال رکندڙ نئين ديري واسي ۽ پيپلز پارٽي جا ڪارڪن زرداريءَ جي سمورين سرگرمين تي ڪڙي نظر رکڻ لڳا آهن.

نئين ديري جو ڀٽو هائوس ذوالفقار علي ڀٽو جي پهرين گهر واري شيرين امير بيگم جي رهائش گاهه هئي, جيڪا هن بينظير ۽ مرتضيٰ جي اختلافن کان پوءِ بينظير ڀٽو کي وڪرو ڪري ڏني هئي. بينظير ڀٽو جي آخري اقتدار وارن ڏينهن ۾ نئون ديرو هائوس کي وزيراعظم هائوس جو درجو به ڏنو ويو هو. نئون ديرو هائوس جي اندروني حصي ۾ ملاقاتين لاءِ چار ننڍا ڪمرا ٺهيل آهن. انهن سمورن ڪمرن جا دروازا هڪ هال ۾ کلن ٿا. پيپلز پارٽي جا اهم اڳواڻ ان هال ۾ رکيل صوفن تي ويهن ٿا ۽ آصف زرداري سان ملاقات لاءِ پنهنجي واري يا وري ان جي نظر پوڻ جو انتظار ڪن ٿا. اهو استحقاق آصف زرداريءَ جو آهي ته هو جنهن سان چاهي ان هال ۾ ئي ملاقات ڪري ۽ جنهن کي چاهي ڪمري ۾ اندر ملاقات جو ٽائيم ڏئي.

نئين ديري هائوس جي اندروني حصي جو اهو دستور بڻجي پيو آهي ته جڏهن آصف زرداري ڪمري يا هال ۾ داخل ٿئي ته سمورا مهمان ان جي احترام ۾ پنهنجي ڪرسين تان اٿي بيهن. هو ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا هال ۾ اچي وڃي ٿو ۽ اتي موجود سمورا مرد توڙي عورتون اٿندا ويهندا رهن ٿا.

ان هال ۾ هڪ ڏينهن پيپلز پارٽيءَ جو ضلعي صدر اياز سومرو به منهنجي پرسان ويٺو هو. ان ٻڌايو ته بينظير ڀٽو جي جيئري هن کي ڪڏهن نئين ديري هائوس تي ملاقات جو وقت گهرڻو پيو نه ئي ڪڏهن انتظار ڪرڻو پيو. بينظير ڀٽو سان ڪهڙا ماڻهو ملاقات ڪن هو انهن جي چونڊ پاڻ ڪندو هو. پر هاڻي هن لاءِ به حالتون بدلجي چڪيون آهن. اياز سومري ڳوڙهن ڀريل آواز ۾ چيو ته "ڀائي جان اسان ته بي بي جا ماڻهو آهيون, جيڪا سمورن وفدن سان ملاقات کان پوءِ اسان کي ڊنر تي گهرائيندي هئي پر نئين ديري هائوس ۾ هاڻي اسان جي ڪير ٻڌندو؟ ڪير اسان کي ڊنر تي گهرائيندو؟ اسان جو ته قصو ئي ڪوتاهه سمجهو ڀائي جان."

پيپلز پارٽيءَ جي اندروني لغت ۾ بينظير ڀٽو جا وفادار بي بي جا ماڻهو ۽ آصف زرداريءَ جا ماڻهو سڏبا آهن. بينظير ڀٽو پاڻ سان گڏ روالپنڊي جي ناهيد خان ۽ ان جي مڙس لاڙڪاڻي واسي ڊاڪٽر صفدر عباسي کي پنهنجو ويجهو رکندي هئي. بينظير ڀٽو سان ملاقاتن ۽ جلسن جو وقت پارٽي اڳواڻن لاءِ پنهي زال مڙسن جي معرفت طئه ٿيندو هو. مگر بينظير ڀٽو جي ٽيجهي کان پوءِ پنهي زال مڙسن کي مون نئون ديرو هائوس جي ڪمرن ۽ اڱڻ ۾ عام ڪارڪنن جيان ٿهلندي ڏٺو.

صفدر عباسي جو چوڻ هو تہ اسان جون خدمتون محترمہ بينظير لاءِ هر وقت حاضر رهنديون پر هاڻي اهو آصف زرداري کي طئہ ڪرڻو آهي تہ ڪهڙي پارٽي اڳواڻ کي ڪهڙي زميداري سونپي وڃي. هن جو چوڻ هو تہ ان بابت آصف زرداريءَ ئي بهتر فيصلو ڪري سگهي ٿو.

پيپلز پارٽي جي اندروني حلقن ۾ آصف زرداري ۽ ان جا ويجها دوست ماضيءَ ۾ ھين پارٽي ڪارڪنن جي تنقيدن جو نشانو رهي آهن پر بينظير ڀٽو جي قتل کان پوءِ پارٽي قيادت زرداري جي هٿن ۾ اچي وڃڻ کان پوءِ سندس اهي بظاهر خاموش ٿي ويا آهن.

نئين ديري هائوس جا سمورا انتظام آصف زرداري جي ويجهن دوستن ۽ پارٽي اڳواڻن آغا سراج خان دراني، ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ ڊاڪٽر شفقت سومرو وغيره سنڀالي ورتا آهن. آغا سراج دراني جو چوڻ هو تہ محترمہ بينظير ڀٽو جو مٿس اعتماد هو ۽ زرداري صاحب کي بہ مٿس اعتماد آهي. هن جو خيال هو تہ آصف جي اڳواڻي ۾ سندن پارٽي هر چئلينج جو مقابلو ڪري وٺندي.

نئين ديري جي ماڻهن ڀٽو هائوس تي سخت حفاظتي انتظام ڀريون پيرو ڏٺا آهن. هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ ذاتي محافظن کان سواءِ حڪومت پاران پڻ هڪ سؤ چوبہ اهلڪار آصف زرداري جي حفاظت لاءِ نئون ديرو هائوس تي مقرر ڪيا آهن. انهن پوليس اهلڪارن جو انچارج پيپلز پارٽي جي اڳواڻن سان مشوري بعد پير فريد جان سرهندي کي بڻايو ويو آهي. نئين ديري هائوس جي چئني پاسن کان اٺ پوليس چوڪيون قائم ڪيون ويون آهن.

ماضي ۾ آصف زرداري لاءِ نئين ديري شهر جي ايتري اهميت نہ رهي آهي جيتري اڄ بڻجي وئي آهي. نئين ديري جي ماڻهن کي تہ اهي ڏينهن بہ ياد آهن. جڏهن آصف زرداري جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ گڙهي خدابخش پهتو هو. پر هن نئين ديري ۾ رات ترسڻ بدران گڙهي ياسين ۾ پنهنجي دوست آغا سراج دراني وٽ آرام ڪيو هو. ٻئي ڏينهن بينظير ڀٽو کيس سکر مان واپس نئين ديري روانو ڪيو هو تہ جيئن هو مقامي ماڻهن سان ملاقات ڪري سگهي.

نئين ديري ماڻهن جي آصف زرداري سان تفصيلي ملاقات ڪجهہ ڏينهن اڳ ٿي آهي. هن نئين ديري کي ماڊل سٽي بنائڻ لاءِ شهرين کان مشورا گهريا آهن. شهرين جي آصف سان ملاقات جي باري ۾نئين ديري جي ماڻهن کي ٻڌايو تہ محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي وصيت ۾ نئين ديري وارن جو خاص ذڪر ڪيو آهي. هو انهن ماڻهن کي اڪيلو نہ ڇڏيندو.

آصف علي زرداريءَ مقامي ماڻهن ۾ پنهنجو تاثر مثبت بنائڻ لاءِ نئين ديري ۾ صنعتي يونٽ قائم ڪرڻ جو به ذڪر ڪيو آهي. هن ڳڙهي خدا بخش ڀٽو واري قبرستان ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار جو رهيل ڪم ٻيهر شروع ڪرڻ جون هدايتون به جاري ڪيون آهن.

آصف علي زرداري کي نئين ديري ۾ پنهنجو سياسي ۽ خانداني ورثو سنڀالڻ ۾ بينظير ڀٽو جي چاليهي ۽ عام چونڊن کان پوءِ وڌيڪ ڏکيائيون پيش اينديون. هن جي سامهون ذوالفقار علي ڀٽو جو سئوٽ ممتاز علي ڀٽو خاندان جي وڏي جي حيثيت ۾ سامهون هوندو. جنهن تازو ئي بيان ڏنو آهي ته جڏهن کان زرداري ذات مٽائي ڀٽا ٿيا آهن تڏهن کان هو شيخ سڏائڻ جو پيا سوچين.

جڏهن ته مير مرتضيٰ ڀٽو جي بيواهه غنوي ڀٽو ۽ ڌي فاطمه ڀٽو جو به هن کي مقابلو ڪرڻو پوندو. جن جو الزام آهي ته مرتضيٰ ڀٽو جي قتل ۾ آصف زرداريءَ جو هٿ آهي. نئين ديري هائوس جي سخت حفاظتي پهري ۾ آصف زرداري پنهنجي زندگيءَ جي مشڪل امتحان مان گذري رهيو آهي. پيپلز پارٽي جا ڪارڪن ۽ نئين ديري جا ماڻهو هن جي سمورين ڳالهين ۽ سرگرمين کي ويجهڙائي کان جانچي رهيا آهن. نئين ديري هائوس جي ڀتين تي سر شاهنواز خان ڀٽو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جي لڳل وڏين تصويرن وچ ۾ ويٺل زرداري ڇا انهن جهڙو مقبول عوامي اڳواڻ بڻجي سگهندو؟ ڇا نئين ديري جا ماڻهو ساڻس بينظير ۽ ذوالفقار ڀٽي جهڙي پنجهائپ سان ملي سگهندا؟

نئين ديري جي ماڻهن ۽ پيپلز پارٽي جي خاموشي ڪارڪنن جون ذهنن کي انهن سوالن گهيري ۾ آندو آهي، جن جا جواب آصف زرداريءَ جي آئينده قدمن سان ڳنڍيل آهي.

(سومر 21 جنوري 2008ع بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام سکر)

# بينظير هاڻي هڪ ”براند نيم“ بڻجي وئي آهي

پيپلز پارٽي جي مارجي ويل سربراهه بينظير ڀٽو جي قتل کان پوءِ سندس تقريرن تي ٻڌل سي ڊيز ۽ تصويرن جي کپت وڌي وئي آهي. جڏهن ته سندس نالي سان پٽاڻن جا چپس ۽ ٽافيون به مارڪيٽ ۾ اچي ويون آهن. بينظير ڀٽو صاحبه جي موت جي ٽن هفتن کان پوءِ به ڏکايل ماڻهو سوڳ ۾ آهن ۽ ڳڙهي خدا بخش ۾ سندس قبر تي روزانو تعزيتي وفدن جي آمد جو سلسلو جاري آهي. بينظير ڀٽو صاحبه جي موت جو سوڳ ملهائڻ لاءِ ماڻهن پنهنجا پنهنجا انداز ۽ طريقا اختيار ڪيا آهن. پاڪستان جي سي ڊي مارڪيٽ ۾ بينظير ڀٽو صاحبه جي تقريرن تي ٻڌل سي ڊيز رليز ڪيون ويون آهن. جن ۾ بينظير ڀٽو جي روالپنڊي، لاڙڪاڻو، نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي چونڊ جلسن واريون تقريرون شامل آهن.

جئه رام مطابق سندس اداري ڪنگز وڊيو پاران ماضي ۾ اسامه بن لادن ۽ لال مسجد سان گڏوگڏ اڪبر بگٽي جي موت ۽ خود بينظير ڀٽو جي ڀاءُ مرتضيٰ ڀٽو جي قتل تي پڻ سي ڊيز جاري ڪيون ويون هيون پر بينظير ڀٽو جي سي ڊيز مارڪيٽ ۾ ماضيءَ جا سمورا رڪارڊ ٽيجي ڇڏيا آهن.

جئه رام جو چوڻ هيو ته سندس ڪمپني جو ڪاروبار اڳ ۾ رڳو سنڌ تائين محدود هيو. بينظير ڀٽو جي تقرير وارين سي ڊيز سندن ڪم روالپنڊي، سرگوڌا، لاهور ۽ شيخوپوره تائين ڦهلائي ڇڏيو آهي. ڪنگز وڊيو وارن مطابق محرم جي ڏينهن ۾ نوحن ۽ مجلسن کان سواءِ ٻي ڪا به سي ڊي وڪرو نه ٿيندي آهي پر بينظير ڀٽو صاحبه جي تقريرن واريون سي ڊيز انهن ڏينهن ۾ به وڪرو ٿي رهيون آهن.

سي ڊيز مارڪيٽ کان ٽپي تصويرن جي مارڪيٽن تائين پهچجي ٿو ته هر دوڪان تي محترمه بينظير ڀٽو جون تصويرون نظر اينديون. مختلف سائيزن جي پوسٽرن ۾ بينظير ڀٽو کي پنهنجي ٻارن ۽ خاص ڪري بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ ڏيکاريو ويو آهي. چند تصويرن ۾ کيس پنهنجي والد ذوالفقار علي ڀٽي جي مزار تي دعا گهرندي به ڏيکاريو ويو آهي.

دوڪاندارن موجب بينظير ڀٽو جي راولپنڊي واري آخري جلسي واريون تصويرون ۽ ارڙهين آڪٽوبر واري ڏينهن وطن موٽڻ دوران جهاز مان لهي دعا گهرڻ لاءِ کنيل هٿن واري تصوير گهڻي وڪامي رهي آهي سکر ۾ تصويرون وڪڻندڙ هولسيل ڊيلر نسيم احمد بي بي سي کي ٻڌايو ته رڳو سندس دوڪان تان محترمه جون هڪ لک تصويرون وڪامي چڪيون آهن.

نسيم احمد جو اهو به چوڻ آهي ته پاڪستان جي سمورن سياستدانن جون گڏيل طور تي به ايتريون تصويرون نه وڪاميون آهن. جيتريون رڳو بينظير ڀٽو وڪامي رهيون آهن. سندس چوڻ موجب ماضي ۾ اسامه بن لادن ۽ صدام حسين جون تصويرون به ايڏي انگ ۾ نه وڪاميون آهن. محترمه بينظير ڀٽو موت کان پوءِ سياسي اڳواڻ کان وڌيڪ هڪ ”براند نيم“ بڻجي وئي آهي ۽ مارڪيٽ ۾ سندس نالي سان چپس، نمڪو ۽ ٽافيون به اچي رهيون آهن.

(اڱارو 22 جنوري 2008ع بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام سکر)

# ڪينواس تي 27 ڊسمبر جو منظر

پاڪستان ۾ سنڌ صوبي جي هڪ آرٽسٽ 27 ڊسمبر جي شام کي پنهنجي پينٽنگ ۾ ياد ڪيو آهي. هن فنڪار پنهنجي ايبسٽريڪٽ مصوريءَ ۾ جيڪا تصوير ٺاهي آهي. ان ۾ ڳاڙهو رنگ سيني رنگن تي حاوي آهي ۽ لڪيرن مان جيڪو نقش ابري سامهون اچي ٿو ان ۾ بينظير ڀٽو جو چهرو نظر اچي ٿو.

اهو ڪارنامو لاڙڪاڻي جي هڪ آرٽسٽ رضوان جو آهي.

پنهنجي ماءُ جي ياد ۾ سنڌ جي پهرين ذاتي گيلري ٺاهڻ واري آرٽسٽ رضوان جو چوڻ آهي ته عام طور تي هو پورٽريٽ نه ٺاهيندو آهي. جڏهن ته محترمه بينظير ڀٽو جو چهرو هن جي لاشعور ۾ نهي ويو آهي ۽ اها هن جي شعوري ڪوشش نه هئي.

پنهنجي گيلري ۾ پنهنجي تخليقي فن پارن جي وچ ۾ ويٺل رضوان بي بي سي کي ٻڌايو ته 27 ڊسمبر جي شام جو جڏهن هن جي پرپاسي جا اڪثر ماڻهو پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ خاطر گاڏين ۽ شهر جي عمارتن کي باهيون ڏيئي رهيا هئا ، تنهن وقت هو پنهنجي گيلري جا دروازا بند ڪري پنهنجي شديد ڪاوڙ کي رنگن جي مدد سان ڪينواس تي اتاري رهيو هيو. ڇو ته بينظير جي قتل جو ڏک ته هن کي به هيو.

رضوان چوي ٿو ته هن کي شروع ۾ خبر نه هئي ته هو ڇا ٺاهي رهيو آهي پهريان 27 ۽ 29 ڊسمبر جي درميان هن جي ڪم تي ڳاڙهو رنگ حاوي رهيو. جڏهن حالتون معمول ڏانهن اچڻ لڳيون ته هن پنهنجي پينٽنگ پنهنجن دوستن کي ڏيکاري ته هڪ دوست کيس چيو ته ”هي ته تو بينظير ڀٽو جي تصوير ٺاهي آهي.“

رضوان جي ستاويهن ڊسمبر جي ياد ۾ ٺاهيل پينٽنگ ۾ هن کي خاص ڳالهه اها ٿي نظر اچي ته رت سان مشابهت رکندڙ ڳاڙهو رنگ سيني رنگن تي حاوي هجڻ جي باوجود به بينظير ڀٽو جون اکيون کليل آهن. جنهن جو مطلب اهو ٻڌائي ٿو ته موت کان پوءِ به هوءَ زنده آهي.

رضوان جو ڳاڻيٽو سنڌ جي اهڙن تخليقڪارن ۾ ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن يونيورسٽي ۾ فائن آرٽ جو باقاعدي شاگرد ته نه رهيو آهي پر سالن جي رياضيت سان هن پنهنجو درجو استادن جهڙو ٻڌائي ورتو آهن.

رضوان جي پينٽنگز جي نمائش نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور ۾ ٿئي هئي. جنهن جو افتتاح فيض احمد فيض جي گهر واريءَ ايلس فيض 1996ع ۾ ڪيو هو. رضوان جي شهپارن جي نمائش حيدرآباد. ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ۾ به ٿي چڪي آهي.

رضوان پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ پنهنجي ماءُ جي تمام ويجهو رهيو ۽ هن پنهنجي والد جي ذات ”منگي“ تي پنهنجي ماءُ جي ذات عمراڻيءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏني ۽ پنهنجو پاڻ کي عمراڻي سڏرائيندو رهيو. هن پنهنجي ماءُ جي ياد ۾ ”مدر گيلري“ يعني ”ماءُ گيلري“ به تعمير ڪئي آهي. جتي هو سن 1999ع کان گيلريءَ جو افتتاح کان پوءِ باقاعده اتي ويهندو آهي ۽ پنهنجو ڪم ڪندو آهي.

رضوان، بينظير ڀٽو جي اباڻي شهر لاڙڪاڻي ۾ ٿيل جلسن ۾ ڪڏهن به نه ويو پر هو چوندو آهي ته بينظير هن جي فڪر ۽ خيالن ۾ موجود آهي ۽ ڪا به طاقت انهيءَ بينظير کي هن کان ڌار نٿي ڪري سگهي.

رضوان جو چوڻ آهي ته هو 20 ڪلوميٽر پري ڳڙهي خدابخش ڀٽو بينظير ڀٽو جي قبر تي انهيءَ ڪري نه ويو آهي ، جنهن سبب جي ڪري هو ڪڏهن پنهنجي والد جي قبر تي به نه ويو آهي. رضوان جي بقول: جڏهن بئي شخصيتون هن سان گڏ آهن ته دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ ڳوڙها ڳاڙڻ، دعا گهرڻ ۽ فوٽو ڪيڊرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.

رضوان جي خواهش آهي ته ڪنهن طريقي سان پنهنجون پينٽنگس بلاول ڀٽو زرداري کي پيش ڪري، ڇو ته هو بلاول جي ڏک کي سيني کان وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو. ماڻهن کان انهن جي اڳواڻ هلي ويئي آهي پر بلاول جي ته ماءُ قتل ٿي ويئي آهي ۽ هو ماءُ جي ڏک کي سڀ کان وڌو الميو سمجهي ٿو.

# خيابانِ سحر جو خاموش مري

اها جمعي واري ڏينهن جي ڪچڙي منجهند هئي، جڏهن اسان گهربل ڏس پتو پڇندي پڇندي خيابان سحر جي چوٿين گهٽي ۾ پهتاسين. ٽيڪسيءَ مان لهي جڏهن مون جاويد مينگل جي گهر جو دروازو ڏٺو ته صرف چار ماڻهو نظر آيا، جيڪي بنگلي جي ٻاهران رکيل سيمينٽ جي بئنچن تي ويٺا هئا. ڪو هٿياربند ماڻهو نه هو نه ئي ڪار در جي پرسان چيڪ پوسٽ ٺهيل هئي.

مون سوچيو ڇا ان ئي گهر ۾ بلوچستان جو اهو ”باغي“ سردار رهائش پذير آهي، جنهن جي هڪ ڪان سواءِ باقي سمورن پٽن تي بلوچستان لبريشن آرمي نالي هٿياربند جدوجهد جاري رکڻ جو الزام آهي.

مان پنهنجي پشاور کان آيل ساٿي عبدالحئي ڪاڪڙ سان گڏ مک دروازي منجهان اندر داخل ٿيس ته بنگليجي ملازمن منهنجي هٿ ۾ ڪنيل بيگ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته ”اهو سامان ٻاهر رکيون وڃون، نواب صاحب ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تي راضي ٿيو آهي توهان کي ڪمري اندر توهان جو سامان ملي ويندو.“ جديد انداز ۾ تعمير ٿيل بنگلي جي سرسبز باغيچي ۾ بلوچي انداز جو خيمو کوڙيل هو. خيمي اندر ڏهاڪو کن همراهن جي ويهڻ جي بندوبست ڪيل هو ڪجهه ئي لمحن کان پوءِ اسان کي ان ڪمري اندر سڏايو ويو جتي نواب خيربخش مري ڪيترن ئي ورهين جي خاموشيءَ کانپوءِ هڪ نموني جي ڪچهري لڳائي ملڻ لاءِ ايندڙن سان ڪجهه درد ونڊي ٿو.

نواب مري جي ڪشادي ڪمري اندر به هڪ طرح بلوچستان ٺاهيل هو ڪمري جي ٻن ڪنڊن ۾ رکيل پهاڙين جي مجسمن مٿان بوسو پريل پهاڙي هرڻ بيٺل هئا. هڪ مري نوجوان جو چوڻ هو ته ڪنهنجي دل ۾ وسندڙ بلوچستان پلا ڪير ٿو کسي سگهي.

ڪمري اندر هڪ مخصوص صوفي تي نواب خيربخش مري ويٺل هو جڏهن ته ويهارو کن مري قبيلي جا ماڻهو هيٺ فرش تي ويهي خاموشي سان ڪيس ٻڌي رهيا هئا.

اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته اهي ماڻهو نواب سان سندس پٽ بالاچ مريءَ جو ڏک ونڊڻ آيل هئا، ڇو ته اڃا تائين نواب صاحب، بالاچ لاءِ ڪنهن کان به تعزيت وصول نه ڪئي آهي.

سنڌي ٽوپي پائي ويٺل چاپئين ڏاڙهيءَ واري نواب خير بخش مريءَ جي چهري تي ڪنهن غم يا پريشاني جا ڪي به آثار نظر نه پئي آيا. اتي ئي لڳ ڀڳ ستر ورهين جي عمر ۾ بلوچستان جي حوالي سان سندس ڳالهين ۾ ڪائي لچڪ ڏسڻ ۾ نه پئي آئي. هو تمام پنهنجائپ سان پنهنجي قبيلي جي ماڻهن ۽ ٻين صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪندو رهيو. نواب مري انهن ڳالهين دوران ماضي جا قصا ۽ لطيفا ٻڌائيندي پاڻ به کلي رهيو هو پر پنهنجي پٽن بالاچ ۽ حريبار جي ذڪر کان هن جاڻي واڻي پاسو ڪيو.

جيڪڏهن انهن جو ذڪر ڪنهن ڇيڙي وڌو ته هن ڪيترين ئي ڳالهين کان لاعلمي جو اظهار ڪيو. هو پاڻ به بالاچ جي مارجي وڃڻ وارين خبرن جي تصديق جي انتظار ۾ آهي ۽ حريبار جي

گرفتاري جي هن کي ايتري جاڻ آهي تہ جيترين ڳالهيون ميڊيا ۾ اچي چڪيون آهن. اندرون سنڌ مان نواب خير بخش مري سان ملڻ لاءِ آيل هڪ نوجوان ٻڌايو تہ ڪيترائي ماڻهو نواب صاحب ڏانهن اچان بہ تعزيت لاءِ اچن ٿا پر نواب صاحب دعا لاءِ هٿ ئي نٿو کڻي تہ ٻيا ڇا ٿا ڪري سگهن.

چون ٿا تہ جڏهن بينظير ڀٽو نواب مري سان تعزيت ڪرڻ آئي تہ هن جي بہ تعزيت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ڪراچي جي هڪ صحافي دوست چواڻي تہ ڳالهين دوران بينظير جي ان جملي تہ ”آمريت جي ڏينهن ۾ اهڙا واقعا ٿيندا آهن“، جي جواب ۾ کيس چيائين تہ توهان جي والد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ بہ بلوچن سان ڪي گهٽ ظلم ڪونہ ٿيا هئا.

جڏهن نواب مري بلوچن جي مسلح جدوجهد ۽ پنجاب جي حاڪميت جهڙن سخت موضوعن تي تمام نرم لهجي ۾ ڳالهيون ڪري رهيو هو تہ مون سوچيو پئي تہ بلوچستان جو جهونو باغي آخر پاڪستاني فوج لاءِ قابل قبول ڇو ٿيندو؟

نواب مري هڪ مارڪسٽ بلوچ قومپرست ضرور آهي پر هن جي ڪا بہ جماعت ناهي ۽ دلچسپ ڳالهہ اها بہ آهي تہ هو بلوچستان ۾ سياسي طرح اڪيلو بہ ناهي.

نوجوانيءَ ۾ اسڪوائش راند کيڏڻ ۽ نشانو چُٽڻ جي شوقين نواب خيربخش مري زندگي جو اڪثر حصو دربدر ۽ مهاجر ٿي گذاريو آهي. هو ڪڏهن ڪابل تہ ڪڏهن مري ڪيمپ ۽ هاڻ خيابانِ سحر ۾ بي وطني واري زندگي گذاري رهيو آهي.

اڄڪلهہ پاڪستان جا اڪثر قبائلي سردار ايندڙ چونڊن لاءِ پنهنجي پٽن، ڌيئرن، پائيٽن ۽ ڀاٽيجن جي هلندڙ چونڊ مهم ۾ مصروف آهن تڏهن نواب خير بخش مري جهڙو بااثر بلوچ سردار جنگ جي حالت ۾ پنهنجي پٽن جي مارجي وڃڻ ۽ گرفتار ٿي وڃڻ واريون خبرون خاموشي سان ڏسي رهيو آهي.

ڇا بلوچ پاڪستان کي الوداع چئي چڪا آهن؟ ان سوال جو جواب خيابان سحر جي خاموش نواب مري وٽ ويندڙ اڪثر ماڻهن اهو ئي ڏنو تہ ”بلوچن لاءِ هي فائينل رائونڊ آهي.“ ڪيترن ئي سالن کان نواب خير بخش مري هڪ خاموشي واري زندگي گذاري رهيو هيو. ان جي ملاقات محدود ماڻهن سان ٿيندي هئي پر بالاچ جي قتل کان پوءِ هو ماڻهن سان ملي جلي رهيو آهي. ان عرصي دوران لنڊن ۾ سندس ٻئي پٽ حربيار جي گرفتاري جي خبر بہ اچي پهتي آهي.

چوندا آهن تہ ملڻ جلڻ سان ماڻهو جي دل جو بوجهہ ڪجهہ هلڪو ٿيندو آهي پر ڇا اها چوٽي نواب مريءَ جي زندگي تي نهڪي اچي ٿي. اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي آهي. ڇو تہ سندس ڳالهين منجهان حالتن کان گهٻرائجي پريشان ٿي ويل پوڙهي سردار جهڙي ڪا نشاني اسان کي نظر نہ پئي آهي.

(11 ڊسمبر 2007ع بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام)

# ڏيرا بگٽي وڃڻ منع آهي؟

پاڪستان جي اصل (فوجي) حڪمرانن، بلوچستان جي انهن علائقن ۾ ميڊيا جي نمائندن جي داخلا تي پابندي برقرار رکي آهي، جتي هڪ سال گذري وڃڻ کان پوءِ به فوجي آپريشن جاري آهي.
ڪوهلو ڪاهان ۽ پير ڪوهه جهڙن علائقن ۾ عام ماڻهن جي آزاديءَ سان اچ وڃ تي پابندي آهي جڏهن ته سوئي ۽ ڊيرابگٽي ۾ انهن ڪلپر بگٽين ۽ ٻين ماڻهن جي اچ وڃ جاري آهي، جن کي مشرف سرڪار نواب اڪبر بگٽي جي مارجي وڃڻ کان پوءِ ٻيهر انهن علائقن ۾ آباد ٿيڻ لاءِ چيو آهي.
سوئي ۽ ڊيرابگٽي ڏانهن وڃڻ لاءِ جڏهن اسان ڪشمور کان پنجاب جي مختصر حد پار ڪري بلوچستان ۾ داخل ٿياسين ته روڊ جي ڀرسان نهيل ڪجهه دڪانن تي پاڪستان جا جهنڊا نظر آيا جن اسان کي سيڪورٽي فورسز (فوجين) جي موجودگي جو احساس ڏياريو. اسان جي گاڏيءَ کي سوئي کان ڪو ٽي، چار ڪلوميٽر پري هڪ چيڪ پوسٽ تي روڪيو ويو. ڪاري مليشيا جا ڪپڙا پهريل اهلڪارن اسان کان نالا پڇيا ته اسان به تعارف ڪرايو. اسان جي مڪمل تعارف کان پوءِ جابلو پٽي جي ويراني ۾ قائم ان پوليس چوڪيءَ منجهه چڱي خاص هلچل مچي وئي. هڪ کان پوءِ ٻيو اهلڪار ايندو رهيو لاڳيتو ڪيترائي سوال ڪندا رهيا ۽ ڪيترائي تعارفي ڪارڊ گهرندا رهيا.
انهن سمورن خفن کان پوءِ به جڏهن هو مطمئن نه ٿيا ته اسان کي رعبدار پر مهذباڻي انداز ۾ گاڏي مان هيٺ لهڻ لاءِ چيو ويو. آئون پنهنجي ڊرائيور ۽ علائقي جي سُد ٻُڌ رکندڙ هڪ مقامي صحافي دوست سان گڏ گاڏيءَ مان لهي روڊ ڪناري نهيل پوليس چوڪيءَ ڀرسان ويهي رهيس. اتي ويٺي ويٺي اندازو ڪيم ٿيو ته بلوچستان ۾ پوليس کان وڌيڪ چوڪيون ليويز ۽ ايف سي اهلڪارن جون آهن. مون وقتي خاموشي ٽوڙيندي هڪ ڏاڙهيءَ واري اهلڪار کان پڇيو ته توهان ايف سي ۾ آهيو يا پوليس ۾ ته هن وڏي رازداريءَ سان جواب ڏنو ته ”اسان آرمي وارا آهيون.“ بلوچستان جي سوئي ٽاٽي جي ان نالي ماتر پوليس چوڪي تي پوليس رجمنٽ جا چار فوجي مقرر ٿيل هئا، جيڪي سوئي ۾ ڊيرا بگٽي ايندڙ ويندڙ گاڏين جي چيڪنگ ڪري رهيا هئا.
ڪشمور کان اڪيلهه ٽيڪسي ڊرائيور، مسافرن کي سوئي ۽ ڊيرا بگٽي وٺي وڃي رهيا آهن. ٽيڪسي جي سمورن مسافرن جا شناختي ڪارڊ چوڪيءَ تي لکيا وڃن ٿا ۽ بعد ۾ انهن کي اڳتي اجازت وڃڻ جي اجازت ملي ٿي.
ٻين مسافرن جي مڪمل چڪاس ڪرڻ سان گڏ ان ڊولي چيڪ پوسٽ جي فوجي اهلڪارن آرمي وائرليس فون سسٽم تي پنهنجي مٿين آفيسرن کي اسان جي مڪمل تعارفن سان گڏ اطلاع ڏنو ۽ اسان کي انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ويو.

ٻولي چوڪيءَ وٽ جڏهن اهو انتظار اڌ ڪلاڪ کان ٽپي هليو تہ ان فوجي يونٽ جي انچارج صوبيدار شهباز اسان کي پرسان ٿي ٿهيل فوجي ڪيمپ ۾ هلڻ لاءِ چيو. ان فوجي ڪيمپ ۾ اسان کي پورو ڏيڍ ڪلاڪ صرف ڪمانڊر جي فون جي انتظار ۾ ويهاريو ويو جيڪو ان صوبيدار چواڻي تہ ڪوئيٽا کان فون ڪر اسان کي سوئي ۽ ڊيرا بگٽي طرف وڃڻ يا نہ وڃڻ جي اجازت ڏيندو.

ان ڪيمپ ۾ انتظار دوران اسان ہہ ڪلاڪ ان فوجي صوبيدار جي اهڙن بي تڪي سوالن جا جواب ڏيندا رهياسين تہ توهان بي بي سي وارا پاڪستان ۾ صرف خرابيءَ جون خبرون ڇو هلائيندا آهيو. اهڙن اڻنگهن سوالن جا نہ چاهيندي بہ جواب ڏيڻا پئي پيا. صوبيدار شهباز انتظار کي ڪجھہ هلڪو ڪرڻ لاءِ پنهنجي سپاهين کي اسان جي لاءِ شربت آڻڻ جو چيو. شربت کان پوءِ صوبيدار منجهند جي ماني آڻڻ لاءِ چيو اسان ماني کان معذرت ڪئي، تڏهن بہ هن سپاهين کي اهو چئي ماني آڻڻ لاءِ چيو تہ ”ڪڏهن ڪڏهن صحافين کي بہ سپاهين واري ماني ٽيسٽ ڪرڻ کپي. ماني اچڻ کان پوءِ اندازو ٿيو تہ ڇڏي دال ۽ مٿي جهڙي اٽي واري ماني واقعي صرف ٽيسٽ ٿي ڪري سگهجي ٿي.

چوڪيءَ تي اسان جو انتظار جڏهن ٻن ڪلاڪن کان وڌي ويو تہ مون اسلام آباد ۾ پنهنجي ساٿين کي ايس ايم ايس ذريعي اطلاع ڏنو ۽ صوبيدار کي پنهنجي واپسيءَ واري ارادي کان آگاهہ ڪيو. صوبيدار هڪ دفعو ٻيهر فوجي فون تي ڳالهائڻ لاءِ هليو ويو ۽ واپس اچي ٻڌايائين تہ جيستائين ڪوئيٽا کان ڪنفرميشن جي فون نٿي اچي توهان نہ اڳتي نہ واپس وڃي ٿا سگهو.

ڪيترن ئي ساهہ منجهائيندڙ لمحن کان پوءِ صوبيدار هڪ فوجي جي فون ٻڌڻ کان پوءِ جڏهن واپس آيو تہ هن جو لهجو بدليل بدليل هو. هن اچڻ سان اسان کي ائين اطلاع ڏنو ڄڻ ڪو آرڊر پڙهي ٻڌايئندو هجي.

صوبيدار چيو ”سر بلوچستان حڪومت اسان کي ڪو اهڙو اطلاع نہ ڏنو آهي تہ ڪو بي بي سي وارا علائقي ۾ اچي رهيا آهن اسان معذرت خواهہ آهيون.“

بلوچستان ۾ مقرر ٿيل فوجين وٽان علائقي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏيڻ جي معذرت بہ ٻن ڪلاڪن جي حراست کان پوءِ ملي ٿي؟ مان اهو سوچيندي واپس ٿيس تہ هاڻي انهن سوالن جا جواب ڪٿان ڳوليان، جيڪي ڊيرا الهيار ۾ عام دربدر بلوچن سان ملاقات دوران سامهون آيا هئا.

مون انهن اطلاعن جي اصل حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ڊيرا بگٽي وڃڻ پئي چاهيو جن مطابق سنگسيلا جي علائقي ۾ سياف ۾ انهن ست بگٽي عورتن کي سندن مائٽن ڪاري قرار ڏنو آهي، جن کي فوجي اهلڪارن هڪ گهر تي ڇاپو هڻڻ کان پوءِ گرفتار ڪيو هيو. ڪيترائي ڏينهن حراست ۾ نظربند رهڻ کان پوءِ جڏهن اهي واپس پنهنجي گهر پهتيون هيون تہ انهن جي مرد مائٽن انهن کي غير مردن وٽ ٻہ هفتا گذارڻ جو الزام هڻي ڪاري قرار ڏنو ۽ گهر مان ڪڍي ڇڏيو هئائون.

عورتن تي تشدد وارين اهڙن خبرن جي ڊيرابگٽي جهڙي فساد ستيل علائقي ۾ نہ تہ ڪير ترديد ڪري ٿو ۽ نہ ثبوت سان تصديق. مون مري قبيلي جي انهن ماڻهن سان ملڻ پئي چاهيو جن کي بقول رستم مري ڏاڙهي مڃون ڪوڙائڻ کان پوءِ آزادي ملي آهي. ڊيرالهيار جي هڪ سماجي ڪارڪن رستم مريءَ موجب هڪ پوڙهي مري، فوجي آفيسر کي هٿ ٻڌندي چيو تہ "اسان جو سڀ ڪجهہ لٽجي ويو آهي، بس هڪ اچي ڏاڙهي وڃي بچي آهي، جيڪا اسان بلوچن جي ثقافت آهي. خدا جي واسطي مون کي ان اچي ڏاڙهي سميت ڳوٺ واپس وڃڻ ڏيو.

بلوچستان جي دربدر بلوچن جي بستين ۾ ابهم ٻارڙن کي نئين دور جي لولين جيان جيڪي ڳالهيون ٻڌايون وڃن ٿيون، مان انهن جي حقيقت ڄاڻڻ پئي ويس پر معلوم ٿيو تہ فوجي حڪم آهي "ڊيرابگٽي وڃڻ منع آهي."

(13 جون 2007ع بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام)

# نصيرآباد ۾ قبر جھڙي خاموشي

اها سيپٽمبر جي هلڪي گرميءَ واري منجهند هئي، جنهن وقت اسان نصير آباد پهتاسين. ملڪي ۽ غير ملڪي ميڊيا ۾ بلوچستان جي ان ضلعي هيڊڪوارٽر جو ذڪر اڄڪلهه زنده دفن ڪيل عورتن جي حوالي سان تمام گهڻو ٿي رهيو آهي. بلوچستان جو ذڪر ايندي ئي ذهن ۾ اتي ۽ جبلن جو خيال اچي ٿو وڃي. پر نصير آباد ۽ ڊيراه الهيار کان سبيءَ تائين بلوچستان جو اڪثر علائقو ميداني ۽ ويران آهي. انهي ويراني مان ڪوئيٽا روڊ سان سفر ڪندي ۽ جڏهن اسان نصير آباد پهتاسين ته ماڻهن ۾ اڻ ڏٺل طاقت جو خوف محسوس ٿيو.

ماڻهن ۾ خوف ان ڳالهه جو نه هيو ته ٽن يا پنجن عورتن جو قتل ٿيو آهي پر انهن کي خوف هيو ته جن سردارن، وزير يا ناظم تي انهن عورتن جي قتل جو الزام لڳو آهي، ڪٿي اهي هنن کي قتل جي مخالفت ڪندي ڏسي يا ٻڌي نه وٺن. نصير آباد جي بازار ۾ هڪ پوڙهي عمراڻي بلوچ چيو ته ”اسان انهن (عورتن) کي قتل ڪنداسين. انهن ماڻهن ته هٿ سان گهٽو ڏنو هيو مان هجان ها ته گولي هڻان ها. پوليس ڇا ڪندو، وڏ ۾ وڏ گرفتار ڪندو، سزا ڏيندو، پر اسان انهن (عورتن) کي نه ڇڏينداسين، جيڪي ڪاريون هجن.“

پوڙهو پنهنجي راءِ ڏيندي جذباتي ٿي ويو ۽ هن مون سان غيرت ۽ بي غيرتي جي معاملي تي بحث شروع ڪري ڏنو. ان دوران چونڪ تي بيٺل ان پوڙهي جي چوڌاري هن جي حامين جو هجوم وڌندو ويو ۽ مان کين ”توهان جي رسم توهان کي مبارڪ هجي.“ چئي ڳالهه ختم ڪئي.

نصير آباد ۾ انهن ڏينهن ۾ ”جيترا وات اوتريون ڳالهيون“ واري صورتحال هئي. ڪنهن کي 14 جولاءِ جي رات جو قتل ٿيل عورتن جي نه صحيح تعداد جي خبر هئي، نه وري قاتلن جي واردات جي طريقي جي خبر پر سڀني کي اها خبر ضرور هئي ته عورتن کي ويراني ۾ قتل ڪيو ويو.

ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ڪيل عورتن جي ڪيس کي مقامي پوليس بلائينڊ آف دي بلائينڊ ڪيس قرار ڏيئي رهي آهي. ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سبي، شبير شيخ ٻڌائي رهيو هيو ته پوليس وٽ نه ته مدعي آهن ۽ نه ئي شاهد، اسان پريشان آهيون، انهي جانچ کي اڳتي ڪيئن وڌايون.

ڪاريون قرار ڏنل عورتن جو جو وارث هوندو آهي نه ئي ڪو مٽ مائٽ، جي هوندا آهن ته بس سڀ ئي انهن جا قاتل هوندا آهن. پوليس ٻن ڏينهن تائين علائقي ۾ اعلان ڪرايا ته جيڪڏهن انهن عورتن جو ڪو وارث آهي ته لاش اسپتال مان ڪڍائي وڃي. پر ڪو به نه پهتو ۽ اڄ ٽيون ڏينهن آهي، پوليس انتظار ڪري رهي آهي.

نصير آباد کان ٻن ڪلاڪن جي پنڌ تي عمراڻي قبيلي جي اباڻي علائقي تمبوءَ ۾ عورتن جي قتل تي ڪو سوڳ آهي نہ ئي پشيماني. مقامي سطح تي زندگي پنهنجي رفتار سان هلي پئي. ماڻهو قتل جي اهڙين وارداتن کي عام رواجي ڳالهہ سمجهي ٿو پر هن دفعي انهن عورتن جو قتل مقامي سردارن لاءِ نڙي ۾ قاتل ڪنڊو بڻجي ويو آهي.

انهن عورتن جي ڪهاڻي بہ انهن جي نالن وانگر ٻن ٽن رستن تي هلي رهي آهي. قتل ٿيل عورتن جا نالا حميدان عرف عزت خاتون، جنت عرف رحيمان خاتون ۽ سياڻي عرف فاطمہ ٻڌايا پيا وڃن.

عورتن جي اجتماعي قتل واري واردات 14 جولاءِ جي رات ٿي هئي ۽ اها خبر 15 جولاءِ تي مقامي ميڊيا ۾ اچي ويئي. مقامي پوليس حرڪت ۾ نہ آئي تہ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس امان الله خان 16 جولاءِ تي ازخود نوٽيس ورتو ۽ رپورٽ طلب ڪئي. علائقي ۾ چيو وڃي ٿو تہ عورتون ٿي هيون جيڪي پسند جي شادي ڪرڻ جي لاءِ گهران نڪتيون هيون، جن مان هڪ قبيلي جي سرادار جي ڀائيٽي يا ڀاڻيجي هئي ۽ انهن کي اوستا محمد جي هڪ هوٽل مان سرڪاري جيپ ۾ کنيو ويو ۽ بعد ۾ قتل ڪيو ويو. ٻي ڪهاڻي علائقي ۾ عام آهي تہ انهن عورتن کي قبيلي جي سردارن جي ڇوڪرن دوستي رکڻ لاءِ تنگ ڪيو، جڏهن هو راضي نہ ٿيون تہ انهن تي ڪارنهن جو الزام لڳائي قتل ڪيو ويو. عام حالتن ۾ اهڙي قتل ڪيس جي جانچ پوليس جو ڪو بہ انسپيڪٽر سطح جو آفيسر ڪندو آهي، پر علائقي ۾ حالتون اهڙيون بگڙيل آهن جو پوليس جي ضلعي آفيسر هڪ مقامي صحافي کي طعنو ڏيندي چيو تہ "تون پاڻ بہ بلوچ آهين پوءِ مون کان اهڙا سوال ڇو ٿو ڪرين جو غيرت اچي وڃي."

انهن حالتن ۾ مقامي ڊاڪٽرن بہ پنهنجو ڪردار ڪجهہ اهڙي طرح ادا ڪيو آهي جو قبر کوٽڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پوليس جي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل شبير شيخ جي مطابق مقامي اسپتال جا ڊاڪٽر جيئن تہ پاڻ بہ عمراڻي قبيلي جا آهن، اهي ڪري انهن پهرين تہ قبر کوٽڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پر جڏهن هنن کي گرفتاريءَ جي ڌمڪي ڏني ويئي تہ هو راضي ٿيا ۽ علائقي پوليس سان گڏ ويا پوليس جي ضلعي سربراهہ جي آفيس هڪ شاگردياڻي جي تصوير لڳل آهي جنهن تي لکيل هو تہ "مون کي ڪاري ناهي ٿيڻو" پوليس هڪ اڻ ڏني دٻاءَ ۾ ڪم ڪري رهي آهي ۽ سڄو علائقو پوليس جي خلاف ٿي ويو آهي.

ڪجهہ پوليس وارن ٻڌايو تہ جڏهن هو قبر کوٽڻ لاءِ ڪوٽ بابا جي علائقي ۾ وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئا تڏهن انهن کي ٻڌايو ويو تہ عمراڻي قبيلي جا ماڻهو هنن تي فائرنگ ڪندا ۽ هنن جي رستي ۾ بارودي سرنگهہ وڇائي ويندي، جيڪا ان علائقي ۾ عام ڳالهہ آهي . پوليس جڏهن بابا ڪوٽ وڃي رهي هئي تہ وزيراعليٰ هائوس ڪوئيٽا مان علائقي ۾ هڪ وائرليس پيغام جاري ٿيو تہ اڄ قبر جي کوٽائي نہ ڪئي وڃي. صوبي جي پوليس سربراهہ سان جڏهن مقامي آفيسرن رابطو ڪيو تہ صورتحال واضع ٿي تہ وزيراعليٰ اهڙو ڪو بہ پيغام جاري ناهي ڪيو.

ڊي آءِ جي سبيءَ جي مطابق جيڪڏهن ان رات قبر نہ کوٽي وڃي ها تہ اهي لاش ڪيڏي ڪٽي ٻئي هنڌ دفنايا وڃن ها. عورتن جا لاش تلاش ڪرڻ واسطي پوليس جي چئن جڳهن تي کوٽائي ڪئي هئي انهن مان هڪ کڏي ۾ جهنگلي جانور دفن هيو ۽ هڪ ٻئي کڏي ۾ ٻن عورتن جا لاش پوريل هئا، جيڪي جانورن جا کاڌل هيا ۽ جن کي شڪارين ٻيهر مٽي وجهي دفن ڪيو هيو. پوليس جي مقامي سربراھ چيو تہ جيڪڏهن ٻہ ماڻهو شاهد ۽ مدعي ملي وڃن تہ پوءِ ڪنهن بہ سردار جو نالو چو نہ هجي، هو گرفتاريون شروع ڪري ڏيندو پر بلوچ قبائلي روايتن جي زنجيرن ۾ ٻڌل عورت ايتري بدنصيب هجي ٿي جو هن کي اهڙي طرح قتل ٿيڻ جي صورت ۾ نہ تہ پيءُ، ڀاءُ يا مڙس جو ڪلهو نصيب ٿو ٿئي نہ ئي وري مدعيت يا شاهدي.

پوليس پنهنجي جانچ مان ڏاڍو خوش ۽ مطمئن آهي. هڪ هڪ ٻئي کي فون تي ٻڌائين ٿا تہ اهڙين ڏکين حالتن ۾ ٻن عورتن جا لاش بر آمد ڪرڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. مان انهن جون ڳالهيون ٻڌان ٿو ۽ انهن جي آفيس مان ٻاهر ڏسان ٿو جتي مون کي صرف مرد جي اهڙي حڪمراني نظر اچي ٿي، جنهن ۾ عورتن جي ڪيس کي اڳتي وڌائڻ ۾ شايد ئي ڪنهن کي ڪا دلچسپي هجي.

# عورتن جو قتل نصيرآباد ۾ ماتار

بلوچستان جي علائقي نصيرآباد ۾ عورتن جي قتل تي اتان جون مقامي سياسي ۽ سماجي تنظيمون ماٺ ۾ آهن ۽ انهن ڪيترن ئي ڪوشش باوجود ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو آهي.

نصيرآباد مان موٽندي صوبائي وزير مير صادق عمراڻي سان جڏهن سندس موبائل فون تي ڳالهه ٿي ته هن عورتن جي قتل ڪيس کي معمولي قرار ڏنو. سندس چوڻ هيو ته ڪجهه اين جي اوز يعني غير سرڪاري تنظيمون مغربي ملڪن کان ڏوڪڙ ڪيڻ لاءِ ان ڪيس کي ڪٽي رهيون آهن.

ڪوئيٽا ۾ بي بي سي سان ڳالهائيندي صادق عمراڻي چيو ته پوليس عورتن جي قتل ڪيس ۾ جن چئن ڄڻن کي گرفتار ڪيو هو، انهن ڪرائيم برانچ ڪوئيٽا جي اڳيان پنهنجو ڏوهه مڃي ورتو آهي ۽ ڪين جلد ئي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو پوندو. صوبائي وزير صادق عمراڻيءَ جنهن جو نصيرآباد جي علائقي ۾ سياسي ۽ قبائلي اثر پڻ آهي چيو ته ”ملڪي قانونن سان گڏوگڏ بلوچستان ۾ پنهنجون رسمون ۽ روايتون آهن جن کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگهي. ڪاروڪاري جا واقعا ته سنڌ ۾ به ٿين ٿا. هي روايتون صدين کان هلنديون اچن ٿيون جن کي ڪجهه اين جي اوز غلط رنگ ڏئي رهيون آهن.“

هتي ان ڳالهه جو ذڪر ضروري آهي ته ڪاروڪاري جي قبائلي رسم موجب عورت سان ڪنهن مرد جو نالءَ ضرور ڳنڍيو ويندو آهي ۽ ان ڪري عورت جو مرد مائٽ ان عورت ۽ ان مرد کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن ته نصيرآباد جي واقعي ۾ عورتن جو ذڪر هو ته هر هر اچي ٿو پر ڪنهن مرد جو نالو ئي ظاهر ناهي. اسان نصيرآباد جي ضلعي ناظم سردار فتح علي عمراڻي جي آفيس، انهن ڪارو ڪيل مردن جا نالا ڄاڻڻ لاءِ پهتاسين ڇاڪاڻ ته هو قتل ڪيل عورتن جي قبيلي جو سردار پڻ آهي پر سندس آفيس بند هئي. سندس موبائل فون تي ساڻس رابطي جي ڪوشش به ڪئي ويئي پر ساڻس ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهي. البت سندس آفيس ٻاهران هڪ گاڏي ۾ سوار چئن شڪي ماڻهن اسان کي روڪي سڃاڻپ ڪرائڻ جو چيو ۽ فوٽو ڪيڻ جو سبب پڇيو.

نصيرآباد ۾ اسپتال هجي يا عدالت، ضلعي ناظم جي آفيس هجي يا پوليس جو ٿاڻو، هر طرف هڪ خوف جو ماحول موجود هيو. ضلعي پوليس سربراهه جي آفيس ٻاهران بيٺل پوليس وارا انهن عورتن کي ڪچيون گاريون ڏيئي رهيا هئا، جن سندن چوڻ موجب کين بدبودار قبرون کوٽڻ تي مجبور ڪيو هو. اهي سپاهي هڪ ٻئي کي چئي رهيا هئا ته سرڪار به اسان کان کڏا کڏا نه بي غيرتي وارا ڪم ڪرائي رهي آهي.

ضلعي پوليس سربراهه جي آفيس ۾ شايد بلوچ ويڙهاڪن جي ڪري خوف  جو ماحول ايترو ته شديد هيو جو مين گيٽ تي موبائل فون جي بيٽري آف ڪري پوءِ اندر جون هدايتون به لکيل هيون.

ضلعي پوليس سربراهه جيڪو اسرار الله زهري وانگر بلوچ روايتن جو پوئلڳ هيو. ان سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندس هڪ جملو علائقي جي صحافين ۾ مشهور هيو. جيڪو هن هڪ بلوچ صحافي کي طعنو ڏيندي چيو ته "تون ڪهڙو بلوچ آهين جو پنهنجي غيرت جي باري ۾ مون کان سوال پڇي رهيو آهين."

نصير آباد ۾ عورتون يا گڏهه گاڏن تي چڙهي اسپتالن مان دوا وٺندي نظر آيون يا وري اسڪول مان موڪل وقت معصوم ڇوڪريون نظر آيون جيڪي ٿوڙي تعداد ۾، ڪتاب هٿن ۾ ڪنيو ٽڪڙيون ٽڪڙيون گهرن ڏانهن ٿي ويون. نصير آباد ۾ عورتن جي نه سڃاڻپ آهي نه وري حيثيث اهي رڳو مرد جي اهڙي غيرت آهن. جيڪي ضرورت وقت قتل ڪيون وڃن ٿيون ۽ بابا ڪوٽ جهڙن علائقن ۾ بي ڪفن، اونداهي رات ۾ دفنايون وڃن ٿيون. عورتن جي ڪهاڻي نصير آباد ۾ نهايت مختصر نثري نظم جهڙي ٿي وڃي ٿي ۽ سندن قبر جا نشان پڻ جلد ڊهي وڃن ٿا.

نصير آباد ۾ سياست هجي يا صحت، هر طرف مرد ئي مرد ڏسڻ ۾ اچن ٿا. نصير آباد ۾ ايندڙ ۽ ويندڙ مسافرن کي سينيٽ ۾ عورتن کي جيئرو دفن ڪرڻ کي بلوچ روايت قرار ڏيندڙ سينيٽر اسرار الله زهري جي ڀاءُ ثناءالله زهري جا وڏا وڏا فوٽو لڳل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جڏهن ته عورتن جي قتل ۾ ملوث قرار ڏنل هڪ بااثر شخص جي ڀاءُ، صوبائي وزير صادق عمراڻي جون تير جي نشان واريون تصويرون به روڊن تي لڳل آهن. جن روڊن تان بلوچ سماج جون هيسيل عورتون خاموشي سان لنگهي وڃن ٿيون.

نصير آباد جي سفر تان واپسي تي اهڙي مونجهه ورايو جو ڇڄاڻي تائين اسان ڪلي به نه سگهياسين. هڪ همسفر دوست چواڻي "اهو انهن مقتول عورتن جو سوڳ هيو. جيڪو علائقي ۾ موجود ته آهي پر ان کي ملهائڻ وارو ڪوبه نه آهي."

(اڱارو 9 سيپٽمبر 2008ع بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام نصير آباد بلوچستان)

# بي گهر بگٽين کي برهمداغ جو انتظار

بلوچستان ۾ فوجي آپريشن کان پوءِ پنهنجي علائقن مان لڏپلاڻ تي مجبور ٿيڻ وارن بي گهر بگٽين چيو آهي تہ کين نئين حڪومت جي يقين دهانين تي اعتبار نہ آهي. جڏهن نواب اڪبر بگٽي جا پوٽا برهمداغ ۽ مير عالي واپس ڊيرا بگٽي پهچندا تہ اهي هڪ رات بہ جلاوطن نہ رهندا ۽ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي ايندا.

سنڌ جي ضلعي خيرپور جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ بگٽين جي اڳواڻن عيسيٰ بگٽي، فيض محمد شبناڻي ۽ ڪالو خان مسوري بي بي سي کي ٻڌايو تہ کين نئين حڪومت جا بلوچستان متعلق اعلان رڳو سياسي بيان لڳن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اهي عملي طور ڪجهہ ٿيندي ڪونہ ٿا ڏسن. جمهوري وطن پارٽي جي مقامي اڳواڻ عيسيٰ بلوچ مطابق بلوچستان جي وزيراعليٰ نواب اسلم رئيساڻي پنهنجي پاءُ جي اڳواڻي ۾ گم ٿيل بلوچن جا تفصيل گڏ ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي بہ جوڙي آهي. پر هڪ مهينو گذري وڃڻ باوجود اها ڪاميٽي ڪنهن بہ هڪ بي گهر يا جلاوطن بگٽي يا مري وٽ نہ پهتي آهي. هن چيو تہ حڪومت جي چوڻ، بيانن ڏيڻ ۽ عملي ڪم ڪرڻ ۾ گهڻو فرق نظر اچي ٿو. سندس چوڻ مطابق بلوچستان ۾ فوجي آپريشن ختم نہ ٿيو آهي بلڪ جاري آهي. عيسيٰ بلوچ چيو تہ فوجي، عام ڏنار بلوچن کي جيئرو ساڙي رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ سندن چمڙي بلوچ جي آهي ۽ فوجي بلوچ چمڙي کان نفرت ڪن ٿا.

عيسيٰ بلوچ بي گهر بگٽين جي امداد لاءِ غير سرڪاري تنظيمن آڪسفيم، يونيسيف، ايڪشن ايڊ، اسلامڪ رليف ۽ ٻين کي اپيل ڪئي آهي تہ اهي بلوچن جي مدد ڪن ۽ پاڻ اچي ڏسن تہ ڪهڙي ريت دربدري واري حالت ۾ بلوچن جا معصوم ٻار خوراڪ ۽ دوائون نہ ملڻ سبب مري رهيا آهن.

عيسيٰ بلوچ مطابق ڊيرا بگٽي ۾ فوجي آپريشن کان پوءِ چاليهہ هزار خاندان سنڌ ڏانهن روانا ٿيا هئا. انهن مان ڪيترن ئي خاندانن خوف ۽ سواري نہ ملڻ سبب پنهنجو سفر پيادل ڪيو هيو ۽ جڏهن اهي سنڌ جي حدن ۾ جيڪب آباد ۽ ڪشمور جي علائقن وٽ پهتا تہ کين سواري ملي.

سنڌ جي خيرپور، روهڙي، ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ هزارين بگٽي لاڏائن وانگر حياتيون گذاري رهيا آهن. خيرپور ۾ اهي جبلن تي پٿرن ڪٽڻ ۽ ٽڪر ٽوڙڻ جو ڪم ڪن ٿا ۽ ڪٽڪ جو لاٻارو عام مزدورن کان اڌ معاوضي تي ڪرڻ لاءِ مجبور آهن.

ڪالو خان مطابق مقامي زميندار جڏهن بگٽي مزدورن کي ڏسن ٿا تہ مزدوري جي رقم اڌو اڌ گهٽائي ڇڏين ٿا، ڇاڪاڻ تہ کين خبر آهي تہ بي گهر بگٽي ڪٽڪ جي هڪ ايڪڙ جو لاٻارو ٻن مڻن

بجاءِ هڪ مڻ ۾ بہ ڪري ڏيندا. سندس چوڻ موجب سندن جهوپڙين ويجهو پاڻي جو تلاءُ خراب ٿي چڪو آهي ۽ سندن ٻار گدلو پاڻي پيئڻ سبب گهڻي ڀاڱي بيمار آهن.

ڊيرا بگٽي ۾ پنهنجي علائقي جو وڏيرو فيض محمد شبناڻي بہ ٻي گهر بلوچن ۾ شامل آهي . هن جي چوڻ موجب اسان خوشي سان پنهنجي اوطاق جنهن کي بلوچي ۾ ”تگڙد“ چئبو آهي ۽ قبرستان نہ ڇڏيندا آهيون، پر اسان کي پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي.

فيض محمد مطابق کين گهٽ اميد آهي تہ رئيساڻي حڪومت ٻي گهر بلوچن کي پنهنجي علائقن ۾ ٻيهر آباد ڪري سگهندي، کين حڪومت تي اعتماد ڪونهي، پر هو ڏسندا تہ جيڪڏهن نواب اڪبر بگٽي جو پوٽا خصوصاً ”برهمداغ“ واپس ڊيرابگٽي پهچي وڃي ٿو تہ اهي بہ پنهنجن علائقن ڏانهن واپسي جو سفر شروع ڪندا.

(بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام سکر 2008ع)

# ڪارٽون اشوءِ صدر بش ۽ جنرل مشرف جي مقبوليت!

اها ڳالهه پلي ڪٽي ڪيترن ئي ماڻهن کي حيرت زنده ڪري ته پاڪستان جي مذهبي توڙي سياسي پارٽين کي آمريڪي صدر بش جي آمد جي موقعي تي احتجاج نه ڪرڻ جو اعلان نه ڪيو آهي. پر اها ساڳي ڳالهه ٿي سگهي ٿو ته انهن ماڻهن کي حيران نه ڪري، جيڪي سمجهن ٿا ته هن ملڪ جون سياسي پارٽيون هجن يا مذهبي جماعتون انهن کي اڳي پوءِ آمريڪا ئي محتاج هجڻو پئي ٿو. پيپلز پارٽي هجي يا نوازليگ ڇا اهي همت ڏاري سگهنديون ته هو اقتدار به ماڻڻ چاهين ۽ آمريڪي صدر جي آمد جي موقعي تي احتجاج به ڪري ڏيکارين.

اهو ڪيئن ممڪن آهي، جو اهي جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ جمهوريت جي قيام لاءِ جدوجهد ڪرڻ بدران وري به آمريڪا وارن کي ئي منٿ ميڙ ڪن ٿيون، سي دنيا جي اڪيلي سپر پاور جي صدر خلاف پنهنجي ملڪ ۾ احتجاج جو علم بلند ڪري سگهن. جيئن صدر پرويز مشرف ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ صدر بش کي ڪو ڪردار نڀائڻ جو چوندو رهي ٿو. ايئن ئي اسان جون سياسي پارٽيون ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ صدر بش کي ڪو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چونديون رهيون آهن. هڪ لحاظ کان آمريڪي صدر بش جو پاڪستان جو دورو سياسي پارٽين لاءِ امتحان جي گهڙي به هو ته نيٺ هو ڪنهن جي نظرن ۾ پاڻ کي بچائين؟ عوام جي نظرن ۾ يا آمريڪا جي نظرن ۾. ساڳيو حال اسان جي سياسي پارٽين جو به آهي، جو هن مهل ڪٽي انهن جو وڏي ۾ وڏو دشمن آمريڪا هجي، پر جڏهن اجان سوويت يونين جو زوال نه ٿيو هو تڏهن آمريڪا ئي انهن جو وڏي ۾ وڏو دوست رهيو آهي. جنهن دوست انهن مذهبي جماعتن جي مدد سان سوويت يونين کي افغانستان کان اڳتي وڌڻ نه ڏنو. مطلب ته اسانجي سياسي توڙي مذهبي پارٽين جا رموٽ ڪنٽرول نه رڳو اڳ ۾ آمريڪا جي هٿ وس رهيا آهن، پر هن مهل به ڪافي معاملن تي رموٽ ڪنٽرول وري آمريڪا جي ئي هٿ ۾ آهي.

اها خبر ته صدارتي ڪئمپ جي فني سياسي ماهرن کي هوندي ته اها ڪهڙي سروي پڌري ٿي آهي، جنهن موجب جنرل پرويز مشرف اجان تائين ملڪ جو مقبول صدر بڻيل آهي ۽ فوج جو سربراهه هجڻ ته هن جي سرڪاري نوڪري آهي ۽ اهو ڪهڙو منطق ٿيو جو هڪ سرڪاري ملازم گذريل 6 سالن کان به وڌيڪ عرصي کان ملڪ جو اهڙو صدر بڻيل آهي، جنهن جي چانو ۾ خود وزيراعظم به گهٽ اختيارن وارو وزيراعظم پيو لڳي. باوردي صدر جي عوامي مقبوليت جو اندازو به خود صدر کي پاڻ ئي آهي. جنهن برطانوي ٽي وي چئنل اسڪاءِ نيوز کي انٽرويو ڏيندي پهريون ڀيرو اهو واعدي جهڙو اعلان ڪيو آهي ته عوامي مقبوليت نه رهي ته اقتدار ڇڏي ڏيندس. اهو بيان ڪمانڊو ٽريننگ يافته صدر جي ارادن جي ڪمزوري ڪيتري ظاهر ڪري ٿو. ان جو ذڪر ته بعد ۾ ڪنداسين پر پهريان اچون ٿا اردو جي

محاوري ”ٽوپي پارائڻ“ طرف اردوءَ ۾ ان محاوري جو مقصد آهي ڪنهن کي بيوقوف بڻائي پنهنجو مفاد حاصل ڪرڻ. جنهن کي ٽوپي پارائڻ چيو ويجي ٿو. هونئن ته بازارن ۾ ڪيترائي هوشيار روزانو لاتعداد ماڻهن کي ٽوپي پارائيندا رهن ٿا ڪجهه ماڻهن کي حيرانگي ان ڳالهه تي به آهي ته ملڪ جي حڪمران پرڏيهي ميڊيا کي ڪيئن نه مزي سان ويٺي ٽوپي پارائڻ مون بندوق جي زور تي پاڻ کي ٽوروئي چونڊرايو. مان اسيمبلي ميمبرن کي پسند هئس انهن مونکي پاڻ چونڊيو. اها پسند ۽ راضپو به اهڙو آهي، جهڙو ڳوناٽي ڇوڪري جي نڪاح دوران هوندو آهي.

ٽوپي ته مغرب کي اها به پارائي وئي ته پاڪستان جهادين جي نرسري ناهي. نالي خاطر اهڙين تنظيمن تي پاپندي مڙهي وئي. جيڪي مبينا طور ڪراچي، لاهور، روالپنڊي، حيدرآباس سميت مختلف شهرن ۾ دفتر کولي سرعام هٿياربند جدوجهد جي ٽريننگ جا پروگرام ڪنديون هيون، ڇهه 3 مهينن وارا آءِ ٽي ڪورس ڪرائيندا هجن. انهن پاپندي پيل تنظيمن جي چندي وٺڻ تي بندش وڌي وئي ۽ وڏن شهرن جي لڳ ڀڳ هر دڪان جي ڪائونٽرن تان اهي چندا پيٽيون هٽايون ويون جيڪي جهادي تنظيمن جا ڪارڪن رکي ويندا هئا. انهن سمورين ڪوشش ڪان پوءِ مغربي ملڪن کي اها ”ٽوپي“ پارائي وئي ته پاڪستان ۾ جهادي تنظيمن جو صفايو ڪيو ويو آهي. هاڻي اهي تنظيمون پيهر ڪر کڻي نه سگهنديون، پر 8 آڪٽوبر جي زلزلي سندن اهڙين دعوائن کي ائين وائکو ڪيو، جو ڪشمير ۾ هر جڳهه تي پاپندي پيل جيش محمد ۽ لشڪر طيبه جا ڪارڪن امدادي سرگرمين ۾ مصروف نظر آيا. اهڙين رپورٽن کان پوءِ خود مقبول صدر آمريڪي ٽي ويءَ کي ٻڌايو ته اهي تنظيمون نالا بدلي ڪري چڪيون آهن ۽ في الحال امدادي سرگرميون ڪن ٿيون. ڪا به هٿيار بند سرگرمي ٿي ته سختيءَ سان منهن ڏبو. اها سختي آمريڪين کي اڃان تائين نظر نه اچي سگهي آهي، جنهن ڪري اسان جي مقبول صدر جي سمورين خدمتن جي باوجود آمريڪي عملدار جو اهو ئي اسرار رهي ٿو ته ”اڃان ڪجهه وڌيڪ ۽ اهم ڪم ڪريو.“

هاڻي جڏهن اڪيلي سپر پاور جو چڱو مڙس بش به اچي رهيو آهي ته توقع اها ئي رکي پئي وڃي ته هو به ان جهڙو يا ساڳيو اهوئي اسرار ڪندو ته ”جهادين خلاف جنگ ۾ اڃا ڪجهه وڌيڪ اڳيرا ٿيو. نه ته باجوڙ جهڙيون ڪارروايون ته اسان پاڻ به ڪري سگهون ٿا.“ ان ڏينهن ڪنهن پڇيو پئي ته ڇا اسلام آباد جي دوري دوران آمريڪي صدر بش کان باجوڙ واقعي تي معافيءَ جو مطالبو ڪيو ويندو ته مون ٿي پاڪستان جي پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان جي اها وضاحت ياد آئي، جنهن ۾ هن واضع ڪيو هو ته اسلام آباد پاران باجوڙ واقعي تي واشنگٽن کان معافي جو مطالبو نه ڪيو ويو آهي. اسان صرف احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ پئي چاهيو.

اها ته خبر ناهي ته پاڪستان ۾ بش جي دوري دوران اهڙا مظاهرا به ٿيندا الاءِ نه جهڙا انڊيا جي دوري دوان ٿيا آهن. جتي لکين ماڻهن دهليءَ ۾ گڏجي ڪيس چيو آهي ته ”بش واپس هليو وڃ.“ انڊيا ۾

اهي مظاهرا تہ ڪاٻي ڌر جي سياسي پارٽين ۽ ڪجھہ مسلمانن پارٽين ڪيا آهن. پر ڏسجي تہ پاڪستان ۾ اهڙن نعرن وارا مظاهرا ڪير ٿو ڪري ڇو تہ اڄڪلهہ پاڪستان ۾ ڪارٽون سياست ان حد تائين سرگرم ٿي چڪي آهي جو خود مشرف کي انديشو آهي تہ اهي احتجاج جيڪڏهن جاري رهيا تہ سندس مظبوط حڪومت غير مستحڪم بڻجي ويندي. اهڙيون ڳالهيون آمريڪي ٽي وي اي بي سي نيوز کي انٽرويو ڏيندي بہ ڪيون آهن. پر اهم ڳالهہ اها بہ سمجهي پئي وڃي تہ اهڙيون ڳالهيون ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ بہ ٿيون آهن. جنهن ۾ مشرف کي اهو بہ ٻڌندي ٻڌو ويو آهي تہ توهين رسالت خلاف احتجاج جي آڙ ۾ منهنجي حڪومت ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سياسي ۽ ذاتي مفادن لاءِ عوام کي پڙڪائيندڙ اڳواڻن کي لغام ڏنو ويندو. سوال اهو آهي تہ پرويز مشرف جو اهو اشارو ڪهڙي سياسي اڳواڻن ڏانهن آهي. ڇو تہ پيپلز پارٽي نواز ليگ جا اڳواڻ تہ هن جي مٺي جو سور ڪونہ بڻيا آهن. نہ ئي متحده جي الطاف پائي سان سندس ڪا اٽبٽت ٿي آهي تہ پوءِ ڪنهن کي لغام ڏيڻ جون ڳالهيون پيا ڪن؟ ڇا قاضي حسين احمد ۽ مولانا فضل الرحمان اڃي هنن جي مٺي جو سور بڻيا آهن. يا وقت جي چرپر کين ٻڌائي ڇڏيو آهي. تہ گهٽو ٿيو. هاڻي ماڻهو اعتدال پسند روشن خياليءَ جي طويل دعوائن منجهان بيزار آهن.

اها حڪمرانن منجهان عوامي بيزارگي ۽ ڪاوڙ جي ئي نشاني هئي. جڏهن لاهور ٻري اٿيو. اهو اڳواٽ علم ۾ ڪنهن کي بہ ڪونہ هو تہ تحفظ نامون رسالت صہ جي ميزباني هيٺ نڪرندڙ اها احتجاجي ريلي ان حد تائين پرتشدد بڻجي ويندي جو ان جو متن ڪور ڪمانڊوز ڪانفرنس ۾ بہ ڪنهن نئين ترجمي سان پڙهيو ويندو. پرڏيهي تجزيہ نگار اڃان تائين حيرانگيءَ مان پڇندا رهن ٿا تہ اهو ڪهڙو اڳواڻ هو. جنهن جي سڏ تي لاهور ۾ ايترا شديد احتجاج ٿيا. جو تاريخ ۾ شايد پهريون ڀيرو پنجاب اسيمبليءَ جي عمارت کي بہ باهہ ڏني وئي. پر ان اڳواڻ ۽ سندس جذباتي ڪارڪنن بابت اڃان تائين ڪا ڳالهہ ايتري مقبول نہ ٿي سگهي آهي. جيتري مقبوليت ان ڪانپوءَ وارن ٿيندڙ احتجاجن جي اڳواٽي ڪندڙ اڳواڻن جي ٿي آهي حالانڪ اهو ساڳيو لاهور آهي. جتي ماضيءَ ۾ پنجاب جي شينهن طور مشهور شهباز شريف واپس اچڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پوليس انتظاميا اهڙو تڪڙو آپريشن ڪيو جو خود ميڊيا جي هڪ فليش جيتري چرپر بہ نہ ٿي سگهي. لاهور تہ اهو ئي ساڳيو آهي. جتي پ پ سربراهہ بينظير ڀٽو جي ان مڙس آصف علي زرداريءَ بہ لهڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن کي ڪجهہ نادان دوستن اهو باور ڪرايو هو تہ چند سال جيل ڀوڳڻ کان پوءِ هاڻي هو پاڪستان جو نيلسن منڊيلا بڻجي ٻاهر آيو آهي. سندس استقبال لاءِ لاهور اٿلي پوندو. پر آصف جي استقبال لاءِ سنڌ مان ويل عورت توڙي مرد ڪارڪنن ڪيئن لاهور جي روڊن تي لٽيون ڪاڌيون اهو ذڪر بہ ميڊيا ۾ اچي چڪو آهي. ملڪ جي ٻن اهم ۽ وڏين پارٽين جي احتجاج کان پوءِ جيڪو مضبوط مرد نہ ڊڄي سگهيو. ان کي هاڻي ڪهڙي ڪنڪي ڪنيو آهي تہ سندس خلاف ڪارٽونن جي آڙ ۾ سازش پئي ٿئي؟

شايد هو پاڪستان جي لاهن چاڙهين واري سياسي تاريخ کي دهرائجندي ڏسي ٿو يا ڪيس پرڏيهي طاقتن کي ڪا نئين "ٽوپي" پارائڻ جي ضرورت پيش آئي آهي. ملڪ ۾ کنڊ ته هاڻي به مهانگي ٻٽيل آهي. پر چون ٿا ته ايوب خان جي زماني ۾ جڏهن کنڊ مهانگي ٿئي ته ماڻهو مچرجي روڊن تي اچي ويا ۽ ايوب جي هوتي وزير کي "جيئي چور" چوڻ لڳا. حالانڪ ايوب خان ملڪ ۾ بنيادي جمهوريتن جو نظام ڏنو امن امان اهڙو قائم ڪيو جنهن جا مثال اڄ ڏينهن تائين پوڙها ماڻهو ڏيندا رهن ٿا. پر ان جي هڪڙي خرابي بلڪ بنيادي خرابي اها هئي ته هو فوجي ڊڪٽيٽر هو ۽ ڪوبه ڊڪٽيٽر آسانيءَ سان اقتدار جي جان نه ڇڏيندو آهي، ساڳيو ئي مسئلو اسان جي "مقبول" صدر سان آهي، جيڪو سول ڊريس ۾ روشن خيالي ۽ اعتدال پسنديءَ جو نعرو هڻي ميدان ۾ لٿو پر هاڻي کيس راند ختم ٿيندي نظر پئي اچي. پر سوال اهو آهي ته ان راند جي پڇاڙي ڪير ڪندو، منصوره ۾ قيد قاضي حسين احمد پاڻ مرادو جلاوطني گذاريندڙ بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف توهين رسالت وارن خاڪن خلاف جيڪو ممڻ متو آهي ، اهو صرف ڊينمارڪ يا مغربي ملڪن خلاف ناهي. اهو ته نظام حڪومت کان بيزارگي ۽ ڪاوڙ جو اظهار به آهي. عوام ته ممڻ مچايو آهي پر بدقسمتي سان انهن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ ڪو مقبول عوامي ليڊر وچ ۾ پوڻ نٿو چاهي. صدر پرويز مشرف جي گهڻين خوشقسمتين منجهان هڪ خوشقسمتي اها به آهي ته کيس اهڙي اپوزيشن نه ملي جهڙي جنرل ضياءُ يا ايوب کي ملي. هن کي ته اهڙي نرم لهجي واري سهميل ۽ هيسل اپوزيشن ملي، جيڪا اڃان تائين ڊيل ٿيڻ ۽ نه ٿيڻ بابت ترديدون ڪندي رهي ٿي، اپوزيشن جي اهڙن عملن سبب ئي گهڻا انگريزي ڪالم نگار هاڻي مخالف ڌر جي جماعتن جي اتحا اي آر ڊي کي ڪاغذي اتحاد لکندا رهن ٿا. آخر اهڙن اڳواڻن جي آسري تي خلق خدا ڪيئن پاڻ کي مشرف مخالف تحريڪ جي آڙاهه ۾ اڇلي، مخالف ڌر جو جماعتون جيڪڏهن هاڻي به خاموشيءَ سان رسمي احتجاج ڪنديون رهيون ته پوءِ وقت سندن هٿن مان شايد کسڪي وڃي. عوامي ڪاوڙ کي فوجي حڪمرانن خلاف تحريڪ ۾ تبديلي ڪرڻ جو هنر شايد هن جي هٿن مان ڇڏائجي چڪو آهي، تڏهن ئي مشرف اڃان تائين مقبول صدر هئڻ جو دعويدار آهي.

# قومپرستي جي لهر ۽ ووٽن جي شرح

ڪالاباغ ڊيم خلاف انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي جي گهٽين ۾ عوامي سمنڊ اٿلي پيو هو جنهن شهر جي مک رستن تي مارچ ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر سموري دنيا اڳيان واضع ڪيو ته گهٽ ۾ گهٽ ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي تي سمورا سنڌي متحد ٿي سگهن ٿا. سنڌين جي انڪار جي اها ٽين ڪڙي هئي، پهرين ڪراچي، ٻئين حيدرآباد ۽ هاڻي لاڙڪاڻو ”جتي ماڻهو ايترا گڏ ٿي ويا، جو جلسي گاهه سوڙهي پئي محسوس ٿيڻ لڳو. سنڌ قومي اتحاد جي ماڻهن کي به شايد ايتري توقع نه هئي ته سندن جلسي ۾ ائين ماڻهو گڏ ٿي سگهن ٿا.“ سنڌ قومي اتحاد جو هوندئن به اهو افتتاحي جلسو هيو، جنهن سنڌي قوم پرست ڪارڪنن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ان جلسي ۾ گهوٽڪي ۽ جيڪب آباد ضلعن کان آيل اهڙا قوم پرست ڪارڪنن به مليا. جيڪي عام ڪچهرين ۾ قوم پرست سياست جي ڌڙي بندين کان بيزاريءَ ۽ مايوسيءَ جو اظهار ڪندا رهيا. هوندئن ته ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌ اندر هلايل تازي هلچل ۾ وفاق پرست پارٽيون به شامل رهيون آهن. پران هلچل جو اهم حصو قوم پرست سمجهيون ويندڙ جماعتون رهيون. جنهن ڪري اسلام آباي تجزيه نگار پڻ ان هلچل جي نتيجي ۾ ڪالاباغ ڊيم جي اعلان کان پوئتي ڌڪڻ جو ڪريڊٽ قوم پرست ۽ ترقي پسند ڪارڪن، جيڪي مايوسيءَ جي اٿاهه گهراين ۾ گهڙي ويا هئا سي هڪ ڀيرو ٻيهر نئين سر نئين آس ۽ امنگ سان اڀري آيا. اهڙي هلچل کان پوءِ هڪ گمان جهڙو بحث ڇڙي پيو ته سنڌ اندر سياسي هلچل جو ورجاءُ ٿي رهيو آهي. اسي واري ڏهاڪي جي ياد تازي ٿي رهي آهي. اسلام آباد ۾ سنڌين جي وڏي ريلي ۽ مظاهري ته اسلام آبادي ڪالم نگارن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ته سنڌ اندر سياسي تحريڪ وارا پراڻين يادن وارا ڏينهن واپس اچي رهيا آهن.

ڪراچي ۽ حيدرآباد وارن جلسن ۽ لاڙڪاڻي ۾ گڏ ٿيل ماڻهن کي ڏسي مونکي لاهور جي اها ڪاموڪي گهراڻي جي فيض احمد فيض کي پڙهي ترقي پسند ٻٽيل خاتون ياد آئي، جنهن هڪ ورڪشاپ دوران طعني جهڙو رمارڪ ڏنو هو ته ”سنڌي قوم پرست ايترو ئي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ درد رکن ٿا ته پوءِ اهي ئي ماڻهو ڪين ووٽ ڇو نٿا ڏين. جن جي حقن جي حاصلات لاءِ ڏينهن رات جدوجهد ڪري جي دعوي ڪن ٿا“ طبزيه سوال ورڪشاپ جي ان گروپ جي نمائندي ۽ نمايان خاتون پڇيو، جيڪو گروپ پاڪستان ۾ قوم پرستيءَ کي زهر قاتل جهڙي تشبيهه ڏئي اچاريندو آهي. پنج سال اڳ سياسي ماناز واري زماني ۾ ان سوال جو جواب ته آئون جيئن تيئن ڪري ڏئي ويس، پر من منهنجو به مطمئن نه رهيو اهو سوال سالن کان اسلام آباد ۽ لاهور جا طاقتور حڪمران توڙي سندن ساٿي ۽ دانشور پڇندا رهيا آهن پر ان جو ڪو به جواب نه ملي سگهيو آهي. ان ۾ کهڙي فارسي سمايل آهي جو منجهو ٿا.

سڏي ڳالهه آهي تہ سنڌي ماڻهن کي قوم پرستن مٿان اعتماد ناهي. هڪ وفاق پرست پارٽيءَ جي سنڌي پوتار چيو. ”اها رڳو سدا اقتدار ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڳالهہ نہ پر هڪ ڏر جي راءِ سمجهي وڃي ٿي جيڪي سالن کان اسلام آباد، لاهور ۽ راولپنڊيءَ جي ”وڏن چوڌرين“ کي ان راءِ جي پٽي پڙهائيندا رهيا آهن. جيڪڏهن اها راءِ ڪجهہ وقت لاءِ مڃي بہ ونجي، تہ پوءِ سياسي هلچل وارن ڏينهن دوران هي ماڻهن جا سمنڊ انهن ئي قوم پرستن جي سڏ تي ڪيئن ٿا اٿلي پون؟ ڇا اهي سنڌ جا ماڻهو ناهن، يا ڪين گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏيندڙ تبديل ٿي وڃن ٿا؟ آخر اها ڪهڙي ماجرا آهي تہ ٺٽي جا ماڻهو مارشل لا خلاف ڏکيي ۽ منظم جدوجهد هلائيندڙ رسول بخش پليجي کي تہ ڪاميابيءَ جيترا ووٽ ڪون ٿا ڏين پر سندس پاءُ غلام قادر پليجو ۽ پائيٽي سسئي پليجو کي پ پ جي پليٽ فارم تان ووٽ ڏئي ڪامياب بنائين ٿا؟ ڏٺو وڃي تہ اها ماجرا صرف سنڌ جي قوم پرستن سان ئي ڇهتيل رهي آهي. جڏهن تہ پختون ۽ بلوچ، جيڪي سنڌين کان بہ سخت قبائلي ۽ سرداري نظام هيٺ گذارين ٿا. سي وس آهر پنهنجي پنهنجي قوم پرست ۽ ترقي پسند جماعتن کي ووٽ ڏيندا اچن ٿا.

سرحدي گانڌي خان غفار خان کي پنهنجي ئي ماڻهن (پختونن) ۾ ڪو صفا آسرو بہ نہ هو جو سندس مشهور چوٽي هئي تہ ”پناڻ عجيب قوم جا آهن، جيڪي پنهنجي اڳواڻن جو قدر انهن جي مرڻ کان پوءِ ڪن ٿا.“ اهڙين ميارن جي باوجود پختونن سندس پارٽي سان ائين توڙ نڀايو جو پاڪستان جي ڪا بہ قومي اسيمبليءَ خان غفار خان جي خاندان جي فردن يا پارٽي ميمبرن کان خالي نہ رهي. ساڳيو ئي حال بلوچستان جو بہ رهيو جن پنهنجي قوم پرست سردارن کي ووٽ ڏيئي هميشہ اڳتي آندو. بلوچستان جي قوم پرست سياستدانن مٿان تہ اڄڪلهہ شر پسند سردارن واريون تهمتون پيون لڳن. پر ان کان بہ اڳ ملڪ جي ترقي پسند دانشورن کي بلوچستان جي قوم پرستي سردارن واري قوم پرستي لڳندي هئي. اهو ابهام گهٽن ماڻهن کي ئي رهيو پر بلوچستان جي قوم پرست سردارن جو هاٺوڪو ڪردار ڏسي هڪ سياسي ڪارڪن حسرت سان دانهن ڪئي هئي تہ ”ڪاش! سنڌين منجهان بہ ڪو هڪ اڌ سردار اهڙو ٿي پوي، جيڪو ستر سالن جي عمر ۾ بہ اصولن تان هٽڻ بجاءِ پهاڙي پيچڙو وٺي سگهي.“

بلوچستان جي سردارن واري قوم پرستيءَ کان هٽي مون کي تڏهن حيرانگي ٿي جڏهن ڪوئيٽا جي نوجوان صحافي ذوالفقار گراماڻيءَ ٻڌايو تہ فقيراڻي طبيعت واري حئي بلوچ جي پارٽي جا 8 ضلعي ناظم چونڊجي آيا آهن. بلوچستان جي 28 ضلعن منجهان جيڪڏهن عبدالحئي بلوچ جي نيشنل پارٽي 8 ضلعا کٽي سگهي ٿي، تہ پوءِ سنڌ جي ڪابہ قومپرست پارٽي هڪ بہ ضلعو ڇو نٿي کٽي سگهي؟ بلوچستان جي عبدالحئي بلوچ سان منهنجي ڪا ملاقات تہ ناهي، پر چيو اهو ٿو وڃي تہ هو نہ تہ نامي گرامي سردار آهي، نہ ئي نجي فوج رکندڙ ”شرپسند سردار.“ بلوچستان ۾ اڪثر ماڻهو ڪيس پوٺوهار جيپ يا ان کان اڳ موٽر سائيڪل تي گهمندي ڦرندي ڏسندا هئا. پنجاب جي تہ ڳالهہ ئي الڳ

آهي، جيڪي مخصوص پنجابي مفادن کي پاڪستاني يا ملڪي مفاد وارو رنگ چاڙهي قوم پرستيءَ کي هميشہ ننديندا آهن. پورو پاڪستان گهمي ڦري اچڻ کان پوءِ وري بہ اهو ئي سوال آڏو اچي ٿو تہ سنڌي قوم پرستن جي چونڊجي اچڻ ۾ آخر ڪهڙي رڪاوٽ آهي! ”سنڌي ماڻهو بہ بادشاهہ آهن ، جڏهن ڪالاباغ ڊيم ۽ پهاڙن جيڏا بار سندن ڪنڌ تي اچي پوندا آهن تہ هو قوم پرستن ڏانهن واجهائيندا آهن، پر جڏهن پارليامينٽ لاءِ نمائندا چونڊي موڪلڻ جو وارو ايندو آهي تہ هو ووٽن جون پرچيون اقتداري پوتارن جي ڪيسن ۾ وجهي ڇڏيندا آهن.“ هڪ سياسي ڪچهريءَ دوران سينئر سياسي اڳواڻ دل جي اوپر ڪي لفظن ۾ بيان ڪيو تہ ۽ چانهہ جو پورو اڌ ڪوپ هڪ ئي ڍڪ ۾ پِيئي ويو ”پر قوم پرستن ماڻهن کان ووٽ گهريا ڪڏهن آهن؟ هنن تہ سدائين آڇپي ۽ خدمات جون ڳالهيون ڪيون آهن. ووٽن جي زبان تہ هنن سنڌي ماڻهن سان ڪڏهن بہ نہ ڳالهائي آهي.“ اسان جي هڪ پروفيسر دوست بحث ۾ گرمجوشي آڻڻ خاطر پنهنجا رمارڪس ڏيئي ڇڏيا.

هونئن اها حقيقت بہ آهي تہ سنڌ اندر قومپرستيءَ جي شروعات ئي ووٽ کان انڪار تي مبني هئي، جنهن ۾ ايوانن کي نڳيءَ جو ناهہ سمجهيو ويندو هو. تنهن زماني ۾ قوم پرست جماعتن جي نوجوان قيادت کي اهو اندازو ئي نہ هو تہ سندن ان وقت جا نوجوان ڪارڪن بزرگ نہ ٿيندا ۽ تعداد بہ وڌندو تہ آخر انهن کي ڪهڙي ڪارج ۾ ڪتب آڻيندا. اليڪشن عمل کان دوريءَ سبب قوم پرست جماعتن وٽ اڄ بہ اڪثريت ۾ نوجوان عمرين وارا ڪارڪن آهن، جيڪڏهن جڏهن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪن ٿا تہ کين قوم پرست قيادت کان پنهنجي سک جو سڳو ٽٽندي محسوس ٿئي ٿو. قوم پرست جماعتن وٽ هڪ وسيع حلقو تہ موجود رهيو آهي، تنهنڪري هر اليڪشن دوران هو پاڻ تہ چونڊ عمل کان پري بيٺا رهيا پر ڪجهہ ماڻهن جي مدد ضرور ڪندا رهيا. اهو عمل گذريل بلدياتي چونڊن تائين جاري رهيو. سنڌ اندر قوم پرستن سان هڪ الميو اهو بہ رهيو آهي تہ سندن مقابلو هر پيري ملڪ جي هڪ وڏي سياسي قوت پيپلزپارٽي سان ئي رهيو آهي. ٻين صوبن ۾ قوم پرست پاڻ هڪ وڏي قوت يا قدآور شخصيتون آهن، پر سنڌ اندر پ پ جهڙي عوامي سگهہ واري پارٽيءَ سان مقابلي کين ائين چٽ ڏياري آهي، جيئن 88ع واري اليڪشن مهم جي آخري جلسي دوران ٺٽي ۾ رسول بخش پليجي کي چٽ اچي ويئي هئي ۽ هن ماڻهن کي ميار ڏيندي چيو هو تہ ”سونهن تي ووٽ ڏيٽا اٿو تہ پوءِ هن کان وڏيڪ تہ پونم ڍلون سهڻي آهي، ان کي ووٽ ڏيو“ پر ان جي باوجود ٺٽي جي ماڻهن پ پ جي ٽڪيٽ تي بيٺل بابو غلام حسين ميمڻ کي ووٽ ڏنا هئا.

سنڌي قوم پرستن لاءِ عام سنڌي ماڻهن وٽ اها راءِ رهي آهي تہ ”ماڻهو سنڌي قوم پرستن لاءِ عام سنڌي ماڻهن وٽ اها ئي راءِ رهي آهي تہ ”ماڻهو ڏاڍا ڀلا آهن، پر ووٽ پوتار کي ڏينداسين“ ان سوچ کي بدلائڻ جي حسرت 88ع ۾ سن جي سائين جي ايم سيد کي بہ هئي، جنهن جي فڪر واريون پارٽيون اڄ تائين چونڊ عمل ۾ حصو وٺڻ کي وقت جو زيان قرار ڏين ٿيون. ان جي باوجود بہ 88ع ۾ سنڌ

قومي اتحاد ٺهڻ تي ضعيف عمريءَ ۾ به هن ڊاڪٽر حميده کهڙو ۽ ٻين اميدوارن جي چونڊ مهم هلائي هئي، پر سنڌين جي قوم پرستن لاءِ سوچ تبديل نه ٿي سگهي. اها ئي سوچ بدلائڻ واري حسرت هئي يا ڪو اعتماد. جڏهن ڊاڪٽر قادر مگسي ڊگهي قيد مان آزاديءَ ڪان پوءِ اعلان ڪيو ته هو سنڌ اندر اينڊز حڪومت سندن هوندي، ان ڳالهه کي به ڪو ڏهاڪو سال گذري چڪا آهن. پر کين پهرين ڪاميابي هاٽوڪي بلدياتي اليڪشن ۾ حاصل ٿي، جڏهن سندن سينئر پارٽي اڳواڻ حيدر شاهاڻي نائب تعلقي ناظم چونڊجي آيو.

هاڻي جڏهن فلسطين ۾ حماس جهڙي ويڙهاڪ تنظيم فلسطينن جي روايتي سياسي ڏاڪ واري گروپ ”الفتح“ کي شڪست ڏئي دنيا کي جنجهوڙي ڇڏيو آهي ته مون کي قوم پرستن جا ”عظيم جلسا“ ڏسي اهوئي خيال ايندو رهي ٿو ته گهٽين جي اها طاقت ووٽ جي طاقت ۾ ڪڏهن تبديل ٿيندي؟

# جرڳا جرڳا هي جهان!

اوٻاوڙي پرسان ننڍڙي ڳوٺ ڦوڳ مزاري ۾ يارهين اپريل تائين هڪ نوجوان عورت مسمات ڳوري رهندي هئي، جنهن کي پيار مان سندس گهر ڀاتي توڏي سڏيندا هئا، اها توڏي ٻارهين اپريل تي پنهنجي مڙس هٿان بصر موريءَ جيان ڪٽجي ڪٽجي قتل ٿي وئي، جنهن جي لاش کي رلڻ ۾ ويڙهي بنا پوسٽ مارٽم جي دفن به ڪيو ويو پر پنهنجي پرٽيل پيٽ جو وارث اهو ڀاءُ بڻيو جنهن کي نام نهاد جرڳي قتل جي ايف آءِ آر نه ڪٽرائڻ لاءِ پابند بڻايو. مڙس هٿان قتل ٿي ويل نوجوان عورت جي ڀاءُ سلطان مزاري سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ ان قتل ۽ قتل بابت ٿيل جرڳي خلاف پٽيشن داخل ڪئي آهي، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته قتل جو اصل سبب شراب جي اها محفل هئي جنهن ۾ سندس پيٽوي شاهه زن مزاريءَ .ٿُن" ٿي پنهنجي هڪ ساٿي کي زخمي ڪيو. هيو فرار ٿي ويو. ان محفل ۾ ٿيل نقصان کان بچڻ خاپر شاهه زن گهر اچي پنهنجي ڀاءُ هاشم ۽ ٻين سان گڏجي مسمات ڳوريءَ کي وڻ سان ٻڌي ڪاتين سان ڪهي قتل ڪري ڇڏيو. سلطان مزاري موجب ان قتل بابت مقامي وڏيري پنهل مزاري، فيضو مزاري ۽ اختيار مزاري جرڳو ڪيو. جنهن ۾ ڪيس ڪا ايف آءِ آر درج نه ڪرائڻ بابت پابند بڻايو ويو. اوٻاوڙي پرسان ڳوٺ پنهل مزاري ۾ اهو جرڳو سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر جي جرڳن بابت تاريخ ساز فيصلي جي اعلان کان ٺيڪ پنج ڏينهن پوءِ ٿيو پر اهو جرڳو ڪندڙ وڏيرا توڙي قتل جي الزام هيٺ آيل ماڻهو ظاهر آهي اجان تائين آزاد آهن، ان ڪيس جي پٽيشن به سکر جي ان ساڳئي وڪيل ڪامريڊ شبير شر داخل ڪرائي آهي، جنهن جرڳن تي پابندي واري درخواست داخل ڪئي هئي. اوٻاوڙي پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ٿيل جرڳو ته اخبارن ۾ رپورٽ ٿيڻ کان رهجي ويو. پر جيڪب آباد جو اهو جرڳو ته باقاعده رپورٽ به ٿيو آهي، جيڪو اڳوٽي صوبائي وزير سردار مقيم کوسو ۽ ٻين سردارن جي سر پرستي ۾ ٿيو. جيڪب آباد ۾ پنهنجي بنگلي تي ٿيل جرڳي کان فارغ ٿي. جڏهن هو شام وارن خمارن ۾ هو ته مون ڪانفرنس فون تي جرڳي بابت تصديق ڪئي، اڄ ته سائين الائي ڪنهن جون ڪنهن جون فونون آيون آهن. "مون کان نئين ڳالهه ڪئي آهي ڇا؟ اسان جرڳو نه، پر فيصلو ڪيو آهي. ٻن ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪيو آهي. عدالت جو احترام ڪيو آهي." هن ڪلندي چيو.

جرڳن تي پابندي هڻڻ واري عدالتي فيصلي کي ملڪي سطح تي ميڊيا ۾ به گهڻو ساراهيو ويو. سنڌ ۾ جاگيرداري نظام ۽ سرداري سسٽم کان بيزار ويٺل لڏو ته ايترو خوش ٿيو جو ڄڻ ته ڪو سرخ انقلاب اچي ويو هجي، جرڳا ڪري پنهنجي بنگلن جا خرچ هلائيندڙ وڏيرن جي اڪثريت ته منجهي پئي ۽ جرڳا به ملتوي ڪري ڇڏيا. پر سردار منظور پنهور ۽ نواب شبير احمد چانڊيو جهڙا سردار انهي فيصلي تي پنهنجن تحفظات جو اظهار ڪندا رهيا. "اهو ته صرف عدالتي فيصلو آهي. ان تي عمل ڪير

ڪرائيندو؟“ هڪ سردار اهو مبهم سوال پڇي منهنجي اکين ۾ تڪ ڻ لڳو. سندس اکيون منجهيل ۽ هيسيل نه، پر اهڙو ته چمڪي رهيون جڻ چونديون هجن ته عمل جيڪا پوليس ۽ انتظاميه ڪرائيندي انهن کي مقرر ڪير ڪرائيندو آهي؟ ”پلي توهان اخبارن ۾ رپورٽ ڪندا رهو پر ڇا هر جرڳي تي ڪورٽ پاڻ مرادو نوٽيس وٺندي رهندي. اهڙا ڪيترائي قانون ۽ عدالتي حڪم پيا آهن، جن تي ڪڏهن ڪڏهن ئي سرڪاري فرمائش تحت عمل ڪيو ويندو آهي. پڙهيل لکيل سردار وڪيلن جيان دليل ڏيئي پنهنجي آرامده صوفي تي ائين رليڪس ٿيو جڻ چوندو هجي. ”اجايو وڏيرا اچي پريشان ٿيا آهن“ عدالتي حڪمن ۽ فيصلن کي خاطر ۾ نه آڻيندڙ وڏيرا ۽ سردار شايد گهٽي خوش فهميءَ ۾ هليا ويا آهن ۽ هاڻي عدالتي منع نامي جي باوجود جرڳا ٿيڻ کان پوءِ انهن کي جڻ ته نئين آڪسيجن ملي وئي آهي. سنڌهاءِ ڪورٽ سکر ۾ جڏهن جرڳن کي غير آئيني قرار ڏيڻ يا نه ڏيڻ بابت دليل هلي رهيا هئا ته هڪ سينئر وڪيل عدالت کي جرڳا غيرقانوني قرار نه ڏيڻ جي استدعا ڪئي هئي. اڳوڻو سرگرم سياسي ڪارڪن ۽ هاڻوڪو سينئر وڪيل نظام بلوچ اڄا به پنهنجي ڳالهه تي قائم آهي. ”قصاص ۽ ديت آرڊيننس موجب مقتول جا وارث خون بها وٺي يا بغير رقم وٺڻ جي ٻي ڏر کي معاف ڪري سگهن ٿا. ظاهر آهي خون بها طئي ڪرڻ يا معافي بابت چار ماڻهو ويهي پاڻ ۾ ڳالهائيندا ۽ پوءِ ئي ڪجهه طئي ڪندا. اهڙو عمل غيرقانوني ڪيئن ٿيو؟ گهٽ ۾ گهٽ مان ان سان اتفاق نٿو ڪريان.“ نظام بلوچ جو وڏيڪ چوڻ هو ته قتل کان سواءِ جيڪڏهن ٻيا جرڳا ٿين ٿا ته اهي غيرقانوني ٿي سگهن ٿا. سنگين ڏوهن بابت ٿيندڙ جرڳن کي غيرقانوني ۽ غير آئيني قرار ڏيڻ واري عدالتي فيصلي کان پوءِ جرڳن بابت هڪ نئون بحث شروع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ اڪثر پڙهيل لکيل ماڻهو به جرڳن جي حمايت ۾ لڙهي وڃن ٿا. ”توهان سدائين جرڳن جي خلاف ٿا لکو پر ڇا توهان کي خبر آهي ته انگلينڊ ۾ به آئوٽ آف ڪورٽ سيٽلمينٽ جائز آهي ۽ ائين ٿيندو رهي ٿو.“ ڪجهه سال اڳ مون کي هڪ اهڙي سنڌي دانشور ڪنهن وڪيل کان ٻڌل دليل جو اهو ڊوز پياريو جنهن کي هاڻي اڪثر ماڻهو نجات ڏيڪاريندڙ نه پر ”ڍڪوسلو“ سمجهن ٿا. حقيقت ۾ اها آئوٽ آف ڪورٽ سيٽلمينٽ عدالت جي معرفت ڪنهن ٺاهڪڙ وٽ ويندي آهي ۽ فيصلو واپس عدالت ۾ ئي ايندو آهي، جتي ڌريون ان مان راضي ٿيڻ يا نه ٿيڻ بابت آزاد هجن ٿيون، پر پوءِ اها سيٽلمينٽ قتل، اغوا ۽ اهڙن سنگين ڪيسن ۾ نٿي ٿئي.

سکر ۾ آيل تازي عدالتي سرگرميءَ کان پوءِ اهي ڏينهن شدت سان ياد اچن ٿا، جڏهن اسان صحافتي ڪم کان واندا ٿي ٿڪل قدم کڻندا اچي سکر جي ان پرين گهاٽ تي ويهندا هئاسين جتي هاڻي ڪوبه پرين موجود ناهي. ڪجهه سال اڳ تائين اهي جرڳا ته عام جام هئا، پر جڏهن پرنٽ ميڊيا ۾ رپورٽ ٿيڻ لڳا ته جڻ ڪنهن جي ڪن تي جونءِ ئي ڪا نه چري. هاڻي ته عدالت سڀوريءَ به جرڳن کي رپورٽ ڪرڻ جي حوالي سان ميڊيا جي ڪردار کي ساراهيو آهي ، پر جڏهن خانگڙه جي خانگي

عدالت کان موٽي اچي رپورٽ ڪندا هئاسين تہ اندر ۾ اهو احساس اڀرندو هو تہ آخر ڪنهن تي بہ اثر ڇو ڪونہ پيو ٿئي؟

سنڌو درياهہ ۾ پيہر پسائي پرين گهاٽ وٽ اسان لاهور هاءِ ڪورٽ جي ”جوڊيشل ايڪٽوازم“ جي تعريف ڪندا هئاسين جتان جي هڪ جج هلندڙ مسافر بس ۾ عدالت لڳائي انصاف ڪيو هو. ٻئي جج صاحب شهر جي هڪ چوڪ تي عدالت لڳائي ۽ نئين ايئرپورٽ تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي ئي هڪ جج غريب عورت جو پٽ ايس ايچ او پاران غائب ڪرڻ تان آءِ جي کان بيلٽ لهرايو پر ايس ايچ او بروقت گناهہ جو اقرار ڪري پنهنجي باس جي عزت بچائي. ان ساڳئي لاهور هاءِ ڪورٽ فوجي جوان بابت اهڙا فيصلا ڏنا، جن کي شايد رپورٽ ڪرڻ کان بہ عام اخبارون ڪيٻائينديون رهن ٿيون. پرين گهاٽ تي ٿيندڙ ان بحث دوران سر راهہ تان پيتل ٿڌي لسيءَ جو ذائقو تڏهن بگڙجندو هو، جڏهن ڪونہ ڪو ساٿي اهو عجيب سوال پڇي وجهندو هو تہ ، ائين اسان وٽ ڇو نٿو ٿئي؟“ ۽ هاڻي جڏهن سکر ۾ اها جوڊيشل ايڪٽوازم اچڻ شروع ٿي آهي تہ نہ رڳو وڏيرن پر هر شعبي ۾ ويٺل سندن حمايتن ۾ نہ رڳو ڦرڦوٽ پئجي وئي آهي، پر هنن عجيب وغريب بحث بہ شروع ڪري ڏنا آهن.

هڪ آزاد معاشري بدران چند سردارن جي راڄ واري سيڪاٽپ رکندڙ سنڌي سماج اندر پوليس واري، ڪالم نويس ۽ جج کي صرف پنهنجي ڪم خاطر استعمال ڪرڻ جيتري اهميت ڏني وڃي ٿي، پر ڇا اها ڳالهہ عام ماڻهو بہ هضم ڪري سگهندو تہ عدالت جي ان تاريخ ساز فيصلي پٺيان اهي ٽيئي ماڻهو سرگرم هئا ”ايڪهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ بہ اڻ پڙهيل وڏيرن جي اوطاقن تي عدالتون لڳن. اهو برداشت کان ٻاهر آهي ، جن وڏيرن کي عدالتي فيصلي بابت خوشفهمي آهي. اهي شائستہ بلخ ڪيس ۾ عدالت آڏو سردارن جون معافيون ڏسن، عدالت جي صرف طلبڻ تي ڪيئن سمورا سردار ڦري ويا تہ هنن کي ڪو فيصلو ڪيو ئي ناهي، عدالتي حڪمن جي طاقت کي انهن وڏيرن ڪڏهن ڏٺو ئي ناهي.“ عدالتي فيصلي تي تمام گهڻو خوش ٿيل هڪ سينئر پوليس آفيسر چيو. جرڳا اصل ۾ ڪٿان هليا ۽ سنڌ ۾ ڪڏهن پهتا؟ جهڙا سوال تہ تاريخدانن جي حل لاءِ ئي ڇڏيو ٿا، پر اها حقيقت هاڻي هر ڪنهن تي عيان ٿي چڪي آهي تہ جرڳا منجهيل سماج جي مت ويتر منجهائي رهيا آهن. جرڳن جي نالي ۾ هلندڙ متبادل عدالتي نظام ٻيو تہ ڇڏيو خود پوليس وارن کي بہ بخش نہ ڪيو. جيڪب آباد، شڪارپور، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڪيترن ئي خونن جا فيصلا جڏهن ٿيا تہ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن اهي پيسا پري ڏيڻ لاءِ پنهنجي فورس منجهان چندا ڪيا. جڏهن توهان جرڳن واري سنڌ گهمو ٿا تہ پوءِ ٻاڙ ان کي ٻار جيان دوربيني واري پٺيان ڇڏي ڏيو جيڪو ڊگ ڊگي وڃائي ٻارن کان اٺ آنا ربيو وٺي کين فوٽو ڏيکاريندو آهي. ”ڏسو ڏسو هي مينار پاڪستان آهي، هي شبنم نديم آهي، هي قائداعظم جي مزار آهي.“ گهڻي ۾ دوربيني واري جي ان دٻي ۾ ٻارڙو ٻئي اکيون وجهي پنهنجي ڳوٺ يا شهر کان بيخبر ٿي ويندو هو. ائين ئي جرڳن واري سنڌ ۾ ڊگ ڊگي وڃائيندڙ چون ٿا تہ، ڏسو ڏسو هي سرڪٽ هائوس

خيرپور آهي. هي سکر جو سرڪٽ هائوس ۽ هي شڪارپور جو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال جتي وڏا وڏا جرڳا ٿيندا آهن، لکين روپين جا ڏنڊ پوندا آهن، وڏا وڏا آفيسر ويهندا آهن. ڪيترائي ڪمشنر ڊي آءِ جي سطح جا عملدار جڏهن جرڳن ۾ ويهندا ۽ سردارن جون فتوائون ٻڌندا هئا ته مون کي هڪ پوليس آفيسر جو ٻڌايل لطيفو ياد ايندو هو جيڪو سي ايس ايس پاس پوليس آفيسر ۽ جاسوس ڪتي جي ذهانت بابت آهي. آخر اسان کي ڪيستائين بلائينڊ جسٽس پٺيان ڊوڙايو ويندو؟ جرڳن کان تنگ اچي هڪ پوليس آفيسر چيو. جرڳا رڳو وڏيرن جي اوطاقن تي نه پر هاڻي ته آفيسن، ادارن ۽ سمورين اهڙين جاين تي ٿي رهيا آهن، جتي 50 ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش آهي. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جو سينئر استاد ۽ پيٿالوجسٽ جو جڏهن هڪ شاگرد تنظيم جي ڪارڪنن ڏک هڻي مٿو ڦاڙيو هو ته ڪنهن عدالت ۾ وڃي نه سگهيو. استادن ۽ ڊاڪٽرن احتجاجي جلوس، مظاهرا ۽ مطالبا ڪيا، پر ٿيو ائين جو هڪ رات جو اصل حاڪمن جو ٻنهي ڌرين کي سڏ ٿيو. انهن حاڪمن جي آفيس ۾ ئي ڪين ياڪر پارائي کير کنڊ ڪيو ويو ۽ سينئر ڊاڪٽرن وچ ۾ جهيڙي جو فيصلو هڪ جرڳائي وڏيڙي اهڙو ڪيو جو ڪيس انعام ۾ ڪيڪ سميت نرس ملي. هڪ رات خاطر هو ٻنهي کي ڪاٽي ويو. عدالتي منع نامي باوجود هاڻي جڏهن جرڳا ٿيڻ شروع ٿيا آهن ته مون کي نواب شبير چانڊيئي جا اهي لفظ ورجاڻا ٿا پون جيڪي هن اهڙي فيصلي تي ردعمل جي اظهار لاءِ ڪيل منهنجي فون جي جواب ۾ چيا هئا ته جڏهن فريادي ۽ جوابدار منجهان ڪا به ڌر شڪايت نه ڪندي ته ڪنهن کي ڪهڙو اعتراض، هونئن به چوندا ناهن ته ”ميان بيوي راضي تو ڪيا ڪري گا قاضي؟“ نواب شبير پنهنجي مخصوص اسٽائيل واري هلڪي کل کلندي چيو.

# ڳوٺ تي رعب!

ان ڏينهن گهوٽڪي شهر ۾ گهڙڻ سان ئي حواس تيز ٿي ويا ته ڪا تبديلي هن شهر جو مقدر ضرور بڻي هوندي، ڇو ته گهوٽڪي تازو ئي چيف منسٽر هائوس خالي ڪندڙ اڳوڻي وڏي وزير جو اباڻو شهر آهي، جتي مختلف ترقياتي ڪم هلندڙ آهن. اڳوڻي نيشنل هاءِ وي ڪان شهر اندر وڃڻ لاءِ روڊ تي پٿر اڇان به لٿل آهن ۽ ان جي بهتر تعمير جو ڪم هلندڙ آهي، گهوٽڪيءَ ۾ مهر حڪومت وارن ڏينهن کان پوءِ ويندڙن کي اهي دڪان به نوان لڳندا، جيڪي پوليس ٿاڻي پرسان تعمير ٿيا آهن. گهوٽڪي جي ماڊل ٿاڻي جي مک در تي جناب الحاج سردار علي محمد مهر جي نالي واري افتتاحي تختي به نئين لڳل آهي. پر ناهي ته اها حڪومت ناهي، جنهن گهوٽڪي جي عام ماڻهن کي به چيف منسٽر هائوس جا در ڏيکاريا. گهوٽڪيءَ ۾ سرڪٽ هائوس به تعمير ٿي رهيو آهي جڏهن ته ٽيڪسي اسٽينڊ جو ڪم به صفا مڪمل ٿيڻ تي هو ۽ افتتاحي تختي جي جاءِ به ٺهيل هئي. پر اها تختي سکر جي ڪاريگر وٽ ئي رهجي ويئي ۽ مهر حڪومت هلي ويئي. ڇا ڇا نه ڪيو، گهوٽڪي لاءِ علي محمد مهر ته ڪيڊٽ ڪاليج ۽ ٽيڪنيڪل ڪاليج به ٺهرايو پئي پر حڪومت هلي ويئي!

گهوٽڪيءَ جي هڪ همراهه ۽ ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته جيئن گهوٽڪي جي مک بازار تان وڏي پير جي وڻ وڍجي وڃڻ سان ڇانو ختم ٿي ويئي آهي. تيئن ئي مهر حڪومت کان پوءِ گهوٽڪيءَ تان ڇپر ڇانو ختم هلي ويئي آهي. گهوٽڪي جي روڊن سان جديد فوٽ پاٿ به هاڻي ٺهي رهي آهي، جنهن تي پهريون پيرو اهي سوڊيم لائيٽون لڳي رهيون آهن. جن لاءِ مقامي ناظم ماڻهن کي فخريه انداز سان ٻڌائي رهيو هو ته، توهان لاءِ اسان سوڊا لائيٽون گهرايون آهن. جيڪي توهان ڪڏهن ڏٺيون به نه هونديون، پر ڳوٺ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي باوجود علي محمد مهر کي ڇا مليو؟ پنهنجي شهر جي ماڻهن جي ناراضگي! سا به ان حد تائين جو سندس حڪومت وڃن کان پوءِ گهوٽڪيءَ جي ماڻهن ئي مٺايون ورهايون. ”اهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته علي محمد مهر ماڻهن جي مٿان ڪو بوجهو ته نه وڌو هو ڪا مارشل لا ته نه هٽي وينو هو جو سندس وڃڻ کان پوءِ سنڌ اندر مختلف جاين تي مٺايون ورهايون ويون.“ سنڌ کان پري ويهي به سنڌ جي حالتن جو موچارو تجزيو ڪندڙ صحافي دوست ڇيو. يارن جي يار ۽ دوستن جي دوست هن نوجوان سردار پنهنجي چيف منسٽري ڏنڊي بدران شرافت سان هلائي ۽ ان ڪرسيءَ تي اها شرافت ڪيس اهڙي ڳچيءَ ۾ پئجي ويئي جو آءِ جي پوليس لاءِ به آخري ڏينهن جي اجلاس ۾ ڪيس انتظار ڪرڻو پيو اهوئي سبب آهي جو عهدي تان مستعفي ٿيڻ کان پوءِ هن بيان ڏنو ته، ” وڏ وزارت لاءِ رڳو شرافت ڪافي ناهي.“ ان جي اهڙي بيان جو ڇا مقصد هو پاڻ هتي ان جي وضاحت نٿا ڪريون، مٿان ڪير ڇڙي پئي ۽ شرافت سان گڏ پاڻ ۾ موجود ٻيون

”صلاحيتون“ آزمائڻ لاءِ سوچي، پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته، واقعي به وڏ وزارت لاءِ رڳو شرافت ڪافي ناهي. علي محمد مهر کي اهو اختيار شايد ڪونه هئا جو آءِ جي پوليس کي هٽائي سگهي، پر هن کي پنهنجي ضلعي اندر مرضيءَ جا پوليس آفيسر مقرر ڪرڻ جي اجازت ضرور مليل هئي. گهوٽڪيءَ ۾ ڊي ايس پيز کي ڊي پي او ۽ اي ايس آئيز کي ٿاڻن جو انچارج ڪرڻ واري وڏي وزير کي سنڌ حڪومت هلائڻ جا ڪٽي ”مڪمل اختيار نه به هئا، تڏهن به گهوٽڪيءَ جا معاملا هن جي مرضيءَ موجب هلندا هئا.“ يار هو هڪ صوبي جو چيف منسٽر آهي. ڪراچيءَ ۾ نتا هلڻ ڏيوس، پر پنهنجي ڳوٺ ۾ ته رعب ڪرڻ ڏيوس، مهر حڪومت جي هڪ همدرد ڳجهين گڏجاڻين دوران ”پائي لوڳن“ کي چيو. اهو عجيب اتفاق نه، پر پنهنجي طبيعت جي رولاڪي چئجي جو لڳ ڀڳ سمورن اڳوڻن چيف منسٽرن جا اباڻا شهر يا ڳوٺ گهمي ڏٺا اٿمءِ هر هنڌ اهو حال ڏسڻ ۾ آيو آهي.

پيٽو جتوئي کان ميهڙ تائين به اهي سوڊيم لائيٽون لڳائڻ جو منصوبو هو جيڪي هاڻي گهوٽڪي ۾ پئي لڳيون . پر لياقت جتوئي جي حڪومت وڃڻ کان پوءِ ڪم اڌ ۾ رڪجي ويو پيٽو جتوئي ڳوٺ ۾ ٻاهران گهرايل فانوس نما اسٽريٽ لائيٽون لڳل آهن، هڪ پبلڪ لائبريري ڪميونٽي هال به پيٽو جتوئي ۾ تڏهن تعمير ٿيو جڏهن لياقت جتوئي وڏو وزير هو. ميهڙ جا عام ماڻهو اهو نينڊڙو سوال اجان به پڇن ٿا ته اهي تعميراتي ڪم خود ميهڙ شهر ۾ ٿين ها ته ڪهڙي برائي هئي. پبلڪ لائبريري جو ته اتي اجان بهتر استعمال ٿئي ها، پر پيٽو جتوئي ۾ ڪيئن خبر پوي ها ته لياقت جتوئي به وڏو وزير رهي چڪو. هاڻي پلي ته ڪڪول واهه جا آبادگار واهه جي ڪاتي ڪٽائڻ ۽ پاڻي فراهمي لاءِ ڌرڻا هڻندا وتن پر انهن ڏينهن ۾ اهي شيون ضروري هيون، دادو ۾ ٿورو ئي اڳتي اچي سيوهڻ ۾ ترسو هر پاسي توهان کي عبدالله شاهه جو روح مرڪندي نظر ايندو. سيوهڻ کي سينگارڻ تي جيترو خرچ عبدالله شاهه جي وڏ وزارت دوران ٿيو. ايترو خرچ شايد ڪنهن به ٻئي دور ۾ نه ٿيو. چون ٿا ته ولايت جي وڻن هيٺان ويهي عبدالله شاهه اجان به افسوس ڪري ٿو ته هو سيوهڻ ايئرپورٽ کي شروع نه ڪرائي سگهيو ان ايئرپورٽ جي ضرورت هئي يانه. پر ڪنهن يار دوست جي زمين ته وڪرو ڪرڻي هئي. گهوٽڪيءَ ۾ اجان تعمير ٿيندڙ ريسٽ هائوس ڏسي مون کي سيوهڻ جا ريسٽ هائوس ياد ٿا اچن، جيڪي عبدالله شاهه حڪومت دوران نهيا، پر قدرت جي ڪرڻي ته ڏسو ته انهن ريسٽ هائوسز جي سينگاريل ڪمرن ۾ عبدالله شاهه هڪ رات به اڳوڻي چيف منسٽر جي حيثيت ۾ رهي نه سگهيو. سندس حامي اجان به منهن جي پڪائيءَ سان چون ٿا ته عبدالله شاهه رهي نه سگهيو ته ڇا ٿيو. ڳوٺ ۾ ته نشان اجا به اٿس.

اهڙائي نشان ڳاڙهي موري جي سيد جا به خيرپور ۾ ملن ٿا، جنهن خيرپور کي پيو ته ڪٽي ڪجهه نه ڏنو پر لطيف يونيورسٽي جي نئين ڪيمپس اهڙي ڏني جو خيرپور جي تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن جو اعليٰ مثال اجان به شادي شهيد پراجيڪٽ بڻيل آهي. ڇا خيرپور کي واقعي اهڙي ڪيمپس جي ضرورت هئي، ڇا ڳوٺ جو وزيراعليٰ پنهنجي شهر لاءِ اهو تحفو ڏيئي پئي سگهيو؟

وڏن وزيرن جو ذڪر نڪري ته پوءِ ڄام صادق مرحوم کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي، جنهن جي شخصيت اڄ جي ڪيترن ئي سياستدانن لاءِ رول ماڊل بڻيل آهي. پر ان ڄام صادق به جيڪي ريسٽ هائوس ڄام نواز علي ۾ نهرايا، انهن جي ويراني هاڻ ڪائڻ پئي اڇي. اهي عمارتون علائقي جي عام خلق غريب غربي جي ايترو به ڪم نٿيون اچن، جيترو هڪ راڳي نوجوان جي زندگي ٽرسٽ واري اسپتال شهدادپور شهر جي ماڻهن ڪي ڪم اچي رهي آهي يا ڪرنل واري اڪين جي اسپتال ٽنڊوآدم ۾ گمبٽ جي ماڻهن ڪي ڪم اچي رهيون آهن.

ڪجھ ماڻهن کي اها ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي ته اصل اختيار نه هوندي به سنڌ جا وڏا وڏا ڏينگ جاگيردار، وڏيرا ۽ ڪجھ ڪامورا وڏو وزير ٿيڻ ڇو چاهيندا آهن؟ جڏهن سندن حڪم پوري سنڌ نه پر پنهنجي ضلعي تائين محدود ٿي وڃي ته پوءِ هو ڪهڙا بااختيار وڏا وزير ٿيا؟ ”سردار علي محمد مهر سان ته انهن ئي زيادتي ڪئي، جن کيس آندو.“ چيف منسٽر هائوس جي ويجهو رهندڙ هڪ عملدار ٻڌايو ”مهر حڪومت خلاف اها سازش تڏهن کان شروع ٿي، جڏهن کان لاهور جي انگريزي رسالن ۽ اخبارن ۾ چيف منسٽر واريون اسٽوريون ۽ فرينچ گي ڪلب جي ميمبر شپ وارا ڪارڊ ڇپيا.“ هن رازداريءَ ۾ ڇيو ۽ اهو واضع ڪيو ته هڪ ڌر شروع کان ئي مهر حڪومت جي خلاف پروپيگندا ۾ مصروف رهي. جڏهن کان سنڌ اندر نظرياتي سياست جو صفايو ڪري نام نهاد پاور پاليٽڪس جي راند ڪيڏي پئي وڃي، تڏهن کان هر ننڍي وڏي پارٽي جي اڪثر چڱن مڙسن آڏو ڄام صادق علي مرحوم رول ماڊل بڻيل آهي. ڄام صادق مرحوم جون پنهنجون حالتون ۽ وقت هو پر ڇا هاڻي واقعي به سنڌ کي ڪنهن نئين ڄام صادق جي ضرورت آهي يا اهڙي وڏيري جي جيڪو مٿيئن سرڪار جا سڀ حڪم صرف ان ڪري مڃي ته کيس ڳوٺ تي رعب رکڻو هجي. هوئنئن به بدليل زمانن ۾ جڏهن چيف منسٽر هائوس منجهان به ماڻهن کي رليف نٿو ملي ته اهڙن چيف منسٽرن جي ڪهڙي حاصلات وڃي بچي ٿي. صرف پنهنجي نالي اڳيان اڳوڻو وڏو وزير لکرائڻ جي!؟

# مھدي آرمي، مرڻ ۽ ديسي گوريلا

جنھن گرانڊ آيت الله محمد صادق صدر کي 1999ع ۾ عراق جي اڳوڻي سربراھ صدام حسين جي وفادارن گوليون ھڻي قتل ڪري ڇڏيو. ان کي اڳواٽ ڪا خبر نہ ھئي تہ ڇئن سالن کان پوءِ سندس ننڍي ۾ ننڍو پٽ نجف اشرف ۾ دنيا جي اڪيلي سپرپاور ۽ سندس اتحادين کي ڏکيا ڏينھن ڏيکاريندو. اھا تہ صدام ۽ سندس وفادارن کي بہ خبر نہ ھئي تہ جنھن شيعا اڳواڻ کي ھو يتيم ڪري رھيا آھن، سياڻي اھوئي عراق جو نئون چھرو ٿي ايرندو ۽ صدام حسين کي سمورن پروٽوڪولز سميت تاريخ جي ڊسٽ بن ۾ اڇلي ڇڏيندو. ثابتيءَ سان ھن جي عمر جي تہ ڪنھن کي خبر ڪانھي، پر چون ٿا تہ 30 سالن جو مقتديٰ الصدر پنھنجي شعلا بيان خطيبن سبب مشھور آھي. حالانڪہ آمريڪين اڪ تڏھن پٽي، جڏھن مقتديٰ جي مھدي آرمي کين ڏکيا ڏينھن ڏيکاريا ۽ ڀھريون ڀيرو کين گوريلا جنگ ۾ ڦاسائي وڌو.

پرڏيھي ميڊيا ۾ اڄڪلھہ پنھنجي ڪُپي وار ڪنڌڙ اکين ۽ جذباتي خطبن سبب مشھور مقتديٰ الصدر کي عراق مٿان آمريڪا جي قبِضي کان اڳ پرڏيھہ ۾ تمام گھٽ سڃاتو ويندو ھو. پر ھاڻي دنيا جي ھر وڏي اخبار، ٽي وي چئنل ۽ ريڊيو سروس ھن کان انٽرويو ڪرڻ لاءِ پريشان آھي. عراقي مذھبي سماج، جتي عقل کي عمر ۽ اڇن وارن سان مشروط ڪيو ويجي ٿو. ان سماج ۾ ھاڻي ھي نوجوان ايري آيو آھي. جنھن کي پنھنجا بزرگ شيعا اڳواڻ بہ جذباتي ۽ وات ڦاڙھو ڪالھوڪو ڇوڪرو چون ٿا. آمريڪي ميڊيا جو خيال آھي تہ مقتديٰ الصدر بغداد جي سھولتن کان محروم انھن بيروزگار نوجوانن ۾ مقبول آھي، جن کي وڙھڻ کانسواءِ ٻيو ڪجھہ ڪرڻ لاءِ آھي ئي ڪونہ. اھا ڳالھہ سي اين اين جي ان رپورٽر فائيل ڪئي، جنھن بغداد جي 10 لک شيعا آبادي وارو اھو علائقو گھمي ڏٺو جنھن کي جنگ کان اڳ ۾ ”صدام سٽي“ سڏيو ويندو ھو پر ھاڻي مقتديٰ جي پيءُ جي نالي پٺيان ان کي ”صدر سٽي“ چيو ويجي ٿو. مقتدي الصدر کي پنھنجا ڪارڪن پيار مان ”السيد“ ۽ ”ماسٽر“ بہ چون ٿا. مقتديٰ الصدر شروع کان ئي عراق مٿان آمريڪي قبضي جي خلاف ھو پر ڪجھہ شيعا اڳواڻن جو خيال ھو تہ آمريڪي ھاڻي کين حڪمرانيءَ جو وارو ڏيندا. تڪڙ نہ ڪرڻ گھرجي. اڃا ھن ھٿياربند جدوجھد شروع نہ ڪئي ھئي. تڏھن بہ آمريڪين سندس اھا ھفتيوار اخبار ”الھورا“ بند ڪرائي ڇڏي، جنھن ذريعي ھو اتحادي قابض فوجين مٿان ڇتي تنقيد ڪندو ھو. آمريڪي فوج ھاڻي جنھن ڪيس ۾ مقتديٰ الصدر کي گرفتار ڪرڻ چاھي ٿي، اھو بہ ھڪ شيعا اڳواڻ جي قتل جو ڪيس آھي.

برطانيا ۾ سالن تائين پناھ وٺندڙ عبدالماجد الخوئي کي بغداد جي نام نھاد فتح کان صرف 2 ڏينھن پوءِ قتل ڪيو ويو. عبدالماجد کي بہ آمريڪي فوج ائين ڊالرز سان ڀري موڪليو ھو. جيئن

افغانستان ۾ ڪرزئي کان اڳ هڪ پناڻ ايجنٽ کي موڪليو ويو جيڪو گهوڙي تي طالبان جي تلاش ڪندي مارجي ويو هو. عبدالماجد کي ڊالر ڏيئي ان نيت سان موڪليو ويو تہ جيئن عراق ۾ هو پنهنجي ۽ آمريڪين لاءِ حمايت حاصل ڪري سگهي. ان مخالف شيعا اڳواڻ جو قتل ڪيس مقتديٰ الصدر مٿان داخل ڪيو ويو. گذريل اپريل ۾ بغداد جي نام نهاد فتح دوران جڏهن عام عراقي پنهنجي ئي لائبريرين، ميوزيم ۽ محلن مان ڦرلٽ ڪري رهيا هئا. ان وقت مقتديٰ جا ماڻهو صدر سٽي ۾ بنيادي ضرورتن واريون شيون ورهائي رهيا هئا. اهي ستايلن جي امداد ائين بيرحمي سان نہ ڪري رهيا هئا، جيئن نسلي فسادن جي متاثرين جي واهر اسان جا ديسي گوريلا ڪري رهيا هئا، جي جي ”اضافي“ خدمت کان بيزار ٿي 5 نياڻين جو پيءُ ڏارين جي پاڙي ۾ واپس هلي ويو ۽ در دريون کولي پاڳلن جيان رڙيون ڪرڻ لڳو. ”اچو اي دشمنو اچو! منهنجي خاندان کي ئي ختم ڪريو.“

هٿياربند جدوجهد، نشي جهڙي ان نعري ڪيترن ئي سنڌي نوجوانن جون حياتيون ڳڙڪايون ۽ ڪيترن کي صحرا جي سراب ۾ پهچايو. ڪنهن ليکو ڪيو آهي ڪڏهن؟ انقلاب جي نالي ۾ بئنڪون ڦريندڙ ۽ اغوائون ڪندڙ سورهيہ سنڌ اندر اهو سچ اپاري نہ سگهيا، جنهن مان اعتماد جا ڪرٽا هن ديس جي اداس گهرتائين پهچن ها، پر عراقي شيعا مقتديٰ الصدر ۾ اهو اعتماد ڏسن ٿا. شايد تڏهن ئي 10 هزار هٿياربند هڪ نوجوان ڇوڪري ”السيد“ جا پوئلڳ بڻيل آهن. انهن هٿياربند نوجوانن کي هن ان عرب جنگجو محمد المهدي جي نالي پٺيان ”مهدي آرمي“ جو نالو ڏنو آهي، جنهن هڪ صدي اڳ سوڊان مان برطانوري فوجن کي ڊوڙائي ڪيڍڻ لاءِ پنهنجي فوج جوڙي هئي. بغداد جي هڪ مرحوم شيعا عالم جي ننڍي ۾ ننڍي پٽ الصدر جي مهدي آرمي بہ آمريڪا ۽ سندس اتحادين کي شايد ايترو پريشان نہ ڪيو هوندو، جيترو ڊيلي مرر ۾ ڇپيل ابو غريب جيل جي قيدين جي تصويرن ڪين پريشان ڪيو آهي. انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪائيندڙ اهي تصويرون ڏسي سالن کان آمريڪا ۾ ترسي پيل اسان جي سنڌي شاعر حسن مجتبيٰ بہ تڙپي پيو جنهن هڪ اردو ويب سائيٽ کي جيڪو ابو غريب جيل بابت نظم موڪليو ان جي شروعات ڪجهہ هينئن هئي.

اي بغداد جا چور، ضدي حاڪم،  
شاهي قلعي جا ڊول سپاهي  
سنڌي پوليس وارا  
پنجابي ٺاٽيدار  
تو انهن سيني کي شرمايو آهي.

شرمايو تہ برطانيا جي پرنٽ ميڊيا کي ڊيلي مرر جي انتظاميہ بہ آهي، جنهن پنهنجي ايڊيٽر کي فوجي دٻاءُ هيٺ هٽائي ڇڏيو آهي، عام طور شاهي خاندان جي عورتن، اداڪارن ۽ رانديگرياڻين جا سيڪس اسڪينڊل ڇاپيندڙ ڊيلي مرر جي ان فوٽو پوري برطانوي فوج ۾ تباهي مچائي ڇڏي، جنهن ۾

راٽي واري ريجمينٽ جي هڪ سپاهيءَ کي ٻانهون ٻڌل عراقي قيديءَ مٿان پيشاب ڪندي ڏيکاريو ويو. پهرئين مئي کان فوٽن جو اهو سلسلو جڏهن شروع ٿيو ته 25 لک سرڪيوليشن واري اخبار مٿان فوجي دٻاءُ وڌو ويو. اخبار مالڪ ڪمپني ٽرنٽي مرر جي هنگامي گڏجاڻي 15 ڏينهن اندر ٿي، جنهن ۾ اٺونجاهه سالن جي ايڊيٽر پائيرس مورگن کي استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ چيو ويو. ڊيلي مرر سان مورگن گذريل 9 سالن کان لاڳاپيل هو. جنهن استعيفيٰ ڏيڻ وقت چيو ته ”اسان هڪ گندگي تان پردو هٽايو آهي، وڏيڪ فيصلو برطانوي ماڻهن کي ڪرڻو آهي. اخبار جي پبلشر ڪمپني ٽرنٽي مرر آمريڪي صنعتڪارن جي وڏي حصيداري آهي. شايد تڏهن ئي، برطانيه ۾ اهو احساس وڌندو پيو وڃي ته برطانوي ميڊيا جا ليور پرڏيهن جي هٿن ۾ آهن.

ڊيلي مرر اخبار پڙهندڙ ته تڏهن حيران ٿيا، جڏهن ابو غريب جيل جي قيدين مٿان تشدد جا فوٽو ڇاپڻ تي ڊيلي مرر معافي ورتي ۽ فرنٽ پيج تي ايتري جاءِ تي معافي جا اکر لکيا، جيتري جاءِ تي عراقي قيدين مٿان پيشاب ڪندڙ سپاهيءَ جو فوٽو ڇاپيو هو. معافي ۾ اخبار اهو واضع لکيو هو ته ”اسان کي نقلي فوٽو فراهم ڪيا ويا. معاف ڪجو اسان سان دوکو ٿيو. ڊيلي مرر سان ڇا ٿيو. دوکو ته انهن فوجي سپاهين سان ٿيو جن اهي فوٽو اخبار تائين پهچايا، معافي وٺڻ کان پوءِ برطانوي فوج پاران انهن ذريعن جي سڃاڻپ معلوم ڪئي ويئي، جن اهي فوٽو اخبار کي ڏنا. اخبار ۾ صرف 3 ماڻهن کي انهن نالن جي خبر هئي، جن ٽرنٽي مرر جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي حڪم تي انهن جا نالا ظاهر ڪيا. برطانيا جي نشنل يونين آف جرنلسٽ اهڙي عمل جي مذمت ڪندي چيو آهي ته ”ذريعن جا نالا ظاهر نه ڪيا وڃن.“

برطانوي ميڊيا ۾ ذريعن جا نالا ظاهر ڪرڻ تان هي ٻيو پيرو گوڙ ٿيو آهي. پهريون پيرو بي بي سي ۽ حڪومت وچ ۾ ٿيو جنهن تان ڊاڪٽر ڪيلي جي خودڪشي به ٿي ۽ اهو ايترو معاملو اپري آيو جو بي بي سي جي ڊائريڪٽر جنرل کي استعيفيٰ ڏيڻي پئي. بي بي سي کي برطانوي حڪومت جي ان ڏک واقعي به لوڏي ڇڏيو. پر ڇا ڊيلي مرر پاران فوٽن کي نقلي چوڻ سان اهي نقلي ٿي پيا؟ هاڻي ته نيويارڪ ٽائيمز ۽ واشنگٽن پوسٽ جهڙيون اخبارون به فوٽن جا البم پيون جاري ڪن. چون ٿا اهو آمريڪا يا برطانيا جو معاملو ناهي، فوجي جتان جا به هجن، اهي فوجي ئي آهن ۽ آهي ائين ڪندا.

ابو غريب جي قيدين مٿان ٿيل تشدد جون وڌيڪ تصويرون اڃا اچي رهيون آهن. ڊيلي مرر جي معافين سان اهي بند نه ٿينديون نه ٿيڻيون آهن، ڪاش ديسي گوريلن کي به اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي ها ته ٻن ڏهاڪن جي هوائي فائرنگ کان پهريان اخلاقي بلندي ۽ تنظيم ڪاري ضروري هئي. ان سان ڪجهه نه تڏهن به ديس واسين جو مٿن ايترو اعتماد ٿي وڃي ها. جيترو نجف جي ماڻهن جو مهدي آرمي مٿان ٿي پيو آهي.

# ڏوهارين جون ڪاروائيون ۽ پوليس جون ڪاريون رڳون

لاڙڪاڻي جي هڪ هوٽل جي لان تي ٿيل ان رنگارنگ تقريب کي اچا ايترا ڏينهن نہ گذريا آهن، جو اها رات لاڙڪاڻي واسين کان وسري وئي هجي. ضلعي حڪومت لاڙڪاڻي پاران ان ئي تقريب ۾ پوليس جي بهتر ڪارگردگيءَ جي نہ رڳو ساراهہ ڪئي وئي، پر مختلف پوليس عملدارن کي لڳ ڀڳ هڪ لک رپئي جا نقدي انعام ۽ تعريفي سرٽيفيڪٽ بہ ڏنا ويا. انهن ساليانہ ايوارڊن جي ان رات تہ لاٽري کلي هئي جو اسان جهيڙن نڪمن کي بہ هڪڙو چيڪ ۽ سرٽيفيڪٽ ڏيئي فارغ ڪيو ويو. جنهن تي ٽوڪيندي صحافي دوست منير چيو تہ "هاڻي سپاهين ۽ صحافين واري لائين هڪ ٿي وئي آهي." سوچجي ٿو تہ هي جيڪا پوليس جي تعريف آهي، سا ڪهڙي ڪم جي ثابت ٿي؟ اها لاڙڪاڻو پوليس جي واقعي بهادري ۽ جرئت آهي، جو هندو پنچائت جي صدر ۽ واپاري سنتوش ڪمار کي ڏاڙيل چئن ٽاڻن جي حدن مان گذاري اغوا ڪري ويا، پر پوليس تڏهن سجاڳ ٿي، جڏهن مغوي واپاري جي ڊرائيور اچي باقراڻي ٿاڻي تي اطلاع ڏنو. "اها اغوا جي واردات جن ماڻهن ڪئي آهي انهن تائين پهچڻ لاڙڪاڻو پوليس جي وس جي ڳالهہ ئي ناهي. اهي ماڻهو معمولي ڏوهہ ڪندا ئي ناهن ۽ پوليس وري غير معمولي ڏوهارين کي پڪڙي نہ سگهندي،" ڏوهارين سان سفيد پوش ٿي ملندڙ هڪ ماڻهو ٻڌايو.

ان ڏينهن مغوي سنتوش ڪمار جي گهر اداس چهرن سان ويٺل هندو برادريءَ جي ماڻهن سان ملندي هڪ خوفائتي سانت محسوس ٿي. اهڙي سانت جيڪا عام حالتن ۾ بہ ساهہ منجهائيندڙ هجي. مغوي سنتوش جو پيءُ پوليس تي اعتماد جو اظهار ڪري رهيو هو پر سندن ايم اين اي ان کي رد ڪندي بي اعتماديءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو هو. مغوي سنتوش جي مائٽن سان ملندي وڏو وزير ياد اچي ويو، جو اجا ڪجهہ ئي ڏينهن اڳ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم سرڪٽ هائوس لاڙڪاڻي ۾ پوليس آفيسرن جي ايتري تعريف ڪئي هئي جو ڪجهہ عملدار پاڻ ئي شرمائڻ پيا. "اهي ماڻهو معمولي پگهار تي اسان لاءِ جان جوکي ۾ وجهن ٿا. هنن کي ڪير مکڻ تہ نهيو هيرا موتي چڳاڻا پون تہ اهي بہ چڳائيندا‌سين. توهان اخبارن وارن کي الاءِ ڇا آهي؟ ڏاڙيلن جون ڪاروايون وڌن ٿيون، تڏهن بہ تنقيد پر جي انهن ڏاڙيلن خلاف آپريشن ٿا شروع ڪريون تڏهن بہ تنقيد." هن 8 ضلعن جي پوليس سربراهن جي بريفنگ کان پوءِ اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو. ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم زماني سان گڏ هلندڙ ماڻهو آهي، جنهن کي ظاهر آهي اها تہ خبر هوندي تہ جنهن معمولي پگهار جو هن ذڪر ڪيو آهي ان جي تہ اڪثر پوليس عملدارن کي ضرورت ئي نہ هوندي آهي. بلڪ ڪجهہ ٺاڻيدار تہ تپيدارن جيان پگهارن جي بلن تي هر مهيني صرف صحيح ڪن ٿا. باقي روڪ رقم ڪنهن "ٻئي" جي کيسي ۾ وڃي ٿي. اهو ٻيهر

سوچڻ جو نقطو آهي تہ پوليس ۾ معمولي پگهار هوندي بہ ماڻهو پرتي ڇو ٿا ٿين. ان معمولي پگهار لاءِ يا انهن لامحدود اختيارن خاطر. جن جي سهاري چالاڪ ۽ سياڻا پوليس وارا پنهنجي لاءِ دبئي جا دروازا کولي ڇڏين ٿا. ڇو تہ انهن لامحدود اختيارن جو هو عوام کي کو رليف ڏيڻ بدران پنهنجو پاڻ کي رليف ڏيارين ٿا ۽ پنهنجي خاندانن کي صدين کان چنبڙيل غربت مان آجو ڪرائين ٿا. لاڙڪاڻي جي ئي هڪ ايس ايچ او کي خبر نہ هئي تہ حاجي مشتاق ڪلهوڙو ڪيترو خطرناڪ ڏوهاري آهي. پوءِ هن ڏيڍ لک روپيا وٺي ان کي آزاد ڪري ڇڏيو. ڪجهہ ماڻهو اها ڪڙي ائين ملائين ٿا تہ هڪ ڏينهن اهو مشتاق آزاد ٿيو ٻئي ڏينهن سنتوش ڪمار واري اغوا جي واردات ٿي. ڇا پوليس کي اها خبر نہ هئي تہ مائي ڪولاچي روڊ ڪراچي وٽ جيڪو ڪنڊڪوٽ جو چانورن جو واپاري راجيش اغوا ٿيو هو، اهو ڪيس بہ ان مشتاق مٿان مڙهيل آهي. اهو ڪيس تہ هڪ بااثر شخصيت مٿان بہ ان حد تائين مڙهيو ويو جو ڪراچي جي سگهارين ڏرين جي سيف هائوسز ۾ ڪيترائي دفعا هن کي گهرائي وضاحتون گهريون ويون. وضاحتون لاڙڪاڻي جي ڊي پي او کان بہ گهريون ويون آهن تہ سنتوش ڪمار اغوا ٿيو ڪيئن ۽ موٽندو ڪڏهن؟ ڇيو وڃي ٿو تہ ڊي پي او کي 3 ڏينهن جي مهلت ڏئي وڏيڪ محنت ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. جنهن ڪري هن پوليس تي پاڙڻ بدران راجوڻي ڪوششون شروع ڪري ڏنيون آهن ۽ پنهنجن پراڻن واسطيدارن ۾ سنگتين وٽ وڃي ايلازي ٿيو آهي. سيٺ سنتوش ڪمار جي اغوا کانپوءِ هندو برادري ۾ ڪجهہ مسلمانن دوستن پاران تاثر اهو پيو ڏنو وڃي تہ هندو برادريءَ خلاف اها ڪا وڏي سازش آهي جنهن تحت صرف اقلتين کي ٽارگيٽ بڻايو پيو وڃي. هڪ واقعي کان پوءِ پيدا ٿيل جذباتي منظر دوران اهي جملا ڪنهن سياستدان جي بيان جي حد تائين تہ سٺا لڳن ٿا. پر حقيقتون شايد ان کان دور هجن. صبح سان ناشتو ڪري ۽ پرفيوم وغيره هڻي اغوا جي ارادي سان نڪتل همراهن جي ذهن ۾ صرف هڪ سيٺ هو جنهن جي اغوا کان پوءِ ڪروڙين رپيا پينگ ملڻ جو پڪو آسرو هجي. هنن کي ان سا ڪا دلچسپي نٿي هجي تہ اهو هندو آهي يا مسلمان. پر هندو ڪميونٽي اجان تائين اها ڳالهہ سمجهڻ کان پري آهي. لاڙڪاڻي جي هندو پئنچائت تہ هندو- مسلم فرق کي تڏهن ٻيهر جيئاريو. جڏهن هنن مغوي سنتوش جي بازيابي لاءِ صرف هندو برادريءَ کي ڪاروبار بند رکڻ جوسڏ ڏنو. لاڙڪاڻي جا ڪيترائي واپاري اڳواڻ هندو پئنچائت جي اهڙي سڏ تي حيران ٿي ويا "اسان تہ سيٺ سنتوش ڪمار کي هڪ واپاريءَ جو اغوا سمجهون ٿا. هو ٻهريان واپاري بعد ۾ اقليت آهي. اسان تہ هر احتجاج ۾ هنن سان گڏ رهڻ چاهيون ٿا." واپارين جي چيمبر واري صدر ٻڌايو. هندو ڪميونٽي کي اهو سمجهڻ ۾ اڃا وقت لڳندو تہ اغوا صرف هندو نہ. پر مسلمان بہ ٿين ٿا. مسلمان بہ اهڙا جيڪي ڪجهہ طبقن لاءِ رول ماڊل بڻيل هجن. ڇا سياسي اڳواڻن مير ٿيٻو ۽ حسين بخش ناريجو کي اغوا ڪرڻ مهل پڇيو ويو تہ هو هندو آهي يا انهن خلاف اها ڪا سازش هئي. ڇا سريلي راڳي منظور سخيراڻي کان اغوا ڪرڻ کان اڳ پڇيو ويو تہ هو هندو آهي يا مسلمان؟ اغوا جي انڊسٽري ۾ ڪوبہ مذهب ڪا ذات نٿي

هلي. صرف پنگ جي رقم يا ذاتي دشمني. اغوائون، هندو ماڻهن جون ٽين يا مسلمانن جون ٻاھ تہ هڪ ئي آهي. جنهن ۾ ٻئي سڙن ٿا تہ پوءِ بہ هندو پنچائت کي ان غلطيءَ جو احساس نہ ٿيو تہ جنهن گهڙي سمورا لاڙڪاڻي واسي مغوي سنتوش ڪمار جي وارثن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ هجن ۽ همدردي ڪندا هجن ان وقت سيٺ سنتوش جي اغوا خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ صرف هندو ڪميونٽي کي سڏ ڏنو وڃي. هندو پنچائت پنهنجي طاقت پاڻ ڪمزور ڪرڻ جي پويان ڇو پئي آهي، جنهن وقت پورو شهر يا پورو ضلعو احتجاج ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار هجي، ان وقت هندو ڪميونٽي کي الڳ ڪري بيهارڻ مان آخر هنن کي ڪهڙا نتيجا ملندا. اهي ئي تہ پنجاھ سؤ ماڻهو بينر کڻي نعرا هڻي گهر هليا ويندا . انتظاميہ جي صحت تي ڪهڙو اثر پوندو.

اتر سنڌ ڌوهارين لاءِ ان ڪري بہ اڄڪلهہ جنت بڻيل آهي، جو پوليس کان پڇاڻو صرف پوليس ئي ڪري رهي آهي. سکر يا لاڙڪاڻي جي ڊي سي او يا ڪنهن جسٽس کي ان سان ڪا دلچسپي ناهي يا اختيار ناهي تہ ڌاڙيلن خلاف نام نهاد آپريشن کي سکر پوليس آخر گهٽي ۾ ڪيش ڪرايو آهي؟ پوليس سان ويجهو رهندڙ ماڻهن جو خيال آهي تہ اهڙا فري هئنڊ وارا آپريشن خوش قسمت پوليس عملدارن جي سروس دوران ٿيندا آهن. جن منجهان هو پنهنجا ڪاروبار اجان بہ وڌائي سگهن ٿا. اتر سنڌ ۾ توهان ڏسو تہ سهي پوليس عملدار ڪهڙا مقرر ڪيا ويا آهن. جيڪب آباد، سکر، شڪارپور کان ٿي لاڙڪاڻي تائين نظر فيرايو، توهان کي اندازو ٿي ويندو تہ سرڪار امن امان بحال رکڻ ۾ ڪيترو نہ سنجيده آهي. اها اسٽوري ڪنهن ٻئي پيري تہ پوليس سروس ۾ اچڻ کان پوءِ ڪيترا نہ سينئر پوليس عملدار وڏا ڪاروباري ٿي ويا آهن. اتر سنڌ هوندئن تہ ڪچي جي ڌاڙيلن سبب بدنام آهي. پر ڌوهارين جي ان جهان ۾ جهاتي پائڻ سان پتو پوي تہ ڌاڙيل رڳو ڪچي ۾ نہ پر شهرن ۾ بہ اسان جي ئي آس پاس رهن ٿا. "سفيد پوش ڪاٽڪو جي هر جي مالدار آسامي تي نظر لڳل آهي. صرف نمبر اچڻ جي ٿهي هلڻ جي دير آهي." پوليس ۾ هوندي بہ ڌوهارين جا هٿ ٺوڪاريندڙ هڪ انسپيڪٽر چيو. سيٺ سنتوش ڪمار جي اغوا کان پوءِ لاڙڪاڻو پوليس هڪ ئي وڏو ڇاپو ٻاڍھ ۾ هنيو جتان هڪ انسپيڪٽر کي ڌوهارين کي ڌوهارين جي گهر مان گرفتار ڪيو ويو هو. اهڙي ڪاروائيءَ کان پوءِ هاڻي هر ڪو اها اميد رکي ٿو تہ پوليس ڌوهارين پويان وڃڻ کان اڳ پهريان پنهنجو گهر چڪاسي. پوليس اهلڪارن جي ڪاري وردي جيڪا محافظ جو نشان هجڻ کپي سا پوليس جي ڪارين رڍن جو پردو بڻجي پئي آهي. "مون کي ياد ٿو اچي تڏهن مان هيڊ ڪانسٽيبل هئس جڏهن هڪ چوڪيءَ تان ڊيوٽيءَ دوران پهرين رشوت پنجاھ روپيا ورتي هئي" پنهنجي علائقي ۾ جوا جو اڏو هلائيندڙ پوليس عملدار مفت ۾ ميل شراب جو گلاس پيئندي چيو. هن پنهنجي ڳالهہ ٺهڪ سان اڳتي وڌائيندي چيو تہ "هاڻي ايترا پئسا وٺڻ سٺا نٿا لڳن. ڊي پي او جي چارج وٺڻ کان پوءِ ان رٽنڪر عملدار جهڙي سنڌ پوليس کي ارباب رحيم هيرا موتي چڱائڻ چاهي ٿو. ڪارين رڍن کي هيرا موتي ڪهڙو فرق وجهندا.

# پاڻي جو ڪاروبار ۽ آبپاشي جو راڄ

دادو ڪئنال منجهان نڪرندڙ سونهري برانچ جي آبادگارن ان ڏينهن ڌرڻو هڻي، لاڙڪاڻو- موئن جو دڙو روڊ ڪيترائي ڪلاڪ بندڪري ڇڏيو. ننهي پاسي ٽريفڪ جام ٿي وڃڻ سبب پوليس اهو ڌرڻو ختم ڪرائڻ جو آخري حل اهو ڪڍيو ته دادو ڪئنال ناردرن ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر فاروق چنڙ کي ڪنهن ڪٺي اچي ڌرڻي واري هنڌ پهچايو ۽ ڪيس آبادگارن سان ڳالهيون ڪري روڊ ڪولرائڻ لاءِ چيو. آبپاشي کاتي جي انجنيئر صاحب پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪندڙ آبادگارن کي ڏاڍيون منٿون ڪيون ته هو سندن آفيس هلي ساڻس ڳالهيون ڪن. پر آبادگارن سندس هڪ به نه ٻڌي ۽ روڊ تي ئي هڪ پني تي ڪيس معاهدو ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته هو سندن شاخ ۾ گهربل پاڻي فراهم ڪندو رهندو.

آبادگار اهڙي سرعام روڊ تي ٿيل ٺاهه تي خوش ٿي هليا ويا ۽ روڊ به کلي ويو ته پوليس به هٽي ويئي. به ٽي ڏينهن ساڳي ماپ وارو پاڻي برانچ ۾ هلندو رهيو. جڏهن ڳالهه ماڻهن جي ڪنن تان آئي وئي ته ساڳين آبادگارن جي اڳواڻ نثار چني ۽ ٻين رابطو ڪري چيو ته انجنيئر ٻيهر پاڻي گهٽائي ڇڏيو آهي. هاڻي ڇا ڪريون؟ سوين ڳوٺن منجهان هزارين ماڻهو روزانو احتجاج لاءِ ڪونه ٿا ڪڍي سگهون، نه ئي ماڻهو ڪم ڪار ڇڏي روزانو روڊن تي ويٺا هوندا؟ هاڻي ڪو ڏس ڏيو ڇا ڪجي؟

ساڳي صلاح سنڌ جي آخري ڇيڙي شهدادڪوٽ ڪچي پل واري پاسي آبادي ڪندڙ آبادگارن جي نمائيندي محمد اسحاق مغيري ڪجهه هفتا اڳ پڇي هئي. اسحاق مغيري سالن کان پنهنجي ساٿي سميت پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪندو پيو اچي، جنهن ڪري آبپاشي کاتي جا ڪيترائي حاضر سروس توڙي رٽائرڊ ڪامورا ڪيس چڱي ريت سڃاڻين ٿا. هاڻي هن احتجاج ڪندي اچي ڏاڙهي اڇي ٿي وئي آهي پر آبپاشي کاتي جي ڪامورن منجهان اچا اهو ٿيڙ سڌو نه ٿي سگهيو آهي.

”هي احتجاج، مظاهرا، ڌرڻا ۽ پاڻ ساڙڻ جا واقعا پر اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ کان پوءِ به ايئن ٿو لڳي ڄڻ آبپاشي کاتي ۾ ڪو اهل دل عملدار آهي ئي ڪونه. جيڪو ٽيڪس ڀريندڙ آبادگارن جي دانهن ڪوڪ ورنائي.“ اسحاق مغيري اهڙي بيوسيءَ منجهان اها ڳالهه ڪري رهيو هو جهڙي بيوسيءَ منجهان اڄ لکين آبادگار گذري رهيا آهن.

آبپاشي اهڙو ته ڇٽيل کاتو بڻجي پيو آهي جنهن جون دانهون سنڌ جو وڏو وزير ۽ خود ان کاتي جو صوبائي وزير به ڪري رهيا آهن. ”اصل ۾ وڏو وزير ارباب رحيم ته پڇڙي جي آبادگار هجڻ واريون ڪسرون ڪڍي ٿو پر صوبائي وزير خير سان پاڻي سنو ڪٽندو رهيو آهي ته به سندن دانهون سمجهه ۾ نٿيون اچن.“ آبپاشي کاتي جي هڪ سينئير چيو. جيئن اسيءَ واري ڏهاڪي جي سياسي هلچل دوران آمريڪا کي وڏو استحصاليءَ ۽ پنجاب کي ننڍو استحصالي ڪري سڏيو ويندو هو تيئن اڄڪلهه

پاڻيءَ جي کوٽ جا ستايل ماڻهو پنجاب کي وڏو استحصالي ۽ سنڌ جي آبپاشي کاتي کي ننڍو استحصالي سڏي رهيا آهن. سنڌ جي آبپاشي کاتي مٿان عوامي ڪاوڙان ڪري به وڌندي پئي ويجي جو پاڻي هر ڪمي ڪاسبيءَ کان وٺي ننڍي وڏي زميندار جي جيئاپي جو سهارو بڻيل آهي. پر آبپاشي کاتي وارا اهو گر ڪنهن کي ٻڌائين ڪونه ٿا ته پاڻي جو ڪاروبار ڪيئن ڪبو آهي؟ ”ڪرپشن صرف آبپاشي ۾ ناهي ٻين کاتن ۾ به آهي نيب رڳو آبپاشي وارن لاءِ نه جڙي آهي. سکر بئراج جو سيد بادشاهه چيف انجنيئر لاڙڪاڻي ۾ منهنجي ان سوال جو جواب ڏئي رهيو هو ته وڏو وزير ارباب رحيم هر وقت آبپاشي کاتي جي ڪرپشن ۽ نااهلي جو ذڪر ڇو ٿو ڪري, ريٽائرمينٽ کي اچي ويجهو پهتل ان چيف انجنيئر کي وري به حياتيءَ جا آخري سال ڪنهن ڪينٽ ايريا جي لگزري بنگلي ۾ گذارڻ لاءِ ملي پوندا. پر ڪچي پل جي انهن آبادگارن جو ڇا ٿيندو جن سندس تازي دوري دوران ڪيس پاڪ ڪتاب آڻي آڏو رکيو ۽ هو احترام وچان پنهنجي پيچارو مان لهي پاڪ ڪتاب چمي هنن کي سڪڻي آٿت ڏئي هليو ويو.

توهان هر وقت پنجاب جي ڳالهه ٿا ڪريو پر آبپاشي کاتي سنڌ ۾ ڪهڙا پنجابي ويٺل آهن؟ توهان کي جيترو پاڻيءَ گڏو يا سکر تائين ملي ٿو اهو ته اهي ئي آبپاشي وارا ٿا ورڪرو ڪن. پاڻي بابت هلندڙ سياسي بحث دوران هڪ جذباتي ڪارڪن کي سندس سينئر چِنڊ پٽي. ”آبپاشي کاتي سنڌ ۾ ته ڪنهن چوڌري گجر بدران اهي ئي پنهنجا سنڌي ملندا. توهان انهن کان ڪڏهن پڇيو آهي ته اهي ڇو ٿا پاڻيءَ جو ڪاروبار ڪن؟“ اهڙي ڳالهه کان پوءِ ڪن پل لاءِ ڪچهري تي سانت طاري ٿي وئي. اهڙي سانت جيڪا اڄڪلهه سنڌ جي سياسي وايو منڊل تي ڇانيل آهي. گهٽ ٻوسٽ ڏياريندڙ سانت آبپاشي کاتي کي ورهاڱي کان پوءِ تلومل جو ڪارخانو سمجهي ايئن مسلسل لٽيو ويو آهي, جيئن ورهاڱي جي دڪدائڪ سالن دوران سوين عورتن لٽيون ويون ۽ منٽو جهڙي ڪماڻيڪار کي ”کهول دو“ جهڙي ڪربناڪ ڪهاڻي لکڻي پئي. هاڻي به وحشت اها ئي ”کهول دو“ واري آهي. پر ان ۾ ٿوري ترميم اها ئي آهي ته اهو لفظ آبپاشي کاتي جي ڪئنالن/ شاخن جي درن لاءِ استعمال ٿئي ٿو. جتان پئسا جهجها مليا, ان حد جي پاڻي جا در کهول دو, خراب ڪاروبار جهڙي بيرحمي اچي وئي آهي.

سنڌ جو هڪ پڙهيل لکيل ماڻهو به ڏيڍ ڪروڙ ڏئي جڏهن آبپاشي جو سيڪريٽري ٿيو ته پاڻيءَ جو ڪاروبار رڪجي نه سگهيو ۽ عروج تي پهتو. سکر جو چيف انجنيئر پاڻي ورڇ جي حوالي سان اڄ سنڌ جو مالڪ سڏيو وڃي ٿو. پر ڪچي پل جي دوري دوران سيد بادشاهه پنهنجي هڪ ماتحت انجنيئر کي ڪجهه به نه چئي سگهيو جنهن جي مٿان علائقي جي معتبر زميندار 10 لک رشوت ڏئي, سپرينٽينڊيٽ انجنيئر جي اضافي چارج وٺڻ جو الزام لڳايو. ”هڪ اهڙي ماڻهو کي اسان مٿان ٿاڦيو ويو آهي, جيڪو سوئمنگ پول واري هوٽل جي ڪمري منجهان عورتن سميت فحاشيءَ جي الزام هيٺ گرفتار ٿي جيل ۾ پهتو.“ هڪ ڪاوڙيل آبادگار پنهنجي اندر جو اوبر عملدار اڳيان ڪڍيو. پر ان

انجنيئر کي ڇا ٿيو؟ ڪجهہ بہ نہ، ڇو تہ هن جي پوسٽنگ پيسن عيوض ٿيل هئي. پلي تہ اهي انجنيئر ڪنهن بددماغ صوبيدار جيان راڄ تاراج ڪندا وتن، پر انهن کي ٽيڏو ڪجهہ بہ نہ آهي. ڇو تہ هو پنهنجي پوسٽنگ ميرٽ بدران سٺيا نوٽ ڏئي وٺن ٿا. جڏهن ميرٽ کي نظرانداز ڪري جڏهن انجنيئرن جون پوسٽنگز ٿين ٿيون تڏهن هو بہ پنهنجي آفيسن کي ٽاٽو ۽ پاٽي ماپ کي ايف آءِ آر سمجهي آبادگارن جو چند ڏوڪڙن خاطر متو رلائي ٿا ڇڏين.

”اهڙو انڌير آبپاشي کاتي ۾ اڳي ڪين هوندو هو سائين. پنهنجي ڪئنالن ۽ بئراجن سان پيار ڪندڙ اهڙا انجنيئر بہ هوندا هئا. جيڪي پاٽي نہ پهچڻ جي ٿوڙي شڪايت تي بہ انجنيئرن کي تنبيهہ ڪري ان علائقي ۾ اسپيشل انجنيئر موڪليندا هئا، جيئن آبادگارن جو اعتماد بحال ٿي سگهي.“ پاٽي خاطر جهيڙيندڙ آبادگار ٻڌايو. هن سان بہ ٿي ڪلاڪ ڪچهريءَ کان پوءِ آبپاشي کاتي جو پراٽو نظام ذهن ۾ اهڙو سٺو ڇنجي ويو جتي آبپاشي وارن جا صاف سٿرا بنگلا، ٽپال بدران تار ذريعي اطلاع جو نظام، ريگوليٽرن تي وڏا گهاٽا وڻ ۽ انهن آڏو ٿيل ڇٽڪار ۽ هاريل چونا. پر هاٽي آبپاشي کاتي ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. هاٽي تہ ڪئنالن جون اهي ٽاپون بہ محفوظ ناهن، جتي ٻنهي پاسن کان گهاٽا ٽالهيءَ جا وڻ ۽ انهن هينان ڇٽڪار دادو ڪئنال يا رائيس ڪئنال جي ٽاپ کي شاهي سڙڪ بڻائي ڇڏيندا هئا. هاٽي تہ بيلدارن ۽ داروغن جا ڏنارن کي اهي دڙڪا بہ ٻڌڻ ۾ نٿا اچن، جيڪي هو مال کي ٽاپ تي چاڙهڻ تان ڏيندا هئا. ڇا سنڌ جي آبپاشي پنهنجي ڪئنالن جون صرف ٽاپون ۽ ڊاڪ بنگلا وڃايا آهن يا پورو سسٽم وڃايو آهي. جيڪو ڪنهن بہ زرعي معاشري ۾ پاڻيءَ جي ورهاست وارو ڪرنگهي جو هڏو سمجهيو وڃي ٿو.

آبپاشي کاتي جي انجنيئرن پنهنجا بنگلا تہ پوش علائقن ۾ ٺهرايا، پر کاتي جي بنگلن ۾ نظام کي پوت بنگلو بڻائي ڇڏيو. اهو تہ بي ڪلاس جي ٺيڪيدار جي منشيءَ آڏو بہ ڪو راز نہ رهيو آهي تہ آبپاشي جا ٺيڪا انڌي ڪمائي هجن ٿا. هاٽي ڏورانهن علائقن ۾ گرمين جي موسم ۾ ڪهڙو انجنيئر وڃي ٿو ڪم جي ڇڪاس ڪري تہ پٿر يا مٽي درست نموني پئي آهي يا نہ؟ سياسي رشوتن ۾ پنهنجا نواز واري پاليسي طور ٺيڪا ڏيڻ واري هن دور ۾ هاٽي بہ تہ آبپاشي کاتي جي ڪامورن کي ڪنهن نہ روڪيو. اهو ڪو ڏور نہ پر خود سکر بئراج پرسان ڏيڍ ڪروڙ جو پٿر لاهڻ جو ٺيڪو هو. جيڪو مقامي بااثر سياستدان پنهنجي ان گهڻ گهرئي ڪارڪن کي ڏياريو، جنهن سان هن ايم پي اي جي ٽڪيٽ جو واعدو ڪري تعلقي ناظمي بہ نہ ڏني، پر هي ٺيڪو ڏياري هن کي راضي رکيو. اهو سلسلو آبپاشي کاتي کي هاٽي ڪنڌيءَ تي لوڙهي آيو جو سکر بئراج جي دروازن جي ٺلهن (پلرن) ۾ بہ ڪڏا پئجي ويا آهن. تمام آڳاٽي دور جي آبپاشي نظام کي ڪو سينئر انجنيئر هلائڻ بدران جڏهن هڪ ٽيڪنيڪشن سنڀاليندو تہ پوءِ اهڙا ڪڏا تہ پوندا. ڇيو وڃي ٿو تہ دروازن آڏو جمع ٿيندڙ سلٽ نہ ڪيڻ سبب هڪ دروازي اڳيان دڙو ٺاهي بيٺي، جنهن کي ان ٽيڪنيڪشن پنهنجو عقل استعمال ڪندي

پرپور وهڪري دوران دروازا مٿي ڪري گدڙ جي ڪرپٽي جيان لوڙهڻ چاهيو. پر پاڻي جهڙي بي پير بادشاهه وچي ان دروازي جي تري ۾ ڪڏو ناهيو. هاڻي پلي تہ ڪاميٽين مٿان پيون ڪاميٽيون جاچ ڪن، پر اصل مامرو وڏ گهراڻي جي چوڪريءَ جي افيئر جي باھ جيان ڪارپيٽ هيٺان دٻايو ويو آهي. هاڻي پلي تہ رينجرز کي آبپاشي جي چوڪيدار مقرر ڪن، پر اهو سوٽ سلجهڻو ناهي. آبپاشي کاتي جي ڪلچر جو حصو بڻجي ويل ڏوڪڙن جي هوس هاڻي ڪٿي ان پراڻي بئراج کي بہ نہ کائي چٽ ڪري، جنهن سان اجان بہ سکر روهڙي جي ڪجھ جهونن جون اهي يادگيرن بہ ڳنڊيل آهن تہ ڪيئن نہ هو پنهنجي انهن پيئرن چاچن ڏانهن مٿي تي مانيون کڻي ويندا هئا، جيڪي سکر بئراج تي هلندڙ پٽر وارو ڪم ڪندا هئا. ”سنڌ جي آبپاشي کاتي کي جڏهن کان ڏوڪڙ ناهڻ واري مشين سمجهڻ شروع ڪيو ويو، تڏهن کان ڪو سٺو انجنيئر اپري ناهي سگهيو“ هڪ ريٽائرڊ آبپاشي انجنيئر پنهنجي پوش بنگلي جي لش گرين لان تي پيپل ڪين ووڊ جي ڪرسين تي ويهندي چيو. ”اسان وٽ هاڻ بئراج جي ڪڏي وارو ڪم تہ ڇڏيو ڪو گهارو فني مهارت سان پڌڻ وارو قابل انجنيئر بہ ناهي بچيو. اسان ڏاڍو وڃايو آهي.“ سندس اهڙي جملي کان پوءِ مون کي ترت اهو خيال آيو تہ توهان جهڙن انجنيئرن ئي تہ ڪمايو، خوب ڪمايو. سمورين بنيادي سهولتن کان ڏور وسندڙ ڳوٺن منجهان جڏهن اهي ٻارڙا سائيڪل تي ۽ پيادا اسڪول تي ويندا هئا تہ ڪين تہ چڏ، پر سندن والدين کي بہ خبر نہ هئي تہ اهي هڪ ڏينهن اهڙا انجنيئر ٿيندا، جيڪي پنهنجي ديس کي نيون فني مهارتون ڏيڻ بدران پاڻيءَ جو ڪاروبار اهڙي تہ بيرحمي سان ڪندا، جو وڏو سامراج بہ دنگ رهجي ويندو. غربت جن جي خاندان جو مقدر بڻيل هئي، انهن جي نئين نسل تہ پوش علائقن ۾ اک کولي. پر سنڌ جي اڪثريت پاڻي لاءِ ٻاڪاريندي رهي. جاهل وڏيرن جي سياست جيان آبپاشي انجنيئرن معاملا ايترا تہ منجهائي وڌا جو هاڻي ان کاتي ۾ بہ سيڪورٽي فورس يعني رينجرز کي اچڻو پيو.

پنهنجي هٿ جي وڍيءَ جو ويڄ نہ طبيب. هاڻي آبپاشي کاتي جا پڙهيل لکيل انجنيئر بہ جوابدارن جيان ڪڏهن وڏي وزير تہ ڪڏهن رينجرز جي ڪٺهرن ۾ بيٺل هوندا. خود سرڪا ر کي اهو سوچڻ کپندو هو تہ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي هر درد جو دارون چو ٿا بڻائين؟ سول ادارن اندر پيرا ملٽري فورسز کي مقرر ڪري ڪي سڌارا آڻڻ وارو تجربو ناڪام ٿي چڪو آهي. واپڊا ۾ فورسز مقرر ڪرڻ جا جيڪي نتيجا سامهون آيا آهن، انهن کان ڪير بہ بي خبر ڪونهي. اڳي تہ رڳو عام صارف انهن جي ڪرپشن جون ڳالهيون ڪندو هو،پر هاڻ سرڪاري طور تي واپڊا جي اهڙي ڪرپشن جا اعتراف ٿي رهيا آهن. ڪجھ ڏينهن پهرين تہ پاڻي ۽ بجلي بابت جوڙيل اسٽينڊنگ ڪاميٽي واپڊا ۽ حيسڪو عملدارن جي اهڙي ملي ڀڳت جو ذڪر ڪيو آهي. ڪالھ واپڊا ۾ فورسز مقرر ٿيا، ڪي اي ايس سي بہ انهن جي نگرانيءَ هيٺ ڏني وئي، پر انهن ادارن ۾ سڌاري بدران انهن ادارن ۾ ورهين کان ڪمائي ڪندڙ ڪامورن، فورسز جو ئي نالو استعمال ڪري پنهنجو ڪم اڳ کان بہ وڌيڪ منظم نموني سان جاري

رکيو. بلڪل ايئن جيئن ڪجھ ڏينهن پهرين سانگهڙ ضلعي ناظم اسيمبليءَ جي چونڊيل ميمبر اهو چيو ته ”رينجرز جا دڙڪا ڏئي آبپاشي عملدار ڪانئن پئسا وصول ڪن ٿا.“ هيءَ ڳالهه سمجهڻ لاءِ انتهائي سادي سمجهه جي ضرورت آهي ته فورسز جو ڪم اهو ناهي ته سول ادارن ۾ ڪي سڌارا آڻين. ان حقيقت کان انڪار ناهي ته آبپاشي کاتي کان وٺي واپڊا تائين ۽ تعليم کاتي کان وٺي صحت کاتي تائين ڪيترين ئي اهڙين خرابيون آهن، جن کي ٺيڪ ڪرڻ گهرجي، پر اهي خرابيون تڏهن ٺيڪ ٿي سگهنديون، جڏهن انهن ادارن جون ورهين کان هلندڙ ڪلچر تبديل ڪيو ويندو. جڏهن ادارن ۾ اندروني سيٽ اپ جي حوالي سان مثبت حڪمت عملي جوڙي ويندي. ڇا هر مرض جو علاج داپوئي وڃي رهيو آهي؟ ڇا واپڊا ۽ ريلوي ۾ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي مقرريءَ کان پوءِ سمورو نظام شفاف ٿي ويو آهي. سرڪاري بريفينگز ۾ ايئن ضرور هوندو، پر عام ماڻهن وٽ اها ئي شڪايت آهي ته هڪ ٽاٽو ٻيو ٻه وڏيو. جيئن پوليس آرڊر 2002ع کان پوءِ آپريشن ۽ انويسٽيگيشن پوليس کي الڳ الڳ ڪيو ويو آهي. حالانڪ سرڪار اهو فيصلو ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪيو، پر ماڻهن کي هاڻي ٻنهي پوليس ٿاڻن جيڪي رت جون مانيون کارايون آهن، سي اجا به اڳتي هلي ظاهر ٿينديون.

جڏهن کا آبپاشي نظام قانون نافذ ڪندڙ ادارن حوالي ٿيو آهي، تڏهن کان اهو ماندول وارو لطيفو ٻيهر مشهور ٿيو آهي ته قانون نافذ ڪندڙ ادارن ڏانهن اسي واري ڏهاڪي دوران ڪنهن ماندول بابت شڪايت پهتي ته هنن ٻي ڳالهه ٻڌڻ بدران فريادي مٿان اهو زور رکيو ته ”پهلي ماندول ڪو ادهر لي آئو.“

# ايبز جي مريض جو سماجي بائيڪاٽ

چاليهہ ورهين جي ”جان بيبي“ صوبي سنڌ جي شهر شهدادڪوٽ ويجهو پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ جي زندگيءَ کان تنگ ٿي پئي آهي. ڳوٺ وارن ان وقت کان وٺي عملي طور کانئس سماجي بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن کان سندس چوڻ موجب هن جو مڙس ايبز جي بيماري وگهي مري ويو آهي، جيڪو رازي جو ڪم ڪندو هو. ”جان بيبي“ جو مڙس ”علي گل مگسي“ 24 جون 2005ع تي فوت ٿيو هو. سندس موت جي تشهير ”جان بيبي“ جي عام ڳوٺاڻي عورت واري زندگي بدلائي ڇڏي ۽ سندس اڳوڻي محدود حياتي ۾ زهر پري ڇڏيو.

سندس گهراڻو ٽن ڀائرن جي خاندانن تي ٻڌل هڪ ئي ويڙهي ۾ رهندڙ ٽيهن ماڻهن تي ٻڌل هو. پر ”جان بيبي“ جي بلڊ رپورٽ ايچ آءِ وي پازيٽو اچڻ کان پوءِ سڄي خاندان جي ڀاتين ”جان بيبي“ کان منهن موڙي ڇڏيو.

”جان بيبي“ بي بي سي اردو کي روئندي ٻڌايو تہ: ”هاڻي منهنجي هٿن جي پڪل ماني ڪوبہ نٿو کائي ۽ نہ ئي وري مون مون سان هٿ ملائين ٿا. سندن ڪوشش مون کان پري رهڻ جو هوندي آهي. منهنجي سڄي حياتي هن گهر ۾ گذري آهي. آخر مان بہ انسان آهيان، مونکان سندن رويو برداشت نٿو ٿئي.“

”جان بيبي“ پنهنجي ٽن ننڍين پٽن سان گڏ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ گهر ۾ اوپرن واري حياتي بسر ڪري رهي آهي سندس وڏي پٽ ”علي دوست“ جڏهن پنهنجن چاچن ۽ مامن جو ذڪر ڪيو تہ سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. هن بي بي سي کي ٻڌايو تہ بہ مهينا اڳ سندس چاچي، هن جي ماءُ کي ”نياڳي“ چئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو. علي دوست مطابق جڏهن هو اتان نڪري پنهنجي مامي جي گهر پهتا تہ مامي بہ اوپرائپ سان سندن استقبال ڪيو ۽ کين مال جي واڙي ۾ رهڻ لاءِ چيو ۽ پنهنجن ٻارن ۽ عورتن کي اسان کان پري رهڻ جو هدايتون ڏنيون.

”جان بيبي“ مطابق هوءَ اهڙي بيماري جو شڪار ٿي چڪي آهي، جنهن جو نالو هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هيو. شهدادڪوٽ ويجهو رهندڙ ”جان بيبي“ ايبز ڪنٽرول پروگرام جي جاڻ جي ورهين کان انتظار ۾ آهي، جنهن ۾ ڳوٺ وارن لاءِ اهو سنيهو هجي تہ ايبز جو مريض بہ انسان هوندو آهي ۽ اهو ڪو خونخوار جانور نہ آهي جنهن جي ويجهو وڃڻ سان نقصان پهچي.

ايبز ڪنٽرول پروگرام سنڌ جي صوبائي مئنيجر ڊاڪٽر ارشد محمود بي بي سي سان ڳالهائيندي چيو تہ سندس کاتي پاران گڏ ڪيل انگن اکرن موجب سنڌ ۾ 1841 ماڻهو ايچ آءِ وي پازيٽو آهن ، جن ۾ عورتن جو انگ مشڪل سان هڪ سيڪڙو ٿيندو. هن ٻڌايو تہ سنڌ ۾ ايبز جي مريضن ۾ وڏو انگ

انهن ماڻهن جو آهي، جن کي عرب ملڪن مان ڊي پورٽ ڪيو ويو هو. سندس چوڻ مطابق ايڇ آءِ وي پازيٽو عورتن مان گهڻائي انهن جي آهي، جن کي پنهنجي مردن مان اها بيماري لڳي ٿي ۽ سندن مرد کين پنهنجي بيماري کان اڻڄاڻ رکن ٿا. ڊاڪٽر ارشد محمود مطابق لاڙڪاڻي ۾ ايڇ آءِ وي پازيٽو مريضن جو انگ سنڌ جي ٻين ضلعن کان وڌيڪ آهي. سندس چوڻ مطابق لاڙڪاڻي ۾ هڪ سؤ پنجويهه ماڻهو ايڇ آءِ وي پازيٽو آهن، جڏهن ته غير سرڪاري سطح تي اهو انگ هڪ سؤ اسي ٻڌايو پيو وڃي. سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام پاران ايڇ آءِ وي پازيٽو ماڻهن جي سنڀال لاءِ ”ڪيئر اينڊ سپورٽ“ پروگرام شروع ڪيو آهي. جنهن موجب ايڇ آءِ وي پازيٽو مريضن کي مخصوص دوائون فراهم ڪيون وڃن ٿيون . ڊاڪٽر ارشد محمود وڏي فخر سان ٻڌايو ته اهي دوائون عام مارڪيٽ ۾ 30 هزار روپيين کان وڌيڪ جون آهن پر اسان جو ادارو سنڌ ۾ اهڙن 57 مريضن کي مفت ۾ فراهم ڪري رهيو آهي ، جيڪي ايڇ آءِ وي پازيٽو آهن. ڪراچي ۾ ايڊز ڪنٽرول پروگرام وارن جي ڪاڳرن ۾ اهي ستونجاهه نالا ضرور هوندا، پر شهدادڪوٽ جي ”جان بيبي“ کي اهڙيون دوائون اڄاڻ تائين نه ملي سگهيون آهن، جيڪي سندس حياتيءَ کي پرامِيد بڻائي سگهن.

”جان بيبي“ جو چوڻ آهي ته ”مون وٽ ڪيترائي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ماڻهو ۽ ڊاڪٽر ايندا رهن ٿا، جيڪي ڪيس مالي امداد ۽ علاج جو آسرو ڏئي، فوٽو ڪڍي، انٽرويو وٺي موٽي وڃن ٿا پر ڪنهن به ماڻهو اڄاڻ تائين ڪيس نه مالي امداد فراهم ڪئي آهي نه وري علاج لاءِ دوائون ڏنيون آهن.“ ايڊز ڪنٽرول پروگرام لاڙڪاڻي جي سابق فوڪل پرسن ڊاڪٽر فاروق الرحمان سومري مطابق ”جان بيبي“ جي مسئلي کي ”اين جي اوز جي نمائندن پنهنجي فنڊنگ خاطر ڪيترن ئي هنڌن ئي ڪيش ڪرايو آهي پر سندن مدد ڪنهن به نه ڪئي آهي.“

سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام سڄي سنڌ ۾ اٺن اين جي اوز جي سهڪار سان ايڊز جي ”هاءِ رسڪ“گروپن ۾ جاڳرتا جو ڪم ڪري رهيو آهي، پر شهدادڪوٽ ويجهو جان بيبي وٽ اڄاڻ تائين ڪوبه نه پهتو آهي. جان بيبي جيڪا پنهنجن مٿن مائٽن ۾ اڪيلي ٿي چڪي آهي اها ته هاڻي ايڇ آءِ وي پازيٽو هئڻ جو ڪڙو تجربو بيان ڪرڻ کان به پاسو ڪري ٿي. سندس چوڻ موجب ”هاڻي ته مونکي ڊاڪٽرن کان به ڊپ ٿو ٿئي ته ڪٿي اهي منهنجي سهري ۽ ڏير سان گڏجي زهر جي سئي نه هڻي ڇڏين.“

جان بيبي جو مڙس علي گل مگسي جيڪو رازڪو ڪم ڪندو هيو ۽ ڪيترائي ورهيه سعودي عرب ۾ ڪمائڻ لاءِ رهيل هو فوت ٿيڻ کان اڳ اٺ ورهيه ڪيس ملڪ بدر ڪيو ويو هو سندس پٽ جو چوڻ هو ته ڪوبه حڪومتي عملدار وٽن دوائون کڻي ڪونه آيو آهي. هن شڪايت ڪئي ته اهي منهنجي ماءُ جي چرئي ٿيڻ يا شايد مرڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن.

**جان بيبي سان منهنجي ملاقات گرم ٻپيهري جو ٿي، سندس وٽن ڪان وانجهيل ڳوٺ ڪان موٽڻ مهل مان سوچي رهيو هئس تہ ڇا آگسٽ جي هيءَ ٻپهري سندس حياتي ۾ سدائين ڪتل هوندي؟**

(اڱارو 7 آگسٽ 2007ع بي بي سي اردو ڊاٽ ڪام سکر)

# بيوفا بلوچ، لڄ جو ڏوهي گهاٽ ۾ ”ويچارا سنڌي . . .“

ان ڏينهن ڪوئيٽا جي ميزان چونڪ وٽان گذرندي، هٽ جي هنرن واري هڪ دڪان اڳيان بيهي رهياسين. شهر جي مصروف ڪاروباري چوڪ وٽ ڪجهه وقت اڳ ٽيل بم ڌماڪي کان پوءِ ان روڊ تي ڪافي فاصلي تائين گاڏيون بيهارڻ (پارڪ ڪرڻ) تي بندش هنئي وئي هئي، تنهن ڪري ڪجهه فاصلي تي گاڏي پارڪ ڪري ان هٽ جي هنرن واري ڪراڙي دڪاندار سان اڳهه پار تي بحث ڪرڻ لڳاسين. ڪوئيٽا جي ڪاروباري پناڻن جون بيزار ڪندڙ بارگيننگز واريون استوريون اڳ ۾ ئي ٻڌل هيون، تنهن ڪري بحث ڪرڻ ڪري ڪجهه ڏيگهه اسان ٻه ڏني، جنهن تي بخيل ٽيندي ڪراڙي پناڻ چيو ته ”توهان پاڪستانين جي اها ئي ڳالهه خراب لڳندي آهي جو هر ڳالهه تي بحث ڪندا آهيو.“ سندس اهڙي جملي کان پوءِ منهنجو پهريون سوال ڪانئس اهو ئي هو ته پوءِ توهان ڪير آهيو؟ هن وڏي فخر سان ٻڌايو ته ”آئون افغاني آهيان“ بلوچستان جي دل ڪوئيٽا ۾ اسان کي اهڙا ڪيترائي افغاني مليا، جيڪي فخر سان پاڻ کي هن شهر جو يا هن ملڪ جو رهواسي نه سڏين پيا. ائين رهڻ لاءِ ته ڪوئيٽا ۾ حامد ڪرزئي کان وٺي ملا عمر تائين گهڻن ئي افغاني اڳواڻن جا گهر آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي سهولت وارن ڏينهن ۾ اچي هن شهر جو حصو بڻيا هئا. ڪوئيٽا ۾ افغاني آباديون به وسيع پئماني تي موجود آهن، پر انهن تي اعتراض ڪرڻ وارا اسان ڪير ٿيندا آهيون؟ جڏهن ڌرتي ڌڻي بلوچن کي ڪو اعتراض نه هجي، ته ٻئي ڪنهن کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو؟ اسان ته پانت پانت جي نسلن وارن ماڻهن اندر انهن بلوچن کي پئي ڳوليو جيڪي هن پهاڙي ڌرتي جا وارث سمجهيا وڃڻ ٿا. پنهنجي ان مختصر تلاش ۾ اسان کي مايوسي ئي پلئه پوٽي هئي. چو ته اها سرڪاري توڙي غير سرڪاري انگن اکرن کان هٽي ڪري، سالن کان حقيقت بڻيل آهي ته ڪوئيٽا شهر اندر بلوچ به ائين ئي اقليت ۾ آهن جيئن سنڌي پنهنجي ڪيپيٽل سٽي ڪراچي اندر ٿورائيءَ ۾ آهن. ڪوئيٽا پريس ڪلب سامهون ان روڊ سان، جنهن روڊ تي به ڏينهن پوءِ اختر مينگل کي هڪ ريليءَ کي خطاب ڪرڻو هو، اسان اهو سوچيندا پئي آياسين ته جڏهن بلوچن جي پنهنجي گادي واري شهر ۾ به صورتحال ساڳي آهي، ته پوءِ عطاءالله مينگل جون ميارون صرف سنڌين لاءِ ڇو ٿيون لوڻ ڪٽي اچن؟ سنڌين جي سموري اخلاقي سياسي مدد جي باوجود سينئير بلوچ اڳواڻ بار بار اهي تڪليف پهچائيندڙ جملا دهرائڻ مان ڪهڙو مطلب ورتو وڃي. جن ذريعي هو سنڌين کي تڇ سمجهي، اهو چوندي ٻڌجن ٿا ته ”سنڌي ويچارا بلوچن جي ڪهڙي مدد ڪندا، هو ته پنهنجن حقن لاءِ ئي ڪو آواز نه اٿاري سگهيا آهن.“

بلوچن جون اهڙون ميارون يا طنزون صرف سنڌين لاءِ ڇو آهن، ان تي پوءِ اچون ٿا پر پهرين بيبي ناني ۾ شيرين بيبي جي ڪوئيٽا جو ذڪر. اها ته بولان جي پهاڙين وچان مشهور پل آهي، جنهن

کي هاڻي ناني بيبي پل چون ٿا. ناني بيبي جي حيثيث علائقي ۾ هڪ پهتل بزرگ واري آهي. پر ان جي سلامي اچا ايترا ماڻهو ڪونه ٿا پرين، جيتري ڪوئيٽا ۾ بيبي شيرين جي هاڪ آهي. جيئن سنڌين جي پهرين سيٽلائيٽ چينل ڪي ٽي اين سنڌي موسيقيءَ کي به جديد رنگ ڏئي چڙهيو تيئن ئي پناڻن جي پهرين ٽي وي چئنل ”خيبر“ پڻ پشتو موسيقيءَ جا زمانا بدلائي ڇڏيا آهن. اهو دور گذري ويو جڏهن پهاڙن جي چانو ۾ اڪيلي دهل جي دڪي تي هو تلوارون ڪڻي نچندا هئا. هاڻي ڪلين شيو پشتو راڳي هيڊ فون لڳائي مائيڪ اڳيان نماڻائيءَ سان پنهنجي محبوبا کي سڏ ڪري ٿو: ”او بيبي شيرين!“ پر انهن سيني ڳالهين جو ڪوئيٽا جي پهاڙين تي ڪوبه اثر نه پئجي سگهيو آهي. اهي ساڳي ئي ارڏائي سان بيٺل آهن. جهڙي ارڏائي انهن سؤ سال اڳ انگريز سرڪار سامهون ڏيکاري هئي، بلوچستان جي ارڏين پهاڙين تي هاڻي وقت جي برف گهڻي پئجي چڪي آهي، اها برف ڪڏهن ٿي پگهرجي؟ اهو ته ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو. ڪوئيٽا ماڻريءَ جي پرجهلو پهاڙين مٿان اچا به اڃاڻ ڇانيل هئي. جڏهن ته تازي برف باريءَ کان پوءِ زردالوءَ جي سڙي ويل ٻوٽن کي ڪجهه ماڻهو سنوت ۾ آڻڻ جو ڪوششون ڪري رهيا هئا، پر اصل مسئلو جيڪو اڃا ڪلهه بلوچستان جو سڙجي ٿو ان کي سنوت ۾ ڪير آڻيندو؟ سوئي اهم سوال آهي. ڪوئيٽا ۾ بظاهر بلوچستان مسئلي بابت ڪي به جذباتي منظر نه هئا، نه ئي ڪوئيٽا جون پٽيون سياسي نعرن ۽ مطالبن سان ڪاريون لڳيون پيون هيون.

ڪوئيٽا ۾ بظاهر اهڙوئي امن سڪون هو. جهڙيون انگريزي اخبارن جون هيڊلائنز هونديون آهن. اها صورتحال شهر جي انهن علائقن ۾ ته وڌيڪ هئي، جن کي فرشتن جو علائقو سڏيو وڃي ٿو. اهو فرشتن وارو علائقو عام خلق خدا لاءِ بم ڌماڪن کان پوءِ بند ڪيو ويو آهي. فرشتن جي اهڙي سختيءَ سبب ئي اسان اهو عسڪري پارڪ نه ڏسي سگهياسين، جنهن جي شهر جي فيمليز ۾ ايتري هاڪ آهي جو بلوچستان اسيمبليءَ جو اسپيڪر به چوڻ تي مجبور هو ته ”ڪوئيٽا ۾ ڪير ٿو چوي ته عورتن کي آزادي ناهي. اسان هت هر آچر يا جمعي ڏينهن سپ گاڏين ۾ خواتين کي عسڪري پارڪ يا سرياب روڊ ويندي ڏٺو آهي.“ باقي رهيا بم ڌماڪا، جن جي ذميواري هو آزاد بلوچ قبول ڪندو آهي، جيڪو هميشه پاڻ کي بلوچ لبريشن آرمي جو ترجمان سڏائيندو آهي ۽ شايد بلوچن ۾ اهوئي آزاد ماڻهو آهي. بلوچ لبريشن آرميءَ جي شروعاتي ڪاروائين کي ڪوئيٽا جا صحافي به لطيفي طور ٻڌائيندي چوندا هئا، ”هي دنيا جي واحد آرميءَ آهي جنهن جا راڪيٽ ڪوئيٽا ڪينٽ ۾ اهڙي جاءِ تي ڪرن ٿا، جتي ڪوبه نقصان نٿو ٿئي.“ هاڻي ساڳي بلوچ لبريشن آرميءَ جي ڪاروائين ۽ فون ڪالن جو هو انتظار ڪندا رهن ٿا. ڪوئيٽا جي ڪجهه صحافين کي ته ان آرميءَ جو نندڙو حصو سمجهيو وڃي ٿو. هاڻي ڪجهه بلوچ اڳواڻ سنڌين کي به اها صلاح ڏني رهيا آهن ته هو به پنهنجي ڪا لبريشن آرمي ناهي وٺن. ان جي نئيڙي جهلڪ لاهور جي هڪ انگريزي اخبار ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي صحافي کي تڏهن نظر آئي، جڏهن ڊاڪٽر شازيه واري ڪيس کان اڳ هو به ڪراچي جي ٻين صحافين سان گڏجي وڃي ڊيرا بگٽيءَ پهتو.

بقول ان صحافيءَ جي تہ نواب اڪبر بگٽي ڪيس انٽرويو ڏيڻ ڪان اڳ چيو تہ ڇو نہ پهريان تنهنجو انٽرويو ڪجي. نواب ڪانئس پڇيو تہ ڇا سنڌ لبريشن آرميءَ جي توکي خبر آهي؟ سنڌي صحافيءَ جي انڪار تي هن ڪيس چڙٻيندي انگريزي ۾ چيو: توکي پنهنجو پاڻ تي افسوس ڪرڻ گهرجي. سنڌي هوندي بہ تون سنڌ لبريشن آرميءَ کي نٿو سڃاڻين." يار پر ائين ڇو آهي تہ سدائين بلوچ اڳواڻ ئي اسان کي ٻڌائين تہ سنڌين کي هيئن نہ هوئن ڪرڻ گهرجي. ان صحافي تعجب مان سوال ڪيو. اهڙي ئي تعجب وچان گهٽي ڳولا ڪان پوءِ جڏهن بلوچ مونکي ڪوئيٽا ۾ نہ مليا، تہ ڪتابن جي هڪ دڪان تي چڙهي وياسين. جتي زلفيءَ ان دڪان جي مالڪ صحافي سان تعارف ڪرايو. جيستائين سندس چانهہ اچي، تيستائين مون ڪانئس سوال ڪيو جيڪو ڪوئيٽا جي روڊن رستن تي ڦرندي منهنجي اکين ۾ ترندو رهيو. "ڪوئيٽا ۾ بلوچ اڪثريت ۾ ڇو ناهن؟ بلوچ قوم پرستن جي سياست هن شهر تي ڇو ناهي. ان جا هن جيڪي بہ مک پاسا ٻڌايا. جي پشتون بلوچ ٽڪراءُ بيو خود بلوچ قوم پرستن جو قصور. "سو ڪيئن؟" اهو سوال يڪدم منهنجي ذهن ۾ زبان تي اچي ويو. هو پڙهيل لکيل هيو. ڪو عام رواجي صحافي نہ هو. هن ڪٽي سمورا ليڪا چوڪا کولي آڏو رکيا. "پاڪستان ۾ اقتداري سياست اهڙي راند آهي. جنهن ڪان ٻاهر ويهي ڪجهہ نٿا ڪري سگهون. بلوچ قوم پرستن کي جڏهن ان راند جو حصو ٿيڻ جو موقعو مليو تڏهن هنن ڇا ڪيو" ايتري ۾ سندس آڇيل چانهہ بہ اچي وئي. هن سگريٽ جو آخري ڪش هڻي. سگريٽ اڇلي چانهہ ٺاهڻ شروع ڪئي. چانهہ سان گڏ هو پنهنجي ٽٽل گفتگو بہ ٺاهڻ لڳو. هن ڀيري سندس لهجو سخت هو. "معاف ڪجو پر مان نالا ڪڻڻ ڪان سواءِ ٿو ٻڌايان. جڏهن هڪ نوجوان بلوچ اڳواڻ چيف منسٽر ٿيو تہ هن بلوچن جي مجموعي مفاد لاءِ ڪهڙو پراجيڪٽ ڏنو ڪو اسڪولن ۾ اسپتالن جو ڄار يا بلوچن لاءِ مخصوص نوڪرين جي ڪا ڪوٽا؟ ڪجهہ بہ نہ اهو سڀ ڪجهہ هو ڪري نہ سگهيو. پر ايف سي وارن کي پنهنجي ذاتي زمينن جي معاوضي وارا چار ڪروڙ ضرور وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو." ڪوئيٽا جي ننڍڙي گهٽيءَ ۾ موجود ڪتابن جي مختصر دڪان ۾ بهتر موسم هوندي بہ اوچتو گرمي پيدا ٿي ويئي. هو بلوچ نہ هو پر بلوچن لاءِ سندس دل ضرور ڪڙهي پئي. ان کي پلئہ الاءِ ڇا پوڻو هو. ڇو تہ سنڌين جيتري بلوچن جي حقن جي لتاڙ خلاف پنهنجي دل ڪاڙهي آهي، ايتري ئي کين طنز ۾ تذليل نصيب ٿي آهي. "سنڌي ويچارا همدردي تہ رکن ٿا، پر بلوچن سان ميدان ۾ گڏ نہ هوندا. سنڌين ويچارن جا تہ پنهنجا شهر ئي هٿن مان هليا ويا. اهي اسان جي ڪهڙي مدد ڪندا. سنڌي ويچارا پاڻ ئي پنهنجا حق نٿا وٺي سگهن. اسان جي حقن لاءِ ڇا آواز اٿاريندا. سنڌي ويچارا . . . . سنڌي ويچارا . . . .سنڌي ويچارا. . . . " اهي بيان ڪي سيڪڙاٽ ۾ نوان سياسي ڪارڪن نہ، پر بلوچستان جا اهي سينئر اڳواڻ ڏئي رهيا آهن، جن پنهنجا وار پاڪستان ۾ خاص طور بلوچستان جي سياسي لاهن چاڙهن ۾ اڇا ڪيا آهن. انهن ڪڏهن بہ اهي بيان جاري نہ ڪيا تہ پناڻ ويچارا پاڻ مظلوم آهن. اسانجي ڪهڙي مدد ڪندا؟. نہ ئي هنن اهو چيو تہ سرائيڪي ويچارا پاريسڙي تہ آهن، پر مظلوم

آهن. اهي اسان ڪهڙو ڳڌ هلي سگهندا؟ جيتوڻيڪ پاڪستان جي قوم پرستن منجهان فقط هڪ سنڌي قوم پرست ئي هيا. جن سڀ کان پهرين بلوچن جي حمايت ۾ سنڌ اندر هڙتال ڪرائي. اهڙي هڙتال شايد خود بلوچستان ۾ به اجا تائين نه ٿي هجي. پر پوءِ به ”سنڌي وچارا . . . . !“

سنڌي قوم پرستن پاران بلوچن جي حمايت ۾ هڙتال ڪامياب ڪرائيندڙ هڪ قوم پرست اڳواڻ کان جڏهن پڇيم ته ته ڪنهن بلوچ اڳواڻ فون ڪري ٿورڙو مڃيو. ته هن نهه پهه وراڻيو: ”انهن مان ڪنهن به فون نه ڪئي آهي، پر اسان جي سنڌي قوم پرستن پاڻ فونون ڪري بلوچ اڳواڻن کي ٻڌايو ته اسان اوهان جي حمايت ۾ شاندار هڙتال ڪرائي. ان هڙتال ۾ شهر ڪشمور به بند ڪرايو ويو. جنهن مٿان سال ڏيڍ اڳ جڏهن هٿياربندن حملو ڪيو هو ته ڪيترائي معصوم شهري مارجي ويا هئا. ڊبل ڪيبن گاڏين ۾ سوار اهي هٿياربند حملي کان پوءِ ڊيرا بگٽي سوئي طرف واپس هليا ويا هئا. ڪشمور واسين کي پراڻي تاريخ جا اهي ڏينهن ياد اچي ويا هئا. جڏهن مدد خان جا لشڪر ايندا هئا ۽ هتان جا رهواسي گهوڙا گهوڙا ڪندا هئا. هاڻي گهوڙن بدران ڊبل ڪيبنون هيون. درياهي ماڻهن جي نماڻائي ڏسو ته هنن مدد خان جي روايت تي عمل ڪندڙن کان معافيءَ جو مطالبو ڪيو نه بلوچن کي ڪا ميار ڏني. ڪنهن به بلوچ اڳواڻ اڄ تائين ان سانحي تي افسوس جو به اظهار نه ڪيو. پر پوءِ به سڀ ڳالهيون ڇڏي هنن بلوچن جي حمايت ۾ هڙتال ڪئي، پر اهڙيءَ هڙتال کي بلوچ اڳواڻن ايترو به نه ساراهيو. جيترو هنن متحده اڳواڻ الطاف حسين جي حڪومت کان ڏار ٿيڻ واري ڌمڪيءَ جي ڪئي. بلوچ اڳواڻ اهو چون ٿا سمجهن ته سنڌي قوم پرستن جو نه ته ڪو لشڪر آهي، جيڪو ميدان جنگ لاءِ ڪين موڪلجي ۽ نه ئي ڪي اسيمبلي سيٽون آهن جن تان هو بلوچن جي حمايت ۾ استعيفائون ڏين. پوءِ به پنهنجي حال آهر هو اخلاقي سياسي مدد ڪن ٿا، ته ان کي ساراهڻ بدران ميارن مٿان ميارون ڪيئن مناسب سڏي سگهجن ٿيون؟“ سنڌي قوم پرست اڳواڻ چيو. بقول هن جي ته ”انقلاب لاءِ جدوجهد صرف اي ڪي 47 رائيفل جو نالو ناهي. انقلاب روين ۾ تبديلي جو نالو به آهي. درياهي ماڻهن جي اها نماڻائي آهي، جنهن ڪين هميشه لشڪري ۽ بياباني فورسز کان مارايو آهي. تاريخن ۾ هو مارون کائيندا آيا آهن، پر حق جي ڳالهه ته چوندا آيا آهن. درياهي ماڻهن جا رويا پهاڙي ماڻهن جي روين کان مختلف ٿين ٿا، اهي درياهي ماڻهن جي درياهه دلي آهي، جو هنن ڪڏهن به ائين ناهي چيو ته سانگهڙ ۾ به هڪ بلوچ سردار جو پٽ نجي جيل هلائي ٿو. اهو جيل ايترو طاقتور آهي جو انساني حقن واري ڪميشن جي مشهور زمانه ”نجي جيل ٽوڙيو“ مهم ۾ ان جيل کي ٽوڙي هارين جا زنجير نه ڪيرائي سگهي. پر پوءِ ڇا سانگهڙ ۾ بلوچن جي حمايت ۾ هڙتال نه ٿي؟“

بلوچستان اسيمبلي جي آس پاس وارن رودن تي گهمندي، اوچتو مونکي ڳڙهي ياسين جو اهو سرخو ياد اچي ويو. جيڪو هاڻي پنهنجي علائقي جو ناظم بڻجي ويو آهي. ضيائي مارشلا دوران جڏهن سندس ساٿين کي ڪوئيٽا جيل ۾ ئي وٺيو پئي ويا ته هن جيل جون سيخون لوڏي چرين جيان رڙيون

ڪري چيو هو ”لگائو ڪوڙي اپني باپ کي جاگير سمجهہ ڪر لگائو ڪتني لوگون ڪو ڪوڙي لگائوگي!“ ان سرخي جون ان دور واريون رڙيون، ڇا ڪنهن بلوچ ورنايون هيون؟ اهي ڦاهيون ڦتڪا ڪوئيٽا کان وٺي ڪيڊٽ تائين سموري سنڌ اندر سياسي ڪارڪنن جو ڏاج بڻيل هيون. ضيائي مارشلا جو گهٽي ۾ گهٽو زور سنڌين مٿان هو جن جا ڳوٺ بمباري ڪري ڊاٿا ويا. ڏرٽو هٽي ويٺل ماڻهن کي گوليون هٽي ٽرڪون سندن لاشن مٿان گذاريون ويون. تڏهن شايد بلوچ سردار پنهنجي پنهنجي ڊيرن تي ويٺا، جرڳا ڪري رهيا هئا يا سرداري مسئلا نبيري رهيا هئا، پر سنڌين منجهان ڪنهن ڪين اها ميار ڪونہ ڏني هئي، تہ ويچارا بلوچ . . . اسان جي مدد ڇا ڪندا.“ خيالن جو اهو سلسلو تڏهن ٽٽو جڏهن ملتان کان آيل هڪ کل مک سرائيڪي وڪيل وڏي هوٽل جي بيري کي الاءِ ڪهڙي رمز سان چيو. ”او بيوفا بلوچ! جوس دا گلاس ڏيوين!“

ڪوئيٽا ۾ جي بلوچ ائين ٽڙيل پکڙيل مليا، تہ مچ ڀرسان ڪوئلي جي کاڻين ۾بہ هو ورلي ئي نظر آيا، ڪوئيٽا ۾ عام تاثر اهو هو تہ بلوچن جون حالتون تبديل نہ ٿي سگهيون آهن. اهي ميارون بلوچ قوم پرستن تي اچن يا نہ، پر ڪيچ مڪران جي هڪ لچ (عورت) پنهنجي علائقي جي ٻين لڇن جي حياتين ۾ آهستي آهستي تبديلي آڻي رهي آهي. ڪيچ مڪران جي مند واري علائقي ۾ هڪ رند ڇوڪري 80ع واري ڏهاڪي ۾ آئي تہ علائقي ۾ تعليم اٽلپ هئي. قطر کان موٽيل جلال الدين جي ڌيءُ زبيده ٽيهن سالن اندر مند کي هڪ ماڊرن شهر بڻائي ڇڏيو آهي. جتي تعليم جي اهميت توپ کان وڌيڪ اهم آهي. ان لچ واري تاريخي پسمنظر واري علائقي ۾ ماڻهن نياڻين کي تعليم ڏيارڻ شروع ڪئي آهي. جتي ڪاروڪاري واقعن کان پوءِ چيو ويندو هوتہ ”اسان لچ تي لڳل داغ ڌوئي ڇڏيو.“ اهڙي روايت سبب ئي بلوچ تاريخدان ڊاڪٽر شاهہ محمد مري بلوچستان کي ”لچ جو ڌوٻي گهاٽ“ لکيو آهي. ”ڇا بلوچستان جا اقتدار ۾ آيل سردار پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ايترو بہ نہ پئي ڪري سگهيا، جيترو پرويز مشرف جي پيءُ جي دوست جلال رند جي ڌيئرن پنهنجي علائقي ۾ ڪيوآهي؟“ هڪ استاد چيو. جيڪو هميشہ چوندو رهيو تہ استاد جي عزت مند وجي ڏسو. سواءِ در ڪڙڪائڻ جي هو ڪنهن بہ گهر ۾ وڃي سگهي ٿو. هو سدائين چوندو رهي ٿو تہ زمانا بدلجي ويا آهن هاڻي بلوچستان جي ٻين علائقن ۾ بہ هٿيارن بدران ايترا ئي ڪمپيوٽر ۽ ڪتاب هجڻ کپن، جيترا ڪيچ مڪران جي لڇن جي ڳوٺ مند ۾ آهن!

# دربدريءَ جو درد

ان ڏينهن مظفر آباد جي پراڻي لاري اڏي ۽ بئنڪ روڊ پرسان پئي گذرياسين ته ماڻهن جي رش ۽ گاڏين جي پيهه ته جام هئي. پر بازارن ۾ دڪان ڪونه هئا. اهي سڀ دڪان 8 آڪٽوبر واري زلزلي سبب اهڙو ته ڍهي پيا، جو اڄا تائين سنوت ۾ نه اچي سگهيا. حسين قدرتي منظرن واري هن شهر ۾ زلزلي کان اڳ جيڪي دڪان مالڪ ۽ گهر مالڪ هئا، سي هاڻي زلزلي کان پوءِ وارن ڏينهن ۾ ملبي مالڪ بڻجي ويا آهن. سندن ڪل ڪائنات اهي ملبي جا ڍير آهن، جن هيٺان سندن ذات سان وابسته هر شئي اچي وئي آهي. ڪشميري به عجيب عذابن واري زندگي پيا گذارين، جيئن سندن سياست ۽ معشيت آزاد نه رهي آهي، جڻ ته اها به ڪن ڏهاڪن کان ڪنهن ملبي هيٺ آيل هجي. تيئن ئي هاڻي سندس زندگين جي ڪل جمع پونجي انهن عمارتن هيٺان اچي دبجي وئي آهي، جن عمارتن جي تعمير سان سندن سوين خواب تاڪيل هئا. مظفر آباد جي ڍهي پٽ پيل سينٽرل جيل سامهون جيڪا ته ماڙ عمارت هئي، ان جي ملبي (ملبي جو ڪو سنڌي متبادل لفظ نٿو ٿي سگهي!) منجهان دڪان مالڪ ڪجهه سامان ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. ”هي ستون ڏينهن آهي، اسان روزانو اچي دڪانن مان ڪجهه شيون ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا سڄو ڏينهن محنت ڪري شام جو ناڪام ٿي موٽي وڃون ٿا. پر آزاد (ڪشمير) گورنمينٽ ڪا به مدد نه پئي ڪري. اسان ڪجهه سرون ۽ پلستر ته هٽائي ٿا سگهون، پر هي آر سي سي ڇتيون ۽ وڏا پلر ڪير هٽائي؟“ ان عمارت ۾ زلزلي کان اڳ قائم هڪ بوڪ اسٽور جو مالڪ ٻڌائي رهيو هو جنهن جي مدد لاءِ سندس پائر ۽ دڪان ملازم به پهتل هئا.

مظفر آباد ۾ مشينري تمام محدود ۽ تباهي تمام وڏي پيماني تي ٿيل آهي. ان بوڪ اسٽور مالڪ ڪا ڳري مشينري ڪرائي تي به حاصل ڪرڻ چاهي، پر اها کين هزارين روپين جي مسواڙ تي پئجي وڃي ها. بازار ۾ لڳ ڀڳ هر دڪاندار پنهنجي مدد پاڻ تحت اهو ڳرو ملبو هٽائڻ جو ڪم ڪري رهيو هو. 8 آڪٽوبر واري سموري تباهي جي باوجود مظفر آباد اڄا به ايتروئي خوبصورت آهي، جيترو ڪشميرين جو پيار. جنهن پيار جون ڪئي ڪهاڻيون اڄان به مظفر آباد جي محلن ۾ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون. زلزلي واري صبح جڏهن دنيا ڏوڙ ۽ سڀ رشتا ڪوڙ ٿي رهيا هئا، ان صبح راشده پڻ پنهنجي گهر ۾ موجود هئي. راشده مظفر آباد يونيورسٽي ۾ ڪيميسٽري جي فائنل ايئر جي شاگردياڻي هئي. دنيا ڏوڙ ٿيڻ واري صبح هوءَ يونيورسٽي ڪونه وئي هئي ۽ ڪشميرين سان منسلڪ روايتي سستيءَ سبب هوءَ بين گهر ڀاتين جيان تڪڙو نڪري به نه سگهي. زلزليءَ جي آندل تباهي کان ترت پوءِ سندس گهر ڀاتين کيس ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. 3 ڪلاڪن جي ڳولا کان پوءِ هو گهر جي ڪنڪريٽ پلر هيٺان مئل حالت ۾ ملي. گهر ڀاتي جيترو زور لڳائي سگهيا. ايترو انهن لڳايو. پوءِ به هو صرف سندس ڇهري ۽ ڪلهن تائين ملبو هٽائي سگهيا. باقي پلر ڪي هٽائڻ هنن جي وس ۾ نه هو.

پوءِ مائٽن ڇا ڪيو؟ منهنجي تجسس پرئي سوال راشده جي ڳالهه ٻڌائيندڙ اپر محلي جي ڪشميريءَ کي پاڻي به پيئڻ نه ڏنو ۽ ان ڳالهه جاري رکي. ”راشده جي مائٽن جاءِ جي، بلڪل لاش جي پرسان ئي ٽينٽ هڻي ڇڏيو. لاش جي ڇهري کي هنن سفيد ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو هئو. پورا ٻارنهن ڏينهن سمورو خاندان راشده جي لاش مٿان ٽينٽ هڻي ويٺو رهيو. جيستائين آرمي جي انجنيئرنگ ڪور اچي کين لاش ڪڍي ڏنو.“ جنهن ڏينهن راشده جي ڳريل لاش کي کنيو پئي ويو ته سندس پاڙي جا نوجوان سڪرات ۾ اچي ويا هئا. ”راشده پوري پاڙي جو نڪ هئي.“ هن جهڙي سنهڙي ڇوڪري پوري محلي ۾ نه هئي. هڪ نوجوان جي چيل ڳالهه ٻولهه هن ٻڌائي. پهاڙن اوچائين ۾ هيلڪاپٽرن جي فضائي معائنن سان مصيبت هيٺ آيل اهڙيون محبتون ڪٿي ٽيون نظر اچي سگهن. مظفرآباد شهر ۾ داخل ٿيڻ سان جنهن جڳهه کي دوميل چيو وڃي ٿو. ان اسان کي نيٺو جون فوجي عورتون گاڏي هلائيندي مليون. نيلم ۽ جهلم ندين واري ميلاپ واري جڳهه دوميل، نيٺو جا فوجي شايد سمجهي نه سگهن. پر ان دوميل پرسان آزاد ڪشمير حڪومت پاران شهرجي تعارف واري بورڊ تي لکيل آهي ته ”دوميل شهر جو خوبصورت منظر آهي“ ان ئي ندين جي ميلاپ واري منظر کي ڏسڻ لاءِ جيڪو شهر جو بهترين هوٽل سمجهيو ويندو، اهو سنگم هوٽل به هاڻي ڍهي پٽ پيل آهي. مظفرآباد جي ان سنگم هوٽل سان هزارين سنڌين جون ڪي سهانيون يادون وابسته آهن. تڏهن ئي لاهور ايئرپورٽ تان نڪرندي هڪ سنڌي ڪاموري ڳڻتي واري انداز ۾ پڇيو. ”مظفرآباد کان هاڻي موٽيا آهيو ڇا؟ يلا“ سنگم هوٽل بچيو يا اهو به ڍهي پيو؟“ ڪشمير سان لاڳاپيل هر شئي الاءِ ڇو پڇندڙ ٻرندڙ ٻڌجي پئي ٿي. اهي ٻن ملڪن جون ڳالهيون هجن، هٿيارٻند ڪاروايون هجن يا اعتماد هر شئي پورو. ”ڪشمير جا پهاڙ بلوچستان جي جبلن کان گهڻو مختلف آهن. اهي سرسبز وڻن سان ٽمٽار زرخيز پر پوري مٽيءَ جا ٺهيل آهن. جلد ڍهي پون ٿا.“ ڪيترائي جملا، پڙڪا، ٺهڪ ۽ گلائون هميشه ان لاءِ سنگم هوٽل جي ملبي هيٺان اچي ويا آهن. جنهن کي ٻيهر تعمير ٿيڻ ۾ شايد ڪي زمانا لڳن.

زمانا ته ڪشميرين جي ان نئين نسل کي به ٻيهر بحال ٿيڻ ۾ به لڳندا، جنهن کي تاريخ جي بدترين زلزلي کان پوءَ به اڌ پڙهيل مولوين جا اهي طعنا سهڻا پون ٿا ته ”توهان تي اهو خدا جو قهر نازل ٿيو آهي“ ملڪي توڙي بين الاقوامي ميڊيا تي اهي فتوائون جاري ڪندڙ مولوي هاڻي ڪارٽونن جا عنوان ٻڌجي ويا آهن. اهو رڳو ٻهراڙين ۾ ڳوٺن جي مسجدن ۾ نه، پر خود بااختيار حاڪمن جي شهر اسلام آباد ۾ به اهي پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. الوداعي جمعي جي نماز پڙهي آيل دوست ان رات ٻڌايو ته، اسلام آباد جي اهم سيڪٽر جي مسجد جو مولوي خطبي ۾ ٽوئرزم تي ڪاوڙيل هو ۽ اترين علائقن ڏانهن سير سفر لاءِ ويندڙ ماڻهن کي عياش سڏي هن حاضرين کي اهو ڇئي پئي سمجهايو ته ڏسو انهن جو حشر. انهن فحاشي ۽ عرياني جي حد ڪري ڇڏي هئي. هاڻي کين خدا جي قهر کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اسلام آباد جي مسجد ۾ جمعي جي خطبي دوران اهڙي فتويٰ ڏيندڙ مولويءَ کي جڏهن ڪجهه نه چيو ويو ته پوءِ

مانسهره روڊ تان لڙي هڪ ننڍڙي شهر ڳڙهي حبيب الله جي ان ڳوناٽي مولويءَ کي ڪير منع ڪري ها، جنهن زلزلي کان پوءِ فورن اها فتويٰ جاري ڪئي تہ اسان جي ڳوٺ ڳڙهي حبيب الله تي خدا جو قهر تڏهن نازل ٿيو آهي، جو اسان جي ڳوٺ ۾ تازو ئي ڪئبل سسٽم شروع ٿيو.

چون ٿا هن ڳوناٽن کي اپيل ڪئي تہ هو کيس پنهنجا ٽي وي سيٽ آڻي ڏين تہ جيئن هو انهن کي باهہ ڏئي ڇڏي. افسوس پوري ڳڙهي حبيب الله منجهان کيس صرف 4 ٽي وي سيٽ باهہ ڏئي ساڙڻ لاءِ مليا. پاڪستان جي اترين علائقن ۽ ڪشمير جا ماڻهو صرف پهاڙي بلندين تي ڪونہ ٿا رهن، پر ڪنهن حد تائين هو جهالت جي بلندين کي بہ ڀوڳي رهيا آهن. هو پاڻ تہ تمام سادا ۽ ڪلمڪ آهن ۽ ڪجهہ سنڌين جيان سيڪيولر. مذهب هجي يا سياست هو ڪنهن بہ قسم جي انتهاپسندي کان دور. شايد تڏهن ئي ٻاهران لشڪر اچي کين ڪجهہ سياست ۽ ڪجهہ مذهب جي تبليغ ڪندا رهن ٿا. هن دکدائڪ گهڙين ۾ جڏهن ڪشميرين جي خاندانن جا خاندان دربدر ٿيا آهن، تڏهن بہ کين ڪير اهو ٻڌائڻ وارو ناهي تہ زلزلي اچڻ ۾ توهان جي ڏوهن ثوابن جو ڪو قصور نہ. پر زير زمين ٽيڪٽونڪ پليٽن جي چرپر جو ڪمال آهي. سموري دنيا اهڙين 16 پليٽن تي ٻيٺل آهي اترين علائقن ۽ ڪشميرين جو ڏوهہ صرف ايترو آهي تہ هو زمين مٿان اهڙي علائقي ۾ رهن ٿا، جتي هن پيري انڊين ۽ يورو ايشن پليٽن وچ ۾ موتمار زلزلو آيو آهي. اسان جي علائقي ۾ اهي ٻئي پليٽون ڪروڙين سالن کان هڪ ٻئي سان ٽڪرائبيون رهيون آهن، جنهن جي نتيجي ۾ هماليہ، قراقرم، هندوڪش ۽ ٻيا پهاڙي سلسلا جنم وٺن ٿا. زير زمين ان چرپر جو ڀلا ڪشميرين جي گناهن سان ڪهڙو واسطو؟ پهاڙي سلسلن ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي اسان درياهي ۽ ميداني علائقن جي ماڻهن کي تيستائين سمجهہ ۾ نہ ايندي، جيستائين پاڻ وڃي دشوار رستن، هزارين فوٽ بلند پهاڙن جي ڪنارن سان نهيل رستن تان نہ گذرون. ڪشميرين جي ڏکين پهاڙي چوٽين تي گذرندڙ دشوار ترين روزمره واري زندگيءَ کي ويجهو ڏسي اسان جي هڪ سنڌي دوست سفر کان آيل پنهنجيون الٽيون روڪيندي چيو هو ”هي بہ بادشاهہ ماڻهو آهن. هتان لهي شهرن پٽ پڊرن ۾ ڇو نٿا وڃن“ سندس اهو جملو مونکي ٻڌل ٻڌل پيو لڳو. فرق صرف ماڻهو تبديل ٿيڻ جو هجي ٿو. باقي اهو جملو ساڳيو ئي هو جيڪو منيءَ کان ننگرپارڪر ويندي ٿر جي ڏڪاريل حالت ڏسي اسان جي عورتاٽي عملدار چيو هو. ”ماڻهو هتي بکن ۾ ڇاهہ پيا ٿين، تنهن کان سنو اٿن تہ نڪري وڃن“ پر پنهنجو ديس پنهنجي گهٽي ۽ پنهنجي مٽي ڇڏڻ ڪيڏو ڏکيو آهي. اهو ميرپوري ماڻهن کان ڪير پڇي، جن جا هزارين ماڻهو برطانيا ۾ آهن، پر اتي بہ هو ميرپوري ڪشميري آهن. دربدري قدرتي هجي يا جبري ماڻهن جي ۽ قومن جي دربدري دردناڪ ٿئي ٿي. هاڻي مهاجر (متاثر ۽ مهاجر ۾ فرق ڪيترو آهي) ڪيمپن ۾ پهتل ڪشميري ٿمڪندڙ ستارن کي ڏسي اهوئي دهرائين ٿا تہ:

کب ملي تهي کهان بچهڙي تهي همين ياد نهين
زندگي تجهہ کو تو بس خواب مين ديکها هم ني.

# ٥٠٠٠٠٠ ۾ هاڻي توهين آميز ڪارٽون

اهو اندازو تہ ڪوپن هيگن جي ٿڌين آفيسن ۾ ويٺل ڊينمارڪ جي سياسي قيادت کي هرگز نہ هو تہ ”ڪارٽون“ بہ اهڙي ڪايا پلٽي سگهن ٿا، جو ڊينمارڪ سڄي دنيا، خصوصن اسلامن دنيا ۾ ڦتڪار جو نشانو بڻجي ويندو. اهو بلڪل ائين آهي، جيئن ڪنهن کي ڪابہ اهميت نہ ڏيڻ. ان غير اهم بڻايل اسم بابت ڪجهہ بہ چئي ڇڏڻ ۽ پوءِ چوڻ تہ اهو ”تهذيبن جو ٽڪراءُ آهي يا مفادن جو ٽڪراءُ“ جو عراق مان اڃا جند آجي نہ ڪرائي سگهيا آهن تہ ايران کي اڃي هٿ ڳنڍيا اٿن. ڊينمارڪ جي وزيراعظم توهين آميز ڪارٽون تي شروع ٿيل تنازعي جي شروع وارن ڏينهن ۾ عربي ٽي وي چئنل ”العربيہ“ کي انٽرويو ڏيندي واضع ڪيو هو تہ سندس ملڪ ۾ اظهار جي مڪمل آزادي آهي. هو مسلمانن جي جذبن جو قدر ڪري ٿو پر آزاد پريس کي ڪجهہ نٿو ڪري سگهي، پر جڏهن بيروت ۾ هزارين مڇريل ماڻهن پنهنجي سفارتخاني کي لڳايل باهہ ڏٺائون تہ سندس پرڏيهي وزير معذرت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ان کان اڳ بي بي سي ٽي ويءَ جي سربراهہ اهڙي ”فوٽيج“ هلڻ تي معذرت ڪئي هئي، جنهن دوران اخبارن ۾ شايع ٿيل توهين آميز ڪارٽون پري کان ڏيکاريا ويا هئا. ان کان اڳ فرانس جي ان اخبار جي ايڊيٽر کي هٽايو ويو، جنهن اهي ڪارٽون ٻيهر ڇاپيا.

گستاخانہ ڪارٽون جو مامرو جنهن انداز سان اٿاريو ويو آهي. ان ۾ اظهار جي آزادي کان وڌيڪ ڪنهن مذهب خلاف پلجنڊڙ بغض ۽ نفرت جو عمل دخل وڌيڪ آهي ڊينمارڪ جي جنهن ”جئي لينڊز پوسٽن“ اخبار اهي گستاخانہ ڪارٽون سڀ کان پهرين گذريل سيپٽمبر ۾ شايع ڪيا، ان جي جڙ تہ دل نہ ٺري سگهي ۽ هنن ٻيهر نہ رڳو پاڻ شايع ڪيا پر فرانس، پولينڊ ۽ ٻين يورپي ملڪن جي اخبارن پڻ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ خاطر اهي توهين آميز ڪارٽون بار بار شايع ڪيا، انهن توهين آميز ڪارٽونن جو اوچتو شايع ٿيڻ پڻ پهريائين تہ اتفاقي هجي، پر جڏهن 12 مختلف آرٽسٽن کي ڪنهن اخبار پاران صرف”اسائنمينٽ“ ڏي اها ڏني وڃي تہ هو آخري نبي صہ کي ڪيئن ٿا ڏسن تہ پوءِ اهو اتفاق کان وڌيڪ جاڻي واڻي دهرايل عمل ٿي پوي ٿو. اصل مامرو ”ڪرٽ ويسٽر گارڊ“ نالي آرٽسٽ جي ٺاهيل توهين آميز ڪارٽون تي مٿو جنهن کي بعد ۾ جينز جيولس هينسين، راسمس بئنڊ هائر ۽ ٻين ڪارٽونسٽن فالو ڪيو. اهو اظهار جي آزادي يا سهپ ۽ رواداريءَ جو مسلم دنيا لاءِ هرگز ٽيسٽ ڪيس نٿو ٿي سگهي، جو هاڻي مغربي ملڪ اهو باور ڪرائين تہ مسلم دنيا هاڻي سهپ ۽ برداشت جو مظاهرو ڪري. مسلم دنيا کي هر پيري ڪنهن بش ۽ بليئر جي جنگي جنون ۽ تعصب وارين اکين سان ڏسڻ بہ ضروري ناهي. مسلم دنيا جي مذهبي حساسيت کان اڻواقف ڪارٽونسٽ کي ڪهڙي خبر تہ حضرت محمد صہ جي حيثيث مسلمانن جي نظر ۾ ڇا آهي. انهن جي نظرن ۾ پهريائين تہ اسامہ بن لادن، ايمن

الزواهري ۽ ملان عمر جا خاڪا مسلمانن طور هجن، پر پيغمبر صہ جو مان ۽ مرتبو گستاخانہ ڪارٽونسٽ جي سوچ کان بہ گهڻو مٿانهون ٿئي ٿو.

مذهبي حساسيت هر علائقي ۽ ملڪ ۽ قوم جي پنهنجي نوعيت جي ٿئي ٿي، دنيا جي ثقافتي مرڪز پئرس جي سئنيمائن ۾ جڏهن حضرت عيسيٰ عہ جي زندگي تي ٺهيل فلم (لاسٽ ٽيمپٽيسن آف دَي چرسٽ) لڳي هئي، جنهن ۾ حضرت عيسيٰ کي هڪ عورت سان ويجهڙائيءَ ۾ ڏيکاريو ويو هو. تہ ان سئينما کي ڪيئن باھ لڳائي وئي هئي، جنهن ۾ هڪ فرانسيسي بہ مارجي ويو هو. فلمون تہ پئرس ۾ روز هلن ٿيون، پوءِ ان وقت ڪنهن جي سهپ ڇو ٽٽي پئي هئي؟ مذهبي حساسيت جو اندازو مغربي حاڪمن کي ضرور گهرجي، ڇو تہ هنن دنيا تي حڪمرانيءَ کان هيٺ ڪا خواهش نہ رکي آهي. اقتصادي ۽ سياسي محڪومي ايشيا جي سمورن مذهبن وارن ماڻهن پئي صبر سان پوڳي پر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج ۾ تڏهن بغاوت ڀڙڪي پئي. جڏهن اهي نوجوان ڪارتوس آندا ويا، جن مٿان سوئر ۽ ڳئون جي چربي چڙهيل هجڻ واري ڳالهہ هلائي وئي. اها چربي چڪ سان لاهي سپاهيءَ کي بارود بندوق ۾ پرڻو پئي پيو. ايسٽ انڊيا ڪمپني هلائيندڙ برطانوي گورن کي اها خبر نہ هئي تہ ڪيترائي ٽن آفيم چين کي وڪرو ڪرڻ تي اهي انڊيا جا ماڻهو ايترو ناراض نہ ٿيندا، جيترو ڪارتوس واري چربيءَ تي. ساڳيو ئي بي خبري ۽ غرور جو عالم اڄوڪي مغرب جو آهي. لڳ ڀڳ پنج ملين آباديءَ وارو ڊينمارڪ ڇا اهو سمجهڻ کان قاصر آهي تہ اهڙن توهين آميز ڪارٽونن سان مسلم دنيا جا اربين ماڻهو ناراض ٿيندا؟ اها ڪا 3 مهينا پراڻي بہ ڳالهہ ناهي جڏهن يورپي يونين جي هڪ ٻئي ميمبر ملڪ آسٽريا ۾ اشتهاري بورڊن تي اهڙا اميجز هنيا ويا، جيڪي سڌا سنوان سيڪسي هئا. انهن مان هڪ اليڪٽرانڪ هورڊنگ تي بش، بليئر ۽ راڻي ايلزبيٿ کي اميجز ذريعي سيڪس ڪندي ڏيکاريو ويو. آسٽريا ۾ مڇريل مسلمان تہ ڪونہ هئا. پوءِ انهن هورڊنگز تي ماڻهن ڇو ٿُتڪاڙ ڪئي؟ انهن ڪاوڙيل ماڻهن کي ڏوڙ تہ ملي ڪونہ انڪري رستي تان برف ميڙي اهڙن بورڊن کي هٽي ويا. ڇا ڊينمارڪ جا ڪارٽونسٽ ڊينش پيپلز چرچ جي ڪنهن پادريءَ جي ٽوپيءَ تي ائين بم رکي سگهن ٿا، جيئن هنن مسلم دنيا جي مذهبي جذبن کي مجروح ڪيو؟

اهڙين حساس حرڪتن سان اهو نام نهاد تهذيبن جو ٽڪراءُ هرو ڀرو ائين سامهون آندو وڃي ٿو. جيئن عراق ۾ موتمار هٿيار ڳولهڻ جو ڪوڙ. ڪهڙي خبر تہ هاڻي ايران مامري تي پينٽاگون جون رپورٽون ڪوڙ نٿيون هڻن. پوري دنيا ۾ مسلمانن جو فتني فساد وارو اميج آخر ڇو ٿو جڙي؟ لنڊن ۾ ”شوٽ ٽوڪل“ واري پاليسيءَ دوران واٿهڙو تنزانيا جو رهواسي مارجي وڃي، يا مقدونيا ۾ يورپ ڪمائڻ لاءِ ويندڙ پاڪستاني قتل ٿي وڃن ٿا. شڪ اهو تہ اهي پاڪستان جا يعني القائده جا ماڻهو آهن. ڪو سٺو تاثر نٿا جوڙين. مغرب جي بدقسمتي اها بہ ٿئي ٿي تہ هنن دهشت پسندن ۽ شريف شهرين ۾ ڪوبہ فرق نہ ڇڏيو آهي، پر ڇا ڪجي! اسان اتحادي جو آهيون، ڪڇون بہ ڪيئن؟

# عورت جي ڪمائي تي پلجندڙ نڪما خواب

تازو پنو عاقل لڳ هڪ موالي؛ پنجاهه ورهين جي زال کي صرف ان ڪري قتل ڪري ڇڏيو جو هن ڪيس نشي لاءِ ڏوڪڙ نه ڏنا. اهڙو ڪيس مارجي ويل عورت جي پيءُ ناتي متان درج ڪرايو. اها ننڍڙي خبر حقن لاءِ وڙهندڙ ماڻهن لاءِ وڏي خبر ٿي سگهي ٿي پر سنڌي سماج ۾ خبرن ۾ اطلاعن کي عام رواجي ڪري اهڙو رويو اختيار ڪيو ويجي ٿو جڻ ڪجهه ٿيو ئي نه هجي. پڇي راس ٿيل بيحسي جا هوئڻ ته ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا پر هڪ سبب مردن جي وڌندڙ نڪمائپ به آهي. جنهنڪري هن وٽ پنهنجي آمدنيءَ جو ڪو ذريعو جڏهن نٿو بچي ته هو پيسن خاطر پنهنجي عورتن جي آمدني تي ياڙين ٿا ۽ هاڻي هنن جڻ ته اهو پنهنجو حق سمجهي ورتو آهي ته عورتن کي سندن چانهه کان وٺي چرس تائين هر خرچ لاءِ پيسا ڏيڻ کپن. جي نٿيون ڏين ته وڏيون بدماش آهن. کين مارڻ کپي ۽ اهڙي تشدد ۾ ڪا زائفان مري پوي ٿي ته هروڀرو هاءِ گهوڙا ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي ڇو ته حياتي ۽ موت ته خدا جي هٿ ۾ آهي. بندو ته صرف ڪوشش ئي ڪري سگهي ٿو.

گلوبلائيزيشن واري دور ۾ پنهنجي پراڻي پسندي برقرار رکندڙ ڀهراڙين جا پوڙها مولوين وانگي ڊش ۽ وي سي آر تي ڦٽڪار ڪندي اهي دانهون ڪن ٿا ته ”انهي مئي وي سي آر هٽي ڇورن جو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو آهي.“

ڇوڙ وارا چون ٿا ته مردن جي نڪمائپ اڳ به هئي پر جڏهن کان ڳوٺن ۾ ڊش وي سي آر جو ڪلچر پيدا ٿيو آهي تڏهن کان ڪم ڪار وارا همراهه به ٽوٽي ٻڌجي پيا آهن. نڪمائپ ۾ اڪثر اهي ماڻهو گذارين ٿا ته جن کي ڀهراڙيءَ ۾ ڪجهه ٻني ٻارو آهي ۽ ڳوٺ ۾ ڪکاوان ئي سهي، پر پنهنجا گهر آهن. اهڙن ماڻهن کي قمبر جي ان جواريءَ وانگر گهر ٻار جي ڪابه ڳڻتي نه ٿي ٿئي جيڪو پنهنجو سڄو ڏينهن جوا جي خفت ۾ گذاريندي گهر ۾ صرف رات جو سمهڻ ايندو آهي. هن ڪڏهن به زال کان اهو نه پڇيو آهي ته گهر جو خرچ ڪيئن هلي ٿو. سندس گهر واري ڀهڙاري جي چوٽي واري باقاعدي ”قنڌار مائي“ آهي جيڪا هاربي جو سڄو ڪم پاڻ سنڀاليندي آهي۽ مال متاع به پاليندي آهي. هاڻي ته کير ۽ ڇيڻا وڪرو ڪرڻ مان ڪيس چڱي خاصي آمدني ٿي وڃي ٿي پر بنگالي ماين جي مردن وانگر سندس سڪيلڏو مڙس جڏهن به ڪٽي پوي ٿو ته سندس آمدنيءَ وارا پئسا ڪٽي وڃي ٿو ۽ هوءَ ڪيس ڪجهه به نٿي چئي سگهي.

نڪما ۽ ٽوٽي مرد ڀهراڙين جي ”جوائنٽ فيمليز“ تي به هڪ اهڙو مستقل بوجهه آهن، جنهن مان ڪنهن به شريف ماڻهوءَ جي ترت جند آزاد نٿي ٿي سگهي. اهڙي عذابن واري زندگي ميهڙ پرسان وينل اهو ريٽائرڊ ماستر به گذاري ٿو جنهنجي ٻن جوان پٽن کي ڪو ڪم يا مزدوري ڪندي شرم ٿيندو

آهي. هو ايترو پڙهي بہ نہ سگهيا آهن جو ڪا هلڪي ڦلڪي نوڪري وٺي سگهن. تنهنڪري سڄو ڏينهن پينگ پيئڻ، تاش کيڏڻ ۽ سمهي پوڻ سندن گڏيل محبوب مشغلو آهي. سندن پوڙهي پيءُ جيڪي ڪين شاديون ڪرايون اهي زالون بہ ٻارن سميت سندس ڳچيءَ ۾ آهن. ڪجهہ اباڻي زمين مان ڪين خاندان کي ڪارائڻ جيتري اپت ٿئي ٿي ۽ ڏيئرون ۽ ننهرون ڪجهہ سندس هٿ ونڊائين ٿيون. هو گهروڪم ڪار مان وڏي چستيءَ سان وقت ڪڍي پلا اڳٺ ۽ ٽوپ ناهي کيس وڪڻ لاءِ ڏين ٿيون. سڄو سڄو ڏينهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن راتين جون راتيون محنت ڪن ٿيون پر پنهنجي ٽوٽي مردن کان ڪا شڪايت نٿيون ڪن. ڇڻ تہ هو سندن سڌرڻ جو آسرو ئي لاهي ويٺيون آهن. اهي ٽوٽي همراهہ ڪڏهن ڪڏهن شهر وڃڻ لاءِ بہ پنهنجي زالن کان خرچ جا پيسا وٺي ٽوپي نراڙ تي ڪري نڪرن ٿا. اهڙن نڪمن ۽ ٽوٽي مردن جون گهرو زندگيون بہ ڏاڍي عذابن ۾ گذرن ٿيون. هونئن تہ عذاب سندن زندگين جي روزمره واري معمول ۾ شامل ٿي وڃي ٿو پر جڏهن ڪو معصوم ٻار رات جو ٻارهين وڳي اهڙي گهر ۾ بيمار ٿئي ٿو تہ عورتن جا آنڊا تہ منهن ڏي وري اچن ٿا پر اهي نڪما ۽ ٽوٽي همراهہ شاندار منهن جي پڪائيءَ سان اهڙي اگهور ننڊ پئجي ويندا آهن تہ ڄڻ بيماري ۾ تڙپندڙ ۽ رڙندڙ ان ٻارڙي سان سندن ڪو رشتو ناتو ئي نہ هجي.

نڪمن مردن سان نڪاح جي رسمن ۾ ٻڌل عورتن لاءِ اڪثر ماڻهن جو گمان رهندو آهي تہ سندن آمدنيءَ جو ذريعو جسم فروشي ئي هجي ٿو پر اهڙن عذابن ۾ وقت گذاريندڙ ٻهراڙيءَ جون اڪثر عورتون ان قسم جي خيال کي ئي بيڪار سمجهن ٿيون. شهرن ۾ آرامده ڊرائنگ رومن ۾ جڙيل خيالن ۽ تصورن ۾ پلي سيڪس کي وڏي فطري گهرج سمجهيو وڃي پر ٻهراڙيءَ جي نڪمي مڙس جي ڪمائو عورت پنهنجي اها گهرج اڪثر اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ تڏهن پوري ٿيندي ڏسندي آهي، جڏهن نڪمي مڙس آڌو هوءَ پنهنجي جان آڇي ساڻس سمهندي آهي.

ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ جيتوڻيڪ زندگي ايڏي مهانگي ناهي پوءِ بہ محدود گهرجن جو پورائو زرعي معشيت جي گڏيل خاندان ۾ آساني سان ٿي وڃي ٿو. نڪما ۽ ٽوٽي مرد ايئن بہ ناهي تہ رڳو ڪم ڪار نہ ڪندا آهن ۽ لال جي مشهور آرسين وانگر سِتا پيا هوندا آهن پر ڪجهہ صورتن ۾ اهي پنهنجو پنهنجو شوق ائين ڪيريئر ڪري ڪٽندا آهن. جيئن شڪارپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي زميندار جي پٽن چرس پيئڻ ۽ ڇوڪريءَ بازي کي پنهنجو ڪيريئر بڻائي چڏيو هو. اهي چڱا خاصا امير ماڻهو هئا ۽ سندن پيءُ ٽرانسپورٽ ڪمپني ڪولڻ وارو هيو پر جڏهن اوچتو اهو مري ويو تہ انهن شهزادن پنهنجي عورتن جا زيور ۽ گهر جون ڪٽون بہ وڪڻي بہ پنهنجا شوق پورا ڪيا. هاڻي اها وڏيرياڻي جيڪا سون سان مٿو سجائي هلندي هئي، تنهن کي پرياسي مان خيرات پني انهن نڪمن پٽن جي "وزم" جو بندوبست ڪرڻو پوي ٿو. مردن جي وزم جو بہ بندوبست عورتون ڪرڻ لڳيون آهن، جنهنڪري عورتن جا انداز بہ تبديل ٿي ويا آهن. نئون ديرو جي اها چرپ زبان اڌڙوٺ عورت بہ پنهنجي مڙس ۽ سندس پاءُ

جي ”وزم“ جو بندوبست ڪندي ڪندي اهڙي تہ ڏنڌوڙي تي وئي آهي جو هاڻي گهر ۾ ٽڪاءُ ڪونهيس. صبح سان ٽڪل اڇي مڙس کي پيسا ڏئي هوءَ سمهي پوندي آهي. سندس اک جڏهن شام جو کلندي آهي تہ ڪانہ ڪا گاڏي ڪيس ڪٽڻ لاءِ در تي بيٺي هوندي آهيءِ هو سيني گهرياتين سامهون تيار ٿي ڪنهن پيئڻ کائڻ ۽ فحش فلمن واري محفل هلي ويندي آهي. ننڍين شهرن ۽ وڏن شهرن جي گهٽ ترقي وارن علائقن جي نڪمن ۽ ٽوٽي مردن جي عورتن پيسا ڪمائڻ جو آسان طريقو جسم فروشي ۾ ڳولهي ورتو آهي. انهن ۾ اڪثريت موالي ۽ نڪمن مڙسن جي عورتن جي هجي ٿي پر بنا ڪنهن سبب جي پنهنجي هوش حواس ۽ سالم دماغ سان ٽوٽي ٻٽيل مردن جون عورتون پرت پرڻ رلي ناهڻ جي پورهين سان گڏ بنگلن ۽ وڏن گهرن ۾ ٿانو ٻهاري ڪري پنهنجي ٻچن (نڪمن مڙسن سميت) جي پيٽ گذارڻ جو بندوبست ڪن ٿيون.

هونئن تہ پڙهيل لکيل ماڻهن کي گهٽ نڪمو ۽ ٽوٽي سمجهيو ويندو آهي پر شهرن جي پڙهيل لکيل ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيار جون شاديون رچائيندڙ جوڙن جا مرد بہ ڪم ڪار يعني ڪو آمدنيءَ جو ذريعو ڪيڻ کان جڏهن ٺپ جواب ڏئي بيهندا آهن تہ سندن پڙهيل لکيل زالون پنهنجي گهر کي تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ ميدان ۾ اچي ويندون آهن. سکر جي ان ڊاڪٽرياڻي جنهن پيار مان هڪ ليڪچرار سان شادي ڪئي هئي، جي مڙس جڏهن دانشور ٿيڻ جي شوق ۾ نشو واپرائڻ شروع ڪيو ۽ هاءِ ڪلاس جواري ٿي ويو تہ سندس نوڪري ڇٽ ٿي وئي ۽ هاڻي ان هڏائين پڃري کي ٻارن سميت اها ڊاڪٽرياڻي پنهنجي خرچ تي سالن کان هلائيندي پئي اچي.

اهڙا نڪما پڙهيل لکيل ڪيترائي بيوقوف آسانيءَ سان ملي وڃن ٿا. جهڙو لاڙڪاڻي جو هڪ اڳوڻو سرڪاري آفيسر هو. نشي جي عادت همراه کان گهر ٻار وسارائي ڇڏيو ۽ جڏهن گهرو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ سندس گهرواريءَ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي تہ همراه جي ستل غيرت جاڳي پئي ۽ هن پنهنجي باروزگار زال کي ٻارن سميت گهران ڪڍي ڇڏيو. گهرو زندگيءَ کي گهٽو چاهيندڙ اها حسين عورت هاڻي هڪ ٽڪائيندڙ نوڪريءَ کي منهن ڏئي رهي آهي.

مرد نڪما ۽ ٽوٽي ڇو ٿا ٿين اهو سوال تہ لاڳاپيل موضوع جي ماهرن کان پڇڻ گهرجي پر ٽوٽي ۽ نڪمن مردن سان ڪيل ڪيترن ئي ڪچهرين مان معلوم ٿيو ت هو چوندي اها فشري سر تي نٽا ڪٽن پر هو ويچارا مزاج ۾ ئي نڪما هجن ٿا. واندڪائي ۽ ڪچهريون سندن محبوب مشغلو هجي ٿو. هو اڪثر اهڙين هوٽلن تي ويهن ٿا جتي ويهڻ لاءِ ڪرسيون گهٽ ۽ وڏيون ڪاٺوڙيون ٻئنچون وڏيڪ هونديون آهن. انهن هوٽلن تي هلندڙ ڪيسٽي ڪلامن ۽ چانهہ مان پرپور مزو ماڻي وٺن ٿا. جڏهن تہ وڏيڪ مزي خاطر هو ڇوڪرن کي بہ پالين ٿا. اهڙين هوٽلن تي اڪثر نظر ايندڙ هڪ ماستر (جيڪو يونين اڳواڻ بہ آهي) پنهنجي ٻين ساٿين کان ڪجهہ بهتر نموني پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري ٿو. ”سچي ڳالهہ اها اٿئي تہ ماستري بہ رڳو ان ڪري ورتم تہ جيئن پڙهائڻ نہ وڃان. گهر ويني پئي پگهار

ملي. اسان ڪڏهن ڪڪ پڇي ٻيٽو ناهي ڪيو حياتيءَ ۾. هاڻي ڪم ڪار ڪٿي پڄندو؟“ سندس ڳالهه اڌ ۾ڪٽيندي هڪ ٻيو همراهه چيو ته پنهنجي سوپ ٻڌائي ٿو ته ٻن ڏينهن کان سندس گهر ۾ ان اٽو ناهي پر هن کي واندڪائيءَ مان ڪا واندڪائي نٿي ملي جو گهر پيل چانور ۽ ڪٽڪ پيسائڻ لاءِ مشين تي کڻي وڃي. واندڪائي کي وندر بڻائيندڙ اهڙن نڪمن ۽ ٽوٽي مردن کي سندن ئي راڄ ڀاڳ ۾ جيتوڻيڪ ڪنهن چڱي نظر سان نٿو ڏٺو وڃي پر ڪين گهرن توڙي سماج اندر برداشت ضرور ڪيو وڃي ٿو. اهي پنهنجي گهراڻن جا اڌل (وڏيل) ڀاتي تصور ڪيا وڃن ٿا. انهن نڪمن ۽ ٽوٽي مردن جي اڪثريت پنهنجي ئي ڳوٺن مان چوريون ڪرائڻ ۾ ملوث رهي ٿي ته جيئن سندن اهميت ۽ حيثيت ٻين جي نگاهن ۾ نروار ٿي بيهي. ڪجهه نڪما ۽ ٽوٽي ماڻهو پاڻ به چوريون شروع ڪن ٿا ۽ جڏهن ان ڌندي سان پڇي نٿا سگهن ته پوءِ پاٽايداري وارو فل ٽائيم جاب شروع ڪن ٿا. جنهنڪري ڀرپاسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سندن نام نهاد عزت ۽ نالو وڏي وڃي ٿو. هو متاثر ڌر کان وٺي چورن تائين سڀني سان خصوصي تعلقاتن ۾ رهن ٿا. گهرن ۾ ڪجهه به آٽڻ کان هو آزاد آهن چو ته هو نڪما ۽ ٽوٽي ڀلي هجن پر وري به آهن ته مرد- انهن کان سندن عورتون ڇا پڇن ۽ ڇو پڇن؟ ڀلي ڀيون پاڻ ڪمائي کائن ۽ ڪين به کاراين.

# شدي جي ٽڪريءَ شور ڪوٽ جا شودا ۽ شڪارپور جو امن

ان خبر ۾ خدا ڄاڻي ڪيتري صداقت آهي ته جنهن ڏينهن ”جاڳڻ“ جي جهوني سردار ڪي هن وات ڳاڙهي پوليس آفيسر جي بدليءَ جي خبر هئي (جنهن ڪيس اڃي ڏاڙهيءَ ۾ روپوشي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو) ته هن خوشي وچان فائرنگ ڪري مناءِ ورهائي. اڄڪلهه گردش ۾ آيل صحافت کي نظر ۾ رکندي جيڪڏهن مناءِ ۽ فائرنگ کي خبر مان ڪڍي ڇڏيو. تڏهن به اها حقيقت آهي ته ان ڏڪندڙ هٿن واري پيرسن سردار کي بي انتها خوشي ٿي هوندي ڇو ته هاڻي هو سک جو ساهه کڻي ڪارين ۽ قتلن جي فيصلن واري من پسند مشغوليءَ ۾ محو ٿي ويندو. شڪارپور مان انهيءَ آفيسر جي بدلي جي خوشي رڳوسرداري حلقن ۾ ئي نه ملهائي وئي پر اها بدلي پنوعاقل جي آفيسرس ميس ۾ به سيليبريٽ ڪئي وئي. جتي پنهنجي ملڪ جي اصل واڳ ڌڻين کي اتر سنڌ ۾ امن امان جي بحاليءَ جو وڏو الڪو آهي.

اهو عجيب اتفاق آهي يا ڌاڙيلن کي مليل آزادي جو نتيجو جو جڏهن ڊي آءِ جي سنڌ اتر سنڌ جي ڊگهي دوري تي آيل هيو ته ان وقت ڌاڙيلن هڪ ڏينهن اندر ٽن هندن سميت 7 ماڻهو صرف شڪارپور مان اغوا ڪيا آهن. آءِ جي کي جيتوڻيڪ اها متضاد پوليس رپورٽ به ملي چڪي آهي ته شڪارپور جي ڌاڙيلن واري صنعت ڪمزا خان هلائي رهيا آهن. پر هو رات جي مانيءَ تي انهن مان ئي ڪجهه ”معززين“ سان امن امان بابت بحث ڪري ٿو. اهو ته پس منظرن ۾ روايتن جو اتفاق ڇئجي جو جڏهن سکر ۾ ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڌاڙيلن جي ڪاروايئن کي ۽نجو ڏيڻ واري موضوع تي خاڪي ۽ ڪاري وردي وارن وچ ۾ متضاد بحث ٿي پيو. انهن منجهان هڪڙو لاڙڪاڻي ۾ ”شدي“ جي ٽڪريءَ تي ويهي وڏو ٿيو ۽ آفيسر بڻجي ويو. هاڻي ”شدي“ کي به اها شڪايت آهي ته هو پراڻي سڃاڻپ هوندي به سندس ڪم نٿو ڪري جنهنڪري شدي جي ٽوڪريءَ تي اهو اڳوڻو اوج ناهي رهيو. لاڙڪاڻي واري شدي جي ٽڪري ڪان هاڻ ته هو گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي پر اڌڙوٽ عمر وارو آفيسر اڃان به پنهنجي طبيعت ۾ اهو ئي ”شور ڪوٽ“ جي شودن جو اثر کڻي گهمي ٿو جن سان فورس ۾ اچڻ کان اڳ سندس دوستي بڻ جهڙي گهاٽي ۽ خمارينڌڙ هئي. سندس اها دوستي هاڻي پنهنجي ليول وڌائي چڪي آهي. جڏهن ته هو آرام ده ماحول ۾ رهندي به انهن ڪردارن لاءِ بي چين هو جن کي پوليس آفيسر هٿ تي ڪنيل ڏنبي تي نچائڻ شروع ڪيو هو اتر سنڌ جي اصل واڳ ڌڻين ۾ پاڻ کي ڪرتا ڌرتا سڏائيندڙ ان آفيسر کي ڪير سمجهائي ته شڪارپور ۾ ڌاڙيل پنهنجون ڪاروايون ثناءالله عباسي جي بدلي ٿيڻ ۽ نادر کوسي جي ايس ايس پي مقرر ٿيڻ سان ڪونه روڪيندا آهن. جيڪڏهن ائين هجي ها ته هڪ ڏينهن اندر 7 ماڻهو اغوا نه ٿين ها. جيتوڻيڪ شڪارپور جي عام ماڻهوءَ کي سرڪار جي اها پاليسي سمجهه ۾ اڃا به نه ٿي اچي پر هڪ ڊي ايس پي سطح جي عملدار چواڻي ته وڏي سرڪار هاڻي

اها پاليسي اختيار ڪئي آهي تہ لوهہ لوهہ کي ڪٽي. “ سرڪاري دفترن ۾ اهي رپورٽون هاني ڪولڻ جي تڪليف ڪير ڪري جن ۾ انهن اڳوڻن پوليس اهلڪارن جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪي هاڻي ضلعي جا سرگرم ڌاڙيل ٿي ويا آهن ۽ انهن حاضر سروس اهلڪارن کي بہ نشاندهي ٿيل آهي جيڪي وڏن شهرن جا معروف ڪار لفٽر ٿي ويا آهن. ”حقيقت هي آهي تہ سڀ پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهن تہ جيئن پئسو گڏ ڪري ٽرانسپورٽر ٿي پوءِ وري سرداري پڳ پائجي. اتر سنڌ ۾ مقرر روينيو عملدار انهن پوليس آفيسرن ڏانهن اشارو ڪندي چيو جن کي نوڪرين دوران صنعتڪار ۽ سردار ٿيڻ جا شوق اچي جاڳيا آهن. شڪارپور جا ماڻهو گهٽي مٿا ڪٽ ڪان پوءِ بہ ڳجهارت پيچي نہ سگهيا آهن تہ اها تبديلي آخر آئي ڪهڙين ڪرامتن عيوض؟ ڇا سائوٿ آفريڪا ۾ هزارين جانورن جي ڪرايل شڪار رنگ لاٿو آهي يا اصل واڳ ڏٽين جي اشارن تي شارٽ نوٽيس تي هڪ سياستدان پاران ڪيل پريس ڪانفرنس جو اثر ڇا بہ هجي، ماڻهو اها ڳالهہ سمجهي چڪا آهن تہ سرڪار جون ترجيحات ماڻهن جي مسئلن کان مٿانهيون آهن. شايد تڏهن ئي تہ نوين ڪمار بابت لاڙڪاڻي ۾ جڏهن آءِ جي پوليس کان سوال پڇيا ويا تہ هن جي جڻ طبيعت خراب ٿي پئي ۽ هن اهو مسئلو ايس پي سطح جو ٻڌائيندي چيو تہ ”مين ني ايس پي ڪو بول ديا هي“ ايئن ئي جڏهن ايس پي مسئلو ايس ايچ او کي چئي ٿو. ايس ايچ او وري ايس آءِ اي کي چئي ٿو تہ مسئلو وچي ترو وني ٿو.

جنهن وقت حيدرآباد جي زماني ساز عملدار تي اعترافن واري شام لٿل هئي، تڏهن اتر سنڌ ۾ پير پائڻ سان پتو پوي ٿو تہ ماڻهو جيئري دوزخ ۾ ڪيئن گذاريندا آهن! سڄو ڏينهن عدالتن ۽ اسپتالن جا چڪر ڪاٽڻ کان پوءِ جڏهن هو پريشانين جا ڍير ڪٽي گهر موٽن ٿا تہ سڪون اتي بہ کين نٿو ملي. ايري چانورن کي ڳڙ واري منائي ۽ کير سان گڏائي نڙيءَ هيٺ لاهڻ کان پوءِ هو ڪٽ چڙهيل بندوق ڪٽي گهر مٿان موڙچي ۾ ويهن ٿا. ڇو تہ زماني جا دستور بدلجي ويا آهن، ڪٽن مان رسا ڪڍي پٽر ٻڌا ويا آهن. ايئن بہ ناهي تہ ڪو اتر سنڌ جو هر ٻيو ماڻهو ايترو امير آهي جو ڌاڙيلن کي پينگ خوشي سان ڏئي. ايئن هجي ها تہ ڌاڙيل بہ پٽڪا، ڪتون ۽ گوڏيون آٽڻ وارا مطالبا ڪري پنهنجي ليول نہ ڪرائين ها . پاڻي جي کوٽ وارن هنن ڏينهن ۾ جڏهن چڱا ڀلا زميندار بہ شهرن جي ڊراءِ ڪلينرس کان بہ گهٽ ڪمائين ٿا تہ آخر اٽريڪشن ڪهڙي آهي؟ واري سوال تي هڪ سينئير روينيو عملدار ٻڌايو تہ اها اٽريڪشن آهي ”چورن پاڻايدارن جو نيٽ ورڪ“ هو ڌاڙيلن کي چور چوڻ جو حامي آهي چو تہ ڪيس هاڻوڪي زماني ۾ اهي مٽيادار ڌاڙيل نظر ئي نٿا اچن. جيڪي هيٺي جا همراهہ هوندا هئا. هو چوي ٿو تہ جيستائين اهو شيطاني نيٽ ورڪ جاري رهندو تيستائين شام جو تہ ڇا صبح جو بہ ماڻهو اغوا ٿيندا رهندا. وڏا زميندار تہ نہ باقي گڏهہ گاڏي ۾ ٻني وارا مزدور بہ اغوا ٿيندا. تڏي مشين واري ڪمري ۾ ٻري اٽيل سندس منهن ۾ ڏسندي مونکي اهو پوليس آفيسر ياد اچي ٿو جنهن سردارن جي سردار کي گرفتار ڪري بڪتربند گاڏي ۾ ويهاري ڪنڌڪوٽ ۽ جيڪب آباد جي شهرن جو گشت ڪرايو هو. هاڻي جڏهن انهن آفيسرن

جي حوصلہ شڪني ڪئي پئي وڃي تہ سردار تہ ڇا سندن ڪمداري ڪندڙ ڌاڙيل بہ مڇي مواڙ ٿيندا پيا وڃن. اهو نظارو پل تہ اسان کي سنڌين خلاف سازش نظر اچي پر ڇا ڪجي تہ اتر سنڌ ۾ اغوا ۽ قتل ڪانسواءِ ڪابہ خبر نٿي ملي ۽ هر ٻئي ماڻهوءَ جي ذهن تي جڏهن خون سوار هجي تہ ان جو علاج آخر ڇا ڪجي؟

لاڙڪاڻي جي انهن روڊن سان (جتان ٻارڙا اغوا يا گم ٿيڻ هاڻي معمول بڻجي ويو آهي) گهمندي مونکي اهو ننگر پارڪر ياد اچي ٿو جتان جي جهوني کان جهوني شخص جي يادگيرين ۾ اغوا جي واردات شامل ناهي پر هتي اهو زندگي جو عام رواجي ڪاروهنوار آهي جنهن کي سرڪار نہ تہ گهٽائي سگهي آهي ۽ نہ ئي روڪي سگهي ٿي. پوليس آپريشن هاڻي هتان جي ماڻهن لاءِ ڪل جوڳو اصطلاح بڻجي ويو آهي، جتي درجنينن ماڻهو اغوا ٿيندا هجن اتي انهن آفتن سان گڏ جيئڻ جو هنر ماڻهن ڳولي لڌو آهي. جڏهن ڪنهن ڳوٺ مان اغوا جي واردات ٿئي ٿي تہ پوءِ ماڻهو ڌوهارين جو زبان خور ڪتي جيترو پيڇو ڪن ٿا پر پوءِ سندن پهرين منزل حد جو ٿاڻو نہ پر راڄوڻي سرڪار جو ڪرتا ڌرتا مقامي وڏيرو هجي ٿو جنهن جو ڪو ڪمدار انهن ڌوهارين سان رابطي ۾ هجي ٿو ۽ اهوئي اغوا ٿيل ماڻهن جا پڙيءَ تي آيل ٻڪرين جيان اگهہ طئہ ڪري ٿو. ڪنڌڪوٽ ۾ ڪليءَ طور مشهور سردار تہ وٽس مدد لاءِ آيل هڪ ايس ايس پي کان اهو بہ ڇئي پنگ طلب ڪيو هو تہ "سائين ڌاڙيل بہ نانگ ناهن جو مٽي ڪائيندا." اهي ئي سردار آهن جيڪي پنگ طئہ ڪري يرغمالي واپس ڪرائي پوليس آفيسرن تي ٿورا بہ ڪندا آهن. تڏهن ئي تہ هڪ هاءِ پروفائيل ڌوهاري بڻجي ويل سردار جي پاءُ سکر جي هڪ اڳوڻي ايس ايس پي کي چيو هو تہ "ماڻهن کي ڇڏيو تہ پاڻ پنگ پرين باقي جيڪڏهن توهان سان ڪو (بدليءَ جو) مسئلو آهي تہ مان ڪوشش ڪريان." بعد ۾ ان ئي سردار جي روهڙي ۾ ويهاريل هڪ دوشيزه جي پيءُ کي جڏهن پوليس گرفتار ڪري ورتو هو تہ ڪجهہ يرغمالي بہ موٽي آيا هئا. ڌاڙيلن جون وڏنڌڙ ڪاروايون ڏسي معصوم ماڻهن جو من تہ وسامي ٿو پر هن معصوم مان جند ڇڏائي هو وڃن بہ تہ آخر ڪيڏانهن وڃن؟ ننڌڪي ۽ لاوارث بڻيل سنڌ ۾ اهي اهلڪار گهمن ٿا جن کي ڌاڙيلن سان ايتري انسيت آهي جو هو ان کي سٺي پيداور سمجهي پروموٽ ڪن ٿا. اهڙي حالت سرڪاري ڪرسي سندن آڏو رڪاوٽ بڻجي وڃي ٿي نہ تہ هو ڌاڙيلن سان ون ٽو ون ملاقاتن جو سلسلو بہ شروع ڪري ڏين. جڏهن اهو ممڪن نٿو رهي تہ پوءِ ڊائيٽينگ کي نظر ۾ نہ رکندڙ رئيسن جو پاسو وٺن ٿا.

ان سڄي ماجرا کان واقف ماڻهو ان وقت زير لب مسڪرائي وڃندا آهن، جڏهن هو اخبارن ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪرڻ جا سرڪاري اعلان پڙهندا آهن. ڇو تہ کين خبر هجي ٿي تہ پنهنجي پٽيل پوليس اهڙو ڪو بہ آپريشن ڪاميابيءَ سان ڪرڻ جي لائق نہ رهي آهي. باقي رينجرس ۽ فوج تہ ڌاڙيلن کي سدائين"پوليس ڪا معاملا" سمجهندي ٽاريندي رهي آهي. ڪجهہ پوليس عملدارن جوخيال آهي تہ هاڻي بہ ٻيهر سنڌ ۾ شايد اهو دور موٽڻ وارو آهي. جڏهن ڌاڙيلن خلاف آپريشن لاءِ فوج کي استعمال ڪيو وڃي. هي ڏينهون ڏينهن وڌندر اغوا جون وارداتون کين ان انديشي جي اڳواٽ تياري لڳن ٿيون.

# قمبر گولين جو کاچ ٻٽيل بنيادي جمهوريت!

قمبر ۾ پوليس جي وحشياڻي ڪاروائي جي ڪنهن کي بہ توقع نہ هئي. ڇو تہ احتجاج جو سلسلو ان ڏينهن کان هلندڙ هو جنهن ڏينهن قمبر ضلعي جي نالي ۾ سنڌ سرڪار تبديليءَ جو اعلان ڪيو هو. سنڌ سرڪار جي اهڙي اعلان تي شهري اربع ڏينهن کان ئي ڪاوڙيل هئا. جلوسن، ڌرڻن، ٽائرن ساڙڻ ۽ رڪاوٽون کڙيون ڪري احتجاجن روڊ بند ڪرڻ جو سلسلو هلندڙ هو. تنهنڪري اها ڪنهن کي بہ توقع نہ هئي تہ ٻن ڏينهن کان خاموش بيٺل پوليس اوچتو جمعي جهڙي پلاري ڏينهن جاڳي پوندي ۽ گرفتاريون شروع ڪندي، ڪٻڙي مقام واري چوراهي تان جڏهن پوليس هڪ مزدور وزير ميٽو کي گرفتار ڪري ويئي تہ ماڻهو مشتعل ٿي ويا. هڪ هوٽل جي مزدور جي ان گرفتاريءَ کي مشتعل ماڻهن ٿاڻي جي گهيراءُ جي دعوت سمجهي قبول ڪيو ۽ سمورا مشتعل شهري اتي گڏ ٿي ويا. شهر ۾ جيئن تہ هڙتال هئي، تنهنڪري جلوس ۾ هزارين ماڻهو شامل ٿي ويا. ڇو تہ ان کان اڳ ٽوڙو وقت اڳ ئي قمبر شهر جي 40 کان مٿي سياسي ۽ سماجي پارٽين گڏجي قمبر ضلعو بچايو جدوجهد ڪميٽي ٺاهي هئي، جنهن جي سڏ تي اناج منڊيءَ کان هزارين ماڻهن جو جلوس نڪتو هو. شهر جي اهڙي نازڪ حالت وارن ڪلاڪن دوران هڪ پورهيت جي گرفتاري ان عوامي طاقت کي چئلينج ڪرڻ برابر هئي. جيڪا سنڌ جي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب رحيم جي انهن بيانن تي اڳواٽ ئي ناراض ٻٽيل هئي، جن ۾ هن چيو هو تہ ”اسان کي احتجاجي تحريڪن کي ماٺ ڪرائڻ بہ اچي ٿو“ وڏي وزير جي اهڙن بيانن پوليس کي پنهنجي روايتي ”ڪرڙي اک“ ڏيکارڻ جي ڇڙ تہ کلي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي، اهو انهن اگرن بيانن جو ئي ڪمال هو. جو جنهن شهر ۾ ضلعي ٿيڻ جي خوشي ۾ مبارڪبادن وارا بينر لڳايا ويا هئا، ڪالهہ ان ئي شهر ۾ پتلا سڙي رهيا هئا.

قمبر ٿاڻي اڳيان گڏ ٿيل شهري ان پورهيت جي آزاديءَ جو مطالبو ڪري رهيا هئا. جنهن کي پوليس بظاهر بنا ڪنهن سبب جي گرفتار ڪري آئي هئي. ٿاڻي آڏو گڏ ٿيل هزارين مشتعل ماڻهن کي ٿڌو ڪري معاملو ٺارڻ بجاءِ لاڙڪاڻو پوليس جي ڪجهہ بدنام زمانہ عملدارن شهرين کي ويتر ڏمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون. ان وقت ڪو بہ سينئر پوليس عملدار ٿاڻي تي موجود نہ هو. جنهن ڪري هڪ سب انسپيڪٽر سطح جي عملدار ماڻهن جي ان هجوم مٿان فائرنگ جو حڪم ڏنو جنهن کي شايد ڊي پي او اهڙا زباني احڪامات ڏيئي ڇڏيا هئا. پوليس جي فائرنگ پوري شهر کي عملي طور جنگ جي ميدان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. نتيجي ۾ پوليس صرف بچائڻ ۾ پوري ٿي ويئي. هزارين ماڻهن مٿان جڏهن گولين ۽ آنسو گيس جا شيل هلايا ويا. تڏهن شهر جي هر گهٽيءَ ۾ ڀڄ ڊڪ شروع ٿي ويئي. قمبر ۾ جيئن ڪاڏ خوراڪ وارين شين جي کوٽ ٿي پئي هئي، تيئن ئي ايمبولنسن جي بہ کوٽ ٿي پئي.

لاڙڪاڻو رتوديرو ۽ ٻين شهرن کان ايمبولنسون آڻائي، مارجي ويلن توڙي زخمين کي اسپتال پهچايو ويو. اسپتال ۾ بہ سهولتن جي اڻاٺ سبب شديد زخمين کي لاڙڪاڻي اسپتال پهچايو ويو.

شهرين جي مارجي وڃڻ جي اطلاع کان پوءِ هزارين شهرين جو هجوم قمبر اسپتال اڳيان گڏ ٿي ويو جتي پوليس خلاف مسلسل نعريبازي ٿيندي رهي. ”سائين اسان ماڻهن جو هر رويو برداشت ڪيو پر جڏهن انهن ٽاڻن تي حملو ڪري مال خاني جا تالا ٽوڙڻ شروع ڪيا تہ اسان بہ ايڪشن ڪيو. ماڻهن بي ڪا واهہ ئي نہ ڇڏي.“ هڪ سينئر پوليس عملدار قمبر پهتل ڊي آءِ جي سکر ريجن کي ٻڌايو. پر پوليس جي اهڙي موقف کي شهري ڪوڙو قرار ڏيئي رهيا آهن. قمبر ۾ وقفي وقفي سان شهرين ۽ پوليس وچ ۾ ڇڪريون رات دير تائين هلنديون رهيون. قمبر ۾ لاڙڪاڻي پوليس جي اهڙي وحشياڻي ڪاروائي خلاف شهرين روڊن تي لاش رکي ڌرڻا هنياءِ جلوس ڪڍيا. قمبر شهر ۾ هر هنڌ دونهين جي بوءِ هئي. ڪٿي اها ٽائرن کي احتجاج طور ساڙڻ کان پوءِ اٿيل دونهين جي بوءِ هئي تہ ڪٿي وري پوليس جي شيلنگ کان پوءِ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي بوءِ قمبر واسين جي جسم ۾ اهي ٻئي دونهان زهر پريندا رهيا. اهو زهر غلط حڪومتي فيصلن خلاف احتجاج ۾ طاقت طور استعمال ٿي رهيو آهي. قمبر ۾ هر جاءِ هر چوڪ تي هڪ منفرد مزاحمت جو منظر سامهون پئي نظر آيو جنهن وقت پوليس ٽاڻي اڳيان گڏ ٿيل ماڻهن مٿان گوليون ۽ ڳوڙها گئس وسائي رهي هئي. ان وقت تعلقي ڪائونسل جو هنگامي اجلاس بہ هلي رهيو هو. تعلقي ڪائونسل قمبر جي ڪنوينر نوراحمد بروهيءَ جي صدارت ۾ سڏايل ان اجلاس ۾ تعلقي ناظم سردار خان چانڊيو بہ شريڪ هو. پوليس اٽالن تعلقي ڪائونسل اندر گهڙي نہ رڳو پيچ ڊاهہ ڪئي، پر اجلاس بہ ٽيڻ ڏنو. تعلقي ڪائونسل جي ميمبرن عتيق احمد شاهہ ۽ محمد فاروق اهڙي پوليس ڪاروائي کان چند منٽ پوءِ ٻڌايو تہ پوليس ڪين تعلقي ڪائونسل اندر يرغمال بڻائي رکيو ۽ سندن چرپر تي پابندي هنئي وئي.

صدر مشرف جي متعارف ڪرايل اقتدار جي هيٺين سطح تي منتقليءَ واري نظام جون قمبر ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڏڄيون اڏامندي نظر اچن ٿيون، جتي آئين ۽ قانون کي هڪ طرف رکي فقط پوليس راڄ قائم ڪيو ويو آهي. اهو عجيب اتفاق جمعي ڏينهن ئي ٿيڻو هو تہ پوليس هڪ طرفي تعلقي ڪائونسل قمبر کي اجلاس ڪرڻ نہ ڏنو ۽ ٻئي طرف ضلعي اسيمبلي لاڙڪاڻي جو اجلاس بہ نہ ڪرڻ ڏنو ويو. جنهن وقت قمبر ۾ پوليس ۽ ناظمن وچ ۾ تعلقي ڪائونسل هال ۾ ڇڪريون هلي رهيون هيون. ان وقت ئي ضلعي اسيمبلي هال لاڙڪاڻو پوليس جي گهيري هيٺ هو. جنهن جي مک گيٽ اڳيان اهي پوليس ۽ روينيو عملدار ناظمن کي هال اندر وڃڻ کان روڪي رهيا هئا. جيڪي ڪجهہ وقت اڳ تائين ان ساڳئي اسيمبلي هال اندر ناظمن اڳيان ڪٽهڙي ۾ بيٺل جوابدارن جيان سوالن جا جواب ڏيندا هئا. لاڙڪاڻو ضلعي اسيمبلي جو اهو خصوصي اجلاس جناح باغ چوڪ اڳيان وچ روڊ تي ڪنهن تماشي کان گهٽ نہ هو. جيڪو بہ ان تماشي جوئي ننڍڙو حصو هيو. جيڪو تماشو سنڌ سرڪار لاڙڪاڻي،

قمبر ۾ شهدادڪوٽ جي عوام سان مسلسل ڪري رهي آهي. قمبر ضلعي جي نالي جي تبديلي کي هتان جا ماڻهو پٺڪو پارائي، وري لاهڻ برابر سمجهن ٿا ۽ اهي ان ڪري بہ وڌيڪ مشتعل آهن، جو انهن سنڌ جي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم جي ان بيان کي چئلينج طور قبوليو آهي، جنهن ۾ هن ماڻهن جي اٿندڙ عوامي آواز کي سرڪاري ڏنڊي جي زور تي ماٺ ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي. قمبر ۾ ايم آر ڊي تحريڪ کان پوءِ هي پهريون ڀيرو آهي جو ان سطح جا مظاهرا ۽ جلوس ٿي رهيا آهن، جن کي پوليس جي جي نااهل آفيسرن جي حڪمت عملي سبب هاڻي سول نافرمانيءَ جا واقعا بہ چيو وڃي ٿو. قمبر جي هڪ سينئر سياسي ڪارڪن چيو. قمبر جي ماڻهن ۾ هڪ لحاظ کان ڪاوڙ تہ سي ايم هائوس مان جاري ٿيل اهڙي بيان تي بہ آهي، جنهن ۾ چيو ويو تہ قمبر ضلعو نواب شبير احمد جي چوڻ تي نہ ٺهيو هو ۽ ان ضلعي جو نئون نالو شهدادڪوٽ صلاحڪار سلطان کهاوڙ جي چوڻ تي رکيو ويو آهي. چو تہ شهدادڪوٽ ۾ ماڻهن جي احتجاج کي ماٺ ڪرائڻو هو. قمبر واسي نالن سان سياسي اڳواڻن کي ڪريڊٽ ڏيڻ ۽ کسڻ جهڙن بيانن تي بہ چڙيل آهن. شايد اهوئي سبب آهي جو حڪومتي ڌر ۾ شامل هوندي بہ نواب شبر احمد چانڊيو ۽ سندس ساٿي احتجاج ڪري رهيا آهن.

قمبر جا ماڻهو حيران آهن تہ سي ايم هائوس کان وٺي قمبر ٿاڻي تائين سنڌ سرڪار جي سوچ هڪ جهڙي ڇو آهي؟ نوان ضلعا عوامي خواهش ۽ عوامي امنگن موجب ٺاهيا ويندا آهن تہ جيئن عوام جي مشڪل ڪشائي ٿئي ۽ سندن مسئلا حل ٿين،پر قمبر واسي هن وقت سوڳ جهڙي ماحول ۾ سوچين ٿا تہ هي ڪهڙا فيصلا آهن، جيڪي کين خوشين بدران ماتم ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا. قمبر ۾ هڪ تہ هر طرف روڊن تي سڙيل ٽائر، سرن جا ٽوٽا، لٺيون ۽ آنسو گيس جا شيل پکڙيل آهن، تہ ٻي طرف قمبر واسين جي ڪاوڙ آهي. ان ڪاوڙ ۾ بہ ڪيئي سوال سمايل آهن، تہ نئين نظام تحت اقتدار هيٺين سطح تي منتقل ڪيو ويو آهي يا پوليس جو اهي گوليون منتقل ڪيون ويون آهن، جن کي ڪي بہ اکيون ناهن ۽ جيڪي ڏوهارين بجاءِ هاڻي شهرين مٿان وسي رهيون آهن. اهڙي ڪاروائي ۾ ملوث اهلڪارن کي شايد ئي اندازو هجي تہ انهن اهڙي عمل سان قمبر ۾ حڪومت لاءِ محبت نہ پر نفرت پکيڙي آهي. اهڙي نفرت جيڪا حڪومتون بہ لوڏي سگهندي آهي. عوامي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو ايترو اندازو شايد سنڌ حڪومت کي بہ نہ هو. تہ ڪوقمبر جا شهري ايتري انتها تائين وڃي سگهن ٿا. پوليس جي گولين جو ڪاج بڻيل قمبر جا معصوم شهري، جن کي هاڻي ”قمبر جا شهيد“ ڪري ياد ڪيو وڃي ٿو. تن جي قتل جي ايف آءِ آر ڪنهن تي ڪٽي وڃي؟ ان نئين نظام تي جنهن ۾ ناظمن، پوليس ۽ روينيو عملدارن اختيارن جي جنگ وڙهي وقت گذاريو يا سنڌ سرڪار جي هوڏ ۽ هٺ ڌرميءَ تي؟ قمبر ۾ اهي بہ چوٻول ٻڌا ويا تہ قمبر پهتل ڊي آءِ جي جي اڳيان سردار خان چانڊيو قمبر واسين جو قتل ڪيس ڊي پي او لاڙڪاڻو مٿان داخل ڪرڻ وارو موقف رکيو. ڇو تہ اهي پوليس جي بربريت جو شڪار ٿيا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ اهڙي ڪا ايف آءِ آر چند پوليس آفيسرن خلاف داخل ڪئي وڃي ، پر راڄوٽي سماج ۾

ڊيوٽي ڪندڙ پوليس آفيسر خون بخشرائڻ وارو هنر تہ هاڻي چڱي ريت سکي چڪا آهن. تي سگهي ٿو تہ اهي خون بہ بخشائجي وڃن. پر قمبر واسي هن ويندڙ سال ڊسمبر واري آخري جمعي کي ڪڏهن بہ وساري ڪونہ سگهندا، جنهن ۾ سندن شهر ڪرفيوءَ جهڙي صورتحال جو شڪار بڻايو ويو. پر ڳوٺ هني جا اهي  مائٽ تہ هن ڏينهن کي هرگز بہ وساري نہ سگهندا، ڇو تہ سندن 10 سالہ ٻالڪ فتاح تونيو سيني ۾ گولي لڳڻ سبب قتل ٿيو آهي. قمبر ۽ آسپاس جي عوام کي شايد اقتدار جي هيٺين سطح تي منتقليءَ وارو اهو تحفي طور مليل لاش هميشہ ياد ايندو رهندو!

# ڪيڏانهن ويندا ڏرتي ڏڪاٽا ؟

مبينا نجي جيلن مان نڪتل هارين کي ڪيمپن ۾ چار سال پورا ٿيا آهن. ته اهو سوال پڇي تيار ٿيو آهي ته اهي هاڻي ڪيمپن مان ڪيڏانهن ويندا؟
سم ۽ ڪلر ۾ گهيريل چونرن جا در ڏينگهرن ۽ لڪڙين سان ائين بند آهن. جيئن ڏڪار وارن ڏينهن ۾ ٿر جي ڳوٺن ۾ اڏيل چونرن جا دربند هوندا آهن. اڪثر چونرن ۾ ويٺل پوڙها به بک جون دانهون ڪري رهيا آهن. اها آهي هوسڙيءَ ڪان ٽي ڪلوميٽر اوپر طرف ڳوٺ مجنون چانگ پرسان قائم ڪيل بي زمين هارين وارين ڪيمپ، جيڪا مبينا طور نجي جيلن مان بازياب ڪرايل هارين جي مک ڪئيمپ چئي وڃي ٿي. ان ڪيمپ جو جيتوڻيڪ ڪو به باقاعدي نالو نه رکيو ويو آهي پر ان کي هارين واري ڪيمپ سڏيو وڃي ٿو. تازو مريم آباد ماتلي واري ڪيمپ مان لڏايل هارين کي به هوسڙي واري ڪيمپ ۾ آڻي ترسايو ويو آهي. ماتلي واري ڪيمپ عيسائي پادرين جي زمين تي قائم ٿيل هئي. جتي مذڪوره هاري ڏيڍ ڪن سال ترسيل هئا، پر هاڻي بنا ڪنهن بظاهر سبب جي ماتلي ڪيمپ جا سمورا هاري هوسڙي ڪيمپ منتقل ڪيا ويا آهن. ڳوٺ مجنون چانگ جي پرسان قائم ڪيل ڪيمپ جو سمورو انتظام هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (ايچ آر سي پي) جو سنڌ وارو اسپيشل ٽاسڪ فورس سنڀالي ٿو. ڪجھ سال پهريان اها ڪيمپ هارين سان پرپيل هوندي هئي، پر هاڻي به سؤ چونئرن واري ان ڪيمپ ۾ صرف ڏھ چونرا آباد آهن. ڪيمپ مان لڏي ويندڙن بابت هڪ پوڙهو هاري ميوو ڀيل جيڪو پنهنجي ڪراڙيءَ سميت چونري ۾ اڃان ويٺل آهي. تنهن چيو ته ”ماڻهو بک کان لڏي ويا آهن. اهي چون پيا ته بک ٿا مرون، وڃي ڪا مزدوري ڳولهيون گهڻا ماڻهو ته ٻين زميندارن وٽ ڪم ڪار لاءِ هليا ويا آهن.“ اهو جهونو هاري جيڪو پاڻ چار سال اڳ بقول سندس پنهنجي چئن ڀاتين سان گڏ ڊوڙاري مان ارباب غلام رحيم جي زمين تان ڀڄي آيو هو سو چوي ٿو ته ”ماتلي واري ڪيمپ ۾ امداد جام ملندي هئي پر هتي ته صفا ڏڪر لڳو پيو آهي.“ هوسڙي ڪيمپ ۾ هاڻ اڪثريت صرف ان راڻي ڀيل جي مائٽن جي رهي ٿي جنهن شروع ۾ اچي اها ڪيمپ قائم ڪئي هئي. بي زمين هارين جي هن ڪيمپ جي اهڙي انچارج کي خبر ناهي ڪهڙي سبب کان اهي هاري ”ڪامريڊ“ سڏين ٿا. اهو ”ڪامريڊ“ ئي انهن ڪيمپ واسين جو مئنيجر، انچارج، چڱو مڙس هجي ٿو. هوسڙي ڪيمپ ۾ ٻين کي ته اناج ۽ امداد جو انتظار رهي ٿو پر ان ڪيمپ ۾ راڻي ڀيل جي اها پوڙهي ماءُ مسمات سرو به رهي ٿي، جنهن کي هر وقت پنهنجي پٽ جي آزاد ٿي اچڻ جو اوسيئڙو رهي ٿو. ڪيمپ واسين موجب سندن ڪامريڊ راڻي ڀيل کي 8 مهينا اڳ ڪپرو پوليس گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو هو. ڪين اها خبر ناهي ته هو ڪهڙي ڏوھ ۾ جيل ڪاٽي رهيو آهي. راڻي ڀيل جي گرفتاري متعلق جڏهن ايچ آر سي پي جي علي

حسن کان پڇجي ٿو هو وراڻي ٿو تہ ”راڻي جي آزادي لاءِ باقاعدي ڪيس وڙهي سندن ضمانت ڪرائي ڇڏي آهي. پر هاڻي اسان وٽ گهربل پيسا يا ملڪيت جا ڪاغذناهن. جيڪي پيش ڪرڻ ڪانپوءِ هو آزاد ٿي سگهي.“ راڻو ڀيل مٿان داخل ٿيل ڪيس جي نوعيت بابت جڏهن علي حسن کان پڇجي ٿو تہ هو چوي ٿو تہ ”اهو سوال انهن کان پڇو جن توهان کي راڻي ڀيل جي گرفتاريءَ جو اطلاع ڏنو آهي.“ اهڙي طرح راڻي ڀيل مٿان داخل ڪيس مبهم ۽ مشڪوڪ ٿي بڻجي وڃي ٿو. هوسڙي ڪيمپ جا سمورا ماڻهو ايترا تہ بکيا يا امداد تي هيرايل آهن جو اسان جيئن ئي گاڏي سندن چونرن وچ ۾ بيهاري ڪانئن حال احوال پڇون ٿا تہ هو ”امداد ڪڏهن ملندي؟“ وارو سوال ڪن ٿا. جڏهن اسان لکڻ شروع ڪيون ٿا هو پنهنجي لڏي ويل مائٽن جا نالا بہ ان آسري ۾ لکرائڻ شروع ڪن ٿا تہ شايد اسان کين امداد ڏياريندا سين. پر هو اهو طعنو ڏين ٿا تہ ”لکي تہ گهڻا دفعا ويا آهيو پر ڏيو تہ اٽي جي لپ بہ ڪونہ ٿا. رڳو پنا ڪارا ڪري هليا ٿا وڃو.“ سندن ان طعني جهڙي سوال جو ظاهر آهي تہ اسان وٽ تہ ڪو جواب نہ ٿو هجي پر هو ٻڌائين ٿا تہ کين بہ بہ ڏينهن کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ٿو هجي. هو لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور آهن. پر پرسان واري ڳوٺ مجنون چانگ جو دڪاندار کين ڪجهہ سيڌو اڄان بہ قرض تي ڏئي ٿو. هو چون ٿا تہ شهر کان تمام پري وينا آهيون. ڪا مزدوري ڪونہ ٿي ملي. اڪثر ماڻهو بکن کان تنگ ٿي لڏي هليا ويا آهن. اسان وٽ تہ ڀاڙي جا اهي پنج روپيا بہ ناهن جو وڃي حيدرآباد پهچون. هو ڪجهہ حجابن سان اهو ٻڌائين ٿا بک کان تنگ ٿي هاڻي اسان جي ڪجهہ پوڙهين عورتن ۽ ٻارن پنڻ شروع ڪيو آهي. ميوو ڀيل پاران ڪيل اهڙي اظهار تي جڏهن ڪجهہ عورتون ڪيس ٽوڪين ٿيون تہ هو جذباتي ٿي چوي ٿو ”گذريل سال کان ڪان باقي ڇا ٿا ڪائو؟ ابا راڄن مان وڃي سير سفر ڪري پيٽ گذر ڪريون ٿا. هاڻ تہ سڄي دنيا کي خبر پئجي ويئي آهي تہ اسان جوڳين وارو قصو هلائي ڏنو آهي. بک ٿا مرون تہ ٻيو ڀلا ڇا ڪريون؟“ ان ڪيمپ ۾ هڪ ماستر منو ڀيل بہ رهي ٿو جيڪو چوي ٿو تہ ”مون کي انساني حقن وارن چيو تہ ٻار پڙهاءِ پگهار ملندءِ. پر ڇئن مهينن کان پگهار نہ ملي آهي.“ هو ٻڌائي ٿو تہ ” جڏهن ڪيمپ ۾ مڪمل آبادي هوندي هئي تہ سٺ ستر ٻار پڙهڻ ايندا هئا. هاڻي پنج ڇهہ ٻار مس اچن ٿا.“ ڪيمپ واسي ٻڌائين ٿا تہ کين آسرو ڏنو ويو هو تہ ڏهہ لک روپيا امداد ملندي. جنهن مان کين زمينون. روزگار ۽ پڪيون جايون ملنديون. پر هاڻي تہ ماڻهو بکن کان ڪيمپ ئي خالي ڪري ويا آهن. مڙئي ڪکن جي ڇانو ڪري وينا آهيون. زرعي زمينن تان پيڇي ايندڙ سمورين هارين جي سنڌ اندر گهڻوٽڻو مالڪي ايڇ آر سي پي ڪري ٿي. پر ان تنظيم وٽ بہ هارين جي مستقل رهائش ۽ روزگار جو ڪو بہ جوڳو بندوبست ناهي. ايڇ آر سي پي پاران هوسڙي ڪيمپ وٽ جيڪا ٿي ايڪڙ زمين هارين لاءِ مخصوص ڪئي ويئي آهي. تنهن زمين بابت پڻ متضاد رايا آهن. مرزا برادريءَ جي هڪ زميندار موجب اها سندس زمين ملڪيت آهي جيڪا خالي ڏسي ايڇ آر سي پي وارن قبضو ڪرايو آهي ۽ قبضو ورائڻ لاءِ هو عدالت ۾ ويندو. پر ايڇ آر سي پي جي علي حسن موجب ”ان زمين جا اسان وٽ

ڪاغذ موجود آهن. پلي ٽپيدار گهرائي ماپ ڪرايو. ان مرزا تہ خود اسان جي ادائي ايڪڙ تي قبضو ڪيو آهي.“ ”هن ڪيمپ ۾ چار نلڪا (هينڊ پمپ) بہ لڳل آهن ۽ هڪ ئي پٽر ۽ سيمينٽ سان پڪي جاءِ تعمير ٿيل آهي، جيڪا ايڇ آر سي پي جي آفيس سڏي وڃي ٿي. هارين جي هوسڙي ڪيمپ زرعي زمينن جي وچ ۾ آهي، جنهن ڪري سموري ڪيمپ هر وقت سم جي پاڻي ۾ پسيل رهي ٿي. ڪيمپ واسي پر وارن زميندارن تي الزام مڙهين ٿا تہ اهي چوڌاري پنهنجي ٻنين ۾ پاڻي ڇڏي ڪيمپ ۾ سم ۽ ڪلر وڌائين ٿا. جنهن ڪري رات جو مڇر بہ ڏاڍا ٿين ٿا ۽ ٻار بيمار تي پون ٿا. خوبصورت چونرا ٺاهي سوين هاري اچي هن ڪيمپ ڪي آباد ڪيو هو پر هاڻي اهي روزگار جي تلاش ۾ مختلف جڳهين تي هليا ويا آهن. جڏهن باقي بچيل ڪيمپ واسين کان پڇجي ٿو تہ هو آخر ڇو نٿا لڏي وڃن تہ هو چون ٿا تہ ”اسان جا ڪيس ڪورٽن ۾ هلي رهيا آهن. جيئن ئي ڪورٽن آزاد ڪيو اسان ڪيمپ خالي ڪري هليا ويندا سين. باقي هاڻي هن حالت ۾ ڪيڏانهن لڏي وڃون؟“ هارين کان خالي تہ ڪوٽڙي جي سڪندر آباد پرسان واري اها ڪيمپ بہ ٿي وئي آهي، جنهن کي دادو انتظاميا غير قانوني قبضو قرار ڏيئي ڇڏيو آهي، سڪندر آباد واري ان هاري ڪيمپ ۾ پيل ۽ ڪولهين کان وڌيڪ اهي ڪرسچين آباد آهن، جيڪي بظاهر هاري نہ پئي لڳا. ان ڪيمپ ۾ بہ سو جهوپڙيون اڏيل هيون ۽ جنهن ڏينهن اتي وياسين ان ڏينهن دادو انتظاميا ڪيمپ خالي ڪرائڻ لاءِ تنبيهہ ڏيڻ واسطي پهتل هئي، جنهن ڪري اڪثر ماڻهو سڪندر آباد وارن گهرن طرف سامان منتقل ڪري رهيا هئا. ان ڪيمپ جو انچارج ڪامريڊ پورا لعل ٻڌايو ويو. جيڪو بقول سردار مسيح جي گذريل ڪجهہ ڏينهن کان روپوش ٿيل آهي. هوسڙي ڪيمپ جي پيٽ ۾ سڪندر آباد واري ڪيمپ شهرن کي ويجهو ۽ جابلو علائقي ۾ اڏيل آهي. جنهن ڪري ڪيمپ واسي خوش نظر اچي رهيا هئا. ڪيمپ ۾ هڪ پيرسن اصغر مسيح ٻڌايو تہ سڪندر آباد ۾ 12 سالن کان مسواڙ جي جاءِ تي وينو هئس. پوءِ هتي اچي ويس، پرويز مسيح ۽ ٻين ٻڌايو تہ اسان بہ مسواڙ تي سڪندرآباد ۾ رهندا هئاسين . بعد ۾ پتو پيو تہ چوڌري آفتاب انساني حقن وارو پلاٽ ڏئي ٿو ان ڪري ڪيس درخواست ڏني سين ۽ هن ٽيهہ ٻاءِ پنجاهہ جو پلاٽ رهڻ لاءِ ڏنو. منهنجا چار پٽ آهن، چارئي فيڪٽري ۾ ڪم ڪن ٿا. هنن ڪيمپ خالي ڪرڻ متعلق ڇيو تہ اسان کي ويهاريو بہ چوڌري آفتاب آهي هاڻي ان جي ئي چوڻ تي اٿنداسين. ان ڪيمپ ۾ محمد انور جٽ بہ رهي ٿو جنهن کي بقول سندس چوڌري آفتاب ۽ ڪامريڊ پورا لال زمين ماپي ڏني. هاڻي هو چوي ٿو تہ اٿاريندا تہ وڃي مسواڙي جاءِ ۾ ترسنداسين. ان ئي ڪالونيءَ ۾ مقامي ڪورٽ جي ملازم پرويز مسيح، يونيورسٽي جي سوئيپر مقصود مسيح، ڪارپينٽر امانت مسيح، راز ۽ مستري يعقوب مسيح ۽ ايوب مسيح سميت ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن جون جڳهيون بہ قائم هيون جيڪي نہ تہ زرعي مزدور هئا ۽ نہ ئي هو ڪنهن نجي جيل مان بازياب ٿي آيل هئا. ان ڪالونيءَ ۾ ترتيب واري حساب سان بہ چرچ تعمير ڪرڻ لاءِ بہ جڳهہ مخصوص ڪيل هئي. ۽ ايڇ آر سي پي وارن جي آفيس تعمير ڪرڻ لاءِ بہ جڳهہ مخصوص

ڪيل هئي. هونئن تہ ڪالونيءَ ۾ ڪرسچين ماڻهن جي اڪثريت هئي، پر فيصل آبادڪان آيل هڪ ڪرسچين ملنگ بابا شريف ملنگ کي هڪ پلاٽ "في سبيل الله" ڏنل ٻڌايو پئي ويو. بابا شريف ملنگ پنهنجي باري ۾ ٻڌايو تہ هو فيصل آباد جي "دربار سچ ڪنڊ نوا بان والا دوسو بائيس اونچا مربہ" جي درگاه جي فقير بابا فقير يا ملست قلندر لڇبال پر نور نوشو سچيار گدي بابا مالن شاه سرڪار. . " جو ملنگ آهي. جڏهن ڪانئس عيسائين ۾ ملنگ هجڻ واري تصور بابت پڇيم تہ همراه ناراض ٿي چوڻ لڳو "مذهب تي نہ وڃو پنهنجي ڪم سان ڪم رکو." ان بابت شريف ملنگ پنهنجي باري ۾ وڌيڪ ٻڌايو تہ هن حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ 18 سال ويلڊنگ جو ڪم ڪيو آهي. گذريل پنجن سالن دوران ڪيس فقيري رنگ لڳو ۽ هو جڏهن ڪوٽڙي ۾ ڪائونسلر منشا وٽ گهمڻ آيو تہ ڪيس جڳهہ پسند اچي وئي ۽ منشا ڪائونسلر وٽ آفتاب ۽ نسرين بي بي اچي پاڻ جڳهہ چونڊي ڏني ۽ ترسڻ لاءِ چيو. هن چيو تہ اسان جو ڪنهن جي جهيڙي ۾ ڪجهہ نہ وڃي. باقي هن ڪالونيءَ تان سرڪار لڏرايو تہ سندس موج تي ويندي ڪيمپ جي بہ سو گهرن مان تمام ٿورا يعني ڏهہ پندرنهن گهر انهن پيل ۽ ڪولهي هارين جا هئا، جيڪي هاڻي دربدريءَ واري زندگيءَ گذاري رهيا آهن. ڪوٽڙي جي سڪندرآباد وٽ ايچ آر سي پي پاران بي زمين هارين جي نالي اڏيل ڪيمپ اصل ۾ سرڪاري زمين تي قائم ڪئي وئي هئي. دادو ضلعي انتظاميا جو چوڻ آهي تہ زمين خالي ڪرائڻ لاءِ آيل انتظامي اهلڪارن مٿان ڪيمپ واسين حملو بہ ڪيو هو.

مختلف ضلعي جي زميندارن جي زرعي زمينن تان اڳواٽ ڪنيل قرضن ڪان تنگ ٿي ڀڄي نڪتل هاري هاڻي هزارن جي تعداد ۾ ٻارن ٻچن سميت دربدريءَ واري زندگي گذارين ٿا. پر ڪوٽڙيءَجي بابا صلاح الدين واري مزار پرسان بچاءَ بند هيٺان قائم ٿيل وڏي ڪيمپ جا هاري ڪجهہ مطمئن آهن. ان ڪيمپ جو هڪ معمولي پڙهيل لکيل چنديرام ڪولهي ٻڌائي ٿو تہ هو 2 لک قرض تان ديهہ ڊاپي 206 وٽان زميندار محمد شريف راجپوت جي زمين تان ڀڄي آيا هئا ۽ هاڻي خوش آهن. شام جي پهر ۾ پنهنجي اولاد سان کيڏندي هو ٻڌائي ٿو تہ ڪيمپ واري زندگي ان ڪري ڀلي آهي جو هتي ڪنهن جا غلام تہ ناهيون. هاڻي اسان آزاد آهيون. مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪريون ٿا. ان ڪيمپ ۾ بہ ڀيل وڏي تعداد ۾ آهن ۽ ڪيمپ جو انچارج "ڪامريڊ" شامون ڀيل آهي . هو ان جي ئي اوطاق تي وڃڻ جو ڏس ڏين ٿا ۽ پاڻ گهٽ ڳالهائين ٿا. هو ڦٽيون چونڊڻ جو ڪم ڪري ٿو. جڏهن تہ سندس پيڻ پرسان واري مل ۾ ڪم ڪري ٿي، جنهن ڪري هو مطمئن زندگي گذارين ٿا، پر سندس ڪيمپ ۾ هرويرو سڀ مطمئن زندگي ڪونہ ٿا گذارين. ان ئي ڪيمپ ۾ سومار اوڏ بہ رهي ٿو جيڪو اوڌر/ قرض تي رات جي ماني پچائڻ لاءِ سيڌو ورتيون پئي آيو. سومار ٻڌايو تہ بيروزگاري ڏاڍي آهي. ملن ۽ ڪارخانن ۾ وڃون ٿا تہ اهي پنجن پنجن ڏهاڙن تائين ڪم وٺي وري نيڪالي ڏيئي ڇڏين ٿا ۽ پئسا بہ نٿا ڏين. هن چيو تہ مان اٺ مزدور وٺي ويس، سيني پنج ڏينهن گتي جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪيو، پر

هاڻي پئسا نٿا ڏين. زرعي شعبي سان لاڳاپيل هزارين هارين هارين جي زمينن تان بيدخليءَ کان پوءِ سندن مستقبل روزگار ۽ رهائش وارو سوال گذريل ڇئن سالن کان کان پوءِ گردش ۾ آهي، جيڪو جڏهن هارين کي مختلف مبينا نجي جيلن مان بازياب ڪرائيندڙ ايڇ آر سي پي جي نمائندي علي حسن کان پڇجي ٿو ته هو واضع لفظن ۾ چوي ٿو ته ”ڪنهن جي به پيهر آبادڪاري، روزگار يا رهائش جو ذمو ايڇ آر سي پي جو ناهي“ حقيقت ۾ اهو اهڙو سوال آهي ، جنهن جو جواب ٻڌائڻ جي پوزيشن ۾ ڪير به ناهي. هو چوي ٿو ته قانوني طور ايبوليشن ايڪٽ جي فقري 10 موجب اها ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي ذميواري آهي ته هو بيدخل ماڻهن جي بحالي ڪري، پر جڏهن رياست پنهنجي ذميواري پوري نٿي ڪري سگهي ته هڪ اين جي او اهو ڪم ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟ ڪٿان ايترا پئسا ايندا جو ماڻهن کي رهائش روزگار ڏيون؟ اسان ته کين غلاميءَ مان نجات ڏياريون ٿا ۽ عارضي طور ڪيمپن ۾ ترسايون ٿا. هن ايڇ آر سي پي مثان لڳندل هارين کي وڪرو ڪرڻ زمين تي قبضا ڪرڻ ۽ پيسا وٺي مخصوص زميندارن جا هاري ڀڄائڻ جهڙن سنگين الزامن جي سختيءَ سان ترديد ڪندي چيو ته ”توهان ڇا ٿا چاهيو مان توهان جي هر سوال جي موٽ ۾ اهو چوان ته اهو ڪوڙ آهي ، ڪوڙ آهي؟ مان سمجهي نٿو سگهان ته اهي الزام توهان ڪيئن پيا هڻو؟“ علي حسن پائي کي اهي ڳالهيون سمجهه ۾ نه اينديون هجن. پر حالتن پيل ۽ ڪولهين جي هزارين ماڻهن کان اباڻا ڏنڌا ڇڏرائي انهن مان ڪيترن ئي کي پنڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هو نون زمانن جا اهي ڇپسي ٻڌجي پيا آهن، جن کي پنهنجي سڀاڻي جو به يقين ناهي ته هو ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندا، ڇا سندن قسمتن ۾ شاهراهن تي پنڻ ئي لکجي ويو آهي؟

# ”ڪيمپن جا هاري سياسي جلسن ۾ ڪيئن ٿا پهچن“

حيدرآباد ۾ پرياسي ۾ ايچ آر سي پي جو ڪو جلسو جلوس ۾ بک هڙتال هجي يا ڪابي ٻي ڪا ڌرجي پارٽين جا عوامي ميڙ، اوهان کي اهي پيل ۾ ڪولهي عورتون ۾ مرد وڏي تعداد ۾ تاڙيون وڄائيندي نظر ايندا. زمينن تان بيدخل ٿيل هارين جي عورتن جون نراليون پوشاڪون ميڊيا جي ڪيمرائن کي پاڻ ڏانهن شايد وڌيڪ ڇڪين ٿيون. جنهن ڪري ان عام رواجي جلسن، جلوسن جا فوٽو به وڏي ڪوريج سان لڳي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ايچ آر سي پي جا مقامي توري مرڪزي عهديدار بار بار ان الزام جي ترديد ڪندا رهندا آهن ته هو ڪا سياسي پارٽي ناهن يا پنهنجا تڪ جوڙڻ طرف ڪونه وڃي رهيا آهن. پر هر پيري پنهنجي پروگرامن جو سٺاءُ هو اهڙي طريقي رکن ٿا جنهن ۾ ڪيمپن جي هارين جو عددي انگ وڌيڪ هجي ٿو. سندن نقاد اهڙن اجتماعن کي ”عوامي دٻاءُ“ جوڙڻ جو مرحلو قرار ڏيئي رهيا آهن. ڪيمپن اندر وينل هارين کان معلوم ٿيو ته ڪوبه پروگرام ٿيندو آهي ته انساني حقن واري ڪميشن جو چوڌري آفتاب کين گاڏين ۾ بنا ڀاڙي سوار ڪري پروگرام واري هنڌ پهچائي ويندو آهي. جيڪڏهن اهڙن پروگرامن ۾ رات پئجي ويندي آهي ته پروگرام منعقد ڪرائيندڙن پاران کين ماني به کارائي ويندي آهي. باقي هنن ان ڳالهه کان انڪار ڪيو ته کين ڪو پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ جا پئسا ملندا آهن. ايچ آر سي پي جي سنڌ واري اسپيشل ٽاسڪ فورس جي نمائندن سان ان موضوع تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ سندن موقف اهو هو ته هو پنهنجي مرضيءَ موجب ڪنهن به جلسي جلوس ۾ وڃي سگهن ٿا ۽ اها سندن مرضي ۽ حق آهي ته هو ڪنهن پروگرام ۾ شرڪت ڪن ٿا يا نه. جڏهن ته ڪيمپ جي هارين جو چوڻ هو ته هو چوڌري آفتاب جي چوڻ ڪانسواءِ ڪنهن به پروگرام ۾ نه ويندا آهن. ايچ آر سي پي جي نمائندن جي اها ڳالهه مڃجي به ڪٿي ته ڪيمپن جا هاري پنهنجي سياسي شعور تحت پروگرامن ۾ وڃڻ جي آزادي سان چونڊ ڪن ٿا پر ننڊڙڪي ٻڌيل انهن هارين جي سياسي شعور جي خبر تڏهن پوي ٿي، جڏهن هو ڳالهين دوران ايچ آر سي پي جي عاصمه جهانگير کي اڃان به آصفه گهانگهير ۽ نسرين شڪيل کي نسيم بي بي سمجهن ۽ سڏين ٿا. سوال ٿو پيدا ٿئي ته انهن کي جڏهن سندن حقن لاءِ وڙهندڙ ماڻهن جي به درست خبر ناهي ته هو سياسي ماڻهن کي ڇا سمجهي سگهندا هوندا؟

# ”جنيوا ڪانفرنس ۾ بي زمين هاري“

هلندڙ سال جي ڊسمبر مهيني ۾ انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن (آءِ ايل او) پاران جنيوا ۾ جبري پورهئي جي موضوع تي گهڻ ملڪي ڪانفرنس ٿي رهي آهي، جنهن ۾ نيپال هندستان ۽ پاڪستان اندر جبري پورهيو گهٽائڻ يا ان جي خاتمي متعلق بحث ڪيو ويندو. ان ڪانفرنس ۾ آءِ ايل او پاران سنڌ جي انهن بي زمين هارين متعلق پڻ ڊرافٽ تيار ڪرايو ويو آهي، جيڪي مختلف زميندارن وٽ جبري پورهيو ڪرڻ تي مجبور هئا ۽ هاڻ ڪيمپن ۾ ڪسمپرسي واري زندگي گذاري رهيا آهن. آءِ ايل او پاران جبري پورهئي جي ستايل ماڻهن جا انگ اکر گڏ ڪرڻ واسطي ڪجهه مهينا اڳ ئي ڪم شروع ڪيو ويو هو. آءِ ايل او کي بي زمين هارين بابت انگ اکر گڏ ڪري ڏيندڙ هڪ اين جي او جي سربراهه ڊاڪٽر علي ارسلان سان جڏهن ان موضوع تي ڳالهايو ويو ته هن ٻڌايو ته آءِ ايل او ڪيمپن ۾ ڪسمپرسيءَ وارين حالتن ۾ گذاريندڙ هارين جي ڀيهر بحاليءَ واسطي هڪ پراجيڪٽ شروع ڪرڻ چاهي ٿي، ان ڏس ۾ سهڪار حاصل ڪرڻ خاطر آءِ ايل او وارا حڪومت پاڪستان ۽ سنڌ سرڪار سان ڳالهائڻ چاهين ٿا ۽ ان ڏس ۾ هنن ٻنهي حڪومتن سان شروعاتي لکپڙهه به شروع ڪري ڏني آهي. هن ڪيمپن ۾ هارين جي زندگي بابت ڪيل پنهنجي اسٽڊي کي ڳجهو رکندي چيو ته اها صرف آءِ ايل او وارن لاءِ ڪيل آهي. ان ڪري ان اسٽڊيءَ مان حاصل ڪيل نتيجا توهان کي في الحال ٻڌائي نٿا سگهجن، پر ايترو ضرور ٻڌائي سگهجي ٿو ته ڪيمپن جا اڪثر ماڻهو پرپاسي وارن شهرن ۾ مزدوريون ڪري پيٽ پالين ٿا. جڏهن ته سروي دوران ڪجهه ماڻهن اهو ميجيو ته روزگار نه هجڻ ڪري هو شهرن مان پني پنهنجو پيٽ گذر ڪن ٿا. هن چيو ته ڪيمپن جي اڪثر ماڻهن جو اهو دهرايل مطالبو هو ته جيئن ته هو زرعي مزدور آهن ان ڪري سرڪار کين ٻئي هنڌ زمينون ڏيئي آباد ڪري ۽ هو واپس انهن زميندارن ڏانهن نه ويندا، جن جي ظلمن کان تنگ ٿي هو ڀڄي نڪتا هئا. ڊاڪٽر علي ارسلان هارين جون ڪيمپون سنڀاليندڙ اين جي او ايڇ آر سي پي کي مشورو ڏنو ته هو انهن هارين کي تنظيم ڪاري سيکارين ته جيئن هو پنهنجا حق سڃاڻي پاڻ انهن لاءِ جدوجهد شروع ڪن. زرعي زمينن تان بيدخل ٿيل انهن هارين جي ڀيهر بحالي هاڻي هڪ اهم مسئلو بڻجندي پئي وڃي. ڇو ته لوئر سنڌ جا اڪثر زميندار هاڻي ڀيلن، ڪولهين ۽ ڪرسچن هارين کي پنهنجي زمينن تان مزدوريءَ کان کتو جواب ڏيئي ڇڏين ٿا جڏهن ته جهڏو، نئون ڪوٽ ۽ عمرڪوٽ واري پاسي زميندارن پاران مشينن ذريعي ڪيڙي ۽ ڪيتي ڪرڻ جا تجربا ڪيا پيا وڃن ته جيئن مزدور رکڻ جي وٿن ڪا گنجائش نه بچي. ٻئي طرف ٿر مان وسڪارو ٿيڻ کان پوءِ واپس ويل ڪجهه ڀيل ۽ ڪولهي هارين کي ڪوبه زميندار زمين ۾ ڪو واپاري ٻج ڏيڻ لاءِ تيار نه هو ته جيئن هو پوکي ڪري سگهن. اهڙي صورتحال کان پوءِ هارين متعلق اهڙو پينڊورا باڪس کلي ويو آهي جيڪو سميٽڻ هاڻي ”شايد ڪنهن جي به وس ۾ نه هجي پر ان سموري مامري تي حڪومت حيران ڪندڙ حد تائين خاموش تماشائي بڻيل آهي.“

# ڪالاباغ ڊيم ۽ افواهن جي بازار جون نيون ٿيوريز

انهن ڏينهن چيف منسٽر هائوس جي مک دروزاي اڳيان گذرندي اها اخباري ترديد ياد اچي ويئي ، جيڪا ان ئي هائوس جي هڪ ترجمان جاري ڪئي هئي. ان ترديد ۾ اصل خبر بہ سمايل هئي تہ سنڌ جي وڏي وزير ڪنهن بہ نجومي جون خدمتون 2 لک روپين ۾ حاصل نہ ڪيون آهن. جنهن نابين شخص کي اخبارن نجومي ڄاڻايو آهي سو دراصل گهوٽڪي جي نابينن واري ايسوسيئيشن جو صدر هو. پر ان ترديد ڇپجڻ کان پوءِ ڇا اهو اميج بدليو آهي تہ سنڌ جو چيف منسٽر ئي اصل ۾ صوبي جو چيف ايگزيڪيٽو آهي. ڪراچي جي وڏين هوٽلن لاءِ مخصوص ان ٽيڪسي ڊرائيور جي ڳالهہ بعد ۾ ٿا ڪريون، پهريان وزيراعليٰ جي پنهنجي زباني اهي بيان ٿا ورجايون، جن جو حاصل مطلب اهوئي نڪتل هو تہ جڏهن ڪائنٽس صحافين ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان پڇي اهو بہ چيو تہ سنڌ جي قسمت جا فيصلا اوهان جي هٿن ۾ آهن تہ وزيراعليٰ اهوئي سچو ۽ کرو جواب ڏنو تہ ”ڪالاباغ ڊيم جو جڏهن اعلان ٿيو تہ موقف ڏينداسين. باقي سنڌ جي قسمت جا فيصلا رڳو منهنجي نہ پر ڪجهہ ٻين جي هٿن ۾ بہ آهن.“ اهو بيان انهن افواهن جي اڏام دوران اچي رهيو هو جڏهن سنڌ جو چيف منسٽر بدلائڻ واري ٿيوري ايتري گرم هئي جو صدرالدين شاهہ کان وٺي حميده کهڙو تائين منسٽرن ان جي ترديد ڪئي.

انهن ئي افواهن جي بازار جڏهن گرم هئي تہ آئون ڪراچيءَ جي اهڙي هوٽل طرف وڃي رهيو هئس، جيڪو چيف منسٽر هائوس جي پرسان آهي. ٽيڪسي ڊرائيور ان هائوس اڳيان گذرندي بنا پڇئي پنهنجو رايو ڏنو تہ ”آج ڪل ان ڪي پي نهين چل رهي، سارا ڪام گورنر هائوس سي چلتا هي، سارا حڪم گورنر ڪا چلتا هي“ ٽيڪسي ڊرائيور جي ڳالهہ ٻڌي ان ڪري بہ افسوس ٿيو جو هڪ عام غير سنڌي مزدور هڪ اهڙي چيف منسٽر لاءِ اگرو رايو پئي ڏئي، جنهن جي خواهش هئي تہ هو ڪجهہ اڳوڻن ”طاقتور“ وڏن وزيرن جهڙي هاڪ ويهاري پر ڇا ڪجي قسمتون ڪو نصابي ڪتاب جا سبق تہ ناهن، جن کي بدلائي ڇڏجي. قسمتون ايترو تہ ڪوهيڙن ۾ لڪل ٿين ٿيون، جن کي ڇنڊ ۽ ڏسڻ جهڙو بنائڻ لاءِ نجومين جو سهارو بہ وٺڻو پوي ٿو. اهو صرف ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم لاءِ مشهور نہ ٿيو آهي. (حالانڪہ ان جي ترديد بہ اچي چڪي آهي) پر ماضي جي وزيراعظم هوندي بہ بينظير ڀٽو سندس ور آصف زرداريءَ جا اهڙن مست ملنگ ماڻهن ڏانهن پنڌ هوندا هئا، جن جي ٿوڙي گهڻي اها مشهوري ٿيل هئي هو قسمت کي ڇنڊ ۽ واضع ڪري ٻڌائين ٿا. اهو مست ملنگ جهڏي جو هجي يا مڪليءَ جو پر حڪومتي خرچ تي انهن پيرين اگهاڙو گهمندڙ ملنگن جهاز جا سفر ڪيا. هڪڙو مست ملنگ اڄڪلهہ سينٽرل جيل ڪراچي ۾ قيد ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪو حڪمرانيءَ جو شوق رکندڙ ڀوتارن کي ايترو تہ پيارو ٿي پيو جو انهن ڪيس قيدي هوندي بہ عمرو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر قانوني پيچدگيون وچ ۾ اچي ويون. مون کي تہ ڪو اهڙو نجومي ڏسيو جنهن کان مان سنڌ جي قسمت بابت

پڇي سگهان تہ هن ڏرتيءَ جي دردن جو کو درمان بہ ٿيندو يا نہ؟“ هڪ جذباتي سياسي ڪارڪن اوڇتو رڙ ڪري ڪچهري کي سانت ۾ بدلائي ڇڏيو. اهڙي سانت جيڪا اسان جي سياسي وايو منڊل تي سالن کان ڇانيل آهي. سرديءَ جي طويل رات جو ڪو انت ٿئي ٿو. بيوفا محبوبا جي انتظار جي بہ ڪا پڄاڻي ٿئي ٿي،پر سنڌ جي سياسي وايو منڊل جي سانت ايتري طويل ڇو ٿيندي پئي وڃي؟ اهِڙي سانت کي ٽوڙڻ لاءِ ڪي قدم اڳتي وڌي وري رڪجي وڃن ٿا. هاڻي اهڙي سانت ٽوڙڻ جو زمانو تہ اچي ويو آهي پر ڏسجي تہ اڳرائي ڪير ٿو ڪري.

ٽن صوبائي اسيمبلين جي قراردادن ذريعي رد ٿيل منصوبي ڪالاباغ ڊيم لاءِ هاڻي جڏهن ”اتفاق راءِ“ جا نوان ڪپڙا سبرايا ويا آهن تہ سنڌ کي بہ پنهنجي سياسي شانت ٽوڙڻ جو موقعو ملي پيو آهي. سنڌ اندر پيپلز پارٽي کي عوامي پارٽي سمجهيو وڃي ٿو. پر ڪالاباغ ڊيم جي نئين سر اٿاريل مامري کي شروعاتي طور ان پارٽيءَ عوامي امنگن موجب نہ نڀايو. جنهن ڪري حڪومتي ايم پي ايز ڪالهوڪي ميڊيا ڪوريج ۾ وزيراعظم سان ملاقات ڪندڙ اپوزيشن ايم پي ايز لڳي رهيا هئا. سوليءَ سنڌيءَ ۾ جيڪو وزيراعظم ”ڪالاباغ ڊيم نہ کپي“ واري پوائنٽ تي بيٺل سنڌ کي ان ڊيم جا فائدا سمجهائڻ آيو. ان کي سمورا ايم پي ايز لياقت جتوئي ۽ ميان محمد سومرو جهڙا نہ مليا. محمد ميان سومري ۽ لياقت علي جتوئي لاءِ اهي بہ افواهہ پيا هلن تہ گذريل مڪاني چونڊن ۾ ڪين ضلعي ناظمين تہ ان ڪري بہ ڏنيون ويون تہ جيئن هو ڪالاباغ ڊيم جهڙن مامرن تي سنڌ اندر نام نهاد اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ مدد ڪندا رهن. اڪثر حڪومتي ايم پي ايز منجهان حقيقت ۾ گهٽ ماڻهن کي اهڙي توقع نہ هئي تہ ڪو ان سطح جي فورم تي هو اگرچہ مگرچہ کان سواءِ ڪليل نموني ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪندا. حڪومتي ايم پي ايز جو ان قسم جو جذبو ڏسي هاڻي ماڻهن اها توقع ڪرڻ شروع ڪئي آهي تہ ڪرو ۽ گهرو ڳالهائيندڙ وزيراعليٰ ارباب رحيم بہ ڪنهن اهڙي فورم تي اها ڳالهہ واضع ڪندو تہ سنڌ حڪومت ڪالاباغ ڊيم جي خلاف آهي. حياتيءَ جا خفا لاتعداد ۽ حياتيءَ جي ڪا پڪ بہ نہ هجي تہ ڪٿي ڪنهن موڙ تي حياتيءَ جي شام ٿيندي. اها شام ڪٿي ڪٿي بہ ٿئي، پر اهو تہ پختو ويساهہ هوندو تہ منهنجو فيصلو اهوئي هو جيڪو منهنجي ماڻهن جو هو. وقت جي حڪومت ۽ اسان جي ملڪ ۾ هلندڙ نظام واري حڪومت ڪجهہ بہ ڪري ان تي ميار نہ هوندي آهي، ڇو تہ اها عوام ڏانهن گهٽ پر ان ڪرنل جرنل ڏانهن وڌيڪ جوابده هجي ٿي، جنهن جي مهربانين سان اها حڪومت هلي پئي ٿي. پر اپوزيشن ۾ هوندي بہ پ پ جهڙين پارٽين تي ميارون اچي وڃن ٿيون، ڇو تہ هو عوامي نمائندگيءَ جي دعويٰ ڪندي رهي ٿي.

سنڌ اندر ڪالاباغ ڊيم جي راهہ هموار ڪرڻ لاءِ ايندڙ وزيراعظم کي پيپلز پارٽيءَ ڪهڙي موٽ ڏني؟ ڇا اهڙين حڪومتن عملين لاءِ صرف اسيمبليءَ فلور ڪافي هو؟ جيڪا پ پ اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو مٿان مڙهيل ڪيسن مان هڪ ڪيس ختم ٿيڻ جي مناهون ورهائي جلوس ڪڍي

سگھي ٿي. سا پ پ وزيراعظم جي موجودگيءَ دوران ڪراچي ۾ ڪو هڪ بہ مظاهرو نٿي ڪري سگھي. جنهن سان اهو نياپو واضع ٿئي ٿو حڪمرانن ڪڏهن بہ کھڙي روپ ۾ اچي جڏهن ڪالاباغ ڊيم جي ڳالهہ ڪندا تہ انهن کي موٽ سنڌين واري ملندي پيپلز پارٽي کي ان طرف ضرور سوچڻ گھرجي تہ حڪمرانن جي نئين سر اٿاريل ڪالاباغ ڊيم واري مامري جي ڪيئن ڀرپور مخالفت ڪجي؟

ٿي سگھي ٿو ڪراچي ۾ هلندڙ ان ٿيوريءَ ۾ ڪو وزن بہ هجي تہ سنڌ اندر ايندڙ اليڪشن دوران مسلم ليگ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪالاباغ ڊيم جو اشو ٽيهر اٿاريو ويو آهي. هونئن تہ ان ٿيوريءَ کي غلط سمجھيو وڃي ٿو. پر ٿي سگھي ٿو اهڙي ڪا حڪومت عملي ناهي بہ هجي تہ پوءِ ڪالاباغ ڊيم جي جڏهن ڄام مدد کليل نموني مخالفت ڪندو تہ ان جي مقابلي ۾ پ پ اميدوار ڪيترا ووٽ کٽي سگھندو؟ اها ٿيوري ڀلي تہ کٽي ڪنهن ڌر جي خوشفهمي ڇو نہ هجي، پر سياسي وايومنڊل سڀني جي سوچڻ لاءِ کليل آهي. ڪالاباغ ڊيم جي ڀرپور مخالفت ئي ايندڙ اليڪشن ۾ ڪاميابيءَ جي ضمانت کٽي ڏسجي تہ اقتداري راند کيڏندڙ سنڌ سان وابستہ پوتارن ان مامري کي ڪيئن ٿا موٽ ڏين. پاڪستان جي هڪ چئنل تان ”آج ڪامران خان کي ساته“ گذريل ڏينهن ڪالاباغ ڊيم تي تجزيو شامل ڪيو ويو. ان تجزئي لاءِ ساڳئي گروپ جي اخبار ”دي نيوز“ لاهور جي ايڊيٽر سليم بخاري کي فون ڪئي وئي. سليم بخاري صدر پرويز مشرف کي مشورو ڏنو هو تہ هو ڪالاباغ ڊيم جو اعلان ڪري ڇو تہ ڪا بہ سويلين حڪومت اهڙي غير معروف ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي، صوبن جا اعتراض اجايا آهن. سليم بخاري جي ڳالهين مان انهن فنڊز جاري ٿيڻ جو اشارو مليو. جيڪي ڊيم جي راهہ هموار ڪرڻ لاءِ جاري ٿيڻا هئا. اهڙي تعصب واري ميڊيا کي سنڌي ماڻهو ڪيترو افورڊ ڪندو؟

# چمڪي تي بندوق ۽ سنڌ پوليس جو مورال

هونئن تہ عدالت ۾ روزانو الاءِ ڪيتريون پٽيشنون داخل ٿينديون رهن ٿيون، پر سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 50 پوليس آفيسرن پاران داخل ڪرايل آئيني پٽيشن سنڌ حڪومت لاءِ هڪ ڌماڪيدار خبر هئي. اهڙي ڌماڪي کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت اهڙا قدم کڻڻ لڳي، جڻ تہ صوبي جي پوليس خدانخواستہ ڪنهن بغاوت جو اعلان ڪيو هجي. ان آئيني پٽيشن ۾ مختلف چيف منسٽرن پاران پنهنجي من پسند پوليس عملدارن کي آئوٽ آف ٽرن پروموشن ڏيڻ واري سرڪاري روايت ۽ اختيارن کي چئلينج ڪيو ويو آهي. پوليس عملدارن جي اها پٽيشن خبر تہ هونئن بہ ٻڌجي ها. پر اها شايد ايتري ڪوريج نہ وٺي سگهي ها. جيڪڏهن ان پٽيشن ۾ انهن ايس ايس پيز جا نالا شامل نہ هجن ها، جيڪي سنڌ اندر پنهنجي مخصوص سڃاڻپ رکن ٿا. ان ڪان بہ ڪجهہ سال اڳ تائين ڪين ايماندار پوليس عملدار سمجهيو ويندو هو. هي اهي ايس پي هوندا هئا، جن جي ڪراچي حيدرآباد کان ٻاهر جنهن بہ ضلعي ۾ پوسٽنگ ٿي ماڻهن ڪين پليڪار ڪيو ۽ جڏهن بہ سندن بدلي ٿي انهن ضلعن ۾ احتجاجي مظاهرا، ڌرڻا ۽ هڙتالون بہ ٿيون. پر اهو منطق ڪير سمجهي نہ سگهيو تہ جڏهن انهن جي ڪراچي حيدرآباد ۾ پوسٽنگ ٿي تہ سندن ايمانداريءَ جا چرچا ايترا عام ڇو نہ ٿي سگهيا.

آئوٽ آف ٽرن پروموشن کي چئلينج ڪندڙ 50 پوليس عملدارن ۾ 30 جي لڳ ڀڳ ايس ايس پيز شامل آهن، جن ۾ ايماندار ۽ غير ايماندار سڀ موجود آهن. ان پٽيشن داخل ڪرڻ تان بگڙجي سنڌ حڪومت جيڪو ردعمل ظاهر ڪيو، ان کي اجا تائين ٻاراڻو عمل يا ”چمڪي تي بندوق“ سمجهيو وڃي ٿو. وفاقي گهرو ڪاتي جي سيڪشن آفيسر جو حوالو ڏئي بشير ميمڻ، غلام نبي ميمڻ، امير شيخ ۽ عبدالخالق شيخ کي هڪدم ايس ائنڊ جي رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اها تہ پلائي ڪي ٿي اين وارن پوليس عملدارن مٿان ڪئي، جن وفاقي گهرو ڪاتي جي وزير آفتاب شيرپائو سان ڳالهائي اهو نوٽيفيڪشن جعلي هجڻ جي تصديق ڪرائي. ”يزداني نالي، ڪوبہ سيڪشن آفيسر اسان وٽ ناهي. اهو ليٽر جاري ڪين ٿيو“ آفتاب شيرپائو ڪراچي جي ڪامورن کي فون تي ڪڙڪايو. نوٽيفيڪشن جاري ٿيو يا نہ پر الزام ڪهڙا آهن؟ سنڌ جي تمام سينئر پوليس علمدار کان پڇيل ان سوال جي موٽ ۾ جيڪي جواب مليا، سي مختصر سهي، پر غور ڪرڻ جهڙا آهن. الزام نمبر پهريون بشير ميمڻ شهدادپور جي آس پاس زمينداري ٿو ڪري اڳتي هلي سياست ڪندو. الزام نمبر ٻيو غلام نبي ميمڻ بدين ضلعي ۾ پيٽرول پمپ هلائي ٿو. الزام نمبر ٽيون امير شيخ شاهراهہ فيصل تي هلندڙ ڪجهہ پيٽرول پمپن جو مالڪ آهي. الزام نمبر چوٿون عبدالخالق شيخ قمبر ۾ پيٽرول پمپ لڳائڻ جو سوچي ٿو. ”اهي الزام ٻڌي ڪل ٿي اچي. . . “ منهنجي ان جملي کي اڌ ۾ روڪيندي ايس پيز جي گروپ ليڊر

چيو. ”جيتري توهان کي کل اچي ٿي ايترو مونکي روئڻ ٿو اچي. چو تہ هنن کي گائيڊ ڪرڻ وارو ٻيو ڪونہ پر اسان جو پنهنجو ثناءالله عباسي آهي. عباسي اسان جي گروپ خلاف اڳڪلهہ پوپان پئجي ويو آهي. ايس پيز جي پٽيشنر گروپ ۾ شامل سينئر پوليس عملدارن جو چوڻ هو تہ ايس ايس پيز کي هٽائڻ وارو جعلي نوٽيفيڪشين بہ ثناءالله جاري ڪرايو ۽ اهڙي نوٽيفيڪشين جي خبر خانگي ٽي وي چئنل تان ان دوست ذريعي هلرائي، جيڪو محافظ بڻجي اڳڪلهہ عباسيءَ سان ناشتو ۾ مانجهاندو بہ گڏ ٿو ڪري. خبر ناهي هو دوستن جي پٺيان ڇو هٿ ڌوئي پيو آهي.“ هڪ پٽيشنر ايس ايس پي ٻڌايو. هو ثناءالله عباسي خلاف ايتري غصي ۾ هئا، جو هنن ان انڪوائري ڪميٽي آڏو بيان ڏيڻ کان بہ انڪار ڪيو جنهن جو ثناءالله عباسي ميمبر هوندو. ”شڪارپور ۾ عابد جتوئي سان تڪرار رپورٽ ٿيو تہ اهو بہ رپورٽ ٿئي ها تہ ڪيئن نہ هن مشتاق شاهہ سان گڏجي عابد جتوئي کان سندس گهر وڃي، معافي ورتي“ عباسيءَ کان ڪاوڙيل ماضيءَ جي ايماندار گروپ جي ايس ايس پيز جي ڪاوڙ ۾ چيل جملن کي آئون ٻڌندو رهيس ۽ صرف ايترو ئي چئي سگهيس.

ڪير ڪٽي سامهون مڃي نہ مڃي، پر پوليس عملدارن جي آئوٽ آف ٽرن پروموشنز کي رد ڪرائڻ واري پٽيشن پوليس آفيسرن کي ٻن گروپن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. جنهن مان هڪ گروپ جي نمائندگي بشير ميمڻ ۽ ٻئي گروپ جي نمائندگي منظور مغل ٿو ڪري، اهو عجيب اتفاق ٿي پيو آهي تہ پاڻ مٿان آيل مصيبتن وارن ڏينهن سميت هميشہ بشير ميمڻ جي پاسي ۾ رهندڙ ثناءالله عباسي هن ڀيري نہ چاهيندي بہ منظور مغل واري گروپ ۾ ڳڻجي ٿو. حالتن ۽ وقت جو ڦيڙو انسان ۾ عجيب تبديلي آڻي ڇڏي ٿو. جيڪڏهن پنهنجي جوانيءَ ۾ مهاڏيش دروهي سمجهيو ويندڙ سنڌ جو پلوڙ شاعر شيخ اياز بہ پيرسنيءَ ۾ اچي دعائون لکڻ لڳي ٿو تہ هن فقير پوليس واري عباسيءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ آخر ڪنهن کي ڪٿي نہ ڪٿي تہ مٿو ٽيڪڻو پوي ٿو.

ڪجهہ سال اڳ تائين سنڌ اندر جيڪو ايماندار ايس پيز جو چرچو هليو تہ محرومين جي ماريل ۽ ذلت واري زندگي گذاريندڙ مخلوق انهن کي مسيحا سمجهي حد کان وڌيڪ اميدون ڪرڻ لڳي. ڪجهہ ماڻهن تہ ان ڪراڙي ڪامريڊ جي خواب کي ساڀيان ٿيندي ڏٺو تہ سمورن ضلعن ۾ اهڙا ايس پيز اچي آڇيي جو اعلان ڪندا. انهن اميدن جي اپريل طوفان ۾ ماڻهو بشير ميمڻ ۽ سندس گروپ کي سنڌ پوليس جا منگل پانڊي سمجهڻ لڳا. انگريزن جي غلاميءَ واري دور 1857ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جيڪا فوج انڊيا ۾ ڀرتي ڪئي. ان افغانستان ۾ بہ وڃي گورن جو دفاع ڪيو پر جڏهن سوئر ۽ ڳئون جي چربيءَ وارو ڪارتوس ميدان تي آيو تہ ان انڊيا جي ناراض سپاهين منجهان هڪڙو منگل پانڊي تيار ڪيو. جنهن ڪمپنيءَ جي فوج کي ساڙي خاڪ ڪرڻ جو اعلان ڪيو. سپاهين جي اها بغاوت ڪچلي وئي منگل پانڊي اڪيلي سر معافي وٺڻ کان انڪار ڪندي ڦاهي چڙهي ويو. پر گورن لاءِ پٺيان هڪ ٻاهہ ٻري ويو. جنهن ايسٽ انڊيا ڪمپني کي هندستان مان ٽپڙ ويڙهڻ تي مجبور ڪيو پر اسان

سنڌ پوليس جي چند عملدارن مان اهڙي توقع هروڀرو ڇو ڪريون؟ سنڌي ماڻهو هزارين سالن جي ذلت واري سفر کان پوءِ محرومين جي اهڙي موڙ تي بيٺل آهي، جتي ڪو ايماندار ايس پي به ڪين اسٽيبلشمينٽ کان ناراض باغي سپاهي لڳي ٿو. پر حقيقتون اهڙين اميدن جي ڪجهه ابتڙ ٿين ٿيون.

آئوٽ آف ٽرن پروموشنز کي عدالت ۾ چئلينج ڪندڙ پوليس عملدارن مٿان پوليس مورال ڊائون ڪرڻ جو به الزام آهي. اهو ته وقت جي حڪمرانن کي پاڻ سوچڻ گهرجي ته هڪ انسپيڪٽر سطح جي ماڻهو کي بي تحاشا ترقيون ڏئي آءِ جي ۽ ڊي آءِ جي سطح جي ڪرسين تي ويهاريندئو ته اهڙا حڪم چئلينج ته ٿيندا رهندا. حڪمرانن جي اهڙن حڪمن کي چند آفيسر ئي نه پر سنڌ پوليس جا 90 هزار سپاهي ڪيئن ٿا ڏسن. اهو به جاچڻ گهرجي سرد راتين ۾ به صاحب لوڪن کي فل پروٽوڪول ڏيندڙ سپاهي جي ترقي ميرٽ تي ٿيڻ کپي يا خوشامد تحت؟ اهو عدالت ضرور طئي ڪندي؟ جيئن سپاٽي ترقي جي لالچ ۾ انسپيڪٽر سطح جي عملدارن کي صاحب لوڪن جون عجيب فرمائشون پوريون ڪرڻ جي ضرورت پيش نه اچي.

# ليڪڪن مان انقلاب جو رومانس ختم ٿي ويو آهي : نورالهديٰ شاه

سوال: هاڻي ان ننڍڙي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسندي ڪيئن ٿا محسوس ڪريو. جنهن ڪي مشهور ليکڪا ٿيڻ تائين ڊگهو سفر ڪرڻو پيو. ان سفر ۾ ڪي ڏکيائون ۽ مخالفتون جن سان توهان کي منهن ڏيڻو پيو هجي؟

جواب: مون لکڻ وارو ڪم ننڍپڻ ۾ شروع ڪيو منهنجو ننڍپڻ لاهور ۾ گذريو آهي, جتي مائٽن جو اڪيلو ٻار هجڻ ڪري اڪيلائپ ۾ ئي ننڍپڻ گذريو. منهنجي اڪيلائپ ۽ شين کي تصور ۾ آڻڻ واري سگهه ئي مونکي ليکڪا بڻايو. مان پنهنجي تصوراتي ڪردارن سان ڪيڏندي هيس. منهنجو والد جيتوڻيڪ مذهبي ماڻهو آهي پر ان مون کي ڪڏهن به روايتي راڻين ۽ بادشاهن وارا قصا ڪونه ٻڌايا. هن هميشه حقيقي ۽ تاريخي ڪردارن بابت ڪهاڻيون ٻڌايون. جڏهن ته منهنجي ماءُ جي به سنڌي سٺي آهي. جڏهن اسان لاهور هوندا هئاسين ته هوءَ اڪثر پنهنجي والد جي شاعري ڳائي ٻڌائيندي هئي. اها پنهنجي مائٽن, ڳوٺ ۽ ٻين اهڙين شين متعلق ٻڌائيندي رهندي هئي. هن جي ٻولي ٽڪڙ واري مخصوص سنڌي آهي. جيڪا مان ٻڌي وڏي ٿيس. اهي سڀ ڳالهيون جڏهن ٻڌي ۽ پنهنجي تصوراتي ڪردارن کي هلائيندي هيس ته سنجيده لکڻيون لکي ويهندي هيس. جڏهن منهنجي ماءُ منهنجي پهرين شارٽ اسٽوري پڙهيه ته هوءَ ڏاڍو پريشان ٿي وئي ۽ بابا کي اها ڳالهه ٻڌايائين. جنهن اها ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ چيو ته پٽ! اڃان تون ٻار آهين. ٻارن جي ڪهاڻين تي ڌيان ڏي. مون لکڻ جي شروعات اردو ۾ ڪئي ۽ جڏهن اسان ڪراچي شفٽ ٿي آياسين ته 16 يا 18 سالن جي عمر ۾ مون اردوءَ ۾ سنجيدگي سان لکڻ شروع ڪيو. مون سنڌي ڪونه پڙهي آهي, ان ڪري هاڻي به الفابيٽ مان سنڌي نه لکي سگهنديس پر منهنجي مائٽن منهنجي اندر سنڌي ٻولي کي زنده رکيو. جنهنڪري مان اها پڙهي ۽ لکي سگهان ٿي. اهي ون يونٽ وارا ڏينهن هئا ۽ هر ڪو اردوءَ ڳالهائيندڙ هو. چڱن خاصن سنڌي گهراڻن ۾ اردو ڳالهائي ويندي هئي. ان دور ۾ مون کي هڪ تلخ تجربو ٿيو . جنهن سنڌي لکڻ ڏانهن مائل ڪيو مون پنهنجو هڪ افسانو اردو ڊائجيسٽ "پاڪيزه" کي ڇپڻ لاءِ ڏياري موڪليو ته ان جي ايڊيٽر مونکي هڪ تعريفي خط لکي منهنجي اردو سٺي هئڻ جي ساراهه سان گڏ ٻيا افسانا موڪلڻ جي دعوت ڏني. ان جي موٽ ۾ مون ڪيس لکي موڪليو ته بنيادي طور اردو منهنجي مادري ٻولي ناهي, مان سنڌي آهيان پر پوءِ به ڪوشش ڪريان ٿي ته سٺي اردو لکان. ان خط سان گڏ مون ٻه ٻيا افسانا به ڪين ڏياري موڪليا پر پاڪيزه وارن منهنجا سمورا افسانا غائب ڪري ڇڏيا. اهي ڪڏهن شايع نه ٿيا ۽ نه ئي هنن ٻيهر مونسان رابطو ڪيو. ان واقعي منهنجا خيال ۽ نظريا ئي بدلائي ڇڏيا. اهي ڏاڍا هنگامه خيز ڏينهن هئا پر مان سموري سياست کان پري هيس. مون کي ان دور جي سياست جي الف ب جي به خبر نه هئي پر

جڏهن مان ڪراچي پهتس تہ مون کي محسوس ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ کان نفرت ڪئي پئي وڃي. اسڪولن ۾، ريسٽورانٽ ۽ پريس ۾بہ ان کان نفرت ڪئي پئي وڃي. پاڪيزه ڊائجسٽ وارن سان ٿيل تلخ تجربي منهنجو رخ سنڌي لکڻ ڏانهن موڙيو. شروع ۾ ڏاڍي ڪچي ڦڪي سنڌي لکندي هيس ۽ اها هلال پاڪستان وارن کي ڏياري موڪليندي هيس. ان دور ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر فهميده حيسن منهنجي سنڌي لکڻ ۾ همت افزائي نہ ڪري ها تہ مان شايد سنڌي نہ لکي سگهان ها ۽ اردوءَ ڏانهن واپس هلي وڃان ها. ڇو تہ لکڻو تہ آخر هيو ئي نہ.

سوال: توهان بنيادي طور تي شارٽ اسٽوري رائيٽر آهيو تہ پوءِ توهان ڊرامن طرف ڪيئن اچي ويا؟
جواب: جڏهن منهنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”جلاوطن“شايع ٿي چڪو هو تہ پي ٽي وي ڪراچي سينٽر جي جنرل مئنيجر عبدالڪريم بلوچ رابطو ڪيو ۽ ڊرامو لکڻ لاءِ چيو. هن پروڊيوسر هارون رند کي اسڪرپٽ کڻي وڃڻ لاءِ موڪليو. جنهن اسڪرپٽ پڙهڻ کان پوءِ چيو تہ هن پنهنجي پوري ڪيرئير ۾ اهڙا اسڪرپٽ ڪڏهن ناهن پڙهيا ۽ هارون رند موجب اهي پڙهڻ کان پوءِ سندس شگر ليول نارمل ٿي وئي. اصل ۾ مون کي ٽي وي ڊرامن ۾ منهنجي ڪا دلچسپي ناهي. مان تہ عام رواجيءَ زندگي ۾ ڪڏهن ٽي وي ڏسندي بہ ناهيان. ڊراما سيريل هوندي جيڪا مون مڪمل ڏٺي هوندي. ٻي صورت ۾ ٽي وي آڏو ڪلاڪ اڌ لاڳيتو ويهڻ منهنجي لاءِ ناممڪن آهي. منهنجي لاءِ انهن ۾ ڪا ڪشش ناهي، پنهنجا ڊراما بہ صرف هڪ ڀيرو ڏسندي آهيان. هاڻي جڏهن اهو چيو وڃي ٿو تہ مون کان بهتر ٽيلي پلي پاڪستان ۾ ٽيڪنيڪلي ڪو لکي ئي نٿو سگهي تہ اهو صرف منهنجي سخت تصوراتي سگهہ سبب آهي. آئون لکڻ کان اڳ اهي سمورا ڪردار پنهنجي تصور ۾ آڻيندي آهيان. آئون سمورا ڪردار وزيولائيز ڪندي آهيان. پنهنجو پاڻ کي ان سڄي ماحول (ڪهاڻي) جو حصو بڻائي ڇڏيندي آهيان. اهو هارون رند ئي هو جنهن جنگل ڏاهيو ۽ ان جي ڪاميابيءَ کان پوءِ مان تہ ڊرامن جي گهيري ۾ اچي وئي آهيان. جيتوڻيڪ انهن (پروڊيوسرن) کي مونکان اسڪرپٽ وٺڻ ۾ سخت ڏکيائيون پيش اچن ٿيون ۽ سلطانہ صديقہ چواڻي تہ انهن کي مان بيمار ڪري ڇڏڻ واري ليکڪا آهيان. سمورن شوبز وارن ماڻهن کي خبر آهي تہ مان اسڪرپٽ حوالي ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪيتري ڏکي آهيان. پر پوءِ بہ سدائين ڊراما لکرائي وٺن ٿا ۽ اهي اهڙو دٻاءُ پيدا ڪن ٿا جو مان چاهيندي بہ پنهنجي جند آجي نٿي ڪرائي سگهان. آئون بلڪل ڦاسي پئي آهيان.
سوال: انهن افواهن ۾ ڪيتري صداقت آهي تہ جنگل ڊرامو بند ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي ڪجهہ بااثر جاگيردارن ٽي وي انتظاميا تي دٻاءُ وڌو هو؟
جواب:ذاتي طور مونکي اهڙي ڪنهن واقعي يا دٻاءَ جي خبر ناهي، ممڪن آهي پي ٽي وي وارن کي خبر هجي. مون ڪجهہ اخبارن ۾ اهڙا بيان پڙهيا هئا. باقي وڌيڪ ڪا خبر ناهي. ذاتي طور مونکي تڏهن

ڪجھ مخالفن جو منهن ڏسڻو پيو جڏهن منهنجي ڪهاڻي (حويلي شريف) هلال پاڪستان اخبار ۾ ڇپي. ان کان وڏيڪ ڪنهن مخالفت جي مونکي خبر ناهي.

سوال: ڪنهن ٽي ڊرامي تي به نه؟
جواب: نه نه اهڙي ڪا ڳالھ ٿي نه هئي. ان جي ابتڙ جنگل ڊرامي ته مون کي پنهنجي ماڻهن جي ويجهو آڻي ڇڏيو. اهو ته ٿي وي جو اهو زمانو هو جڏهن اهڙن ڊرامن تي گهٽيون ويران ٿي ويندڙيون هيون. هاڻي ته ڪيترائي چينل اچي ويا آهن ۽ اهي ريموٽ کي هڪ ڇهاءُ سان ملي وڃن ٿا. پر ان دور ۾ هليل جنگل ڊرامي مونکي پنهنجي ماڻهن وٽان اهڙي ڀرپور موٽ ڏياري، جنهن لاءِ ڪيترائي ليکڪ پنهنجي حياتين ۾ دعائون گهرندا رهندا آهن. ان ڊرامي کان پوءِ ماڻهن مون کي ڇڪي پاڻ ڏانهن ڪيو ۽ پنهنجي ڏکن ۽ دردن کان واقف ڪيو. ان دوران ٿي سنڌي فيوڊل سماج جي ڪجھ منفي ڪردارن به اچي اهو چيو ته اسان رڳو خراب ناهيون. اسان جي به ڳالھ (موقف) ٻڌو رڳو هڪ طرفو نه لک. هاڻ جڏهن مان ڏسان ٿي ته (جنگل) ٽيڪنيڪلي مون کي ڪمزور ڊرامو لڳي ٿو پر پوءِ به منهنجو بنياد اهوئي آهي. هاڻي جيڪي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ منهنجا ڊراما اچڻ وارا آهن، اهي توهانکي هر لحاظ کان بلڪل ٿي مختلف لڳندا، ڇو ته ليکڪ کي هڪ هنڌ بيهي نه رهڻ کپي. پر ان کي گليشيئرز جيان هجڻ کپي. جيڪو مٿان کان هلندو هڪ وڏي سمنڊ طرف وڃي. ڇو ته هڪ هنڌ بيهي رهڻ سان بدبوءِ پيدا ٿيندي آهي. هونئن اها هر ليکڪ جي پنهنجي تخليقي سگھ سان راند به ٿئي ٿي. اهو ان تي دارومدار آهي ته هو ڪيتري رسڪ کڻي ٿو. پنهنجو نالو شهرت ۽ ڪيريئر ڪيئن داءُ تي هڻي ٿو ۽ پنهنجي تخليقي سگھ جي آزمائش وٺي ٿو.
سوال: توهان جي لکڻ وارو ڪيريئر ته ڏاڍو سادو ۽ سڌو سنئون لڳي ٿو پوءِ اهي افواه ڪيئن مشهور ٿيا ته توهان جاگيرداري کان بغاوت ڪئي، جنهن جا سخت نتيجا ڀوڳيا ۽ تڪليفون...
جواب: (کلندي) ته اهڙي ڪا ڳالھ ڪونه هئي. جيئن اها ڦهلائي وئي آهي ته وڏي ڪا جنگ لڳي ۽ مون وڃي هٿيار ڪنيا. وڏي مزاحمتي ويڙهه ڪئي ۽ انقلاب اچي ويو. (کلندي) اهڙي ڪا به ڳالھ حقيقي زندگي ۾ ته مونسان ڪونه پيش آئي، ڇاهي ته اهو دور هو جواني جو ۽ مون عصمت چغتائي وغيره کي پڙهڻ کان پوءِ ڪجھ خوفناڪ ڪهاڻيون لکي ورتيون، جيئن ته منهنجو تعلق فيوڊل گهراڻي سان آهي. ان ڪري منهنجي لکڻين تي شروع ۾ ٿيل ان تنقيد جو بظاهر ڪو خاص اثر نه پيو. ڇو ته اها مون تائين پهچي ٿي نه پئي. باقي منهنجي لکڻ دوران جيڪو منهنجي ماءُ روئندي هئي اهو مون لاءِ تڪليف ده ۽ وڏو مسئلو هوندو هو. امڙ مذهبي خيالن واري هجڻ ڪري شروع ۾ اهو سمجهندي هئي ته منهنجي لکڻ سان ڪجھ نه ڪجھ مونکي نقصان ٿيندو. ان خيال سبب هوءَ منهنجي لکڻ کان ڊڄندي هئي. جڏهن به مان لکڻ ويهندي هيس ته هو روئڻ شروع ڪندي هئي. منهنجي حق ۾ عبادت ڪري تحفظ لاءِ دعائون

گهرندي هئي. منهنجو والد کيس سمجهائيندو هو تہ هن کي ڪجهہ نہ ٿيندو پر هن کي يقين نہ ايندو هو. امڙ مديني ۾ بہ وڃي اهي دعائون گهريون تہ اهڙو ڪو معجزو ٿي پوي جو منهنجو لکڻ ڇڏائجي وڃي ۽ مان لکڻ واري عادت وساري ويهان. مان اڄ ڏينهن تائين ردي ٽيل پنو ڦاڙڻ ناهيان سگهندي. اهو منهنجي ماءُ سبب آهي ڇو تہ جڏهن مان امڙ کان لڪي لکندي هيس تہ رف ٽيل پنو ڦاڙيندي نہ هيس ڇو تہ پنو ڦاڙڻ جو آواز امان ٻڌي وٺندي ۽ کيس خبر پوندي تہ مان لکان ٿي. وري هوءَ روئڻ ويهندي, ان ڪري پني کي ٻيڻو ٽيڻو ڪري هٿ ۾ ئي نپوڙي اڇلي ڇڏيندي هيم. منهنجي لکڻ آڏو حقيقت ۾ اها ئي هڪ ڏکوئيندڙ مخالفت هئي. انهن ڏينهن ۾ منهنجو لکڻ اسان جي فيملي ۾ ناپسند ڪيو ويندو هو ۽ ويجها مائٽ بہ ان کي سٺو نہ سمجهندا هئا, ان ڪري امڙ ڪنهن خراب نتيجن نڪرڻ بابت ڊڄندي هئي. جيتوڻيڪ پنهنجي لکڻين ڪري پنهنجي ماءُ کي تڪليف ۾ ڏسي مونکي ڏک تہ ٿيندو هو پر مان بہ ڇا ڪريان ها؟ اهو دکدائڪ عرصو ٽيهتائين جاري رهيو جيستائين جنگل ڊرامو ٽيليڪاسٽ ٿيو. اهو ٽي وي جي وڏي جادوئي اثر وارو دور هو ۽ خود اسان جي فيوڊل فيملي ۾ وڏو بريڪ ٿرو هو. فيملي وارا حيران هئا تہ هڪ 25,26 سالن جي ڇوڪريءَ ڪيئن اهڙو بهترين ۽ 20 قسطن وارو ڊرامو لکي ورتو. جنگل سبب ئي مون ڏانهن منهنجي پوري فيملي جا رويا تبديل ٿي ويا. اهي مونکي وڏيڪ حيثيث ۽ اهميت ڏيڻ لڳا ۽ منهنجي ماءُ بہ پوءِ فخريہ انداز ۾ پنهنجو تعارف ائين ڪرائڻ شروع ڪيو تہ مان نورالهديٰ شاهہ جي ماءُ آهيان. هو اجان تائين چوندي آهي تہ "اهڙو ڊرامو وري لک نہ" هاڻي هوءَ منهنجي لکڻ تي خوش ٿيندي آهي. جنگل کان پوءِ منهنجي خاندان بہ منهنجي لکڻ جي همت افزائي ڪئي ۽ توهان کي اهو بہ ٻڌائيندي هلان تہ منهنجو نالو خاندان جي شجري ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اهو تہ توهانکي خبر هوندي تہ فيوڊل فيمليز ۾ شجرو ڪيتري اهميت وارو ٿيندو آهي ۽ اهڙن خاندانن لاءِ عورتن کي شجري ۾ شامل ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي پر اسان جي خاندان ۾ ڊاڪٽر آفتاب ۽ منهنجو (ٻن عورتن) نالو شجري ۾ شامل ڪيو ويو آهي.جڏهن خانداني فيصلا ڪيا ويندا آهن تہ اهو سمورو مردن جو ڪاروهنوار هوندو آهي پر انهن فيصلن ۾ هاڻي مون کي بہ ويهاريو ويندو آهي. مون کان بہ راءِ ورتي ويندي آهي.

سوال: اها عوامي مڃتا جي ڳالهہ ٿي پر ڇا توهان کي ڪڏهن ڪي سرڪاري ايوارڊ مليا آهن؟
جواب: هڪڙي ڳالهہ آئون واضع ڪندي هلان تہ حڪومتي عملدارن کان ٿيندڙ آڇون ۽ دعوتون مون هميشہ ٺڪرايون آهن. مان تہ انهن فنڪشنز ۾ وڃڻ بہ ناپسند ڪندي آهيان, جتي ڪنهن سرڪاري وزير مشير کي مهمان ڪري گهرايو ويندو آهي. هاڻي اها ڳالهہ ڪرڻ نہ کپي پر مان توهان کي اهو بہ ٻڌايان ٿي تہ مون وزيراعظم هائوس کان آيل دعوت ناما ۽ ٽڪيٽون بہ واپس ڪيون هونديون. مون ڪڏهن بہ حياتيءَ ۾ سرڪاري ٽڪيٽ تي سفر ناهي ڪيو. مون آڇن جي باوجود سرڪاري ادبي ادارن جون ڪرسيون قبول نہ ڪيون هونديون, ڇو تہ ماڻهو پوءِ انهن ڪرسين جي گليمر ۾ اچي ڦاسي پوي ٿو.

وڏين ڪرسين جي جڏهن هير پئجي وڃي ٿي تہ پوءِ انهن کي ڇڏڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پوءِ ماڻهو ڪيترين مصلحتون منافقتون بہ ڪرسي خاطر ڪري وٺندو آهي. مان انهن شين کي پنهنجي ڪمزوري بڻائڻ نٿي چاهيان. ڇو تہ جڏهن اهي شيون قبول ڪريون ٿا تہ پوءِ توهان کي پنهنجي ڪمٽمينٽس کان هٽڻو پوي ٿو. مون پنهنجي شهرت کي ڪڏهن بہ ڪيش ناهي ڪرايو. محفلن ۾ بہ مان اڳتي وڃي پنهنجو تعارف ڪنهن (معززين) سان ناهي ڪرايو. جيڪڏهن ڪير مون کي سڃاڻي ٿو تڏهن بہ ٺيڪ، نٿو سڃاڻي تڏهن بہ منهنجي لاءِ ٺيڪ آهي.

سوال: توهان جي نقادن جو خيال آهي تہ توهان پنهنجي لکڻين ۾ عورتن جي حالتن کي وڌائي چڙهائي پيش ڪيو آهي. ڇا توهان فيمينسٽ آهيو؟

جواب: پهرين ڳالهہ تہ عورتون اسان جي سماج ۾ وڏيڪ هيسيل طبقو آهي ان ڪري مون انهن جي احساسن کي زبان ڏني آهي. باقي رهي ڳالهہ فيمينسٽ جي تہ، نہ مان فيمينسٽ ناهيان. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ ڪجهہ عورتن فيمينزم کي ڪل جوڳو بڻائي ڇڏيو آهي. پر مان سمجهان ٿي تہ اسان پنهنجي سماج ۾ ان قسم جي نعريبازي افورڊ نٿا ڪري سگهون. هڪ طرف اسان جو سڄو سماج ڀيڄ ڍاهہ جو شڪار لڳو پيو آهي ۽ افراتفري متل آهي تہ ٻئي طرف هي خيالي انقلابي ڏورانهين ڏيهن جي خيالن ۽ نظرين جو پرچار ڪن ٿا. هڪ ليکڪ جي حيثيث ۾ منهنجو خيال آهي تہ اسان جهڙن سماجن ۾ مرد ۽ عورتون ٻئي بدترين حالتن مان گذرن ٿا. جيڪڏهن هڪ مرد کي روزگار نہ ملندو ، پوليس ۽ فوجي چيڪ پوسٽن تي مارون ۽ تعديون برداشت ڪندو، ڪٿان ڪو انصاف نہ ملندس ۽ ڏيري صحت سندس نصيب بڻيل هوندي تہ اهو پنهنجي اندر جي باهہ ڪيڏڻ خاطر پنهنجي زال کي نہ ڪٽيندو تہ ٻيو ڇا ڪندو؟ سندس سڄي ڪاوڙ پاڻ کان هيٺي طبقي عورت مٿان پئي هوندي، اهو سڀ ڪجهہ هن سسٽم جي ڪري آهي ۽ ان نظام کي ڏوهي قرار ڏيڻ بدران جيڪڏهن فقط هڪ جنس کي ٽارگيٽ بڻايو ويو تہ ڪوبہ گهربل مقصد پوروٿي نہ سگهندو. اهڙي جدوجهد ڪي بہ نتيجا تہ ڪونہ ڏئي سگهندي پر اجايو نقصان پيدا ڪندي.

سوال: لکڻ سان گڏ توهان ڪڏهن ڪڏهن روڊن رستن تي بہ احتجاج ڪندي نظر ايندي آهيو. سياست ڪرڻ جو ارادو آهي ڇا؟

جواب: اها ڪا سياست ناهي، جڏهن بہ مان ڪنهن ناانصافي خلاف احتجاج ڪريان ٿي تہ اها سياست ڪونہ ٿي ڪريان. جڏهن بہ سنڌ جي ماڻهن تي ڏکيا ڏينهن اچن ٿا تہ مونکي سخت تڪليف پهچي ٿي. مان پنهنجي ماڻهن جي تڪليف کان پاڻ کي ڌار نٿي ڪري سگهان، ڇو تہ منهنجو پاڙون انهن منجهہ ئي اونهيون آهن، اهي منهنجا آهن ۽ مان انهن منجهان آهيان. تہ پوءِ انهن جي حالتن کان ڪيئن ٿي اکيون ٻوٽي سگهان؟ اها ڪا نعريبازي واري ڪميٽمينٽ ناهي، انهن جو تڪليفون ئي

منهنجي ترجيح آهن ۽ مان پنهنجي ماڻهن کي شوبز جي چمڪندڙ دنيا کان وڌيڪ عزيز ۽ ويجهو سمجهان ٿي. ان ڪري ئي جڏهن به حالتن جي گهرج ٿئي ٿي، مان بنا ڪنهن پارٽي فرق جي احتجاج لاءِ رستن تي اچان ٿي. جڏهن منهنجو ڪردار وڌيڪ گهربل نٿو رهي تڏهن مان پنهنجي لکڻين ذريعي موٽي اچان ٿي. جيتوڻيڪ ليڪن مان اهو انقلاب جو رومانس هاڻ ختم ٿي ويو آهي ۽ مان پاڻ به کو نعريباز ادب لکڻ نٿي چاهيان، پر وري به اها منهنجي ڪمٽمنٽ آهي. اها ڪمٽمينٽ ڪنهن خاص سياسي پارٽي يا نظرئي واري ڪمٽيمينٽ ناهي پر اها هڪ فطري ڪمٽمينٽ آهي.

سوال: ڪمٽمينٽ ڪنهن سان.... سنڌ سان؟

جواب: منهنجي ڪمٽمينٽ رڳو سنڌ تائين محدود ناهي پر اها سڄي انسانذات ۽ پنهنجي پاڻ سان به آهي پر وري به اوليت سنڌ کي آهي.

سوال: جڏهن توهان سنڌ سان ڪمٽمينٽ جا ڳالهه ڪريو ٿيون ته هاڻوڪين حالتن بابت توهان جو ڇا خيال آهي، حڪمران سنڌ سان ڪهڙو ورتاءُ پيا ڪن. ڇا اهو ماضي جو ڪو تسلسل ته ناهي؟

جواب: ممڪن آهي ٻيو ڪو مونسان اختلاف رکي پر مان سمجهان ٿي ته سنڌ سان جيڪا روش روا رکي پئي وڃي. اها ان ذهنيت جو تسلسل آهي، جنهن ۾ سنڌين کي گهوڙن ۽ گڏهن وارا ماڻهو ڪوٺيو ويو هو. سنڌ سان هاڻوڪو ورتاءُ ڪو نئون ناهي، صرف چهرا بدليا آهن. رويا ساڳيا آهن.

سوال: ڇا توهان کي ضياءَ ۽ مشرف دور جي سنڌ ڏانهن رويي ۾ ڪو فرق محسوس ٿئي ٿو؟
جواب: اهڙي ته ڪا ڳالهه نه ٿي آهي، جنهن اهو فرق واضع ڪيو هجي ۽ اسان چئون ٿا ته مشرف اچي سنڌ کي ساهه پٽڻ ڏنو آهي. باقي ٻي ڪا تبديلي محسوس ناهي ٿي، سنڌ متعلق منصوبا ۽ پاليسيون سموريون ساڳيون آهن. اسان ڪڏهن به ڪنهن به دور ۾ سک جو ساهه ناهي کنيو. اهي هڪ يا ٻن ماڻهن نه پر پوري هڪ قوم کي ديوار سان لڳائي رهيا آهن. اهڙين حالتن ۾ مان جڏهن پنجاب ڏانهن ڏسان ٿي ته انهن جو رويو ڏاڍي تڪليف ڏئي ٿو. يعني پنجاب جا سمورا ماڻهو شاعرن، ليکڪن، صحافين ۽ دانشورن سميت سڀ خاموش آهن. انهن کي سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ نظر ئي نٿي اچي. سوال ٿو پيدا ٿئي ته آخر اهي غاصبن سان گڏ ڇو بيٺا آهن؟ مان اهو چوڻ حق بجانب آهيان ته اهي باشعور ماڻهو پنجاب جي استحصال جي پٺڀرائي ڪن ٿا. جڏهن اهي ٻين قومن جي زندگي ۽ موت وارن مسئلن تي خاموش هجن ٿا ته پوءِ اهي به اهڙي ئي ٻي واجبي ڪن ٿا جيڪا سگهارا ادارا يا ڪو ٻيو ادارو اسان سان ڪري

ٿو. هڪڙي طرف سچي قوم ڏڪار کي منهن پئي ڏئي تہ ٻئي پاسي هن ميڊيا واري جديد دور ۾ پنجابي دانشور مڪمل بي خبر بڻيل آهن. ائين ناهي تہ انهن کي خبر ناهي. انهن کي سڀ خبر پوي ٿي پر هو ڄاڻي واڻي ڪو تحرڪ نٿا وٺن.

سوال: هر ليکڪ ڪجهہ مخصوص موضوعن تي بار بار لکڻ چاهيندو آهي. توهان لاءِ اهڙو ڪهڙو موضوع آهي جنهن تي گهڻو ۽ بار بار لکڻ چاهيو؟
جواب: اڄڪلهہ مان ماڻهو جي اندروني ڪيفيتين کي سمجهڻ ۽ لکڻ چاهيان ٿي. ماڻهوءَ جي اندرونيءَ دنيا بہ هڪ سمنڊ جيان آهي. مان ان سمنڊ ۾ گهڙڻ جي ڪوشش پئي ڪريان تہ جيئن ماڻهوءَ جا اندروني احساس ۽ ڪيفيتون لکي سگهان.

سوال: ڇا توهان ڪو ناول لکڻ چاهيو ٿيون؟
جواب: اوهہ.......ضرور........ اصل ۾ ڪجهہ سال اڳ مون هڪ ناول تي ڪم ڪيو هو پر ڊرامن جي ڪري ان کي مڪمل نہ ڪري سگهي آهيان. (ڪلندي) اهي ڊراما تہ هاڻي منهنجي پچر ئي نٿا ڇڏين ۽ نہ ئي ڪو سنجيدهہ ڪم ڪرڻ ٿا ڏين. مان ذاتي طور ان خيال جي آهيان تہ ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ ڊرامي جي حياتي تمام مختصر آهي. مان اهو ڪجهہ لکڻ چاهيان ٿي، جيڪو مونکي لکڻ کپي. پر هنن ڊرامن اهڙو منجهائي وڌو آهي جو انهن مان جند ئي نٿي ڇڏائي سگهان.

# ڪاميڊي سيريل ”آپريشن آپريشن“

سکر ۽ شڪارپور جي ڪچي ۾ گذريل ٻن هفتن کان آپريشن جي نالي تي هلندڙ مزاحيه سيريل تي اڪثر ماڻهن جي حيرانگي ٿي آهي ته آخر ان سنگين مذاق جو سرڪار جي ڪنهن به سطح تي نوٽيس ڇو نه ٿو ورتو وڃي؟ ٻن ضلعن جي سوين پوليس اهلڪارن کي ايڏي ته واٽڙي حڪمت عمليءَ تحت ڪچي ۾ لاٿو ويو آهي، جو لاڳيتو اڌ مهيني تائين هلندڙ ”مقابلي“ ۾ هڪ به نامي گرامي ڌاڙيل نه ته مارجي سگهيو آهي نه ئي گرفتار ٿي سگهيو آهي. پوليس جي چرپر ويتر ڌاڙيلن جي سٽل ”جن“ کي ايئن جاڳائي ڇڏيو آهي جو هاڻي ڌاڙيل صاحبان به پاڻ مرادو جلاوطن ٻٽيل سياستدانن جيان وتن ٿا موبائيل فونن تي پريس ڪانفرنسون ڪندا.”ڪچي ۾ وڃي غريبن جون جهڳيون ساڙڻ ۽ ٻوڙن کي باهيون ڏئي اخبارن ۾ فوٽپ ڇپرائڻ سان ڌاڙيل ٿو روئي ختم ٿيندا. ان لاءِ پاور ڪپي. جيڪو اچوڪن پوليس آفيسرن جي سينئرز وٽ به ناهي.“ ڌاڙيلن خلاف ڪيترن ئي پوليس مقابلن ۾ ذاتي طور حصو وٺندڙ هڪ پوليس عملدار چيو.

سنڌ اندر ڌاڙيل فيڪٽر، خاص ڪري اتر سنڌ ۾ پنهنجون سياسي، قبائلي ۽ سماجي جڙون ايتريون ته مضبوط ڪري چڪو آهي، جو هاڻي اهو وڻ پاڙئون اکيڙڻ ڪنهن به قانون نافذ ڪندڙ اداري لاءِ مشڪل ٻڻيل آهي. ڌاڙيل ۽ امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال سنڌ اندر به اهڙا پاليل جن ٻڻجي چڪا آهن، جن کي حڪمران پنهنجي مرضيءَ واري وقت تي بوتل منجهان ڪڍي ٿو. اهي ٻئي راڪاس نه رڳو سنڌ ڏانهن ايندڙ سيڙپڪاريءَ کي پري ڀڄائڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، پر خود سنڌي سماج جي اڳتي نڪرندڙ پيڙهيءَ کي به پوئتي ڌڪڻ ۾ حال آهر حصو وٺندا رهن ٿا. ”سائين آج تو آپ صفا ڌاڙيل لگ رهي هو!“ اسلام آباد جي مهڪندڙ اين جي او محفل ۾ اجرڪ پائي ويٺل هڪ شهري سنڌي جوان کي هڪ لاهورڻ وڏي ناز و ادا سان چيو.

اليڪٽرانڪ ميڊيا سنڌي سماج کي ڌاڙيلن ۽ ڪارو ڪاريءَ وارين اهڙين ٻن انتهائن تي ٽنگي ڇڏيو آهي. جو پلي ته ڪو سنڌي سڌري جنيوا ۾ وڃي ڪا لائق پوسٽنگ وٺي پر ڪارو ڪاري ۽ ڌاڙيل سنڌس پيڇو نه ڇڏيندا.

اهي ويچارا پوليس وارا انهن ڌاڙيلن کي ڪيئن ختم ڪري ٿا سگهن، جيڪي اصل سرڪار جي ماڻهن کي ”ڇهو تتر گنديءَ ۾“ وارو شڪار ٿا ڪرائين. ڪچي ۾ زميني داري ڪندڙ هڪ وچئين قسم جي زميندار تترن جي شڪار واري ان قسم طرف اشارو ڪيو جنهن دوران آيل مهمانن کي خوش رکڻ لاءِ ميزبان وڏيري جا ماڻهو پڪڙيل تتر ڇڏيندا آهن، ته جيئن شڪار ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. هو ڪچي ۾ زميني داري ڪندڙ اهڙي ڌاڙيل جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته گذريل ٽيهن سالن کان ڏوهه ته

ڪندو ٿو اچي پر گرفتار هڪ پيرو به نه ٿيو آهي. اهو هاڻي ڪچي ۾ معتبر شخصيت بڻجي پنهنجي ٽيوب ويل واري اوطاق تي ويهي اغوا جي پئسن بابت ڊيل ڪري ٿو. ان ڌاڙيل مٿان هڪ اهڙي سياسي گهراڻي جو هٿ چيو وڃي ٿو جنهن جا فرد ايم اين اي ، ايم پي اي ته ٿيندا رهن ٿا پر سندن ناماچاري اصل سرڪار جي ماڻهن جي ”خدمتگارن“ واري آهي.

سکر آپريشن واري هلندڙ ان ”مزاحيه سيريل“ ۾ نئون موڙ ضلعي ناظم جي شموليت وارو به اچي ويو آهي. جنهن موجب سکر پوليس ضلعي ناظم کان وڏيڪ وڏي وزير جي سنگتيءَ جي شهرت رکندڙ ناصر شاهه کي بيلي ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن ڪچي جي راڄن جي چڱن مڙسن کي راضي ڪجي ته هو ڌوهارين کي پنهنجن ڳوٺن ۾ پناهه نه ڏين. سکر پوليس جي اهڙي فيصلي کي طنزيه انداز ۾ وانا آپريشن سان ڀيٽيندڙ هڪ سينئر پوليس آفيسر ان انتظار ۾ آهي، جڏهن سندس توقع موجب ڪچي جا ماڻهو ڌاڙيلن خلاف لشڪر تيار ڪندا. ”ڪچي ۾ ڪو شريف بندو نظر نه ايندو. اغوا ڦرون نه ڪندو ته چوري چڪاري ضرور ڪندو“ ڌاڙيلن کان بيزار ٿي ڪچي جي بندن تي پڪٽنگ ڪرائيندڙ سينئر پوليس عملدار خيرپور جي هڪ گرم شام جو انهن پڪٽن جو معائنو ڪندي چيو هو. عجيب اتفاق آهي ته ان پوليس آفيسر سان شام واري لانگ ڊرائيو جي گهٽڻ سالن کان پوءِ آئون جڏهن سيتا وليج کان هيٺ به درياهي بند تي پرو چانڊئي جي ماءُ سان ملڻ ويس ته پرو چانڊئي جي معذور پيٽوبي به ساڳي ڳالهه ڪئي هئي. ”چوري چڪاري ته ڪچي جي ماڻهن کي معاف آهي!“ هن کلندي چيو هو. ڪچي جي نظام کا واقف ماڻهن جو خيال آهي ته ڪرائيم ڪچي ۾ رهندڙ ڪيترن ئي قبيلن جي نه رڳو ڪلچر ۾ شامل آهي پر وقت گذرڻ سان هاڻي اهو سندن واحد روزگار به وڃي بچيو آهي. اهو روزگار ٿورو اڳتي وڏي وزيرن مشيرن جي سياسي حيثيت لاءِ ته اهم بڻجي پوي ٿو. ڌاڙيلن مٿان سياسي سماجي سرداري چانور رکندڙ ماڻهن کي به هٿ لڳائڻ کان سواءِ ڪچي ۾ گهڙي پيل پوليس عملدار ڪهڙا نتيجا ڏيندا؟ اهو ڌاڙيلين جي ڌمڪين مان ظاهر آهي. سکر ۽ شڪارپور جي ڪچي ۾ ايندڙ ويندڙ پوليس اهلڪارن ۾ گهٽائي ته ٿڪجي پيل عملدارن واري آهي، پر ڪجهه ڏنڏوڙي ماڻهن ان آپريشن مان پنهنجو روزگار ڳولي لڌو آهي. روزانو سوين هزارين گوليون هلڻ واري جاءِ تان چند اهلڪار گوليون کسڪائي ٻاهر وڪڻڻ لڳا آهن. جيڪي واپس ڪنهن جي هٿن ۾ ويندديون.اهو ته هر ڪوئي سمجهي ٿو.

”ابو بالا عملدار ڊالر ميڙين ته اسان غريب گوليون به نه ميڙيون ڇا؟“ هڪ ايس ايڇ او ڪچهريءَ دوران مذاق ۾ سچ چئي ويو. هن ڳالهه وڌائيندي چيو ته ”ڌوهاري وينا آهن شهرن ۾، اسان وتون ٿا ڪچو ڪتيندا.“ زماني شناس ايس ايڇ او جي اها ڳالهه ٻڌي لاڙڪاڻي جو اهو دور ياد اچي ويو. جڏهن فتح علي خواجه ايس ايس پي بڻيل هو ۽ ڪمشنر جي گاڏي ۾ چڙهي هڪ نامي گرامي ڌاڙيل جي

گھمڻ وارين خبرن سان شھر ڀريل ھو. ان وقت جا ايس ايچ اوز ٻڌائين ٿا تہ اھڙن اطلاعن کان تنگ اچي پوليس، ڪمشنر ھائوس تي ڇاپو ھنيو پر اھو ڏوھاري صاحب بھادر جي بيڊ تان ڀڄي چڪو ھو.

پوليس ۽ ڌاڙيلن بابت ٽيڪنيڪل ڄاڻ رکندڙ ماڻھن جو خيال آھي تہ ھي آپريشن بہ ٻين پوليس آپريشن جيان ڪاغذي ثابت ٿيندو. ”اھا خبر ڪجھہ ڏينھن کان پوءِ پوندي تہ اھو ڊرامو ڪروڙين روپين جي پوليس بجيٽ ھيڏي ھوڏي ڪرڻ لاءِ رٿيو ويو يا وڏي سرڪار پاڻ ٻيلن ۾ لھڻ جي ريھرسل ڪرائي رھي آھي.“ پوليس کان باخبر رھندڙ وڪيل چيو. جنھن جو اشارو ھو تہ ملڪي سياسي حالتون بدلجندي سنڌ اندر ڌاڙيلن خلاف وڏو آپريشن بہ ٿي سگھي ٿو جنھن جي راھ پوليس پاڻ ھموار ڪري رھي آھي.

پوليس عملدارن جي سرگرمين کان واقف سکر جي ھڪ سينئر صحافيءَ جو خيال ھو تہ آپريشن جو پوٽ صرف سکر واري ڊي پي او تيار ڪيو آھي، جنھن کي بالا عملدارن جي بہ ايتري گھڻي آشيرواد ناھي. ھو ان نقطي تي بار بار ڳالھائي ٿو تہ ڊي آءَ جي آپريشنز کي ڄاڻي واڻي ان آپريشن سيريل کان ڇو ٻاھر رکيو ويو آھي. گذريل ڏينھن جڏھن گڏيل اجلاس جو ذڪر اخبارن ۾ آيو آھي. ڇا اھو ڊي آءِ جي ڪانسواءِ ٿيو؟ صرف جيڪب آباد، شڪارپور ۽ سکر جي ڊي پي اوز پاڻ ۾ ويھي معاملا طئي ڪيا؟ ھو سوالن جي ڳنڍ کولي رکي ٿو.

ھڪ پوليس رپورٽ موجب سکر ريجن جي ٽن ضلعن ۾ صرف 3 مھينن دوران ڌاڙيلن سان 81 پوليس مقابلا ٿيا، جن ۾ 12 ڌاڙيلن جا 9 ٽولا تباھ ڪري 187 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو. آءِ جي ۽ چيف سيڪريٽري سطح تي ڀھتل انگن اکرن کان پوءِ ھر عملدار مطمئن ٿي ويندو تہ پوليس تمام سٺو ڪم ڪري رھي آھي. پر حقيقتون شايد بريفنگز ۾ ھلندڙ سلائيڊن کان مختلف ھجن. ڀنگ خاطر اغوا سنڌ جي ڪرمنلز لاءِ سالن کان ھڪ انڊسٽري بڻيل آھي، جنھن جا شيئر ھولڊرز اسيمبلين ۽ ايوانن تائين پھچن ٿا. شھري مرڪزن ۾ مافيا بڻجي ويل انڊر ورلڊ جي ڀائي لوگ اغوا ئي اوڙي پاڙي جي سيٺين کي ڪن. پر ڪچي جي ڪرمنلز جي اکين ۾ راڄ ڀاڳ ۽ ڇڱن مڙسن لاءِ حياءَ اجان باقي آھي. ونگارو جھيڙا ڪرڻ، اغوا ٿيل لکين روپين واريون آساميون مفت ۾ ڇڏڻ جھڙا عمل ھو صرف تر جي نامر نھاد ڇڱن مڙسن جي اشاري تي ڪن ٿا. سکر پوليس ڪھڙي پاڻايدار کي سوگھو ڪيو آھي، جو ھاڻي ڌاڙيل ڪيس ھٿ ايندا. پوليس جون دعوائون ڇا بہ ھجن ، ڪچي جي ماڻھن ۾ اھو آپريشن وڏو ڀوڳ بڻيل آھي. چون ٿا ڪجھہ شرارتي ماڻھن ان پوليس ھيليڪاپٽر کي نشانو بڻائڻ ڀئي چاھيو پر سندن وڏي ڪين کلي چيو ”ڇڏيو ڇڏيو مڇر مار دوا ھارڻ وارو جھاز آھي.“ اھو سوال ڪچي مان نڪري پڪي تائين پھچي چڪو آھي تہ سکر، شڪارپور پوليس ڌاڙيل تہ ماري نہ سگھي آھي. ڇا ھن آپريشن ۾ ڪچي جا مڇر پيا ماريا وڃن؟